
یادوں ئے عکس
(کالم)
وشال امیر

يادونءِ عڪس

(ڪالم)

وشال امير

واڪا پبليڪيشن ـ ڪراچي

سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو:	يادون ۽ عڪس
موضوع:	ڪالم
ليکڪ:	وشال امير
ايڊيشن:	پهريون
سال:	ڊسمبر 2009
ڇپائيندڙ:	واڪا پبليڪيشن ڪراچي فليٽ نمبر B-60 سيڪنڊ فلور، اي ون ڪامپليڪس فيز II بلاڪ سي ابوالحسن اصفهاني روڊ ڪراچي
قيمت:	100 روپيا

فهرست

- مهاڳ: سچ ئي ذات کي سگهہ ۽ وسعت بخشي ٿو 5
  مرتضيٰ سيال
- وشال منهنجو بهترين دشمن 8
  واحد پارس هيسباڻي
- پنهنجي پاران 10
  وشال امير

ڏنگا _ ڦڏا خيال 12
اجائي تنقيد ڪنهن جو قد نٿي گهٽائي! 16
آ مهڪ هوا ۾ ميندي ءَ جي....! 20
توڪان پوءِ ڪير اسان سپرين لهندو سار؟! 25
شروعات هتان ٿا ڪريون 30
پاڻ ڪلندي نٿا موڪلائي سگهون؟! 36
ڪالا باغ ڊيم جو قيد ڪيل جن ۽ سامري ءَ جي باقيات 40
يادگيرين جي گُنڊ مان لڏل البم جا فوٽو 43
محبتون دلين جو قدرتي ميلاپ هجن ٿيون 45
جڏهن ماءُ جي ممتا خودڪشي چاهي! 48
ڪي رند ڪڙو ڪڙڪائين ٿا! 51
سچو سودائي جو شوق 55
اڻ لکيل ڪالم ڪهاڻي 58
موگيمبو ناراض! 61
ڪاش! سائنس ايتري ترقي ڪري... 66

شهر جانان جي وري ياد آئي....!	71
هو جيڪو مسيحا آهي!	73
اجايون وڏيون دعوائون!	75
هن جو ڪيس ضميرن جي عدالت ۾ حل ٿيڻ گهرجي!	80
اڇو ته تاج محل وڪڻي، ماٺيپو خريد ڪيون...!	85
سج گرهڻ- چنڊ گرهڻ	89
منشيات خلاف عالمي ڏينهن ۽ مجو موالي!	93
گُٽڪو- مين پُڙي ۽ ڀيانڪ موت!	96
هاٿي شينهن گاهه ۽ ٻڪري گوشت کائي ٿي...	99
شوبز جي رنگن ۾ گم ٿيل ڪردار	102
هيٺا هڏ- پولڙا- سانَ ۽ هاٿي	105
هاٿي مان به ڊاڪٽر ٿيندم!	108
پيار سنسار...!	112
مون توبهه ڪئي!	115
عشق+ پئسو+ وقت	119
سگريٽ، غم ۽ ڪمپني	121
خودڪشي جو رومانس....!	125
محبت روحن جو سودو هوندي آهي.	128
دِلو ديوانو	131
اسان جي دل پڻ عجيب دل آ!	133
ڇا اسان ڪي رڳو ماتمي ٿي رهڻو آهي!	135
اچو ته نئون سماج جوڙيون	138

پبلشر نوٽ

واڪا پبليڪيشن ڪراچي، يقينن هڪ نئون ادارو آهي. جنهن جو مقصد سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ پيدا ٿيل جمود کي ٽوڙي ڦٽي ڪرڻ آهي. اسان ڪي وڏي ذهنيت رکندڙ دانشور طبقي جا فرد ناهيون جو لباڙ هڻون ته اسان هئين ڪري ڇڏينداسون، هوئن ڪري ڇڏينداسون. بس اسان هڪ وک ڪٽي صحافتي ميدان ۾ پير پاتو آهي ۽ روزانه واڪا ڪراچي ذريعي ديس جي واڪي کي ايوانن ۾ ويٺل اقتدار ڌڻين سميت سماج جي سڌريل ذهنن دانشورن، اديبن ۽ سماج سڌارڪن جي ڪنن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

اسان جو پنڌ رڳو اخبار تائين محدود ناهي، پر اسان هڪ ٻي وک وڌائي نوجوان ڪالم نگار وشال امير جي 2003ع کان 2007ع تائين لکيل چونڊ ڪالمن جو مجموعو شايع ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪري رهيا آهيون. جن ڪالمن ۾ سماجي مسئلن سميت نوجوانن جي مسئلن کي پڻ فوڪس ڪيو ويو آهي، انهن سميت ڪجهه ادبي قسم جا ڪالم به شامل ڪيا ويا آهن.

اسانکي فخر آهي ته اسان ڪنهن نام نهاد اديب بجاءِ هڪ سمجهو ليکڪ جو هي ڪتاب پڙهندڙن کي گفٽ ڪري رهيا آهيون. اميد ته پڙهندڙن طرفان سٺي موٽ ملندي ۽ اسان جو حوصلو بلند ٿيندو جو اهڙو سفر پڙهندڙن جي تعاون سان جاري رکنداسين.

پبلشر
واڪا پبليڪيشن، ڪراچي.

ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ موضوع تي قلم ڪنيو اٿائين اُن سان چڱيءَ طرح نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس.

مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته پنهنجي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ وشال امير منهنجي چونڊ ڇو ڪئي؟ اها ڳالهه منهنجي لاءِ ته ڪنهن امتحان کان گهٽ نه هئي پر وشال کي به اڪر تمام گهڻو انتظار ڪرڻو پيو. يقينن اها تمام وڏي جوابداري هئي ته ڪتاب پڙهي پوءِ ئي ٻه اکر لکجن. ڪنهن جي قلمي پورهيي تي پڙهڻ ڪانسواءِ راءِ ڏيڻ لکندڙ سان گڏوگڏ پڙهندڙن سان به ناانصافي ٿئي ها.

وشال جي ڪتاب ”يادون ۽ عڪس“ ۾ زندگيءَ جا سڀئي رنگ موجود آهن، جيتوڻيڪ هو پنهنجن ڪالمن ۾ ڪٿي ڪٿي ساڳي رواني برقرار رکي ناهي سگهيو پر هر ڪالم ۾ اها ڪوشش ضرور ڪئي اٿس ته نلهي لفاظي بجاءِ مقصد تي ئي فوڪس ڪري.

پنهنجي خيالن کي سادي انداز ۾ پيش ڪرڻ سان جتي پڙهندڙن جو وڏو حلقو پيدا ڪري سگهجي ٿو اُتي موضوع سان به خوبصورت نموني نڀائي سگهجي ٿو. وشال پنهنجين لکڻين ۾ اهڙي شعوري ڪوشش به ڪئي آهي پر ڪٿي ڪٿي هو جذباتي ٿي ويو آهي، جنهن ڪري هو پنهنجي رواني کي برقرار رکي نه سگهيو آهي. جيتوڻيڪ ڪالم ۾ سڀئي ڳالهيون ڏاڍي فري اسٽائيل ۾ شيئر ڪري سگهجن ٿيون پر پوءِ به رواني برقرار رکڻ ۽ مقصد تي فوڪس رهڻ نهايت ضروري آهي. اڪثر ڪالم نگار هڪ ساهي ۾ ڪالم لکي اخبار جي حوالي ڪندا آهن پر مون کي عبدالقادر جوڻيجي جي اها عادت تمام گهڻي وڻندي آهي جو مطمئن ٿيڻ تائين ٻلي ٽي ٽي چار چار پيرا لکي ري رائيٽ ڪرڻي پوندي اٿس ته به ڪندو آهي پر تڪڙ ۾ لکي ڪا به شئي اخبار يا رسالي جي حوالي نه ڪندو آهي.

مجموعي طور اسان وٽ مطالعي جو رجحان ڪنهن حد تائين گهٽيو آهي، اڪثر ماڻهو اُن جو سبب انٽرنيٽ ۽ ڪيبل چاڻائن ٿا پر ائين ڪونهي، اُن جو اصل سبب اهو آهي جو اسان وٽ مسئلن ۾ تمام گهڻي واڌ آئي آهي، اقتصادي طور تي اسين سخت دٻاءُ جو شڪار آهيون. ڪتاب وٺڻ ۽ پڙهڻ جهڙي عياشي گهٽ ماڻهن کي نصيب ٿئي ٿي. ماڻهو زندگيءَ جي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ ئي پورو آهي. مهانگائي ۽ بحرانن اسان کي جڻ ته گئس چيمبر ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي، نتيجي ۾ اسين زندگيءَ جا سڀئي ڪم اڌوري ۽ اڻپوري انداز سان سرانجام ڏئي رهيا آهيون. لکڻ واري ڪرت ڪي ته جيئن تيئن جاري رکندا پيا اچون پر ”هڪ سُني سٽ لکڻ لاءِ سؤ سٽيون سڻون پڙهڻ“ واري عالمي اصول تي بلڪل به عمل نه پيا ڪريون. يورپ توڙي ٻي دنيا ۾ زندگي تمام گهڻي تيز ۽

مصروف آهي پر باوجود اُن جي اتي لکن جي تعداد ۾ ڪتاب ڇپجن بہ پيا ۽ پڙهجن بہ پيا، سبب اهو آهي تہ اتي جا ماڻهو اهڙن مونجهارن ۽ دٻاءُ هيٺ ناهن جهڙن ۾ اسين ڦاٿل آهيون. بهرحال اها حقيقت آهي تہ هڪ ليکڪ لاءِ مطالعو انتهائي ضروري آهي. سگهارو لکڻ لاءِ سگهارومواد پڙهڻ ۽ تازي صورتحال کان واقف رهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اخبار ۾ شايع ٿيندڙ ڪالمن جي عمر پلي هڪ ڏينهن هُجي پر اهي ڪالم سدائينءَ لاءِ رڪارڊ جو حصو بڻجي وڃن ٿا. جيڪڏهن ڪالمن ۾ مسئلن جي نشاندهي، راءِ يا مؤقف سان گڏ لاڳاپيل معاملي متعلق انگ اکر بہ شامل هوندا تہ يقينن اهي پڙهندڙن لاءِ تمام گهڻا ڪارائتا ثابت ٿيندا.

وشال امير پنهنجن ڪالمن کي ڪارائتو بنائڻ لاءِ محنت ڪئي آهي، پر جيڪڏهن ٿورڙي وڌيڪ محنت ڪري ۽ ڪالمن ۾ انگ اکر بہ ڏئي تہ اهي وڌيڪ اثرائتا ۽ پرپور ثابت ٿيندا.

دُعا آهي تہ وشال امير پنهنجو ادبي، علمي ۽ صحافتي سفر ڪاميابيءَ سان جاري رکي ۽ سنڌي ٻولي کي سنيون لکڻيون ۽ خوبصورت ڪتاب ڏيندو رهي. آخر ۾ کيس اها گذارش ضرور ڪرڻ چاهيندس تہ جيترو بہ لکي اُن کان ڇئوڻو مطالعو بہ ڪندو رهي. ڇالاءِ تہ مطالعي سان ذات ۽ ڏاهپ ۾ خوبصورتي ۽ نکار پيدا ٿئي ٿو.

مرتضيٰ سيال
ڄامشورو- سنڌ
murtazasiyal@yahoo.com

وشال منهنجو بهترين دشمن

گوئٽي چيو آهي تہ اها تحرير جيڪا دل جي تارن کي نہ ٿي ڇيڙي ۽ اندر ۾ ردم پيدا نہ ٿي ڪري، اها لکڻ ۽ پڙهڻ پنهنجو ۽ ٻئي جو وقت برباد ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجھ بہ ڪونهي. ميڊيا جي هن ترقي يافتہ دور ۾ جڏهن روز نيون اخبارون ۽ نوان رسالا نڪري رهيا آهن، تڏهن لکڻين جي ضرورت بہ وڌي وئي آهي ۽ صفحن جو پيٽ ڀرڻ واري چڪر ۾ هر ايري سيري شئي بہ اگهامي وڃي ٿي.

اڄ جي دور ۾ ڪا شئي لکي ڇپرائڻ وڏي ڳالھ ناهي پر لکڻي ذريعي پاڻ مڃرائڻ وڏي ڳالھ آهي. هن رش واري صورتحال ۾ جڏهن اخبارن، رسالن جا نالا ياد ڪرڻ ئي ڏکيو ٿي ويو هجي، تڏهن ڪو ليکڪ جيڪڏهن پڙهندڙن جي ذهن تي پنهنجو نالو نقش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو تہ اها ان جي خوبي آهي.

اڄ اسان وٽ جيڪو ڪجھ لکيو وڃي ٿو ان ۾ اڪثريت ڪوڙو ڪوسي جي حوالن. تي مشتمل آهي. ڪو پنهنجي محرومين جو روئڻو روئي ٿو تہ ڪو وري پاڻ کي ڦني خان ۽ باقي پوري دنيا کي بيوقوف ثابت ڪرڻ جي چڪر ۾ رُڌو پيو آهي ۽ اجائي دانشوري جهاڙائي پنهنجو روح تہ خوش ڪيو وڃي ٿو پر ٻئي جو روح ڪيترو ضربجي ٿو ان جي ڪا بہ پرواھ نہ ٿي ڪئي وڃي. ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي آهي تہ اهڙن ڪر مغزن جي ريل گاڏي ڀري ڪين ڏيساور موڪلي ڇڏجي.

ڏسجي تہ اڄ جي هن مسئلن، مونجهارن واري دور ۾ اسان کي اهڙين لکڻين جي گهرج آهي، جن ۾ آٿت هجي ۽ مسئلن جي حل جو ڪو رستو ڏسيل هجي پر ان جي ابتڙ اڪثر لکڻيون پڙهڻ کان پوءِ گهوگهو ڪائي مرڻ تي دل ٿي چوي. تازو هڪ ليکڪ لکيو تہ "مرڻ تائين مسئلا حل ٿيڻا ئي ناهن. مسئلن جي حل جي اميد رکڻ اجائي آهي، مسئلا حل ٿي وڃن اهو ممڪن ئي ناهي، ان قسم جو آسرو رکڻ ڇڻ ٻبرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي." اهڙا جملا ماڻهو جو رهيو سهيو نور ڇٽ ڪرڻ برابر ناهن تہ ٻيو ڇا هن؟!

نوجوان ليکڪ وشال امير جي لکڻين بابت مختلف ماڻهن جا مختلف رايا آهن ڪو ٻيو پلي ڪٽي ڪيس کهڙا بہ خطاب ڏئي پر منهنجي راءِ وشال بابت الڳ آهي."وشال امير منهنجو سنو دوست آهي" مان ان جملي کي سطحي روايتي ۽ بلڪل بہ هلڪو سمجهان ٿو. "وشال امير منهنجو سنو دشمن آهي" اهو جملو لکندي مونکي وري بہ ڪجھ نيڪ لڳي رهيو آهي. مولا علي عليہ السلام فرمايو آهي تہ "توهان جو اهو

دوست جيڪو توهان جي ڪوڙي تعريف ڪري ٿو ان کان توهان جو اهو دشمن بهتر آهي، جيڪو توهان تي سچي تنقيد ڪري ٿو". مان چاهيان ٿو ته وشال جو دشمن بڻجي سندس لکڻين تي راءِ ڏيان، ڇو ته جيڪڏهن دوست بڻجي راءِ ڏيندس ته مون وٽ هنن سٽن جملن کان وڌيڪ ڪجهه به نه هوندو. "وشال زبردست ليکڪ آهي، سندس لکڻيون دل ۾ گهر ڪري وڃن ٿيون، ڪمال جي ذات اٿس، واهه جو لکي ٿو، هن جهڙو ليکڪ صدين کان پوءِ پيدا ٿيندو آهي، سنڌ وارا خوشنصيب آهن جو وشال وٽن پيدا ٿيو، سندس فن کي سلام آهي".

پر مان اهڙيون ٽيڪرون ڏئي همراهه کي هوا ۾ اڏائڻ سان گڏ پڙهندڙن کي حيران ۽ پريشان ڪرڻ نه چاهيندس. بلڪ اهو چوندس ته وشال شاعر ته ڪٿي زبردست آهي پر نثر نويس زبردست هرگز به ناهي، ڇو ته سندس شاعري پڙهي ته اڪيون ڀوڻي ٻڌائي سگهجي ٿو ته اها وشال امير جي شاعري آهي، جو ان ۾ سندس پنهنجو هڪڙو الڳ انداز آهي، جيڪو انداز کيس ٻين کان منفرد ظاهر ڪري ٿو، پر سندس نثر پڙهڻ کان پوءِ سندس اهڙي ڪا به سڃاڻپ نه ٿي نهي، انڪري مان کيس زبردست نثر نويس جو خطاب ڪونه ڏيندم.

وشال امير جي هن ڪتاب ۾ جيڪي به مضمون شامل آهن،انهن کي پڙهندي مون محسوس ڪيو آهي ته اهي موضوعاتي حوالي سان ته شاندار آهن پر منجهن موضوعن سان نياءُ نظر گهٽ ٿو اچي. ڪڏهن ته ڪنهن به ليکڪ جي ڪماليت جو اندازو ان مان لڳايو ويندو آهي ته هو موضوع سان منڍ کان وٺي آخر تائين ڪيئن نڀائي ٿو. وشال کي مان هڪ مخلص دشمن جي حيثيت ۾ اها صلاح ڏيندس ته هو موضوع سان نڀائڻ به سکي ته هتي به سندس الڳ سڃاڻپ ٺهي سگهي ٿي.

نوٽ: مٿي مون جيڪو ڪجهه لکيو آهي، ان ۾ دشمني جي سمورين "لوازمات" کي سامهون رکيو اٿم، هڪ دشمن مان ان کان وڌ ٻي اميد به ڪهڙي ڪري سگهجي ٿي!.

وشال به مون کان لکرائي ته ڦاٿو هوندو" اڳتي لکرائڻ کان توبهه ڪري ڇڏي هوندائين، پر توهان به اهو ضرور چوندئو ته مون کي صفا ائين ٻي وڙو نه ٽيڻ گهرجي ها! پر تڏا ٿيو! ڪاوڙ ڇڏيو منهنجي هن لکڻيءَ سان ثابت ٿي ويو ته وشال ۾ تنقيد برداشت ڪرڻ جو حوصلو آهي، تڏهن ته هن هي مواد جيئن جو تيئن هن ڪتاب ۾ ڏئي ڇڏيو آهي ۽ جيڪو تنقيد برداشت ڪري ٿو اهو وڏو ماڻهو آهي. مونکي خوشي آ ته وشال وڏو ليکڪ آهي يا نه پر وڏو ماڻهو ضرور آهي ۽ سندس ان خوبي ئي اسان جي دوستي ۽ دشمني کي ايڏي ڄمار بخشي آهي.

واحد پارس هيسباڻي

پنهنجي پاران

اها ڳالهه مون لاءِ ڪنهن اتفاق کان گهٽ ناهي تہ مان ٽن ڪتابن جو خالق بڻجي چُڪو آهيان، اهو محض مونلاءِ ڪنهن معجزي جيان آهي تہ منهنجا ڪتاب ڇپجي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتا آهن. مان ڪو ليکڪ ناهيان، مان جن راهن تان گذريو آهيان انهن راهن تي هلندي منهنجي سڃاڻپ هڪ ذاڙيل يا ڪنهن اهڙي ڪردار جي هجي ها جنهن جو موت نشو واپرائي يا خودڪشي ڪندي ٿي چڪو هجي ها، پر الائي ڪيئن مان لکڻ طرف اچي ويم ۽ مون شاعري ديويءَ جي موهہ ۾ موهجي انهن ڏڳن کي الوداع چئي ڇڏيو جن تي ٻي موت مارجي وڃان ها، ۽ پوءِ مان سمجهان ٿو تہ شايد اهو بہ مونلاءِ هڪ اتفاق آهي تہ مون 2004ع کان ڪجهہ اخباري ڪالم لکيا ۽ هاڻي وري انهن کي ڪتابي شڪل بہ ملي وئي آهي. مونکي ياد آ تہ مون ڪالم لکڻ جي شروعات پنهنجي منڙي دوست واحد پارس هيسباڻي جي چوڻ تي روزاني هلچل ۾ لکڻ سان ڪئي هئي، جڏهن واحد پارس هلچل اخبار جو ايڊيٽوريل پيج انچارج هو ۽ پوءِ جڏهن هن پندرهن روزا عبرت ميگزين ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي تہ اُتي بہ هُن مونکان ڇڻ بندوق جي زور تي ڪالم لکڻ وارو ڪم ورتو هو.

عبرت ميگزين لاءِ لکندي مون کي گهڻو مزو ان لاءِ بہ آيو تہ هتي دوست مرتضيٰ سيال جي صلاحن مون کي لکڻ لاءِ ڏاڍي مدد ڏني ۽ پوءِ مون سنڌ جي ڪوڙ سارين اخبارن ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيا، پر روزاني خبرون ۾ لکيل منهنجن هفتيوار ڪالمن منهنجي پڙهندڙن جو هڪ الڳ حلقو قائم ڪيو، جنهن بعد مونکي احساس ٿيو تہ جيڪڏهن منهنجا دوست مرتضيٰ سيال، واحد پارس، امين لاکو، ساجد سنڌي، علي اڪبر سولنگي، حميد منگي، ساجد چانديو ۽ راهب ٻنپڙ مونکان زور زبردستي سان نہ لکرائين ها تہ يقينن منهنجي هيءَ نئين سُڃاڻپ نہ جُڙي ها. ان لاءِ مان انهن سيني دوستن سميت دوست انور سومرو ۽ طارق

ڪورائي جو ٻہ ٽورائٽو آهيان جن منهنجي هن پورهئي ”يادون ۽ عڪس“ کي ڪتابي شڪل ڏئي منظرعام تي آندو آهي.

آخر ۾ مان انهن ڪردارن جو ٻہ ٽورائٽو آهيان جن ڪنهن نہ ڪنهن طرح مون کي لکڻ لاءِ پئي اُتساهيو آهي، انهن ڪردارن ۾ سائين سڪندر علي شاهہ سميت منهنجو دوست طارق شهزاد، توقير شاهہ، نهايت ئي مانائتي سائڻ شبنم چانڊيو، مئڊم مريم شيخ صاحبہ ، استاد نويد ۽ ٻيا منهنجا اڻ ڳڻيا ساٿي آهن جن مونکي اشوز طرف ڌيان ڏيارائي مون کي لکڻ لاءِ اُتساهيوآهي.

وشال امير
حيدرآباد سنڌ

ڏنگا_ ڦڏا خيال

ذهن جي شاهراهه تي ڪو هڪ خيال ٽڪي ئي نٿو، سوين منتشر ۽ ڏنگا ڦڏا خيال ڊوڙي رهيا آهن، حادثا ۽ اتفاق سوالي توڙي عجب جون نشانيون ناهيندا ٿا وڃن. اهو عجيب اتفاق آ تہ مان جڏهن بہ ڪنهن پري ڪان ڏنل ڪردار ڪي گهلي اچي آئيني سامهون بيهاري ، ان جو عڪس ڪنهن ڪالم ۾ چٽيندو آهيان تہ منهنجا گهڻا ويجهڙا واقفڪار چرڪ پري اهو سمجهندا آهن تہ مون اهو سڀ ڪجهہ انهن جي متعلق لکيو آهي، پر ائين هوندو ناهي، جڏهن تہ محض اهو اتفاق ئي هوندو آهي جنهن ڪري ٿيندو ائين آهي تہ ۽ پوءِ هر چوَرَ ڪي ڪَڪُ پنهنجي ڏاڙهيءَ آلاتي جي مُڇَ ۾ اٽڪيل محسوس ٿيندو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ منهنجي چاڻ سڃاڻ وارا منهنجي ڪالمن ڪي ان لاءِ ضرور پڙهندا آهن تہ متان منهنجي چيڙيل بڪواس ۾ سندن متعلق بہ ڪا اٿوٽندڙ ڳالهہ نہ لکجي وئي هُجي.

ڪجهہ ڏينهن ڪان الائي ڇو گهڻا ماڻهو مون ڪي عجيب نظرن سان ڏسڻ لڳا آهن، خاص طور منهنجي لکيل ڪالم ۾ ذڪر هيٺ آيل ڪردارن سان هڪجهڙائي رکندڙ عادتن وارا فرد بہ تہ ساڳئي نالي جي اصل صورت رکڻ وارا ماڻهو بہ. پهرين قسم جا ماڻهو شايد اهو سمجهندا ٿا تہ مان نالا لڪائي ڪين لڄايان ٿو ۽ ٻئي قسم جا ماڻهو وري ڪاوڙيل ان لاءِ آهن تہ سندن نالا ٻگاڙي متن تهمتون ٿو مڙهيان. بهرحال ٻنهي قسم جي ماڻهن ۾ مون پاڻ لاءِ اهڙي حقارت ڏٺي آهي جو جيڪر ڪين پڪ هُجي تہ منهنجا ڪالم انهن جي خِلاف آهن تہ منهنجي اڳ ۾ ئي دانگي جهڙي مُنهن متان ڏامر هاري، ٽئو گهمائي، چپل جُتين جو هارُ پارائي ۽ ڪنهن ڪاري ۽ ڪاٽي، مندي گڏهہ تي مون ڪي ويهاري سڄي شهر جو چڪر هٽائي، پوءِ مون ڪي ڪنهن چوراهي تي سَرِعام ڦاهي ڏيڻ ۾ دير ئي نہ ڪن. پر قدرت واري جا مون تي ڪرم آهن جو اهَي ڪنهن ثبوت بنا ڪائي اُبهرائپ نٿا ڪن نہ تہ مان سچ تہ رهيو پري، پر هي سمورو ڪوڙ لکڻ ڪان بہ توبهہ تائب تي جيڪر ڪنڌائتو ٿي ويهي رهان. تنهن ڪري اهڙو ڪو واقعو پيش ٿيڻ ڪان اڳ ۾ ئي مان انهن دوستن ڪي گذارش ٿو ڪريان تہ مون جاٽي واٽي ڪنهن ڪي بہ ستو نشانو بڻائڻ جي ڪڏهن بہ ڪا ڪوشش نہ ڪئي آ. بس مان هڪڙي آرسي هڪ خالي فريم ۾ جڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، پوءِ ان آرسي ۾ ڪنهن ڪي پنهنجو چهرو سُهڻو نظر اچي يا ڪوجهو يا بلڪل ئي پيانڪ ان ۾ نہ ڏوهہ منهنجو آ، نہ ويچاري آرسيءَ جو. اها تہ سامهون بيٺل جي قسمت آ تہ هو پلي ڪٿي ڪيڏو بہ ميڪ اپ ٿڦي اچي آرسي آڏو بيهي پرڪيس پنهنجو اصل چهرو نظر اچي ضرور ٿو وڃي. هونئن بہ ميڪ اپ جا تهہ تيستائين ساٿ ڏئي سگهندا آهن، جيستائين سج ئي جو گرمي پد وڌڻ بجاءِ جمي بيٺل هوندو آهي، پر جڏهن اهو گرمي پد وڌندو آهي، تڏهن ميڪ اپ رِجڻ شروع ٿيندو آهي ۽ اصليت توڙي سچائي ظاهر تي

پوندي آهي. ڳالهه سچائيءَ جي نڪتي اهي ته سچ اهو به آهي ته گهڻا ماڻهو سچ لکڻ ۽ ڪنهن جي سچي ساراهه ڪرڻ تي به چڙي پوندا آهن، ساراهه ڪرڻ ۽ سَچ لکڻ واري مٿان الزام مڙهيندا آهن ته هاڻي همراهه جي ڪل ٽڙي آ، درباري ليکڪ ٿي ويو آ. يقينن ڪو عهدو يا ايوارڊ ملڻ جي اميد رکي اٿائين، تڏهن اها چاپلوسي پيو ڪري. بلڪل ئي اهڙو الزام منهنجي هڪ دوست مون مٿان تڏهن ٿڦيو هو جڏهن مون سنڌي ٻوليءَ جي نهايت ئي خوبصورت ۽ ٻن دوست شاعرن سائين اياز گل ۽ سائين ادل سومري لاءِ هڪ جملو لکيو هو ته اهي هنجن جي جوڙي جهڙا دوست سچا ۽ صاف گو آهن ۽ هاڻي مان ان جملي ۾ اڃا اضافو ٿو ڪريان ته گلاب جي خوشبوءِ جيان محبتون وکيرڻ جي آس رکندڙ هي آدرشي دوست مون لاءِ ٻڙ جي ڇانوَ جيان آهن ۽ ساڳئي ريت منهنجو مانوارو دوست عبدالغفار تبسم به مون لاءِ سائين اياز ۽ ادل جيان ئي ماکي لار جهڙو مَن موهيندڙ ۽ منڙو آهي. انهن کان مون کي خلوص ۽ پنهنجائپ جو ايوارڊ به مليو آهي ته دوستي جو عظيم عهدو به. هاڻي جيڪڏهن اهو سچ لکڻ تي ڪنهن کي ڪاوڙ لڳي ٿي ۽ مون کي ڪو درباري ليکڪ سمجهي ٿو ته ڀلي پيو سمجهي، مون کي ڪنهن جي به ڪا پرواهه ناهي. ڇو ته مان ڄاڻان ٿو ته جيڪو ڪجهه مان پهريون لکندو آيو آهيان ان جي عيوض به مون کي اڄايو تڪراري سمجهيو پيو وڃي، جڏهن ته مان اهڙي ڪاٻه سڃاڻپ وٺڻ لاءِ تيار ناهيان. بس مون جيڪو ڪجهه لکڻ چاهيو آهي، ان ۾ منهنجي ماضي جون يادون به هجن ٿيون ته موجوده حالتن ۽ سماجي اوڻاين ۽ چڱاين جا ڌنڌلا عڪس به هجن ٿا، پوءِ ڪير انهن مان ڪهڙي چٽي تصوير ٿو جوڙي سگهي اهو پڙهندڙن مٿان ئي ڇڏيل هجي ٿو.

منهنجي هن ڪالم ۾ اڄ جنهن هڪ ڪردار جو عڪس مان توهان جي آڏو چٽڻ چاهيان ٿو اهو منهنجي تمام ويجهو رهيو آهي ۽ جيترو قدر مون ڄاتو آهي ته هو ڏاڍو عجيب آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته هو غريب به هجي، پر هن ڪڏهن به اهو پڌرو نه پئيو آهي ته هو ڪو غريب آهي. ٿي سگهي ٿو ته اميرن جي راڄ ۾ ڪي اهڙا ماپا هجن جن تحت هو غريب سڏيو ويندو هجي، پر هو پاڻ کي غريب سڏائيندو ناهي. هن سان منهنجي شناسائي ڪيترائي سال پراڻي آهي، پر ها ايتري به نه جيتري موهن جي دڙي جي تهذيب پراڻي آهي، نه ئي ايتري جيتري ڪوٽڏيجي جي قلعي جي تاريخ پراڻي آهي، پر اسان جي اها شناسائي ايتري پراڻي ضرور آهي، جيتري پراڻي منهنجي وهي آهي يعني هن سان منهنجي ننڍپڻ کان وٺي ڄاڻ سڃاڻ آهي. مان جڏهن به جتي به هجان هو اتي به مون سان ملڻ ۽ سور سلڻ لاءِ پهچي ويندو آهي. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ مون سان گڏ گهاريندو آهي ۽ مون سان ڪچهريون ڪندي مون سان گڏ ٽهڪندو ۽ روئيندو آهي. مطلب ته هو منهنجي سيني دوستن مان منهنجو تمام ويجهڙو ۽ لنگوٽيو يار آهي، ايترو ويجهڙو جيترو دِلو ديوانو ۽ مجو موالي به منهنجي ويجهو نه آهن. پر توهان ان ڳالهه تي ضرور حيران توڙي پريشان ٿيندؤ ته تقريبن ٽيهن پنجٽيهن سالن جي ميل جول هجڻ جي باوجود اڄ تائين هن پنهنجو نالو مون کي ناهي ٻڌايو. مون جڏهن به ڪانئس پڇيو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو نالو ته ٻڌاءِ؟ ٻڪلم چئي ڏيند آ "منهنجي نالي کي ڇڏ،

تنهنجومطلب منهنجي وجود سان هجڻ گهرجي، جو تہ هونئن بہ جڏهن منهنجو وجود باقي نہ بچندو تہ منهنجو نالو ڪنهن جي بہ ڪم جو نہ رهندو.“

هن جي اهڙي جواب تي مان لاجواب ٿي پنهنجي چيري بلاسر ٿڦيل ڪاري مُنهن جي وات واري دري ڪولي وائڙن وانگر ويهي سندس مُنهن تَڪڻ لڳندو آهيان ۽ سوچيندو آهيان، هي ماڻهو آهي يا جِنُ؟ يا وري ڪٿي ائين تہ ڪونهي تہ هن شخص رياست جي سيني بئنڪن سميت سيني وياج خورن ڪان قرض ورتو آهي ۽ هاڻي رُوپوش ٿي گهمندو هجي، جنهن ڪري مون کي بہ پنهنجو نالو ٻُڌائڻ کان لنوائيندو هجي تہ ڪٿي مان ڪنهن کي سندس باري ۾ ٻڌائي نہ ڇڏيان. بهرحال! مان اِن ڳالهہ تي اڄ بہ حيران آهيان تہ هُو مون کان نالو ڇو پيو لڪائي؟ جڏهن تہ هُن پنهنجي حياتيءَ جا تمام گهڻا راز مون کان هرگز نہ لڪايا آهن.

مون هُن کي ننڍپڻ ۾ زڪوات وٺندي بہ ڏٺو آهي تہ چولا وڪڻي ۽ پورهيو ڪري پڙهندي بہ ڏٺو آهي. مان هن جي اسڪول جي زماني واري سانوري محبوبا کي بہ سڃاڻان تہ سندس ڪاليج زماني وارن معاشقن کان بہ واقف آهيان ۽ اهو بہ چڱي ريت ڄاڻان ٿو تہ هُن حياتي ۾ سواءِ نفرتن جي ڪجهہ بہ نہ پاتو آهي. پيءُ جي هوندي بہ هُن جو وجود ماڻهن لاءِ حرامي بار جهڙو رهيو آهي. ان لاءِ هن محبتي رشتن جي رس سميت ڪنهن بہ نخريلي نازنين جي سچي محبت جو منو شراب ڪڏهن بہ چپن تائين آڻڻ ۾ ڪاميابي نہ ماڻي آهي، جيتوڻيڪ هُو هاڻي هڪ نمايان حيثيت جو مالڪ آهي پر هن پنهنجو ماضي ناهي وساريو ۽ نہ ئي هُن ڪڏهن ڪنهن سان ڪو فريب ڪرڻ لاءِ سوچيو آهي. هو تہ پاڻ فريبي دنيا هٿان ڪاريهر جهڙا ڏنگ کائي ڏنگيو رهيو آهي. ايتري تائين جو هن کي پنهنجن بہ زخمي ڪرڻ کان هرگز ناهي ڪيٻايو. مون هن کي اڪيلاين ۾ روئيندي ۽ ميڙاڪن ۾ ڪُوڙا ٽهڪ ٽهڪندي بہ ڏٺو آهي. هُو مون کي ڪو ڊرامائي ڪردار لڳندو آهي، جيڪو جيون جي لانگ پلي ۾ مليل پنهنجو ڪردار سٺي نموني نڀائڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ اڃا بہ ڪيترائي راز آهِن جيڪي هُن متعلق مان پنهنجي ذهن ۾ سانڍي رکي ٿو ڇڏيان، ان لاءِ تہ اُهي راز وري ڪڏهن ٻئي پيري لکڻ لاءِ مدد ڏيئي ويندا. بس ايترو چوندس تہ الائي ڇو هُو مون کي پنهنجو همراز لڳندو آهي.

نيڪ اهڙي طرح هڪڙو ٻيو ڪردار آهي جنهن کي مان ننڍپڻ کان سڃاڻان ٿو هُو غريب گهراڻي سان تعلق رکندي بہ پنهنجي ذاتي صلاحيتن عيوض پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي اڳواڻ منظور وساڻ توڙي نواب خان وساڻ جي ويجهڙائي ۾ بہ رهي چڪو آهي، پر اڄ اهو نوجوان انهن سياسي اڳواڻن کان وسري ويل ۽ انهن کان مدد لاءِ منتظر نظر اچي رهيو آهي، جو تہ گذريل ڪجهہ سال اڳ موٽرسائيڪل ايڪسيڊنٽ ۾ سندس ڄنگهہ ڀڄي پئي هُئي جنهن جو علاج سرڪاري اسپتال مان ڪرائڻ جي باوجود هو هڪ نيم حڪيم جي ڳالهين ۾ اچي ڪانئس علاج ڪرائڻ لاءِ رضامند ٿي ويو هو ۽ اهڙي ريت نيم حڪيم خطره جان واري چوڻي موجب هن نوجوان جي حياتي خطري ۾ اهڙي ريت پئي جو اڄ معذوري واري حياتي گذاري رهيو آهي، هر

وقت ڪلندڙ ۽ مُرڪندڙ مزاج رکندڙ هي نوجوان نيم حڪيم جي علاج مان ناسور پرائي جنگهه ڪٽرائڻ واري عمل مان گذري اڄ مصنوعي جنگهه ڪان سهارو وٺڻ تي مجبور آهي. پر مون اهڙي صورت ۾ بہ ڪيس هميشہ مرڪندي ڏٺو آهي. بس هُن جي خواهش آهي تہ ڪيس ڪا سرڪاري نوڪري ڏني وڃي جيئن هُو حياتيءَ سان جنگ جوٽڻ ۾ آساني محسوس ڪري سگهي، جڏهن تہ هُو ان نيم حڪيم خلاف بہ ڪا ڪارروائي ڪرڻ جي گهر هرگز نٿو ڪري، البتہ اهو ضرور چاهي ٿو تہ سندس درد ڪهاڻي واڪي ڪري عام ماڻهن کي اهڙن خطرن کٽڻ کان روڪيو وڃي ۽ اهڙن نيم حڪيمن کي شرمندو ڪري احساس ڏياريو وڃي تہ هُو محض چند ڏوڪڙن ڪمائڻ لاءِ انساني حياتين خلاف ايترا خطرناڪ تجربا نہ ڪن.

هن نوجوان جي اهڙن ويچارن تي مون کي الائي ڇو ياد ٿو اچي تہ انهن نيم حڪيمن ۽ عطائي ڊاڪٽرن جي ڪارنامن سبب ئي اڄ ملڪ ۾ هڪ ڪروڙ مريض هيپاٽائيٽس بي ۽ سي ۾ مبتلا ٿي ويا آهن، پر هتي اها بہ وضاحت ڪندي هلجي ٿي تہ گهڻا ايم بي بي ايس ڊاڪٽر بہ پنهنجي ڪلينڪن ۾ نيم حڪيمن واري روش هلندي ساڳئي ڊسپوزل رڳو سرنج مٽائي استعمال ڪرڻ ۾ رُڌل هُجن ٿا، اهڙي ريت انهن جي لالچ ۽ بي پرواهي سبب هڪ مريض کان ٻئي مريض ۾ نہ رڳو هيپاٽائيٽس بي يا سي پر ٻيون بہ ڪيتريون ئي بيماريون ڦهلجي رهيون آهن، پر حڪومت ان معاملي تي اکيون ڦيرائي ويٺل آهي ۽ سماجي تنظيمن بہ ساڳيو رويو روا رکيو آهي، لهذا اهڙي صورت ۾ هر هڪ فرد مٿان اهو فرض. عائد ٿو ٿئي تہ هُو پنهنجي ليکي اهڙن غلط روين کي ٺيڪ ڪان روڪي جيئن وري مٿي ذڪر ڪيل امتياز ابڙي وانگر ڪو بہ ٻيو نوجوان معذوري جو شڪار نہ ٿئي ۽ هيپاٽائيٽس جي مرض ۾ وڪوڙيل هڪ ڪروڙ عوام جي انگن اکرن ۾ اڃا وڌيڪ اضافو نہ ٿئي ۽ ساڳئي ريت منظور وساڻ ۽ نواب وساڻ سميت عوامي نمائندن ۽ سيني سياسي ليڊرن مٿان فرض بيهي ٿو تہ هُو امتياز ابڙي سميت ٻين اهڙن حياتي سان وڙهندڙ نوجوانن کي نوڪرين جو سهارو ڏيارين جيئن اهڙن نوجوانن جي همت ۽ جوانمردي کي ڏسي سماج جا اهي ڪردار بہ سبق پرائين جيڪي گداگري کي پيشو بڻائي ويٺل آهن. آهي ئي منهنجا اڄ جا ڏنگا ڦڏا خيال آهن!

اجائي تنقيد ڪنهن جو قد نٿي گهٽائي!

منهنجن ڪجهه دوستن جو خيال آهي ته مون کي سياسي نقطهءِ نظر وارا ڪالم لکڻ گهرجن، جڏهن ته منهنجو ذاتي رايو اهو آهي ته مان سياستدان ناهيان نه ئي منهنجي سيا. ت ۾ ڪا دلچسپي آهي جو ان متعلق اجايو ڪجهه به لکي پاڻ مٿان خلق ڪلايان، پر هاڻي ڪنهن شبنمي خواهش جو احترام ڪندي مون پڪو ارادو ڪيو آهي ته منهنجا ايندڙ ڪجهه ڪالم سماجي مسئلن سان گڏ سياسي حوالي سان ئي هوندا، جنهن ۾ گهڻو ڌيان منهنجو وري به سماجي مسئلن تي ئي هوندو، باقي ادبي سرگرمين يا ادبي روين جي حوالي سان منهنجو هي آخري ڪالم آهي، چو ته ادبي ڪالم لکڻ عيوض منهنجي نه چاهڻ جي باوجود ڪجهه دوستن جي دل آزاري ٿي وڃي ٿي ۽ مون مٿان هڪ ڏڙي جو ساڻاري هُجڻ جي مُهر لڳي وڃي ٿي، منهنجي ذاتي ادبي لاڳاپن مٿان تنظيمي لاڳاپن جي ڇاپ لڳي اهو مون کي منظور ناهي جڏهن ته منهنجي هٿان ڪنهن جي دل آزاري ٿئي اها ڳالهه به مون کي توڙي منهنجي چاهيندڙن کي هرگز نٿي وڻي.

بهرحال هاڻي رخ رکجي ٿو اصل موضوع طرف ته مهراڻ جي وادي ۾ ڪوڙ سارن شير جگر ڪردارن پئي جنم ورتو آهي ۽ اهڙو سلسلو يقينن اجا به جاري ئي آهي، پر الائي چو ڪجهه شينهن (شير) جگر ماڻهو به پنگ پي وڃي اهڙي گندگي ۾ ساٿا تي سُتا آهن، جو هاڻي ڪوبه ساڃهه وند شاعر، اديب پنهنجو تخلص شير سنڌي، شير حيدرآبادي، شير لاڙڪاڻوي وغيره رکڻ لاءِ تيار ناهي. هونئن به هن سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي دؤر ۾ ڪجهه شيرن کي پڪڙي جڏهن انهن جي ويجهو ڪان پرک ڪجي ٿي ته انهن مان گهڻا ڪل اندران لڪيل ٻليون ۽ گدڙ نڪرن ٿا ۽ پوءِ انهن کي سرڪس جي جوڪرن جو ساٿي بڻايو وڃي ٿو. ڳالهه جوڪرن جي نڪتي آهي ته سنڌ واسين کي مبارڪون تيون ڏجن، چو ته اسان وٽ اڄڪلهه ڪجهه ليکاري جوڪر به دستياب ڪيا ويا آهن، جيڪي ڪجهه نالي ڳڻين ليکڪن جي اشارن تي سنڌن مخالف خلاف اجايا واڄٽ ڪرڻ جو ڪردار نڀائي، بنا تخليقي صلاحيتن جي به پنهنجو نالو سنڌ جي اديبن، شاعرن واري سٽ ۾ شامل ڪرائڻ جا اجايا جتن ڪري رهيا آهن. مون کي ياد ٿو اچي ته ڪتي محترم پروانو پٿي هڪ يادگيري هن طرح نوٽ ڪئي هئي ته پاڻ سنڌي اديبن جي هڪ وفد سان گڏ محترم سائين غلام محمد گرامي (مرحوم) جي اڳواڻي ۾ موئن جو دڙو گهمڻ ويا هئا، جتي سنڌن هڪ نوجوان دوست دانشمندي جا واهڙ هن نموني وهايا هئا، جو موئن جي دڙي پرسان هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ مسجد جو مينار ڏسي ان نوجوان دانشمنداڻي دعويٰ

اها ڪئي هئي تہ "سنڌ ۾ امن پرستي ۽ اسلام جي موجودگي جا قديم تاريخي اهڃاڻ هي نشان آهن، جو هڪ طرف هندن هٿان جوڙيل سٽريل شهر هو تہ ٻئي طرف سندس پرسان مسلمانن جو ڳوٺ" جنهن تي سائين غلام محمد گرامي ڪيس ڊڙڪا ڏئي خاموش رهڻ جي هدايت ڪئي هئي. سائين پروانو پڻ موجب اهو نوجوان اڄڪلهہ پوڙهپ ڪنڌي تي پهتل آهي ۽ شايد اوندهہ ورتل سنڌي ادب ۾ سوجهرو آڻڻ لاءِ جتن پيو ڪري. منهنجي خيال ۾ ان دوست جو حقيقت ۾ روشن سنڌي ادب ۾ سوجهرو آڻڻ وارو خيال رکڻو ان مقصد جي ڪڙي آهي تہ هڪ تہ ان طرح هُو بہ هندوستان ياترا تي آساني سان ايندو ويندو رهندو ۽ ٻيو تہ پنهنجو ادبي هڏ ڪاٺ وڏو ڏيکارڻ توڙي مخالفن کي هيڻانهون ڏيکارڻ وارا ڪارناما بہ آساني سان سرانجام ڏئي سگهندو، جنهن ڪري بہ هن جوڪر ليکڪن جي جڻ تہ ڪا فيڪٽري قائم ڪري ورتي آهي، جو رسالي جي خطن واري حصي ۾ اڪثر فرضي نالن سان سنڌ جي معتبر ليکڪن خلاف تنقيدون لکي شايع ڪندو پيو اچي ۽ ان پنيان اڃا هڪ ٻيو مقصد بہ تي سگهي ٿو جو ڪارل مارڪس جو چوڻ آهي تہ "سرمائيدار پنهنجي شين کي وڪڻڻ لاءِ اهڙا حُربا استعمال ڪندو آهي، جهڙا هڪ ڪدڙو ڪنهن عاشق کي پرڀائڻ لاءِ ڪندو آهي" نيڪ اهڙي ريت هي محترم دوست بہ رسالي ۾ سرمايو لڳائي اها ئي ڪوشش ڪندو پيو اچي تہ کهڙي بہ ريت سُني يا بُري راءِ سان مڙئي رسالي جو نالو ٿئي ۽ هن کي ماٺهو قاضي چون. ان لاءِ هي دوست اهو ڪم بہ ڪندو آهي تہ پهريون پاڻ ئي ڪنهن کي حاجي چوندو آهي ۽ موٽ ۾ ڪيس قاضي سڏڻ وارن جا پيو ڳڻ ڳائيندو آهي، پر جي ڪنهن ڪيس قاضي نہ ڪوٺيو تہ پوءِ هي همراهہ پنهنجن چاڙتن هٿان يا پاڻ ئي فرضي نالن سان تنقيدي خط لکي سامهون واري مٿان ادبي چورين جا الزام مڙهيندو ۽ پاڻ زوريءَ قاضي ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي. پرپوءِ بہ گهٽا مون جهڙا ڪيس قاضي مڃين ڪونہ ٿا، اسان جو قاضي سائين امر جليل ئي ڪوڙ آهي، جنهن جي لکڻين ۾ توڙي طبيعت ۾ ڪابہ فريبي، فنڪاري ناهي، باقي هي دوست تہ اندين اداڪار قادر خان جيان مڪمل فنڪار آهي، مُنهن تي مُرڪي ملندڙ ۽ ڳالهائيندڙ ۽ پريُٺ سائين نواز علي شوق جهڙي سباجهڙي سياڻ رکندڙ اديب کي فرضي نالي سان خط لکي ڪانگل طوطائي بہ ٿو ڪوٺي تہ نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار مظهر ابڙو جي ناول "درد جي آرپار" کي پنهنجي هڪ چاڙتي هٿان رشيد ندوي جي پراڻي ناول "دو قول" جو چربو ٿو ڪوٺرائي، سو بہ ان ريت تہ اهڙو بہ رايو تنقيد نگار پنهنجي پاران نہ پر ڪجهہ ادبين پاران ٿو ڏيکاري ۽ پنهنجي پاران رکڻو خالي تنقيد نگار ٿيڻ واري اجائي معتبرائپ ئي ڪلهي تي کڻي گهمائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان ڪري ان تنقيد نگار دوست ۽ پڙهندڙن کي اهو ٻڌائيندو هلجي ٿو تہ مان ذاتي طور مظهر ابڙو جي لائبريري ۾ موجود ڪتابن کان واقف آهيان، جو وقت بہ وقت مطالعي

لاءِ اهي ڪتاب اٿلائيندو پٿلائيندو رهيو آهيان، ان لاءِ منهنجي اڏو ٻه رشيد ندوي جو نالو نئون آهي، جڏهن ته مظهر ابڙو جن ڪيفيتن مان گذرندي اهو ناول لکيو آهي، ان جو شاهد رڳو مان نه پر منهنجو پيارو دوست توقير شاهه ٻه آهي، جنهن سان هي ناول لکڻ وقت اڪثر مظهر ابڙو ويچار ونڊيندو رهيو آهي. باقي پنهنجي ڪوڙي تنقيدي فيڪٽري ۾ تنقيدي شير ناهيندڙ ان دوست توڙي پراين هدايتن تي هلي تنقيد نگار ٿيندڙ دوستن کي اها ئي صلاح ڏبي ته جيئن نقلي شير پالڻ سان ماڻهو بهادر نه ٿيندو آهي يا شير جي کل پائڻ سان گدڙ شينهن نه ٿي ويندو آهي، تيئن ڪنهن مٿان بلاجواز تنقيد ڪرائڻ يا ڪرڻ سان ڪنهن جوادبي قد گهٽائي نه سگهبو آهي ۽ نه ئي پنهنجو قد وڌائي سگهبو آهي.

تنقيد جا ٻه ڪجهه اصول آهن جن مان پهريون اصول اهو آهي ته لکڻين کي نفسياتي ۽ سائنسي پهلوئن تي پرکي تنقيد براءِ اصلاح طور پنهنجي اصل نالي سان نروار ڪجي، نکي ڪنهن ايڊيٽر يا سينيئر اديب جي هدايتن تي عمل ڪندي ڪنهن مٿان بنا سمجهه فهم جي اجايو گند اڇلائجي يا وري ڪنهن جي ساراهه جا قصا ڳائي چمچن جهڙو ڪردار ادا ڪجي. ان لاءِ ذهن ۾ رکجي ته تنقيد لاءِ گهڻي علم جي ضرورت هُجي ٿي ۽ اهو علم رڳو ٻه شعر لکڻ، ڪجهه ترجمان شايع ڪرائڻ يا ڪجهه ڪهاڻيون يا مضمون لکڻ سان مڪمل نٿو ٿي وڃي. ان ڪري مون کي حِيرت ايندي آ انهن اڀڄاڻ ۽ شوقينڙن نوجوانن تي جيڪي ٻين جي اشارن ۽ هدايتن تي ڪنهن جي ٻه خلاف لکي پاڻ کي وڏو اديب سمجهڻ لڳندا آهن يا سندن ڪان نه لکيل مضمون ٻه سندن نالن سان ڇپجندي ڏسي ٻه خاموش رهندا آهن ۽ خوش ٿيندا آهن ته بنا محنت جي سندن نالي سان تخليقون شايع پيون ٿين، جڏهن ته حقيقت اها هُجي ٿي ته جيڪو گند ميڙي ڪنهن نامياري ليکڪ مٿان اڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، ان ڪان ڏهوڻ تي گند ان ماڻهو جي خود جي پٽڪي ۾ ٻه ہلو وڃي ٿو، جنهن جو نالو استعمال ڪجي ٿو. ساڳي ريت مون کي وڏيڪ حيرت انهن ليکڪن تي ايندي آهي، جيڪي پاڻ ۾ سامهون سچ چئي ڏيڻ جي سگهه نه سارينديِ فرضي نالن سان تنقيدي مضمون ۽ مقالا لکندا آهن. مون کي ياد ٿو اچي ته گهڻا سال اڳ جڏهن سنڌي ٻولي جو نهايت ئي سگهارو ۽ مهان ڪوي شيخ اياز زنده هو تڏهن هڪ ٻئي نامياري شاعر پنهنجو ادبي قد وڌائي ڏيکارڻ لاءِ چال هلندي شيخ اياز مٿان گند اڇلائڻ لاءِ هڪ نوجوان جو نالو استعمال ڪيو هو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته شيخ اياز جي عظمت تي ته ڪوبه ذري برابر فرق نه پيو. البت اهو نوجوان شاعر مفت ۾ ادبي موت مري ڪٿي گم ٿي ويو ۽ اهو ناميارو شاعر جيڪو ڪجهه عرصو اڳ پاڻ کي ئي پڌائيندي نظر آيو. بلڪل ائين جيئن گدڙ دعويٰ ڪئي هُئي ته سندس مرڻ پڄاڻان سچ ئي نه ايرندو، تيئن ان اديب جي دعويٰ هئي ته هُو ئي سنڌي ٻولي

جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي، جڏهن تہ اديبن جو هڪ وڏي حلقي سندس اهڙين دعوائن تي ڪيس وائڙو ٿي سمجهي ان لاءِ لئي مان لٽ پڄي قلمڪار ۽ تنقيد نگار ٿيندڙ اهڙن اڻ ڄاڻ ڄاٽو دوستن لاءِ صلاح عرض رکجي ٿي تہ جيڪڏهن پنهنجي حقيقي سڃاڻپ چاهيو ٿا تہ پنهنجي اصل حيثيت نہ وڃائيندي ڪميءَ پير هلندئو تہ ڪاميابي حاصل ڪري وٺندؤ باقي پرائي آسري تي سيهڙ واري ڊوڙ هٽندؤ تہ توهان جو حشر بہ اهڙو ٿي ٿيندو جهڙو شيخ اياز مٿان تنقيد ڪندڙ نقلي تنقيد نگار جو ٿيو. ۽ ها! پرائي ڪلهي تي رکي تنقيد جي بندوق مان فائر ڪندڙ لڪيل چهرن جي حيثيت بہ وڃي اها ٿي بيهندي، جيڪا پنهنجو وڏو قد ڏيکارڻ لاءِ شيخ اياز مٿان تنقيد ڪرائيندڙ (اصل ۾ ڪندڙ) شخص جي وڃي بيٺي آهي.

آ مهڪ هوا ۾ مينديءَ جي....!

اڃي ٿو هيڪار مُوتُ تہ سيني جي مَٿان،
مُئي ناهي ميار جي تون جيئين جس سان. (شيخ اياز)

موت جو بحري باز اوس هر ڪنهن کي جهٽي ويندو ۽ هر انسان کي بهرحال ماضيءَ جو قصو بڻجڻو ئي آهي، پوءِ اهو قصو سخي دل راءِ ڏياچ جهڙو قصو ٿو بڻجي يا سامن تي سِرُ ڏيندڙ ابڙو وڏ وڙو بڻجي سامهون ٿو اچي! يا تہ بنهہ ئي ڏرتيءَ جو غدار بڻجي ميرجعفر جيان مُئي پڄاڻان بہ پنهنجي حصي ۾ لعنت ملامت لکرائي ٿو وڃي، اهو سڀ پنهنجي ڪيل ڪَرمَن ۽ ڪرتوتن جو ڦل ٿي سگهي ٿو. پر اهو طئہ آهي تہ تاريخ بهرحال ڪنهن بہ ڪردار کي وساريندي ناهي، ڇو تہ تاريخ جو حال سان ڳانڍاپو آهي. منهنجي خيال ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل انهن ڏگهين لوهين پٽڙين جيان آهن جيڪي هڪ ٻئي سان ڳنڍجي هڪ ڏگهي ريلوي ٽريڪ ناهي وٺن ٿيون، جنهن ٽريڪ مٿان وقت جي تيز رفتار ٽرين حال جي اسٽيشن تي چند پلن لاءِ ترسندي، وري ڊوڙندي اڳتي وڌندي، گذري ويل اسٽيشن جي منظرن کي ماضي جي منظرن ۾ بدلائيندي، مستقبل جي اسٽيشن طرف پنهنجو سفر جاري رکندي آهي.

اڄ جڏهن حال جي هڪ ويران اسٽيشن تي ويهي، ماضيءَ جا ڪي اڻ وسرندڙ منظر يادگيرين جي ٻڪ ۾ جهٽجن ٿا تہ ڊسمبر 96ع جي ستاويهين تاريخ جو اهو ڏينهن ياد ٿو اچي جنهن ڏينهن بہ سج جي تيز تپش گهٽائڻ لاءِ ماڪ پنل ٿڌڙي هوا تہ گهلي رهي هئي، پر اوچتو سڄي ماحول مٿان گهُٽ ۽ ٻوسٽ جهڙو سناٽو طاري ٿي ويو هو. گهلندڙ هوا زرد پتن سان ٽڪرائجي ڪيڏاري جا سُر آلاپڻ لڳي هئي، موئن جي دڙي جي قديم ۽ عظيم آثارن مان مرثين جو آواز گونجندي محسوس ٿي رهيو هو. رَني توڙي ڏِجيءَ جي ڪوٽن جا برج ڄڻ تہ ڏري پيا هئا. ڪينجهر جي هوائن مڪلي جي آثارن سان درد پئي ونڊيا. ڪلاچي کان ڪشمور تائين سڄي سنڌ مٿان سانت ڇانئجي ويئي هئي، محسوس پئي ٿيو تہ ڄڻ پٽائي، سچل ۽ سامي بہ اداس ويٺل هجن. پٽائي جي تنبوري جون تندون ڄڻ تہ ڇڄي پيون هيون، سچل جي اناالحق وارو نعرو ڄڻ تہ سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هو ۽ ساميءَ جا سلوڪ ڪارو ويس اوڙهي اچي سندس سامهون ماتم ڪرڻ لڳا هئا. سنڌ مان شايع ٿيندڙ سيني اخبارن جون سُرخيون رَتُ سان رڱجي آيون هيون ۽ خبرون پڙهندڙن کي اوچتو ڄڻ ڪو نانگ سراپي ويو هو جو ڇرڪ پري هڪ سوز جي احساس ۾

وڪوڙجي تي ويا.

وجو ڪَنويليو وجو
وجي پرينءَ کي چئو!
اچا پيو جيئان،
اچا پيو جيئان،
وجو ڪنويليو وجو
وجي پرينءَ کي چئو!
ڪڏهن اَڃَڻ مران تہ پوءِ
ٻہ چار لڙڪ هارجو
ڪڏهن ڪڏهن تہ سارجو
تہ ڪيرُ ماڳ ۾ مُئو!
وجو ڪنويليو وجو
وجي پرينءَ کي چئو!
جڏهن ٻہ سانوڻيون اچن
ڇمر الوڻ تي نچن
جڏهن ٻہ پڻ پڻ تي
گهڻا گجي گجي وسي
جڏهن ٻہ مور ٽور ۾
ڏسو نہ ڪنهن ٻہ هور ۾
جڏهن ٻہ روجهہ ريجهہ ۾
ڏسو اٻوجهہ ريجهہ ۾
تڏهن نہ ھي وسارجو
تہ ڪير سُج ۾ سُتو!
وجو ڪنويليو وجو
وجي پرينءَ کي چئو!

وڏيرڪي سماج هٿان ستايل ۽ پيڙهيل، درد وندي سنڌي قوم جي فردن جي دانهن جيڪا اندر مان نڪري فضائن ۾ پکڙجي رهي هئي، جنهن دانهن ڪجهہ گهٽ عقل سنڌي قومپرستي جي دعويدارن پاران مهان ڪوي شيخ اياز خلاف اثاريل نفرت وارن جهونڪن کي مات ڏني ۽ جنهن دانهن ٽيپ رڪارڊرن تي گونجي چليءَ جي قومي ڪلاڪار وڪٽر هارا جيان گهٽين ۽ بازارن ۾ ماڻهن جي ميڙاڪن کي گڏ ڪيو، انهن جي اندر ۾ ستل قومي جذبي کي جاڳايو، پرينءَ جي لوءِ سميت سموري سنڌ جي لاڏلي سرمد سنڌي جي اها دانهن جيڪا نئين دؤر جي بيجل جو آواز بڻجي قومي درد رکندڙ سنڌ جي هزارين نوجوانن کي ڪنڌ ڪپائڻ لاءِ تيار ڪري وجهندي هئي، اها دانهن ائڪسيڊنٽ جو ڊرامو رچائي موت جي بي

رحم راڪاس پنهنجي قبضي ۾ ونيء رحمان مغل کي پنهنجي آغوش ۾ سمهاريء نئين سال جي اچڻ کان اڳ سنڌ واسين کي هڪ نه وسرندڙ درد جو احساس تحفو ڏئي پنهنجي فتح تي جشن ملهائڻ لڳو، پر موت شايد اهو نه ڄاڻندو آهي ته سچا ڪلاڪار، ڪوي ۽ مصور سندس قهري چنبي ۾ ڦاسيء ابدي ننڊ سمهڻ ڪانپوءِ به ماڻهن جي دلين ۾ صدين تائين زنده رهندا آهن، ڇو ته تاريخ جي هر دور ۾ ڪوي ۽ ڪلاڪار قومن جي تقدير مٽائڻ لاءِ انقلاب جو ذريعو بڻجندا آيا آهن.

عظيم ڏاهي ۽ انقلابي اڳواڻ فيدل ڪاسترو جڏهن ڇي گويرا سان گڏ جنرل بٽستتا جي حڪومت خلاف پهرين هٿياربند بغاوت ۾ ناڪامي جو مُنهن ڏٺو هو، تڏهن هُن چيو هو ته ”جيڪڏهن اسان هن انقلابي ويڙهه ۾ ريڊيو اسٽيشن تي قبضي ڪرڻ بعد انهن ڪلاڪارن جون ڪئسٽون هلايون ها، جن انقلابي گيت ڳايا آهن ته ڪيوبا جا ماڻهو اُٿيا تي فوج سان مهاڏو اٽڪائين ها، پر اسان ڪيوبائي عوام جو رَتُ وهائڻ نه پئي چاهيو ۽ پاڻ اڏيءَ تي سِرُ رکي ڪُسڻ واري ڪار قبول ڪئي سين.“

فيدل ڪاسترو جو اهو اقرار ان حقيقت جي شاهدي آهي ته سياست ايتري سگهاري هرگز به ڪونه هوندي آهيء جيتري سگهه گيت ۽ سنگيت کي هجي ٿيء ان جو مثال اهو ئي گهڻو آهي ته خود اسان جي ديس ۾ ڪي آگرين تي ڳڻڻ جيترا سياستدان مس هوندا، جيڪي موت پڄاڻان اڄ به ماڻهن کي ياد هجن، بس هڪڙو ئي ذوالفقار علي ڀٽو آهي جيڪو عوام جي دلين تي اڄ به راڄ ڪري رهيو آهي ته سياڻي به راڄ ڪندو، جڏهن ته سياستدانن جي ڀيٽ ۾ سوين شاعر ۽ سنگيت ڪار اهڙا آهن جيڪي سالن توڙي صدين جي گذري وڃڻ جي باوجود به يادگيرين جي ڪشادن اڱڻن تي رنگين پوپٽن جيان اڏارون ڪندي توڙي گلڙن جيان خوشبوءِ وکيريندي محسوس ٿي رهيا آهن ۽ ابدي ننڊ سمهڻ جي باوجود به موت کي مات ڏئيء امر بڻجي اڄ تائين دلين تي راڄ ڪري رهيا آهن.

ڪي پنهنجي پورءِ ۾ پُٺڪن ٿا، ڪي ڪانيارا ٿي ڪُٺڪن ٿا،
تو چوري چنگ اياز اتي جتِ ڳاڙها ڳيرو ڳائن ٿا.

مهان ڪوي شيخ اياز پنهنجي حياتي ۾ سرمد جي وڇوڙي تي اکين ۾ لڙڪ آڻيندي چيو هو ته ”موت کي ڪوئي ڪئلينڊر ته نه ٿيندو آ، جو هُو سال، مهينو يا تاريخ ڏسي نه ايندو آ“. ۽ پوءِ ٺيڪ هڪ سال ۽ هڪ ڏينهن جي وٿيءَ بعد اهڙي ئي هڪ سيئاٽي واري ڏينهن هوندي به هوائون گهٽيل گهٽيل پئي لڳيون جيڪي جڻ ته ماڪ جا ڳوڙها روئي رهيون هيون. سنڌ جون سموريون مادر علميون ويران ۽ ويڳاڻيون پئي لڳيون، سمنڊ جي سيني ۾ ڪا وڏي آنڌ مانڌ مَتل هئيء سنڌو ٽڪل ٽڪل وهڪري سان اڳتي وڌي ساڌ ٻيلي جي ڪنارن سان ڳلي ملي جڻ ته رنو

پئي، مومل جي ماڙيءَ ۾ رت ٿي رنو. مهين جي آثارن مان هڪ دفعو وري پڙاڏو گونجي اٿيو هو:

وڃو ڪنوِيليو وڃو
وڃي پرينءَ کي چئو
اڃا تہ جاڳ ٿي جلي،
اڃا تہ ويڙهہ ٿي هلي
اڃا تہ گهاوَ تاوَ ۾
لُهو لُهو لڳاوَ ۾
رِڙهي رِڙهي وڙهن پيا
وڙهي وڙهي رڙهن پيا
اڃا ٿيون نہ ماٺڪيون
اڃاتريون اپاٺڪيون
اڃا گهڙي پُني نہ آ
اڃا تہ رات ٿي نہ آ
اڃا پيو جيئان،
اڃا پيو جيئان.

سنڌ کان هند تائين ڌرتيءَ توڙي آسمان جو سڄو ماحول سوڳوار ٿي وڃڻ جي باوجود مهان ڪويءَ جي موت جي خبر تي حواسن اعتبار ئي نٿي ڪيو پر اها اڻ ٽٽائجندڙ حقيقت هئي، مهان ڪوي شيخ اياز دل جي دوري پوڻ ڪارڻ ابدي ننڊ سمهي ڪراڙ جي خالي پيل ٻي ڪپ تي ڀٽائي جي سامهون دفنايو ويو ۽ ڪراڙ ڍنڍ ٻنهي عظيم شاعرن جي وچ ۾ ائين وٺي جوڙي بيني جيئن لطيف ۽ اياز جي دؤرن جي وچ ۾ وقت واري وٿي موجود رهي آهي.

شيخ اياز پنهنجي آتم ڪٿا "ڪٿي تہ پيچبو ٽڪ مسافر" ۾ هڪ پشتو ٽپو ڪوٽ ڪيو آهي:

اي آزادي جا موت، مان توتي خوش آهيان،
غلاميءَ جي زندگي وڏي هجي، تڏهن بہ ان تي لعنت آهي.

شايد تڏهن ئي اياز موت کان هرگز بہ نہ ڊڄندو هو ۽ ڪيترا ڀيرا دل جو دورو پوڻ بعد ڊاڪٽرن جي منع ڪرڻ جي باوجود هن شعر نگر جي راڻيءَ کان ڪڏهن بہ منهن نہ موڙيو پر اُن جي ابتڙ هن پنهنجي حياتيءَ ۾ الوداعي گيت لکي موت کي پنهنجي جيئري ئي مات ڏيڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي ۽ خوشي خوشي موت کي ڀَل لائڻ لاءِ تيار رهندي، ڀٽائي کان موڪلائيندي چيو هو:

چڱو ڀٽائي آئون هلان ٿو.

ڊسمبر 97ع جي اناويهين تاريخ تي مهان ڪوي شيخ اياز جسماني

وڇوڙي جو روپ ڌاري ته ڪٽي اسان کان وڇڙي ويو، پر اڄ به هُو پنهنجن گيتن جي روپ ۾ اسان جي وچ ۾ موجود ئي آهي ۽ سرمد به چڻ ته ساڻس نِوڙي ملي ڪائنس آشيرواد وٺي جيئرو جاڳندو اڄ به اياز جا گيت آلاپي رهيو آهي:

اڄ هر ڪنهن جو هي نعرو آ، تو نينهن اياز نڀايو آ،
تو ڳاتا گيت بغاوت جا، تو لاٿا زنگ زنجيرن جا.

۽ سرمد اياز جي لفظن سان ڪائنرن کي چتاءُ ڏئي ٿو:

اڃا رڃ مان رَڙ اچي ٿي اچي ٿي،
متان ايئن سمجهين مُئا مور سارا.

سرمد ۽ اياز وطن پرست ۽ قومپرست هجڻ سان گڏ انسان دوست به هئا، تنهنڪري اها دعويٰ ڪرڻ اجائي هرگز به نه ٿيندي ته جيڪڏهن ٽيپ رڪارڊر تي سرمد جي پُرسوز آواز ۾ اياز جي گيتن جي گونجار ٿيندي رهي ته ننڊ پيل عوام وري جاڳي، ڪوڙا واعدا ڪري ڦري ويندڙ سياسي نڳن جي ٽولي کي ته ڌڪاري ڇڏيندو، پر ٽولن ۾ ورهايل ۽ هڪ ٻئي متان الزام تراشيون ڪندڙ ننڍڙڪي تي بيٺل قومپرست سياست اڪٽي لاءِ ننڍڙڪي نه رهندي، ڇو ته اياز جي گيتن ۽ سرمد جي آلاپن ۾ سڄاڳيءَ جو سڏ سمايل آهي، جيڪو آفيم ۽ ڀنگ جي نشي ۾ غش ٿيل ۽ ڪارو ڪاريءَ جي ڪڌي رسم جي قيد ۾ عُمر قيد جهڙي سزا ڪاٽيندڙ هن قوم جون مڙئي سزائون معاف ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي، تڏهن ئي ته خود اياز شايد سرمد لاءِ چوي ٿو:

وڏا وڙ ڪيا ٽڙ پلي آئين چارڻ،
جڏا جيءَ جاڳي پيا او جيارا.

توکان پوءِ ڪير اسان جي سپرين لهندو سار؟!

ڏس ڏور ڪٿي ڪنهن مل منجهان،
آواز اچي پيو ٿو گهنڊ جو،
۽ دونهون پري ڪان چمنيءَ جو،
پيو مون ڪي پنهنجي طرف ڇڪي.

27 ڊسمبر جي لهندڙ سج جا پاڇا بہ الائي ڇو ويڳاڻا ويڳاڻا هئا، ماڻهن جي سمنڊ منجهان ڪنهن هيڪلي وجود کي سنڌ جي بيجل سرمد جو آواز الائي ڇو پڙاڏو بڻجي گونجندي محسوس ٿيو هو، شايد ان لاءِ تہ پنڊيءَ جي لياقت باغ ۾ ان ويلي پورب جائي سنڌ جي نياڻي ۽ ٻن شهيد ڀائرن جي ڀيڻ، شهيد ڀُٽي جي لاڏلي ڪڪي پنڪي پنهنجي جذباتي تقرير ۾ مٿئين شهر جهڙو ئي اظهار ڪيو هو، جنهن اظهار جي اقرار مهل هن جي غريب عوام سان محبت ۽ جذباتي ويجهڙائي وارو جذبو شدت سان سامهون آيو هوندو ۽ ان شدت گهڻن ماڻهن کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو هوندو تہ آخر لاڙڪاڻي جي مٽي ۾ خلقڻهار ڪهڙي جادوگري يا سگهہ رکي آهي، جو ان مٽيءَ عوام کي اهڙا ليڊر پيدا ڪري ڏنا آهن جن پنهنجي عوام کي سهنجن ڏيڻ جا خواب پنهنجي نيڻن ۾ سجائي خود اڙانگن پيچرن تي هلي، هر صورت ۾ پنهنجي خواب کي ساپيائڻ جو ويس اوڍائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندي ديس توڙي ديس واسين جي سُکن ڪاڻ جان جو نذرانو ڏيڻ کان بہ نہ ڪيٻايو آهي. شهيد ڀٽو کي قيد جي سعوبتن ۾ رکندي ۽ سندس خاندان مٿان ظلمتن جا پهاڙ ڪيرائيندي هڪ آمر هٿان جنهن ريت ڀٽو خاندان جي فردن کي هيسايو ۽ ستايو ويو تہ اهڙي صورت ۾ ڀٽو شهيد جي گهر جون هيسيل عورتون ممڪن آ ائين ڪن ها جو اهي خاندان جي باقي بچيل مردن کي جيئرو ڏسڻ جي آس پاليندي انهن کي ڪاريهر جي ڏر مٿان پير رکي گذرڻ واري هن راهہ تان لنگهڻ کان بہ روڪين ها ۽ شهيد ڀٽو جي خانداني ملڪيت جيڪا ايتري تہ گهٽي آهي جنهن سان سمورو خاندان عيش عشرت سان حياتي گهاري ٿي سگهيو، تنهن ملڪيت جي اُپت مان پرڏيهہ ۾ ويهي بہ عيش عشرتون ماڻين ها. پرعوام سان پيار واري جذبي ڀٽو خاندان کي عوام کان پري رهڻ کان روڪي رکيو ۽ شهيد عوام جي حلالي پُٽن سميت شهيد جي بهادر نياڻيءَ کي هڪ اهڙي موڙ تي آڻي بيهاريو جتي هن کي اهو سوچڻو پئجي ويو هو تہ:

هڪ راهه ڪارزار آ، هي وات پيار ئي پيار آ
آڏو اٿر ۾ واٽـون، ڪـيڏي لڙي لڙان مـان.

آخر شهيد بابا جي ننڍڙڪي تي ويل ڪاروان کي منزل تي پهچائڻ جو خواب نيڻن ۾ سانڍي شهيد جي نياڻيءَ خاردار رستي تي پير ڌري اڳتي وڌڻ شروع ڪيو هو. جنهن رستي تي هلندي هن ڄاتو ٿي ته ڪيس ٽُٽل شيشن ۽ ٻاٻرن ڪنڊن سان پير رتوڇاڻ ڪرڻا پوندا پر ان رستي جي ڪنارن کان بيٺل ابوجهه عوام مٿس محبتن جا گل به اڇلايا ۽ پيار مان هٿ اُڀا ڪري ٿنهڻ جي وقت مٿس ڇانورو ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي جنهن سبب کيس اهو احساس ٿيڻ لڳو:

هونئن ته مٽيءَ جي ڇپٽي آهيان،
جيـــئي ديـــس ته ڌرتـي آهيان.

ان احساس شهيد جي نياڻيءَ جا حوصلا ايترا ته بلند ڪيا جو سنڌ ڌرتي جي بهادر نياڻي ۽ پاڪستاني عوام جي دلين تي راڄ ڪندڙ سنڌ راڻي بينظير ڀٽو کي پنهنجي ٻن شهيد ڀائرن جا لاش وصول ڪرڻا پيا، پر تنهن به هن جُهريل جيءَ کي آٿت ڏيندي سمجهايو ته هن جو مرڻ جيئڻ عوام لاءِ آهي ۽ هوءَ تيستائين عوام سان پنهنجو ڳانڍاپو ختم نه ڪندي جيستائين کيس موت نتو ماري وجي. شهيد جي نياڻي ته اڪثر اهو به چوندي رهي هئي ته جيڪڏهن شهيد ڀُٽي ۽ شهيد جي ٻنهي ڀائرن جيان هن کي به حياتيءَ جو نذرانو ڏيڻو پيو ته هوءَ هرگز پوئتي پير نه هٽائيندي ۽ هن پنهنجي اها دعويٰ اُئين پوري ڪري ڏيکاري جو جلاوطني جي حياتي گهاري سالن پڄاڻان جڏهن ڏيهه وري ته سندس عوامي مقبوليت کان ساڙ ڪائيندڙن پنهنجي سياسي موت کان خائف ٿي محترمه بينظير ڀٽو جي جمهوري ڪاروان مٿان ڪراچي ۾ حملو ڪري، ڪارساز سانحي کي جنم ڏياريو. جنهن سانحي ۾ سوين بيگناهن جون حياتيون اجل جو شڪار بڻيون. پر هڪ طرف عوام پنهنجي چاهت ۽ پ پ سان لڳاءَ جو ثبوت ڏيندي محترمه بينظير ڀٽو جو ساٿ نه ڇڏڻ جو واعدو ڪري رکيو هو ته ٻئي طرف بينظير ڀٽو به عوام سان ساٿ ڳنڍيي رکڻ وارو پنهنجو واعدو نڀائيندي رهي تان جو دشمنن پاران ڌمڪين ڏيڻ ۽ حڪومت پاران سندس حياتي کي خطرو هجڻ وارا خدشا ڏيکارڻ جي باوجود به هن عوامي رابطا نه گهٽايا ۽ عوام جي وچ ۾ پهچي عوامي ميڙاڪن کي خطاب ڪندي رهي. 26 ڊسمبر 2007ع تي جيتوڻيڪ پشاور ۾ سندس جلسي گاهه اندر خودڪش حملي لاءِ تيار ٿي ايندڙ هڪ بمبار کي گرفتار ڪيو ويو پر پوءِ به سندس حوصلا پست نه ٿيا هئا ۽ هن راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ رکيل جلسي گاهه ۾ پهچي عوامي ميڙاڪي سان مخاطب ٿيڻ کي اوليت ڏني.

راولپنڊي جو نالو ۽ حوالو الائي ڇو ملڪ لاءِ هڪ ڪاري باب جو اهڃاڻ ٿي ويو آهي. شايد ان لاءِ ته پاڪستان جي پهرئين وزيراعظم لياقت علي خان کي به پنڊيءَ جي جلسي گاهه ۾ شهيد ڪيو ويو هو ته لاڙڪاڻي جي مٽيءَ ۾ اونداهي رات دفنائجڻ لاءِ پهتل شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو

مڙھ بہ پنڊيءَ مان تحفو ڪري موڪليو ويو ھو ۽ ان لاءِ اھو چئي سگھجي ٿو تہ پنڊي مان ئي ملڪ کي تاريڪين جا تحفا ڏئي اونداھين طرفان ڌڪيو ويندو رھيو آھي. پر پوءِ بہ ڪنھن تي ڄاتو تہ ھينئر ڇا ٿيڻو آھي ۽ پلا ڪنھن کي اھو احساس بہ آخر ڪيئن پئي ٿي سگھيو. ھيڏي سيڪيورٽي ھوندي، سيڪيورٽي جون وڏيون دعوائون ڪندڙن جي پروسي وارو پرم ھيئن ٽٽي ويندو ۽ قاتل بي ڌڙڪ اچي عوام جو عظيم ليڊر جي روپ ڌاريل عوامي آسن ۽ امنگن کي سرعام قتل ڪري، عوام دشمن قوتن جي ڏپ ھاٿن واتن آڏو ڪاميابي جو پيانڪ جام ڇلڪائڻ لاءِ رکي ويندو ۽ بينظير پٿو ڪلندي ڪلندي اسان کان موڪلائي ويندي.

ڪٿي خبر ھئي ڪا رات راتي مرڪ ھاٿي وڃائي ويھندي،
لھوءَ جو ڳاڙھو ڪفن سجائي لڙڪ اسان کان لڪائي ايندي.

اوچتو ئي اوچتو الائي ڇا ٿي ويو، منظرن جا رنگ مٽجي ويا، جيئي پٽو جا نعرا روح راڙي ۾ بدلجي ويا، امن جي جھنڊي مٿان رت جا ڇنڊا ڪريا ۽ گل مرجھائجي پيلا ٿي ويا.

ڄڻ نظر لڳي وئي ھن گھر جي بھارن کي،
ڪو نانگ سراپي ويو نت نينھن نظارن کي.

نينھن جا نغارا اوسارا بڻجي ويا، شھيد جي نياڻي جي شھادت واري خبر ٻڌڻ سان دماغ ۾ ھوبھو اھڙا ٺڪاءَ ٻڌجي رھيا ھئا جھڙا ٺڪاءَ شايد شھيد جي نياڻي تي ھلندڙ گولين ۽ آپگھاتي حملن ۾ ڦاٽندڙ بم جا ٿيا ھوندا. ھر ماڻھوءَ جي اک آلي ٿي وئي، ڪنھن کي بہ يقين نہ ٿي آيو تہ ڪو ائين بہ ٿي سگھي ٿو پر اھا حقيقت نيٺ ھر ڪنھن کي ميڃڻي پئي ماتم مچي ويو، اوسارن جا آواز گونجڻ لڳا.

آڪاش ڏنو روئي ڇا ٿي ويو ستارن کي،
خاموش فضا ۾ ڪو گھائي ويو بھارن کي.

موئن جي دڙي روئي رڙي آھون ۽ دانھون پئي ڪيون ۽ شھيد نياڻي جي بيگناھ موت تي ڄڻ پٽائيءَ کي ميارون ٿي ڏنيون جن ميارن جو آواز اڃا بہ گونجي ٿو.

جنھن رات ۾ تو ٿي بيت چيا،
سا رات اڃا پي ڪاري آ،
۽ سج ڏنگايون ڪونہ ڇڏيون،
اڄ رات رتو آ رت ڦڙو،
ھي تارا سور پيئڻ ٿا پيا،
۽ سوريءَ گيت چڙھن ٿا پيا،
ھي سرڙا تنھنجا اوسارن،
تون ڪيڏو ڏور ھليو ويو آن؟!

پورب جائيءَ جي شھادت کان ڪجھ گھڙيون اڳ جن ماڻھن ڪيس

ويجهڙائي کان ڏنو ۽ سندس نعرن جي موٽ ۾ زوردار نعرا هڻي منيون يڪوڙي چپن تي مرڪن جا پوپٽ ٽي ويهاريا، انهن اوچتو مڙي آيل طوفاني ڪارن بادلن کي ڏسي ڇا محسوس ڪيو هوندو؟! اهو احساس ڇگي ريت ڄاڻڻ جي قوت تہ اسان وٽ ناهي البتہ انهن جا ڪجھ احساس هن ريت ضرور رڙيا رنا هوندا.

توڪان ٽيندي ڏار، ڪلندي ڪلندي يار،
لڙڪ لڙي پيا لار ڪري....

۽ انهن سيني پاڻ کي يتيم ٽيندي محسوس ڪيو هوندو بلڪل ائين جيئن اڄ سنڌو ماٿا جو هر فرد سياسي لاڳاپن جي زنجيرن کان آزادي ماڻي، نير ڳاڙي بينظير ڀٽو شهيد جي وڇوڙي تي پاڻ کي ائين اڪيلو محسوس تو ڪري ڄڻ هن جو هن ماڳ ۾ هاڻي ڪجھ بہ ناهي بچيو ۽ سندس چپن تي ازخود اهي لفظ تري تا اچن.

نہ ڪوئي منهنجو ماڳ آ، نہ ڪوئي آ منهنجو مڪان،
نہ ڄڻ هي منهنجي ڌرتي آ، نہ ڄڻ هي منهنجو آسمان،
نہ ڄڻ هي منهنجي نگري آ، نہ ڄڻ هي منهنجو آستان،
ڄــڻ هــجان تــاريخ جي مان لاش جو ميرو ڪفن.

اهو سچ آ تہ سنڌي قوم سياسي طور لاوارث ٿي چڪي آ، بينظير ڀٽو جيڪا سنڌي عوام لاءِ آڌت هئي، سڪ جي ملڻ جي علامت هئي، اها آڌت، اها علامت ڪائنڻ کسي وئي آهي، تنهن ڪري بينظير ڀٽو شهيد سان جذباتي لڳاءُ رکندڙ ڪارڪن اکين ۾ لڙڪ ۽ اندر ۾ ڪاوڙ جا الاءَ ڪٽي روڄن تي نڪري آيا، ائين ٿو لڳي ڄڻ هر نوجوان توڙي ٻڍي جي اها خواهش هجي تہ:

مان ڪسجان تنهنجي راهن ۾ منظوري آ منظوري آ.

جذباتي ڪارڪنن طرفان شهرن ۾ ٻيج ڌاهه ڪئي ويئي گاڏيون ساڙي سرڪاري عمارتن کي نقصان رسايو ويو آهي. انهيءَ آڙ ۾ ڪجھ شرپسندن ٻاهر نڪري ٻڌنڪن مان ڦرلٽ بہ ڪئي تہ قومي اثاثن ۽ آثارن کي نقصان بہ رسايو. ريلوي اسٽيشنون ساڙيون ويون ۽ 48 کان مٿي حياتين کي نقصان پهتو تہ ڪيترائي ماڻهو زخمي بہ ٿيا. بهرحال گهڻا جذباتي ڪارڪن پنهنجي آپي کان نڪري ويا ۽ ڌرتي چوڏس ٻري اٿي.

هــن لال لهوءَ جي سرگم تي،
ٿي ڌرتي منهنجي رقص ڪري.

آسمان دونهاٽيل، شهر ويران ٿي ويا، پوليس ۽ رينجرس جو گشت، ڪافي هنڌن تي ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو، پر ان سان محض ٿوري وقت لاءِ ماڻهن کي قيد رکي سگهجي ٿو،انهن جو جهوراٽو ختم نٿو ڪري سگهجي. انهن جي ڦٽن تي پها نٿا رکي سگهجن.

هــت جند ٿي ہري پئي، هت سنڌ ٿي سڙي پئي،
هت اک ٽمي ڳڙي پئي، هُت قوم ٿي ڪڙهي پئي.

شهيد جي نياڻي جي شهادت جو جهوراڻو گهٽائڻ لاءِ حڪومت کي حقيقي اقدامات کڻڻ جي ضرورت آهي، ان لاءِ حڪومت جو پهريون فرض اهو هجڻ گهرجي پر غيرجانبدار طريقي سان جانچ جو دائرو وڌايو وڃي ۽ ڏنو وڃي ته بينظير ڀٽو جي شهادت سان آخر ڪهڙين سياسي ڌرين کي فائدي رسڻ جا امڪان آهن ۽ اهي ڌريون ئي بينظير ڀٽو جي شهادت ۾ ملوث ٿي سگهن ٿيون.

قوم کي اهو گهرجي ته اها صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺي شهيد ڀٽو توڙي شهيد بينظير ڀٽو عدم تشدد واري سياست ڪندڙ عوامي ليڊر آهن، جيڪي جسماني طور ڀلي ڪٽي اسان کان ڌار هُجن پر هو زنده آهن ۽ ايندڙ نسلن جي دلين ۾ به زنده رهندا.

اسان جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي،
ته مـــاٺيندا مــنزل سندا ڏول ڏاٽي.

ته پوءِ هاڻي سمجهڻ گهرجي ته درست نموني سان پلئه ڪرڻ جو عوام وٽ صحيح رستو اهو هرگز به ڪونهي ته رستا روڪ ڪري احتجاج ڪري بيمارن کان علاج جون سهولتون کسيون وڃن، ٻارن کان کير کسيو وڃي ۽ پنهنجن اثاثن کي باهيون ڏئي خاڪ بڻايو وڃي يا اهو ڏسندي به ته هاڻي ملڪ يتيم ٿي ويو آهي باقي ڪوبه سياستدان اهڙو ناهي بچيو، جيڪو هن ملڪ جي ڪمزور معيشت کي سگهارو بڻائي سگهندو. اهڙي صورتحال ۾ ان ملڪ جي معيشت کي هٿ سان برباد ڪرڻ پنهنجن هنن عظيم ليڊرن جي خواهشن ۽ خوابن کان انحرافي آهي، جڏهن ته بدلي وٺڻ جو صحيح رستو اهو آهي ته عوام ووٽ جي سگهه استعمال ڪري شهيد پُٽي ۽ شهيد نياڻي جي حقيقي سياسي وارثن کي ايوانن ۾ پهچائي اقتدار ڏياري، شهيد پُٽي جي خاندان وارن سمورن شهيدن جا سمورا ڪيس کولرائي اصل حقيقتن تان پردا هٽرائي.

آخر ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي پورب جائي نياڻي شهيد بينظير ڀٽو کي خراج پيش ڪندي ۽ قوم سان ڏک ۾ برابر جو شريڪ رهندي ڪوي جا هي لفظ ورجائبا:

تنهنجي اکين ۾ اداسي ڇاجي، آڙي او شاعر اڙي او باغي،
اجا ته ڪوڙين ڪليون به ٽڙنديون، سنتوءَ جي مٽي ڪلر نه ٿي آ.

ها اجان ڀٽو جو نانءُ زنده آ، پورب جائي پنکيءَ جو نالو زنده آ ۽ اهي سيئي نالا زنده رهندا جن مان جمهوريت جون ڪروڙين گلاب ڪليون نيٺ ٽڙي خوشبوءِ وکيرينديون.

شروعات _ ھتان ٿا ڪريون!

دنيا جي تاريخ ساز شخصيتن مان نيلسن منڊيلا مون کي نهايت گهڻو پسند آهي. اهو متان ان ڪري به هجي جو هڪ ته هُو شيدي نسل وارو غلام رهيو آهي ۽ مون کي آئيني سامهون بيهندي پنهنجو رنگ به اڪثر ڪارو نظرجندو آهي، جڏهن ته منهنجا وڏا به صدين کان غلام رهندا آيا آهن. ڪڏهن انهن ارغونن ۽ ترخانن توڙي مغلن جي غلامي ڪئي آهي ته ڪڏهن انگريزن جا غلام رهيا آهن ۽ مان وري اڄ به حالتن جو غلام آهيان. ٻيو ته نيلسن منڊيلا مون کي دنيا جو منفرد انقلابي ليڊر نظرجندو آهي، جنهن آزادي ماڻڻ ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ بعد هڪ سال کن جي اندر ئي اقتدار کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته هُن جو مقصد رڳو پنهنجي قوم جي خودمختيار آزادي کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هيو، يعني هُن جي ڪيل جدوجهد اقتدار جي حاصلات لاءِ هرگز به نه هئي، تڏهن ئي ته هُن گهڻن ليڊرن وانگر واڳونءَ وارا ڳوڙها ڳاڙي قوم جي اجڙيل نصيبن تي ماتم ڪرڻ وارو ڊرامو رچائيندي اها دعويٰ هرگز به نه ڪئي ته رڳو هن جو اقتدار ۾ رهڻ ئي ملڪي ترقي جي ضمانت آهي، ان لاءِ هن جو اقتدار ۾ رهڻ لازمي آهي ۽ پوءِ ان آڙ ۾ هُن پنهنجي ملڪ کي وڏيڪ بدحاليءَ طرف ڌڪيندي بدحالي جي پيانڪ نقشن کي به خوشحالي جا نقش قرار ڏيندي نه ئي ملڪ جو خزانو تاحيات لُٽڻ جي خواهش من ۾ پالي، نه ئي مرڻ گهڙيءَ تائين اقتدار جي ڪرسيءَ کي چنبڙيو رهڻ جي ڪا خواهش ڏيکاري، پر هي دنيا جو شايد پهريون انقلابي اڳواڻ آهي، جنهن خود ئي باعزت نموني ۽ پنهنجي حياتي دوران اقتدار کان ڌار ٿي پنهنجي حاصل مقصد سان ايڏي سچائي ڏيکاري آهي، اهو شايد ان ڪري به هجي ته هنن ڪاريءَ چمڙيءَ وارن ۽ گورن توڙي سانورن ۾ ڪٽڪ رنگن جي وچ ۾ رنگن واري فرق سان گڏ سوچن جو به فرق آهي يا وري اهو به ممڪن آهي ته شيدين جي ديس ۾ نهنڌڙ اقتداري ۽ ڪامورڪي ڪُرسين ۾ شايد اها چمڪ ۽ ڪرامت شامل ئي ناهي جيڪا انهن جي من ۾ ڪُرسي سان چُنبڙيو رهڻ واري خواهش جاڳائي سگهي.

مون وارو دوست مجنوٰ موالي جيڪو گهڻن ڏينهن کانپوءِ هٿ ڏيهه وريو آهي، ڪجهه وقت لاءِ پرڏيهي دوري تي هليو ويو هو جنهن دوري دوران هُو دبئي جي شيخن ۽ سعوديءَ جي بادشاهن جو مهمان به رهيو ته برطانيا ۾ ملڪه الزبيٿ ۽ واشنگٽن ۾ ان وقت جي آمريڪي

پرڏيهي وزير ڪونڊوليزا رائيس سان به چار ڪلاڪ گهڙيون چنڊ جي چانڊوڪي ۾ کليل آسمان هيٺان بيٺڙ پيئندي گذاري آيو آهي. انهيءَ ياترا دوران هو آفريڪا جي هڪ گهاٽي جهنگ ۾ رُلندي رُلندي ڀٽڪي وڃي هڪ اهڙي شينهن جي سامهون پهتو هو جيڪو ڪجهه ڪجهه حيراني ۽ پريشاني ۾ مبتلا هو. مجو موالي جڏهن شينهن کي ٻڌايو ته موالي جي ماس مان شينهن جي بُک ختم ناهي ٿيڻي، پر رهندو سندس وات ۾ چرس جي ڏپ ٿي ويندي ته شينهن ويتر پريشان ٿي ويو ۽ هُن مجو موالي جي اها ڳالهه مڃي ورتي ته موالي مڙس جي جان بخشي عيوض هو سندس معرفت آمريڪي امداد قبول ڪري ٿو. اهڙي ريت مجو موالي سان دوستي ڪندي شينهن شهنشاهه مجو موالي کي اهو راز به ٻڌايو ته هُو ان جهنگ واري رياست جو بادشاهه آهي ۽ هن جي دل ته گهڻو ئي چوي ٿي ته پاڻ هاڻي اجائي ڊڪ ڊوڙ ۽ جاکوڙ ڪري هرڻن ۽ ٻين ڳگدام جانورن جو شڪار ڪرڻ واري عمل تان رٽائر ٿي وڃي ۽ پوءِ هيرا ڦيري ۽ پينشن مان ملندڙ حصي تي گذران ڪري، پر هُن کي خوف آهي ته بادشاهت تان رٽائر ٿيڻ کانپوءِ جهنگ جا بگهڙ جن جو القاعده سان تعلق آهي، اهو سمجهندا ته شينهن ڪمزور ٿي ويو آهي، تنهنڪري ڪيس شڪار ڪري ويندا. ان ڪري پوڙهو شينهن رٽائر ٿيڻ واري خيال کان ئي ڏکي وڃي ٿو، پر معصوم هرڻن توڙي شينهن بادشاهه جي دٻدٻي ۽ عتاب ۾ رهندڙ جهنگ جي ٻين سيني جانورن جي دلي خواهش آهي ته هاڻي ان پوڙهي شينهن کي رٽائر ٿيڻ گهرجي، جنهن جي مقابلي لاءِ بگهڙن القاعده ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي. بس جهنگ جا سيئي ڳگدام جانور هاڻ اهو چاهين ٿا ته شينهن رٽائر ٿي وڃي، جيتوڻيڪ اهي هرگز نٿا چاهين ته هن شينهن بعد بادشاهت تي ڪو خونخوار شينهن يا چيتو به قابض ٿي سگهي ٿو، جيڪو بگهڙن جو ساٿاري به ٿي سگهي ٿو پر تبديليءَ لاءِ واجهائيندڙ اهي ويچارا ڳگدام هر صورت ۾ ان آس تي تبديلي جا خواهشمند آهن ته من هي ڏهڪاءَ وارو ماحول مانارو ٿي ۽ ٻاهران سندن طرف وڌندڙ شڪاري ڪتن جون پٺونڪون ۽ شڪارين جي هٿن ۾ ڪنيل خونخوار هٿيارن جا نڪاءَ به بند ٿين.

اسان جي ڏيهه ۾ واقع جهنگلن اندر اول ته مذڪوره شينهن جهڙا شينهن آهن ئي ڪونه پر جي آهن ته اهي به ٻنهه گهٽ آهن جڏهن ته هتي مذڪوره شينهن جهڙي صفت رکندڙ شڪاري سياستدانن ۽ ڪامورن جي ڪابه کوٽ ناهي جن جو دٻدٻو به آهي ته اهي ڪرسين کي ائين چنبڙي ٿا پون جيئن چئورون ڳگدام جانورن جي کلن سان سندن رت چوسڻ لاءِ چنبڙي پونديون آهن. خبر ناهي الائي ڪهڙي طلسمي طاقت سمايل آهي انهن ڪرسين ۾ جو انهن مٿان هڪ دفعو ويهندڙ جون اکيون نوٽن جي چمڪ مان

ڏاپيو ناهن ڏاپنديون، جيتوڻيڪ هتي سروس لاءِ پنجويهه سال سروس پيرڊ يا سٺ سال عمر مقرر آهي پر اسان جا ڪيترائي ڪامورا وري ڪانٽريڪٽ تي مقرري ڪرائڻ واري راند اڪثر ڪٽيندا رهندا آهن، تان جو اهي ڪيترا پيرا ڪانٽريڪٽ وڌرائڻ ڪانپوءِ به ڪاموڪي ڪرسي تي ويهڻ کان ٿڪجن ئي ڪونه ٿا، شايد انهن کي اهو ڊپ وڪوڙي ٿو وجي ته گهرن ۾ ويهي زالن جون چڙٻون سهندي سهندي ڪٿي جوان پٽن ۽ ننهن هٿان ايئرڪنڊيشن ڪمرن مان تڙيا نه وڃن. ان لاءِ اهي آخري پساهه به ڪاموڪي ڪرسي تي پوري ڪرڻ جا خواهشمند هوندا آهن ۽ ان خواهش جي پورائي لاءِ ضميرن جي نيلامي واري منڊيءَ ۾ ردي مال طور وڪامي وڃڻ لاءِ به تيار ٿي ويندا آهن، نتيجي ۾ هو اهو ڪجهه به ڪري ويندا آهن جيڪو عمل تاريخ لاءِ ناسور ۽ قومن لاءِ شرمندگيءَ جو باعث بڻجي ويندو آهي.

حيرت جي ڳالهه اها آهي ته اسان جي ديس ۾ سياسي توڙي ڪاموڪي سوچ گهڻي ڀاڱي رڳو پنهنجي ذات جي فائدي ۽ تسڪين لاءِ محدود رهندي آئي آهي، جنهن ڪري نوڪرين جي ورڇ کان وٺي ترقياتي ڪمن توڙي سالياني بجيٽ ۾ ٽينڊر سرڪاري اعلانن ۾ گهڻي کان گهڻو فائدو انهن وزيرن، مشيرن ۽ ڪامورن پنهنجي حصي ۾ ئي پئي ورتو آهي. هتي سرڪاري گاڏين جي استعمال کان وٺي سرڪاري گهرن ۽ پلاٽن جي الاٽمينٽ به انهن ڪامورن کي ئي ٿيٺي آهي ته سرڪاري خرچ تي علاج جون سهولتون به انهن کي ئي مليل آهن، اهي سياستدان ۽ ڪامورا توڙي سندن گهر ڀاتي ته واشنگٽن ۽ لنڊن مان به علاج ڪرائي سگهن ٿا پر مڊل ڪلاس جي فردن ۽ سرڪاري ملازمن کان ته سرڪاري اسپتالن جا ڌڪا کائڻ بعد ملندڙ پيناڊول سيرپ واري سهولت به کسڻ جا سانباها پيا ٿين. تازو ئي سنڌ راڻي بينظير ڀٽو جي شهادت پڄاڻان ملڪ ۾ اٿيل وڳوڙي طوفان جو بهانو ناهي سرڪاري اسپتالن ۾ مسيحائن جي ڊريس پائي وينل ڪجهه ڪاسائين جهڙن ڪردارن دوائن جي هٽرادو ڪوٽ ڏيکاري جڏي آهي، ايتري تائين جو ڪجهه هنڌن تي هيپاٽائيٽس سي ۽ بي جي ويڪسين جي ڪوٽ ڏيکاري ڪيترن مريضن کي ويڪسين ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو آهي، نتيجي ۾ پهچ رکندڙ ۽ سرندي وارا ماڻهو ته وري به انهن ڊاڪٽرن کان اڌ قيمت ادا ڪري سندن ڪلينڪن تان علاج وٺي رهيا آهن پر بي پهچ ماڻهو ان علاج کان محروم ٿي پنهنجين حياتين کي داءَ تي لڳائڻ لاءِ مجبور آهن. ڏنو وڃي ته اهي ويڪسين جيڪي وزيراعظم پروگرام تحت ڏنيون ٿيون وڃن اهي حڪومت پاڪستان کي گهڻي ڀاڱي ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن کان امداد ملنديون ،هن ٿيون، پوءِ به آخر ملڪ ۾ پيدا ٿيل عارضي وڳوڙن جو بهانو بڻائي، ويڪسين جي ڪوٽ ڇو ٿي ڏيکاري وڃي؟ جڏهن ته ملڪ ۾ چند

سرڪاري اسپتالن ۾ ئي وڏيرين نقصان ڪيو آهي، باقي اسپتالون ته محفوظ ئي رهيون آهن پوءِ آخر ڇا لاءِ ڪيترن ئي علائقن ۾ هڙادو ويڪسين ڪوٺ پيدا ڪئي وئي آهي؟ شايد ان لاءِ ته اها اسان جي نفسياتي عادت ٿي وئي آهي، اسان ماڻهو ته ڪوبه موقعو هٿان وڃڻ نه ڏيندا آهيون ۽ هي موقعو ته وري اهڙو موقعو هو جنهن مان ڪيترن ادارن جي عملدارن ڊرامائي انداز ۾ پاڻ ئي پيچ ڊاهه ڪرائي ڪرپشن ثبوتن جو خاتمو به آندو ته ڪيترائي فائدا به ورتا. پوءِ آخر صحت کاتو به هڪ قدم ڇا لاءِ پوئتي رهي ها جو اها ڪوٺ نه ڏيکاري؟ هونئن به سنڌ جي صحت کاتي جي ڪارگذاري هميشه کان ساراهه جوڳي ئي رهي آهي، اها صحت کاتي جي ڪارگذاري ئي ته آهي جو هڪڙي ڊسپوزل ڏهن مريضن تي استعمال ڪرڻ واري روايت قائم ڪندي هن اداري ملڪ کي لکين مريض هيپاٽائيٽس سي ۽ بي جا تحفو ڏنا آهن ۽ سوين بي پهچ مريض اسپتالن جا ڌڪا کائي بيمارين ۾ ڇڙي ڳري رهيا آهن ته موت جو کاڄ به بڻجي رهيا آهن. ڪيئي مريض آهن جن جي اسپتالن ۾ ساهه ڏيڻ جون خبرون ان لاءِ رپورٽ نٿيون ٿين جو اهي سرويچ ۽ دلبر ناهن. جڏهن ته اهڙي صورتحال ۾ دلبر چانڊيو ڪانپوءِ سياڻي ڪنهن بڻي جو به وارو اچڻو آهي. سنڌ جي عام ماڻهن تورڙي ذات ڏٺين جي کابه واهر ٿيڻي ناهي ڇو ته اسان جا ذات ڏٺي خود به انفرادي فائدن وٺڻ لاءِ جاکوڙيندڙ آهن. سنڌ جي اسپتالن مان ڪجهه اسپتالن سان منهنجو به جڙ تعلق ڳنڍيل رهيو آهي ان حوالي سان خيرپور جي ليڊي ولنگٽن اسپتال سان منهنجي يادگيرين جو سڳو ان لاءِ ڳنڍيل آهي جو اتي منهنجو لخت جگر ”علي راول“ ٻارڙن جي هڪ ڊاڪٽر پاران اختيار ڪيل لاپرواهي ڪارڻ موت جي راڪاس هٿان اسان کان کسجي ويو هو، جڏهن ته لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال سان منهنجون ڪيترين ئي يادگيريون وابسته آهن جن جي ڪري لاڙڪاڻو شهر مون کي پنهنجو پنهنجو لڳندو آهي.

لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو جي جادونگري ۾ وسندڙ سيئي نينگريون ڪوهه ڪاف ديس جي پرين جهڙيون آهن، الائي نه؟ پر اتي جي زيتوني باغن جي حسناڪين تي موهجي ڪيترين ئي ڪوهه ڪافي پريون اتي اچي لهنديون ضرور هونديون ۽ اتي ايندڙ ڪوهه ڪافي يا ڌرتيءَ جي پرين مان ڪا هڪ پري اهڙي به ضرور هوندي جيڪا سيني کان سُندر حسينا هوندي جنهن جي هڪ جهلڪ پسي هو سانورو نينگر موهجي پيو هوندو ۽ هن جي چپن جي سرزمين مان شاعري جا گل ڦٽي پيا هوندا جن ۾ ان حسينا جي خوشبوءِ سمايل ڏسجي ٿي، جنهن ڪري سعيد سڄي سنڌ ۾ مشهوري ماڻي آهي. هونئن ته سعيد ميمڻ منهنجو گهاٽو دوست ناهي پر ذات ڏٺي تورڙي منهنجي لاڏلي دوست ساجد سنڌي جو دوست هجڻ جي

ناتي هُو بہ چڻ تہ مون کي پنهنجو پنهنجو لڳندو آهي. سعيد سان منهنجي پهرين ملاقات خيرپور ۾ ٿي هئي، جتي هُو شاهہ لطيف يونيورسٽي جي علامہ آءِ آءِ قاضي هال ۾ ٿيندڙ هڪ پروگرام ۾ آيل هو. هن سان گڏ قاسم ڪيهر بہ هو، پوءِ پروگرام ختم ٿيڻ بعد مظهر ابڙو، ممتاز بخاري، شوڪت نوناري ۽ مون لطيف ڪالوني ۾ ممتاز بخاري جي ڪرائي تي ورتل هڪ ڪمري جي جاءِ ۾ ويهي سعيد سان ڪچهري ڪئي هئي. سعيد ڪوڙ سارا پنجڪڙا ٻڌايا هئا، جن مان هڪ پنجڪڙي جي پهرين سٽ مون کي ياد آهي:

"هُن پنهنجي شاعري ساڙي ڇڏي."

ها! هي البيلو شاعر الائي جي ڪهڙين حالتن سبب پنهنجي شاعريءَ جي موڙيءَ کي باهہ حوالي ڪري چڪو آهي پر اهو تہ اسان سوچيو ئي نہ هُيو تہ ڪنهن ڏينهن حالتون هن سانوري شاعر کي ڪنهن اهڙي موڙ تي آڻي بيهارينديون جتي هن جا گهڻا دوست بہ هن کي اڪيلو ڇڏي ويندا. هن سان ڪمپني ڪرڻ کان لنوائيندا، ڇو تہ سعيد جي انهن دوستن کي اهو وهم وڪوڙي ويندو تہ ڪٿي سعيد ڪانئن ڪا مدد نہ طلبي وٺي. پر اهي الائي ڇو اها ڳالهہ وساري وينا آهن تہ سعيد جڏهن هڪ حسينا کان پيار جي بدلي پيار جي خيرات نہ گهري آهي تہ آخر ڪيئن ڪنهن دوست کان همدردي طلبي سگهي ٿو؟ البتہ اهو فرض تہ سندس انهن دوستن مٿان عائد ٿئي ٿو تہ اهي پنهنجي هن دوست لاءِ اهو ڪجهہ ڪن جيڪو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا. پر حيرت جي ڳالهہ آهي تہ پارٽ ٽائيم ۾ رڪشا هلائي زندگي جي مشڪلن سان مهاڏو اٽڪائيندڙ هي پرائمري استاد، سانورو شاعر جڏهن سخت بيماري جي چنبي ۾ جڪڙجي چڪو آهي، تڏهن ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ادبي تنظيم ادبي سنگت سنڌ توڙي سنڌ جا سرنديءَ وارا اديب پڻ هن کي ذاتي طور ڪا مدد ڏيڻ يا سرڪاري مدد ڏيارڻ کان تہ ڪن لاتار ڪري ئي رهيا آهن پر سنڌ جا پنجاهہ هزار کان وڌيڪ ليکڪ ۽ شاعر بہ اهو احساس اجا جاڳائي نہ سگهيا آهن تہ جيڪڏهن هر هڪ ليکڪ ۽ شاعرپنهنجي هڪڙي ڏينهن جي چانهہ سگريٽ واري بجيٽ مان ڪجهہ خرچ بچائي رڳو ڏهہ روپيا پنهنجن بيمار ساٿين کي مدد موڪلي .تڏهن بہ پنجاهہ هزار ليکڪن پاران ملندڙ مدد پنج لک روپيا ٿي سگهي ٿي، پر جي ساڳئي وقت رڳو پنج لک سنڌي اخبارون پڙهندڙ بہ ساڳيو عمل ورجائين تہ اها رقم پنجاهہ لک ٿي سگهي ٿي. هاڻي رڳو سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ آخر اسان هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ڇو ناهيون؟ جيڪڏهن اسان خود بہ اخباري بيان جاري ڪرڻ ۽ احتجاج ڪري پريس ڪلب آڏو ويهڻ بجاءِ ڪنهن انقلابي قدم لاءِ وک کڻندي پنهنجي دوستن جي مدد ڪرڻ لڳون تہ ثقافت کاتي

يا ٻئي ڪنهن به سرڪاري اداري طرف نماڻيون اکيون ڪٽي مدد لاءِ واجهائڻ جي ضرورت اسان جي ڪنهن به ذات ڏٽيءَ کي هرگز نه پوندي، نه ئي وري ڪنهن بيماريءَ ۾ لاعلاج ٿي مرندڙ ذات ڏٽيءَ جي وڇوڙي تي اکين ۾ لڙڪ آڻي تعزيتي بيان جاري ڪرڻ جي نوبت اسان جي سامهون وري ايندي. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن توهان سڀ چاهيو ته ائين نه ٿئي ڪوبه ذات ڏٽي لاعلاج ٿي نه جيئي ۽ نه مري ته پوءِ اچو ته شروعات هتان ٿا ڪريون. سعيد ميمڻ کي عاقل ڳوٺ لاڙڪاڻو واري ائڊريس تي مني آرڊر موڪلڻ جي شروعات ٿا ڪريون، جيئن منهنجي نهايت مانائتي ڀيڻ فوزيا بانو منهنجي هن صلاح کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سعيد کي مني آرڊر موڪلڻ واري آهي. بلڪل ائين ئي جيڪو دوست جيترو چاهي مدد ڏئي بهتر اهو آهي ته پنج پنج دوست گڏجي مني آرڊر موڪلڻ جي شروعات ٿا ڪريون. ان ارادي سان ته آئنده اهو عمل جاري رکنداسين. پر جي اهڙو عمل جاري نٿا رکي سگهون ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اهو ته ڪري سگهون ٿا ته هاڻي اديب ٿيڻ ڇڏي ڏيون ۽ ان بجاءِ اسان به ڪامورا يا سياستدان ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳون.

پاڻ ڪلندي نتا موڪلائي سگھون ؟!

ڪڏهن ڪڏهن ڪجھ آواز ڪنن سان ٽڪرائجي واڪا ڪرڻ لڳندا آهن ته، الائي ڇا لکندو آهي؟!.... لفظن جا بم ۽ بارود ويڙهي سيڙهي اسان مٿان پيو اُڇلائي... اها تنقيد ته مون تي ڪئي اٿائين... نه نه اهو ته مون لاءِ لکيو اٿائين.... اڙي! هي هيڏي جيڪا منهنجي خلاف بڪواس ڪئي اٿائين اها سڀ توهان پنهنجي لاءِ ٿا سمجھو... ۽ مون ڏي ڪنهن جو خيال ئي ناهي...؟ ڪوڙ سارن دوستن کي مون کان اهڙيون شڪايتون آهن، جن کي مون ڇاڻي واڻي ڪڏهن به تنقيد جو نشانو نه بڻايو آهي، ڪجھ دوست وري ان لاءِ به ناراض آهن ته مون انهن کي ڪڏهن ياد ئي ناهي ڪيو. انهن سيني جي ڪاوڙ جو مان احترام ڪريان ٿو پر ڪجھ پڙهندڙ ٽوڙي ليکڪ لڏي جي دوستن مون کي تمام گھڻو مانُ ۽ قرب به ڏنو آهي، جن مان سنڌي ٻوليءَ جي نهايت قدآور ليکڪ ۽ شاعر سائين قمر شهباز سميت سيني جو مان نهايت گھڻو ٿورائتو آهيان جو فون ڪري مون کي وڌيڪ لکڻ لاءِ اتساهيندا رهيا آهن. اهڙي ريت مان انهن دوستن جو وڌيڪ ٿورائتو آهيان، جن مون کان زوريءَ پئي لکرايو آهي، انهن دوستن مان سرفهرست منهنجو دوست واحد پارس هيسباڻي به هڪ آهي، جنهن سان منهنجي حياتيءَ جون ڪيئي يادون وابسته آهن، مون کي ياد آ ته هن ئي مون کان پهريون پهريون هفتيوار ڪالم لکرايو هو ۽ پوءِ مسلسل لکرائيندو رهيو هو.

الائي ڇو! سنڌ جي نوجوان ليکارين واري قطار ۾ مون کي واحد پارس هيسباڻي ٽي سي ايس سروس جهڙو ٽڪڙو ليکڪ لڳندو آهي. قدرت واري ڪيس اهڙي ذات ڏني اٿس جو جنهن موضوع تي ڇنڊڇاڻ جلدي جلدي لکي سلپون اڳيان اڇلائيندو. انهيءَ ڪري مان ڪيس اڪثر تيز گام ليکڪ به ڪوٺيندو آهيان. هُو هڪ شاعر به آهي ته ڪالم نگار به، پر هُن ڪجھ ڪهاڻيون به ضرور لکيون آهن. هُو هڪ زنده دل ليکڪ سان گڏ زنده دل دوست به آهي، جنهن جي چهري تي هميشه مُرڪن جا پوپٽ وينل نظربا آهن. مون کي ياد آ اڄ به اهو ڏينهن جڏهن حيدرآباد جي خون هاڻن رستن جي ڏوپي صاف ٿيڻ بعد به مون کي انهيءَ حيدرآباد جي گلين مان ڪجھ ڏينهن تائين انساني رت جي بوءِ اچي اهو ياد ڏياريندي هئي ته تون وحشتن جي راڄ واري شهر ۾ اڪيلو آهين ۽ آهڙن لمحن ۾ اهو واحد پارس جو پهريون پاڪر هو، جنهن مضبوط قلعو بڻجي مون کي پنهنجائپ جو احساس ڏياريو هو.

پر اڄ جڏهن هُو ۽ مان هڪ ڪمري ۾ گڏ رهڻ وارا، مشڪريون ڪري زندگي گھارڻ وارا دوست هڪ شهر ۾ هوندي به ڪڏهن ڪڏهن ملڻ

تي مجبور آهيون، ۽ خاص ڪري جڏهن مان پنهنجي گهڻن هڏڏوڪي دوستن ڪان پرپرو رهندي حيات جي گهاٽي ۾ پيڙهجي مرڪڻ وساري وينو آهيان، تڏهن زندگيءَ جي ڪوڙاڻ سلو پوائزن جيان ڳيتيندي ڳيتيندي هاٿي ڏاڍو تڪجي پيو آهيان ۽ آرام ڪرڻ ٿو چاهيان، پر ڪوئي هڪ پاڇولو جيڪو منهنجو پنهنجو آهي اهو سامهواڇي مون سان اصرار ٿو ڪري ته مان لڪان. ان ويل منهنجي دل چوندي آ مان هن ڪي ٻڌايان ته منهنجي دل لڪڻ لاءِ آماده نٿي ٿئي. منهنجو ذهن هاٿي مفلوج ٿيڻ لڳو آهي ۽ منهنجا حوصلا به ضعيف ٿيڻ لڳا آهن. ها منهنجون سوچون منتشر تي ٽڙي پکڙي ويون آهن، جيڪي يڪجاءِ ٿيڻ ڪان پڻ الاهي گهڻو پري هليون ويون آهن. پر ڪڏهن به مان ائين نه ڪري سگهيو آهيان ۽ عجيب ڪشمڪش ۾ مبتلا تي ويندو آهيان. اڄ به توڙي جو مان ڪنهن جي چوڻ تي هلندي اهو چاهيان ٿو ته ڪجهه لکان پر! سوالن جي هڪ ڊگهي قطار ڪنهن شاهراهه جيان طويل ٿيندي تي وڃي....؟؟؟!! سوال جواب طلبيءَ لاءِ سامهون اُڀري تا بيهن... مهانگائيءَ جو راڪاس رسا چناٿي چڪو آهي. اتي ڪوٽ ڪر ڪنيو آهي، ڇا انهن تي ڪنٽرول تي سگهندو؟ سچائيءَ جي جنڊ ۾ پيڙجندي ڇا پنهنجو هي سات اڄا اڳتي هلي سگهندو يا پاڻ ڪي هاٿي خوشيءَ سان موڪلائڻ گهرجي؟ جيتوڻيڪ اها پڪ ڄاڻ ته پاڻ ڪڏهن به خوشي سان موڪلائي ڪونه سگهنداسون. موڪلائڻ مهل هڪ درد اسان جي دلين ۾ مزار جيان دفن ته تي ويندو، پر ان درد جو احساس ڪڏهن به ختم هرگز نه تي سگهندو.

مجيان ٿو ته ماڻهو پنهنجي بهتر مستقبل لاءِ الائي جي ڪهڙاڪهڙا پاپڙ ويلڻ لڳا آهن. پوءِ مان به ته خاموش نه وينو آهيان پر لڳي ٿو ته قدرت واري حلال رزق مان هاٿي برڪت ڪڍي ڇڏي آهي ته پوءِ ڇا هاٿي مون ڪي دولت ڳڏ ڪرڻ لاءِ اغوا جون وارداتون ڪرڻ گهرجن؟ يا غيرقانوني هٿيارن ۽ ڊرگس جي ڪاروبار ۾ ملوث ٿيڻ گهرجي؟ ٻيو هڪ رستو اهو به آهي ته مون ڪي ڪونڊوليزا رائيس جي آفر قبولڻ گهرجي يا اسامه بن لادن سان واسطا وڌائڻ لاءِ رضامند ٿيڻ گهرجي. جيئن ڪانئس جهاد جي نالي مدد وٺي سگهان ۽ پراوا پُٽ مارائي پاڻ عيش ڪيان؟ پر شايد مون ڪان ڪجهه به ڪونه پُڄندو. چو ته انڊر ورلڊ جي ڊان تائين پهچڻ لاءِ مون ڪي ڪنهن خوبصورت اداڪاره جي ويجهڙائي گهرجي. جڏهن ته هڪ شيدي نسل جي پوڙهي ڪي ڪا حسينا ڪيئن لفٽ ڪرائيندي؟ ان لاءِ غيرقانوني هٿيارن يا ڊرگس جو ڪاروبار منهنجي وس جي ڳالهه ناهي. ماڻهو اغوا ڪري وڃي لڪائڻ لاءِ مون ڪي به ٻيلي ۾ رهڻو پوندو ۽ اتي مڇر مون ڪي چڪ هڻي مليريا ۾ مبتلا ڪري سگهن ٿا، ان لاءِ اها رسڪ مان نه ڪنڊم، باقي اسامه سان ويجهڙائي رکڻ به سئولو ڪم ڪونهي، چو ته اسامه بن لادن آمريڪا ڪي گهربل آهي ۽ جيڪڏهن آمريڪي فوجون اسامه جي ساٿي طالبان ٽولي ڪي

ختم ڪرڻ لاءِ اتر وزيرستان ۾ حملي ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار وينيون آهن ته پوءِ مون کي ته حد جي تاڻي تي مقرر ڪنهن سپاهيءَ کي رشوت ڏئي خودڪش حملي آور طور گرفتار ڪرائي يا آفريڪي نسل جو غيرملڪي جاسوس قرار ڏئي ٽيپ ڏياري سگهن ٿيون. شايد مون لاءِ بهتر اهو آهي ته مان به هاڻي ڪنهن پرڏيهي ملڪ ۾ ڪمائڻ لاءِ هليو وڃان؟ پر ڪهڙي ملڪ وڃان؟ پاڙيسري ملڪ هندوستان ۾ هڪ ته مون کي اچڻ ڪونه ڏيندا، جو مون اڳ ۾ ئي تاج محل کي وڪڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ۽ هندوستاني عوام ۽ سرڪاري اهلڪار ڪي اسان خاص طور سنڌ جي لاڙڪاڻي واسين جهڙا بلڪل به ناهن. اها ته اسان جي حڪومت جي فراخ دلي آ جو موئن جي دڙي مان قيمتي مهرون، رنگون چوري ڪري ويندڙن کي به بلڪل اهڙي ريت معاف ڪيو ويو آهي جو اها چوري ائين مينٿي وئي آهي جيئن ڪا چوري ٿي ئي نه هئي، هوئن به چوندا آهن ته گنگا جي مٽي تي سنگ هوندا ئي ناهن ته ڳڻتي ڇاجي؟ ان ڪري ئي ان چوريءَ ۾ ملوث چورن جا پيرا ڳولڻ کي به فالتو سمجهندي حد جي پوليس، اهڙي عمل کان ئي پري رهندي نظر اچي ٿي ته ساڳئي وقت اتي مقرر عملو به ذميوارين کان آجو ۽ بي خوف ڏسجي ٿو ۽ هتان جي سياستدانن، اديبن ۽ سماج سڌارڪن به ته اخباري بيان جاري ڪري پنهنجي فرض ادائگي پوري ڪري ڇڏي آهي ته پوءِ وڌيڪ اونو ڇا جو؟ جڏهن ته منهنجي تاج محل وڪڻڻ واري ارادي جي پيش نظر مون کي ڊپ آ ته متان انڊين عوام ئي پوليس جي نظر چڙهڻ کان اڳ مون سان اهڙو حشر ڪري جهڙو اڪثر فلمن ۾ عوام پاران مهامنترين سان ڪرائيندي ڏيکاريو ويندو آهي. ان لاءِ انهيءَ ملڪ ۾ وڃڻ يقينن جوکم آهي، تنهنڪري بهتر آهي ته مان دبئي وڃڻ کي ترجيح ڏيان، ان طرح هڪ ته اتي جي ڪنهن شهزادي سان تاج محل جو سودو به ڪري وٺندم ته ساجد سنڌي هتان انن واري دوڙ ۾ ڪنهن اٺ کي دوڙائڻ لاءِ ڪنهن شيخ کي راضي ڪري ڪيس جام پئسا به ڏيارينڊم. وري جي موقعو مليو ته ساجد سنڌي ۽ مان، ساجد زخمي چانديي، توڙي واحد پارس هيسباڻي جي مدد سان ڪنهن تيل جي کوهه تي به قبضو ڪري وٺنداسين ۽ ممتاز بجير کي نيڪو ڏئي تيل کپائي اسان به سيد الشيخ العربستاني سڏرائي، ورلڊ ڪپ ڪرڪيٽ دوران سٽيبازي ڪري وڌيڪ دولتمند ٿيڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

پر ڇا اهو سڀ ممڪن آهي؟ مون کي ته لڳي ٿو هي سڀ ڪجهه منهنجي اڳيان اوجاڳيل نيڻن جا خواب آهن جن جي ساپيان مون کي ڪڏهن به ملي ڪونه سگهندي، ان لاءِ مان خودڪشيءَ جي رومانس ۾ حقيقي پاڙيائپ کي لڪائي، پريميڪا جي عشق ۾، بيروزگاري جي سبب ۽ حالات هٿان مجبور ٿي، هن حياتيءَ کي الوداع چئي وڃي رهيو آهيان، اڄ جي اخبار جي ڪنهن به پيج تي ڪا سنگل ڪالم خبر منهنجي موت جي توهان کي نه ملي ته پوءِ مختصر خبرن ۾ ضرور ڳولجو. ۽ ها ياد رکجو توهان هرگز نه سوچجو ته مون کي ائين خودڪشي نه ڪرڻ

گھرجي ها، بس مون لاءِ دعائون گھرجو تہ مون کي مغفرت ملي ۽ جڏھن دعا گھري چڪيو تڏھن اھو بہ ضرور ياد رکجو تہ اڄ اپريل فول آھي. باقي اھو سچ آھي تہ اڄ منھنجي دوست واحد پارس جو جنم ڏينھن آھي، ان لاءِ محبتن جو ھڪ تحفو جنم ڏينھن جي مبارڪباد ڪيس ايس ايم ايس ڪري موڪلڻ توھان بہ نہ وسارجو، پر جيڪڏھن توھان وٽ ھن جو نمبر ناھي تہ ھن جي وڏي حياتيءَ لاءِ ھڪ ننڍڙي دعا ضرور گھري ڇڏجو ۽ يقين ڪجو تہ مون توھان سان ٿوري مذاق ڪري پنھنجي ويجھو ايندڙ سيني ڏکن کي خودڪشي ڪري ڇڏڻ لاءِ ورغلائي ورتو آھي.

ڪالاباغ ڊيم جو قيد ڪيل جن ۽ سامريءَ جي باقيات

جو اُتر آتي هئين فلڪ سي تويهين آتي هئين،
تاڪ رڪا هئي بلائون ني هماري گهر ڪو.

اسان جي ڏيهه جو سياسي منظرنامو ڪجهه اهڙو جڙي ويو آهي، جو جيڪڏهن ان کي تجريدي سياست جو منظرنامو ڪوٺجي ته اهو غلط نه ٿيندو. سياسي جوتشي پنهنجن وارن ۾ هٿ وجهي ويهي رهيا آهن، سندن چوڻ آهي ته پرويز مشرف ۽ آصف علي زرداري جون چڪيل سياسي ريڪائون ايتريون ته پاڻ ۾ الجهي ويون آهن جو سندن علم اهو سمجهڻ کان قاصر ٿي ويو آهي ته مشرف صدارتي محل مان پنهنجو بسترو ڪٺي جهاز ۾ ويهي ترڪيءَ يا برطانيا هليو ويندو يا وري 58 (2) بي جو استعمال ڪندي عوامي حڪومت کي ٺي گهر پيڙو ڪري پاڪستاني عوام مٿان اهو واضح ڪري ڇڏيندو ته عوام جي امنگن جي هن ملڪ ۾ ڪابه اهميت ناهي، سندن ووٽ وارو حق بي مقصد آهي، هتي اقتدار ڏٺي به هڪڙو ئي شخص آهي ته عوامي سگهه به رڳو ان جي ئي سگهه آهي. جو ته اهو هڪڙو ئي شخص پاڪستان جو مڪمل عوام آهي يعني فرد واحد ئي حقيقي عوام ۽ باقي ڪروڙين فرد سياسي پناهگيرن جهڙي حيثيت رکندڙ آهن جن کي رهڻ لاءِ سرزمين ته مهيا ڪئي وئي آهي پر ڪين اهو حق هرگز به حاصل ناهي ته سندن چونڊيل حڪومت کي حڪمراني جو حق ڏنو وڃي.

چوڻ وارا چون ٿا ته ڪجهه مفاد پرست ملڪ دشمن عناصر ملڪي امن امان کي داءَ تي لڳائي لساني فسادن جي چٽنگ دکائي ڪو وڏو مچ مچائڻ جي خواهش رهن ٿا ۽ انهيءَ خواهش جي پورائي لاءِ گذريل ڪيترن سالن کان وٺي هنن هڪڙو خطرناڪ جنُ پالي ان کان اهو ڪم وٺڻ ٿي چاهيو پر موجوده پ پ حڪومت ان جنَ کي قبضي ۾ آڻي هڪڙي بوتل ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ڪانپوءِ سامري جادوگر جي باقيات ۽ انساني رت جي هيراڪ جادوگرن جو اهو ٽولو ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو آهي ۽ اهو ٽولو ان قيد ٿيل جن کي آزادي ڏيارڻ لاءِ سرگرم ٿي ويو آهي جو ته اهو ٽولو چاهي ٿو ته ڪالاباغ ڊئم جو جنُ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي عوام جو رت چوسي ۽ ماس جا ٽڪرا انهن جادوگرن جي آڏو اڇلائي جيڪي آدم خورن جهڙي صف رکندڙ آهن. پ پ حڪومت پاران ڪالاباغ ڊيم کي ملڪ ٽوڙ منصوبو قرار ڏيندي عوامي مفادن ۽ ملڪي سالميت لاءِ ان منصوبي کي هميشه لاءِ دفنائي ڇڏڻ واري اعلان ڪانپوءِ جتي مسلم ليگ (ق) جي اڳواڻن چوڌري پرويز الاهي ۽ چوڌري

شجاعت حسين ڪالاباغ ڊيم جي حق ۾ آواز اٿارڻ جو اعلان ڪيو آهي، اتي غلام مصطفيٰ ڪر جهڙي سياستدان حڪومت جي ڪنيل ان قدم جي مخالفت ڪئي آهي، جنهن قدم تي ملڪ جي 70 سيڪڙو عوام حڪومت جي ساراهه ڪئي آهي ۽ غلام مصطفيٰ ڪر جي اهڙي ڏنل متضاد بيان تي راءِ ڏيندي حڪومت ڪان عوام گهُر ڪئي آهي ته مصطفيٰ ڪر پ پ جو جُهونو ڪارڪن آهي پر سندن دماغي توازن هاڻي وڃائجي ويو آهي، ان لاءِ سندس علاج ڪرايو وڃي.

ٻئي طرف جتي سياسي ڏاهپ جي دعويٰ ڪندڙ ۽ ملڪ دشمن عناصرن جو ساٿ نڀائيندڙ ڪجهه سياستدانن ڪالاباغ ڊئم جي پينڊورا باڪس کي وري کولي اُن جنَ کي سگهه ڏيڻ جو نيڪو مڪمل ڪرڻ لاءِ جاکوڙڻ شروع ڪيو آهي، اتي سنڌ طاس واٽر ڪائونسل پاڪستان جي چيئرمين ۽ عالمي پاڻي اسيمبلي جي ڪو آرڊينيٽر حافظ ظهورالحسن ڏاهر پڻ حيرت ۾ وجهندڙ بيان جاري ڪيو آهي، سندس موجب ڪالاباغ ڊيم هڪ خالص ٽيڪنيڪل پراجيڪٽ آهي، جنهن کي پارليامينٽ بنا ڪير به ختم نٿو ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن 2014ع تائين ڪالاباغ ڊيم نٿو نهي ته ملڪ جي اقتصادي حالت ايٿوپيا ۽ صوماليا کان به وڌيڪ خراب ٿي ويندي. حافظ ظهورالحسن الزام لڳايو آهي ته ملڪ دشمن ٽولو ڪالاباغ ڊيم خلاف نَهن چوٽي جو زور لڳائي رهيو آهي. ڀارتي ڳجهي ايجنسي "را" ان ٽولي کي فنڊ ڏئي رهي آهي ۽ ان ٽولي ۾ اسٽيبلشمينٽ جا ڪجهه ماڻهو به شامل آهن جيڪي ڀارت لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.

حافظ ظهور جي ان الزام تي اسان کي ڪل تي اچي ته آخر حافظ سڳورو جيڪو اڄ سڌي طور پ پ حڪومت کي را جو ايجنٽ قرار ٿو ڏئي، اهو پاڻ به ڪنهن ايجنسي لاءِ ڪنهن وڏي پگهار تي ڪم ڪري رهيو آهي يا سڪٽو ملڪ دشمن عناصرن جي هٿن ۾ ڪيڏوٺو بڻجي نڪراني دبليءَ تي خالي ناچ نچي رهيو آهي؟ جو ته حقيقت اها آهي ته اسان کي اها ڳالهه هاڻي قبولڻ گهرجي ته اسان جي ملڪ ۾ بجلي بحران ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي ۽ ان جو حل به لازمي آهي جيڪڏهن اسان ان طرف توجهه نه ڏني ته اسان جي اقتصادي صورتحال خراب کان خراب تر ٿي ويندي.ان لاءِ اسان کي حقيقت جي اکين سان جانچي ان بحران جو حل ڳولهڻو پوندو ۽ حقيقت اها آهي ته ڪالاباغ ڊيم رٿا جنهن تي 7 کان 8 بلين ڊالر کپت آهي، ان جي پيٽ ۾ اسان جي ملڪ ۾ صوبي سنڌ جي ٿر واري علائقي جو ڪوئلو جيڪڏهن استعمال ڪجي ته ان رٿا تي ٽوٽل 4 بلين جي کپت آهي ۽ نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ بجليءَ کي استعمال ڪندي هڪڙي منٽ جي به لوڊشيڊنگ ملڪ جي ڪنهن به شهر يا ڳوٺ ۾ نه ڪجي، تڏهن به ماهرن جو چوڻ آهي ته اها بجلي سئو سالن لاءِ ڪافي هوندي.

باقي رهيو ملڪ ۾ پاڻي ذخيرن جو سوال تہ ڇا ان لاءِ لازمي آهي تہ اهي ذخيرا رڳو پنجاب صوبي ۾ ئي هجن؟ جيڪڏهن اسان کي پاڻي ذخيرو ڪرڻو آهي تہ اهو ملڪ جي سيني حصن ۾ ننڍا ننڍا ڊيم ٺاهي ذخيرو ڪري سگهجي ٿو. پوءِ آخر زور رڳو ڪالاباغ ڊيم تي ئي ڇو رکيو پيو وڃي؟، جنهن رٿا کي ملڪ جون ٽي صوبائي اسيمبليون رد ڪري چڪيون آهن ان کي وري قومي اسيمبلي مان رد ڪرائڻ جو سوال آخر ڇو ٿو اٿاريو وڃي؟ جيڪڏهن اهو سڀ لازمي آهي تہ پوءِ توهان کي هڪڙي ڳُهر اها بہ ڪرڻ گهرجي تہ پنجاب صوبو جيڪو گهڻين قومي اسيمبلي سيٽن جو حامل آهي ان جون سيٽون گهٽائي ٽنهي صوبن جي قومي اسيمبلي سيٽن جي اڌ برابر ڪيون وڃن ۽ پوءِ قومي اسيمبليءَ مان ان رٿا تي ووٽنگ ڪئي وڃي تہ باقي ٽنهي صوبن کي آيل نتيجن تي ڪوبہ اعتراض نہ هوندو، باقي موجوده صورتحال ۾ فيصلو اڳي چڪو آهي تہ ٽي اسيمبليون هن رٿا تي اعتراضات ڏئي چڪيون آهن، جنهن بعد ملڪي سلامتيءَ لاءِ توڙي پيدا ٿيل بجلي بحران جي تڪڙي حل لاءِ لازمي هو تہ اها رٿا ختم ڪئي وڃي جنهن تي صوبن جي رضامندي بہ لازمي آهي ۽ جڏهن ڏهن سالن ۾ اها رضامندي نہ ٿي سگهي آهي تہ اجان ويهي اُن جو انتظار ڪرڻ ۽ وقت وڃائڻ اجايو آهي. هونئن بہ اسان کي ملڪي اقتصادي صورتحال کي بهتر بڻائڻ جي گهرج آهي ۽ جيڪڏهن بگڙيل اقتصادي صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ علاج مٺي شربت جهڙي ٿر جي ڪوئلي واري صورت ۾ موجود آهي تہ پوءِ هرويرو ڪالاباغ ڊيم جهڙي اينگهيل، ملڪ ٽوڙ منصوبي جهڙي ڪڙي گوري کائڻ جي بہ ڪهڙي ضرورت آهي؟

هاڻي فيصلو ڇئني صوبن جي عوام کي ڪرڻو آهي تہ اهو هن سڄي حقيقت کي سمجهڻ کانپوءِ پ پ حڪومت جي هن فيصلي جي حق ۾ راءِ ٿو ڏئي يا ملڪ دشمن عناصرن واري ٽولي جي چوڌرين، ڪرن، شريفن ۽ انڌ جي انڌي گهوڙي تي سوار عقل جي انڌن جو ساٿاري بڻجي ڪالاباغ ڊيم جي جن کي جيئارڻ ٿو چاهي. اسان کي يقين آهي تہ عوام اهو سنڌ جو هجي، سرحد، بلوچستان يا پنجاب جو اهو سڀ کان اول ملڪي سالميت جو خواهشمند آهي ۽ اهو اها حقيقت مڃي وٺندو تہ ملڪ ۾ آبي ذخيرا تہ ضروري آهن پر ڪالاباغ ڊيم نہ ۽ ملڪ ۾ بجلي بحران جو حل تہ ضروري آهي پر ان حل لاءِ وڏي رقم جو خرچ ڪرڻ لازمي ناهي، البتہ گهٽ خرچ تي تڪڙي رٿا لازمي آهي، جنهن لاءِ عوام حڪومت جي ڪالاباغ ڊيم رٿا کي ختم ڪرڻ واري فيصلي جي آجيان ڪندي سندس ساٿ ڏيندو ۽ سڀ کان پهريون پاڪستان جو نعرو هڻندڙ پر حقيقت ۾ ملڪي سالميت کي داءُ تي لڳائيندڙن کي ڌڪاري انهن جي منصوبن کي ناڪام بڻائي ڇڏيندو.

يادگيرين جي ڳنڍ مان لڌل البم جا فوٽو

سياسي موضوعن تي مضمون لکڻ واري گھٽ ٻوسٽ کان بچڻ لاءِ ٿورن پلن خاطر ئي سهي پر جان آجي ڪرائي آزاد فضا ۾ آزاد ساهه کڻڻ لاءِ ياد دريءَ جو تاڪ کولي، ماضيءَ جي ڪجهه ڏنڊلن منظرن مان خوبصورت عڪس جهٽڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. الائجي ڇو ٻالجتيءَ وارا اهي ڏينهن سارينديمنهنجن نيڻن ۾ نمي پرجي ايندي آهي. تالهه ڪلهي تي رکي ڇولا ڪپائيندڙ پنهنجي پتڪڙي وجود جا عڪس ڏسندي هاڻي به ڄڻ ته پنهنجن ڪلهن تي ڪو بار ڪنيل محسوس ڪري رهيو آهيان. ڪلهن تي بار وجهندڙ يادگيرين جي ڳنڍ جون چارئي ڳنڍيون ڇوڙي انهيءَ ڪليل ڳنڍ منجهان ماضيءَ جي فوٽن جو ميرانجهڙو البم کولڻ لڳان ٿو، پرائمري کان مئٽرڪ تائين جا ساٿي حافظ شفيق ميمڻ، هوشيار ديئو، مجاهد ابڙو، عاشق ڪانڌڙو، اعجاز سنڌي ۽ ٻيا انيڪ ساٿي جن منجهان حافظ شفيق احمد ميمڻ اڄڪلهه ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪري پنهنجي ڪلينڪ کولي روزي ڪمائي رهيو آهي. مجاهد ابڙو اسلام آباد ۾ ڪا خانگي نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ هوشيار ديئو شايد واپڊا ۾ ملازم آهي، باقي عاشق ڪانڌڙو پوليس کاتي جي نوڪري ڇڏي اڃي ويهي رهيو ۽ اعجاز کي ڪا نوڪري ملي ئي ناهي. اجان وڏيڪ فوٽا اٿلايان ٿو، جيڪي ڄڻ ته مون کي چئي رهيا آهن ته اسان کي به رنگين ڪري ڇڏ پر مان ڪو پينٽر ناهيان پوءِ آخر ڪيئن انهن تصويرن کي رنگين ڪري سگهان ٿو؟ مون کي ته هميشه جيان اڄ به پنهنجو وجود ايترو ڪارو ٿو لڳي جو ڊڄان ٿو ته اگرين تان ٽشو پيپر هٽائي رڳو انهن فوٽن کي ستو سنئون هٿ به لڳايم ته مون آفريڪا جي جهنگلن مان تڙي ڪڍيل ڪاري رنگ واري شيديءَ جي هٿن جو رنگ انهن فوٽن تي چڙهي انهن کي ڏسي سگهجڻ کان به ناڪاره بڻائي ڇڏيندو.

هٿن تي ويڙهيل ٽشو پيپر جي مدد سان اٿلائي پٿلائي هاڻي جنهن فوٽي کي ڏسي رهيو آهيان، اهو فوٽو مون کي پڙهائيندڙ ڪجهه استادن جو آهي، جن کان مليل تربيت جي نتيجي ڪارڻ ئي مان ڪجهه نه ڪجهه بڻجي سگهيو آهيان، نه ته شايد مان ڪجهه به نه هجان ها ۽ منهنجو وجود به نادرا جي رجسٽريشن ڪارڊ کان وڌيڪ ڪا سڃاڻپ حاصل نه ڪري سگهي ها، پر اهو انهن استادن جي تربيت جو ڪمال ۽ اثر آهي جو اڄ منهنجي سڃاڻپ نادرا پاران جاري ڪيل سڃاڻپ ڪارڊ کان الڳ ٿلڳ به آهي. منهنجي مانوارن استادن جي لسٽ ۾ استاد امير بخش اڄڻ، استاد عزيز الله اڄڻ، استاد غلام سرور شيخ سميت استاد ڪرم خان سهتو، استاد ولي محمد مهيسر ۽ استاد

محمد دين ڪليري جهڙا بالا تمام گهڻو احترام لائق آهن ۽ انهن ذڪر ڪيل استادن جي تربيت جو اثر مون تي گهڻو رهيو آهي. مون کي ياد ٿو اچي تہ پرائمريءَ ۾ مونکي پڙهائيندڙ منهنجو استاد حبيب الله ابڙو هو، جنهن کان بہ مون گهڻو ڪجهہ سکيو. پر انهن ڏهاڙن ۾ مون پنهنجي ننڍي مامي نويد ابڙو سان گڏ وچي جيڪو ڪجهہ ٽيوشن وٺڻ دوران استاد ولي محمد مهيسر کان سکيو، اهو منهنجي ڪاميابين جو پهريون قدم هو. انهن ڏهاڙن ۾ استاد ولي محمد مهيسر نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي ڪجهہ شاگردن کي ٽيوشن پڙهائڻ شروع ڪئي هئي ۽ مان بہ پنهنجي مامي سان گڏ ائين ئي وڃڻ لڳو هئس تہ سائينءَ بنا فيس وٺڻ جي چيو هو تون بہ آئنده ڪتاب کڻي اچي پڙهندو ڪر ۽ ائين پرائمريءَ کان انين ڪلاس تائين مون مئٿ جو سبجيڪٽ استاد ولي محمد مهيسر کان سکيو تہ مئٽرڪ ۾ وري سائين محمد دين ڪليري مون کي مئٿ ۽ ڪيمسٽري ڏاڍي سهڻي طريقي سان حل ڪرڻ سيکاري.

ساڳئي ريت سائين ڪرم خان سهتو اسان کي انگلش گرامر سيکارڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو. هونئن تہ سائين مرگهي جهڙي جان سُڪائيندڙ بيماري ۾ مبتلا هجڻ ڪارڻ چيڙاڪ طبيعت رکندڙ بہ هو پر اعليٰ صلاحيتن جي مالڪ هجڻ ڪري اها آس رکندڙ هو تہ سندس سيئي شاگرد بہ سندس جهڙا باصلاحيت بڻجي پون. انهيءَ ڪارڻ هُو پڙهائي جي معاملي ۾ سيني استادن کان سخت ليکيو تہ ويندو هو پر غريب شاگردن جي مالي سهائتا لاءِ بہ اڳيرو هو ۽ هي شايد اسان جي دؤر جو پهريون استاد هو، جيڪو ڪيترن ئي شاگردن جي مالي مدد ڪندڙ هو، باقي سندس پنهنجي پيشي سان سچو هئڻ جو ثبوت اهو ئي گهڻو آهي تہ هو پنهنجي اعليٰ صلاحيتن عيوض تعليم کاتي جي ڪجهہ اعليٰ آفيسرن جي اکين ۾ مرچن جيان هُرندي سندن عتاب جو شڪار بڻجي هڪ اهڙي اسڪول ۾ مقرر ڪيو ويو، جتي پهچڻ لاءِ ڪيس پنجويهہ سئو ٽيڪسي جو ڪرايو ادا ڪرڻو ٿي پيو ۽ اهڙي ريت هر هفتي وڃڻ ۽ واپس اچڻ لاءِ پنج هزار ڪرايو پرڻ ۽ بيماري ڪارڻ موڪل جي گهرج هجڻ جي باوجود موڪل نہ ڪري هن مانائتي استاد پنهنجي فرض ۾ ڪڏهن بہ ڪوتاهي نہ ڪئي.

محبتون دلين جو قدرتي ميلاپ هُجن ٿيون.

جڏهن وهيءَ جو اڌ پنو سگريٽ جيان دُکندي دکندي اڌ پچري سڙي ويو هئم، تڏهن تون منهنجي حياتيءَ جي اڌ سڙيل سگريٽ جو ڦلو وسائي باقي اڌ رهيل سگريٽ جهڙي زندگي کي محفوظ رکڻ جو ضد ڪيو هو ۽ چيو هيئي ته تون منهنجي اڌ ٻچيل حياتيءَ جي سگريٽ کي نه ته روڊ جي ڪنارن تي هوائن ۾ وکرڻ لاءِ ۽ نه ئي وري ڪنهن جي پيرن هينان چٽجڻ لاءِ اڇلائي ڇڏيندينءَ. تون اهو يقين ڏياريو هو ته منهنجي حياتي جي انهيءَ اڌ سڙيل سگريٽ کي ايش ٽري ۾ مهٽو ڏئي رکي ڇڏڻ بعد ڪنهن قبر جهڙي ڊسٽ بن جي حوالي ٿيڻ لاءِ به نه ڇڏي ويندينءَ ۽ ان ويل تون منهنجي ان اڌ سڙيل ٽوٽي جهڙي بيڪار زندگي جي وساميل اڌ سگريٽ کي سنيالي رکڻ لاءِ ڇڻ ريشمي رومال ۾ ويڙهي ڇڏيو هو. پر اڄ تنهنجو اهو ريشمي رومال يا ته ڪنهن ٽوڪان ڪسي ورتو آهي يا ته وري تون پاڻ ئي ان ميري تي ويل رومال کي ڏامراٽي روڊ جي نيڪ وچ سرحد تي اڇلائي ڇڏيو آهي ته پلي ان کي زوڪاٽ ڪندڙ تيز رفتار گاڏين جا ٽائر ڇيتاڙي ان جو نالو نشان مٽائي ڇڏين، تنهنڪري ئي تون مون لاءِ عجيب بڻيل آهين، جو ته ڪڏهن ته تنهنجي خواهش منهنجي زندگي بچائڻ جي هجي تي، پر ڪڏهن وري ان حياتيءَ کي بي معنيٰ بڻائي منهنجي حياتيءَ کي نوڪرن حوالي ڪري وڃڻ جو چاهه به تو وٽ پيدا ٿئي تو.

توکي خبر آهي ته منهنجي دل ڏاڍي عجيب دل آهي، هن دل کي پلي جي اڄ تائين انيڪ زخم ڇونه رسيا هجن ،پر هن دل اهي سيئي زخم ڳلن جي پتين سان ڍڪي لڪائي ڇڏيا آهن، ان لاءِ منهنجن انهن زخمن جي گهرائي کي اڄ تائين ڪير به ڏسي ناهي سگهيو، سواءِ هڪ تنهنجي. بس! هڪ توکي ئي ڄاڻ آهي ته منهنجي هيءَ دل حضرت آدم جي اولاد هٿان اڪثر پڄندي پُرندي ۽ جُرندي رهي آهي، اها سڀ ڄاڻ توکي ان لاءِ آهي ته تون منهنجي وجود جو حصو آهين ۽ مون پنهنجي ماضي توڙي حال کي توکان لڪائي سگهڻ جي جرئت ۽ جسارت اڄ تائين پاڻ ۾ پيدا ڪري سگهڻ جي ڪاميابي نه ماڻي آهي.

تون منهنجي هر ڳالهه کان باخبر آهين، جو ته مون توکان ڪجهه به نه لڪايو آهي، مون توکان اهو به نه لڪايو آهي ته مان آفريڪا جي جهنگلن مان ٽڙي ڪڍيل شيدي نسل جي جهنگلين جهڙي مشابهت رکندڙ ۽ ڏامر جهڙو رنگ رکندڙ ڪارو انسان آهيان، جنهن کان نفرت ڪرڻ جو حق تون سميت سيني گورن انسانن کي هجڻ لازمي آهي. مون ته ت کان

اهو بہ نہ لڪايو آهي تہ مون پنهنجي ٻالجتيءَ جا ڏينهن گدلا ٻارن جيان نفرتن جي دائري ۾ رهندي گذاريا آهن ۽ منهنجي جوانيءَ جا ڏينهن ڦڪا ۽ اٿيا گذريا آهن. مون جوانيءَ جي رُت ۾ بهار ناهي ڏٺو ۽ ڪيئن منهنجي جواني گذري وئي؟ ڪيئن مون پيريءَ ۾ پير پاتو، اها خبر مون کي هرگز پئجي نہ سگهي. بس مون هڪ ڏينهن اوچتو پنهنجي وارن ۾ اٽڪي پيل چانديءَ جون تندون ڏسي ۽ مُک تي وري آيل گهنجن کي پسندي هڪ پل لاءِ اها جواني ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن جوانيءَ جي رُت ۾ نوجوان ڇوڪرا ڪيچلون ڪندي ڪنهن چلولي حسينا جي واسينگ چڳن ۾ ڳل ٻڌجي جُهولڻ چاهيندا آهن ،پر مان ڪنهن بہ حسينا جو خواب ان لاءِ ٻڌجي نہ سگهيو هئم تہ منهنجي چيري ٻلاسم ٿقيل مُنهن کي ڏسندي، هر حسينا مون سان مُرڪڻ بجاءِ مُنهن موڙي سندي مُک تي ڪاوڙ جا بادل آڻي نفرتن جو مينهن وسائي منهنجي وجود کي نفرتن سان سيراب ڪندي، منهنجي پرسان گذرندي رهي آهي.

۽ پوءِ جڏهن مان جوانيءَ جا پيرا ڳوليندي ٻالجتيءَ جي يادگيرين تائين وڃي پهتو هئم تہ مون کي ياد آيو هو ۽ اڄ بہ مون کي ياد اچي ٿو تہ مون انهيءَ ٻالجتيءَ جو خوبصورت مُک ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي، جنهن ۾ معصوم ادائن سان پيءُ جي ڪُلهي تي چڙهي ڪوبہ ٻار پاڻ کي سيني کان وڏو سمجهڻ لڳندو آهي ۽ پاڻ کي نہ سمجهہ ۾ ايندڙ پنهنجي معصوم ناداني‌ءَ تي خوش ٿيندو آهي ۽ جنهن ٻالجتيءَ ۾ پڙهائي کان ٽٽائي رانديون رچائيبيون آهن، مون تہ ٻالجتيءَ وارن ڏينهن ۾ بہ پڙهائي کان فارغ ٿي شهر جي رستن تي ڇولا ڪپائيندي، شرارتي ڇوڪرن هٿان مارون ۽ تنگ نظر ماڻهن جا دڙڪا کاڌا آهن، مون ڪڏهن بہ پوپٽن کي پڪڙي انهن جا رنگ چورائڻ واري خواهش جهڙو پاپ نہ ڪيو آهي. منهنجي زندگي هميشہ کان بي ترتيب رهي آهي، ماڻهو مون کان پُڇندا آهن تہ مان قسمت تي يقين رکان ٿو يا محنت تي ڀروسو؟ تڏهن منهنجو اهو ئي جواب هُجي ٿو تہ مان محنت کي بہ مانُ ڏيندو آهيان پر زندگيءَ کي پنهنجي رُخ تي هلڻ لاءِ ڇڏي ڏنو اٿم، ان لاءِ مون ڪڏهن بہ جوڙ، ڪٽ جو حساب ڪري زندگيءَ جي خواهشن کي ونڊ ۽ ضرب ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي.

توکي اها بہ خبر آهي تہ تو بنا منهنجو هي جيون بي مقصد ٿجي ويندو آهي، ان لاءِ تنهنجو مون سان پاڇي جيان گڏ رهڻ منهنجي حيات لاءِ لازمي جُز آهي، ان لاءِ ئي منهنجي هڪڙي اها خواهش ضرور ٻڌجي وئي آهي تہ تون منهنجي سنگ سنگ رهين ۽ پوڙهائپ تائين تنهنجو منهنجو هي ساٿ نہ ٽُٽي ۽ ها اهو بہ ٻڌي ڇڏ تہ مان جيڪو اڄ مسلمان آهيان، ڇو تہ مون هڪ حسينا جي سونهن جي پوڄا ڪئي آهي، جيڪڏهن اڄ مسلمان

بہ نہ هجان ها تہ ڪائنات جي خالق ڪان ستن ئي جنمن تائين تنهنجو ساٿ پني ونان ها، چو تہ هڪ تون ئي تہ آهين جنهن ۾ منهنجي شبنمي احساسن کي سمجهڻ جي قوت آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن توکي بہ پاڻ سان الجهندي محسوس ڪندو آهيان، توکي چڱيءَ ريت چاڻ آهي تہ اڪثر ڪري مان اهو ئي چوندو رهندو آهيان تہ محبت دلين جو قدرتي ميلاپ آهي ۽ محبت توڙي نفرت جو جذبو رکڻ نہ رکڻ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي پنهنجي هٿ وس جي ڳالهہ ناهي هوندي، پر تنهنجو ان حوالي سان موقف الڳ آهي ۽ تنهنجو ضد آهي تہ اهو جذبو رکڻ نہ رکڻ بہ پنهنجي هٿ وس ۾ هجي ٿو.

جيڪڏهن واقعي ئي تنهنجو خيال سچو آهي تہ پوءِ بڌاءِ مون لِلِي بولينجر جي ترتيب ڏنل ڪابہ موسيقيءَ جي ڌن ناهي ٻُڌي، پر مون کي لِلِي بولينجر سان چاهہ آهي، مون پڪاسو جون سموريون پينٽنگس ناهن ڏٺيون، پر مون لاءِ رنگن جي دنيا ۾ پِڪاسو عظيم آهي. مون پٽائي کي مڪمل طور ناهي پڙهيو ۽ سمجهيو پر مون کي پٽائي جي پيغام سان عشق جي حد تائين لڳاءُ آهي. مون سارا شگفتہ جي درد کي پنهنجو چو سمجهيو آهي؟ جڏهن تہ هوءَ منهنجي دؤر ڪان ڪجهہ عرصو اڳ جي آهي ۽ مون شيخ اياز کي ويجهڙائي سان ناهي ڏٺو، پوءِ بہ هُو مون لاءِ عظيم آهي. مون خليل جبران کي رڳو پڙهيو آهي پر هُن کي روحاني مرشد سمجهندو آهيان، پروين شاڪر سان مون کي پنهنجي ويجهڙائپ لڳندي آهي. گلزار ۽ منهنجي وچ ۾ سرحدن جون لڪيرون ۽ ڪنڊيدار تارون بي مقصد آهن، شهيد پُٽي ڪان ونڍي پورب چائي، سنڌ راڻي بينظير ڀٽو شهيد جون عوام سان چاهہ رکندڙ افسانوي ڪردارن جهڙيون شخصيتون رڳو مون لاءِ نہ پر بن ٽن سالن جي ٻارڙن وٽ بہ عظيم احترام ۽ محبتن جون حامل آهن، جن سان ماڻهن جو عشق جي انتهائيت ڪان بہ وڌيڪ چاهہ ڏسجي ٿو. اهو سڀ قدرتي محبتن جو جذبو ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟

اي منهنجا پرين! اي منهنجا همزاد !هاڻي توکي مڃڻو پوندو تہ مان غلط ناهيان ۽ توکي مون سان اُلجهڻ واري عادت بہ مٽائڻ گهرجي، چو تہ توکي ياد هوندو تہ جڏهن مون پنهنجي اندر واري الجهيل ۽ بيچين شاعر کي سُڪون ڏيارڻ لاءِ ڪيس پيگ آڇڻ چاهيا هئا، تڏهن تون ئي هڪدم احتجاج ڪري منهنجي اندر جي شاعر کي جاڳائي شعر جوڙايا هئا ۽ اڄ جيڪو مان ڪجهہ ماڻهن ڪان محبتون ماڻيان ٿو، اهو بہ سچو تنهنجو ۽ تنهنجي حُسن جو ئي ڪمالُ آهي، نہ تہ اڄ مان وشال روحن جي دنيا ۾ نہ بہ سهي پر گمنامين جي گفائن ۾ گم ضرور ٿي چُڪو هُجان ها.

جڏهن ماءُ جي ممتا خودڪشي چاهي!

منهنجي دل کي جڻ ڪارڻ ڪانون جو ٽولو اُڪيڙي نوچي رهيو آهي، خيال اُڀري ٿو ته جيڪر واپس آفريڪا جي ڪنهن جهنگ ۾ پهچي ٽارزن جيان رڙيون ڪري ڪنهن مست هاٿيءَ تي سوار ٿي، ننڍڙو پولڙو ساڻ ڪٽي وڃي آمريڪا جي وائيٽ هائوس تي پهچي صدر بش جي منهن ۾ پولڙي ڪان رانيوٽا هٽايان، جو ته هڪڙي اخباري رپورٽ منهنجو هنيانءُ ساڙي مون کي صدر بش جو سخت مخالف بڻائي ڇڏيو آهي. خبر اها آهي ته مون واري گرل فرينڊ ڪونڊوليزا رائيس جو معاشقو صدر بش سان وائکو ٿي چڪو آهي ۽ هڪڙي تقريب دوران ڪونڊوليزا رائيس صدر بش کي ”ماءِ هسبينڊ“ سڏي مخاطب ٿيندي، وري ٿتائي وئي آهي، جنهن ڪان پوءِ بش ۽ سندس وني لارا بش وچ ۾ اختلاف چوٽ چڙهي معاملو طلاق تي اچي پهتو آهي. خابرو ذريعن موجب صدر بش ميڙ منٿ ڪري ساٿين جا ذريعا استعمال ڪري لارا کي صدراتي چونڊن تائين طلاق معاملي تي خاموش رهڻ لاءِ راضي ڪري ورتو آهي ۽ ڪيس يقين ڏياريو آهي ته هو وڏي دولت جي ادائگي ڪرڻ سان گڏ لارا کي لارا بش سڏائڻ واري قيد مان آزاد ڪري ڇڏيندو. هوڏانهن منهنجي اڳوڻي گرل فرينڊ چيلسي جي ماءُ ذڪيري لارا مون سان فون تي رابطو ڪري چيو آهي ته بش ڪان بدلو وٺڻ لاءِ هوءَ به شيدي نسل جي ڪنهن خوبصورت نوجوان سان معاشقو ڪرڻ چاهي ٿي، ان لاءِ هوءَ مون سان لائين مارڻ گهري ٿي، پر مون ڪيس ڪُتو جواب ڏئي ڇڏيو آهي ۽ ڪيس صلاح ڏني اٿم ته مون واري دوست مجو موالي جو پڳ مٽ يار سچو سودائي به ڪنهن به ريت اسان شيدين ڪان گهٽ ناهي ۽ هو به اهڙي ڪنهن وئڪنٽ پوسٽ تي نوڪري ڏيڻ لاءِ واجهائي رهيو آهي، ان لاءِ اها مهرباني لارا ان مٿان ڪري ته بهتر ٿيندو.

اڄڪلهه مون پنهنجي ڪاري منهن تي چيري بلاسم مکڻ به ڇڏي ڏني آهي، جو ته ٿورڙي عرصي ۾ پاڪستان اندر ايتري ته مهانگائي وڌي وئي آهي جو مون کي خوف ٿيڻ لڳو آهي ته ڪٿي چيري بلاسم وننڌي ۽ امڪاني وڌيل قيمت جو بڌي مان پنهنجي ڪاري موڇاري منهن ڪان به هٿ وڃائي تاريخ جو وساريل ورق نه بڻجي وڃان. يعني ڪٿي ائين نه ٿئي، مون کي دڪاندار اهو چئي ته حڪومت بناوٽي سينگار جون شيون مهانگيون ڪندي، تنهنجي مُنهن جي ڪريم ۽ بين جي جوتن جي پالش به مهانگي ڪري ڇڏي آهي ۽ پوءِ صدمي ۾ مون کي دل جو دؤرو پوي ۽ اسپتال پهچي مهانگين دوائن جو خرچ بڌي دل جي دؤري مٿان بيو دل جو دورو ڪٽي قبر پيڙو نه ٿي وڃان. چون ٿا ته 1947ع کان 1951ع تائين في ليٽر پيٽرول 15 پئسن ۾ وڪامندو هو، جيڪو ايوب خان جي دؤر 1969ع تائين 90 پئسا في ليٽر تي پهتو هو، اهڙي ريت مختلف حڪومتن ۾ مهانگائي جي سفر کي طئي ڪندي 1990ع تائين 12 روپيا في ليٽر ۽ 1999ع ۾ 28 روپيا في ليٽر تي پهتو هو، پر صدر پرويز مشرف جي آمراڻي دير ڪان وٺي

سنڌس منظور نظر ق ليگ جي حڪومتي دؤر تائين پاڪستان اندر پيٽرول في ليٽر 28 روپيا کان وڌندو وڌندو اچي 62 روپيا في ليٽر تي پهتو. پر اسان کي حيرت آهي ته انهن سٺ سالن جي تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ پيانڪ ۽ مهانگائي جو تيز رفتار سونامي عوامي حڪومت جي مهيني ڏيڍ واري عرصي ۾ ئي اچي سمورا رڪارڊ ٽوڙي چڪو آهي.

عوامي حڪومت جنهن جو منشور روٽي، ڪپڙا اور مڪان يعني لٽو، اجهو ۽ ماني آهي، ان حڪومت جي شايد بي ڌياني ۽ عوامي مسئلن کان غافل رهڻ جو نتيجو آهي جو ايتري مختصر عرصي ۾ پيٽرول اڳهن ۾ اضافو تي پيٽرول في ليٽر 87 روپيا تائين پهچي چڪو آهي ۽ ماڻهن جو اندازو آهي ته اهڙي رفتار سان عالمي منڊي ۾ وڌندڙ تيل قيمتن جي اڳهه ڪي جواز بڻائي اسان وٽ في ليٽر پيٽرول کي مهيني ٻن اندر 100 روپئي جي اڳهه تائين پهچايو ويندو، ان لاءِ ڪجهه ماڻهو اهو سوچي رهيا آهن ته اهي هاڻي سائيڪلن تي سفر شروع ڪن، جنهن بابت منهنجي جگري دوست مجو موالي جي راءِ آهي ته آهستي آهستي سائيڪلون به مهانگيون ٿي وينديون ۽ هونئن به سائيڪل جي پنڪچر ٿيڻ واري امڪان کي نظر ۾ رکندي جيڪڏهن هڪ دفعو عوام وري گهوڙي سواري ۽ شاهي سواري يعني گڏهن طرف موٽ ڪائي ته ڪنهن حد تائين وڌيڪ بهتر ٿيندو، ان حوالي سان منهنجي دوست مجو موالي جو خيال آهي ته سرڪاري سطح تي حُڪومتي وزيرن ۽ مشيرن لاءِ ٽوڙي وڏين ڪرسين تي وينل ڪامورن لاءِ عام سائيڪلن ۽ رڪشا سائيڪلن جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ عام ماڻهن جي سفري سهولتن لاءِ روڊن تي گهوڙي گاڏيون، اٺ گاڏيون ۽ گڏهه گاڏيون هلايون وڃن ته هڪ طرف مهانگائي جو طوفان ٿمجي ويندو، ٻئي پاسي دونهين سبب وڌندڙ آلودگي کان به جان اَجي ٿي ويندي، ٿنهنڪري اسان جي پاڪستاني حڪومت ۽ پاڪستاني عوام کي صلاح آهي ته مجو موالي جي صلاح تي ٿورو ڌيان ضرور ڏنو وڃي.

ڏنو وڃي ته رڳو پيٽروليم مصنوعات ۽ سي اين جي جي مهانگي ٿيڻ جو اڪيلو مسئلو ناهي، انهن مصنوعات جي قيمتن وڌڻ سان گڏ عام واهپي جي شين سان گڏ کاڌ خوراڪ جون شيون عام خريدار جي خريداري قوت کان اونچائي تي پهچي ويون آهن. ماڻهو ويلي جي ماني لاءِ پريشان آهن، منهنجي نيڻن ۾ ان ويلي لڙڪن جو سونامي چيرن سان ٽڪرائڻ لڳو هو جڏهن اخبارن ۾ ڇپيل اداس نيڻن ۽ اداس مُک واري ناريءَ ۽ سنڌس ٻن معصوم ٻارڙن جي المياتي آرٽ جهڙي تصوير جو ڪيپشن پڙهندي ڇرڪ پري اٿيو هئم، گهوٽڪي واسڻ عائشه ملڪ الائي ڇو مون کي ڪوهه ڪاف جي ڪا اهڙي پري پاسڻ لڳي هئي، جنهن کي وقت جي رت پياڪ ديو قيد ڪري سنڌس رڳن مان رت چوسي، سنڌس جسن کي پيلاڻ ڏئي، ٻي ستو بڻائي ڪنهن ويراني ۾ اڇلائي ڇڏيو هجي.

عائشه جي درد ڪهاڻي ڪجهه هيئن آهي ته زميندار گهراڻي سان تعلق رکندڙ هن ناريءَ جي شادي ننڍي وهيءَ ۾ هڪ پيرسن سان ڪرائي وئي، پر پنهنجي مرضيءَ سان حياتي گهارڻ لاءِ عائشه پيرسن مڙس کان طلاق وٺي زاهد ملڪ نالي نوجوان سان پيار جو پرڻو رچايو، جنهن تي ڏمرجي عائشه جي پيئرن

سندس پريمي ور زاهد کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي سکر جيل جي ديوارن ۾ قيد ڪرائي ڇڏيو آهي ۽ ٻن ٻارن جي ماءُ عائشه زماني جون ٺوڪرون کائيندي کائيندي ڪوٺڙي جي خدا جي بستي ۾ اچي پناهه ورتي، پر گهر جو ڪرايو نه ڏئي سگهڻ ڪارڻ هاڻ ڪانئس اها پناهه به کسي ويئي آهي. اڄڪلهه عائشه ڪشادن مقبرن ۾ ستلَ پيرن جي درگاهن تي امانَ ۽ انصاف لاءِ ٻاڏائيندي، وقت گذاريندي، ٻُکن ۾ پاهه تي، معصوم جگر جي ٽڪرن جي درد کي برداشت نه ڪري سگهڻ سبب دل برداشته ٿي پنهنجي ممتا کي خودڪشي ڪرڻ لاءِ راضي ڪري پنهنجن معصوم ٻچڙن کي وڪرو ڪرڻ لاءِ سندن وڪري جو واڪ لکي پمفليٽ ڪٽي اداس نيڻن سان حيدرآباد جي ريشم گليءَ ۾ گهمي رهي آهي، ٻن پريمين جو چين چورائي ويندڙ، خوبصورت حسينائن واري هن شهر ۾ ڪوئي به ناهي، جيڪو عائشه جي درد کي سمجهي سگهي ۽ سندس خاموشي جي ڪيڏاري کي ٻڌي، ان تي سگهو ياحُسين چئي هن نئين ڪربلا تي افسوس ڪري.

عائشه جيڪا لطيف جي نگريءَ ۾ سسئي تي پٽڪي رهي آهي، ان جي پنهونءَ کي قيد مان آجو ڪرائڻ جا اختيار سنڌ جي گهرو وزير، قانون واري وزير ۽ وزيراعليٰ سنڌ کي به آهن ته وزيراعظم پاڪستان، چيف جسٽس ۽ صدر کي به آهن، نه رڳو اهو پر هيٺئين سطح تي اچجي ته ڪو ماهر وڪيل به سندس ڪيس وڙهي، هن سسئي کي رڻ ۾ پٽڪڻ کان بچائي سگهي ٿو ۽ سيشن جج يا شايد سول جج به ڪيس انصاف ڏئي سگهي ٿو، پر شايد ان لاءِ به عائشه کي ڪا سياسي سفارش گهربل آهي. عائشه کي صلاح ڏبي ته هوءَ هڪدم پ پ ليڊيز ونگ ۾ شموليت اختيار ڪري پوءِ جلد ڪيس انصاف ملڻ جي توقع رکي سگهجي ٿي، باقي پنهنجن ٻچڙن کي وڪرو ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيل بيوس ٻٽيل ماءُ کي مان ايترو ٿي چئي سگهان ٿو ته منهنجي پيڻ هاڻي هيءَ سنڌ ۽ هي خطو اهو ناهي رهيو جنهن لاءِ نبين جو سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ چوندو هو ته ان طرف کان مون کي جنت جي جهونڪي جهڙي هوا گهلندي محسوس پئي ٿئي.

هاڻي هي سنڌ جو خطو بي امان ٻڻجي چڪو آهي ۽ هتي ڏڪار جهڙي صورتحال جنم وٺي رهي آهي، ان لاءِ تنهنجو هي شيدي رنگ رڪندڙ پاءُ ٽوڪي چئي ٿو، پنهنجي هنياءَ جا ٽڪرا پاڻ کان جدا نه ڪر، پاڻ کي جي هتي ڪِيو نه مليو ۽ امان نه ملي ته پاڻ آفريڪا جي جهنگلن ۾ هلي رهنداسين، جتي جي وڻن جا ميوا اسان جي خوراڪ ۽ وڻن جا پن اسان جو لباس ٿيندا ۽ اتي رهندڙ جانورن مان اسان کي ايترو خطرو هرگز نه هوندو جيترو هتان جي انسانن، وڏيرن، حڪمرانن ۽ قانون جي رکوالن توڙي دهشتگردن مان آهي.

اپريل 2008ع

ڪي رند ڪڙو ڪڙ ڪائڻ تا!

چنڊ هڪڙو تہ آڪاس جو آهي، جيڪو هر رات جو اُپري دنيا جي انسانن کي رات جي سانت ۾ سُڏڪا ڀري ڳوڙها ڳاڙيندو بہ ڏسندو آهي تہ ٺهڪ وکيريندي بہ! اهو چنڊ ڪيترين ئي نارين جي عصمتن کي زبردستي لُٽجندي ڏسي لڙڪ بہ ڳاڙڻ چاهيندو هوندو، تہ خوشي سان توڙي مجبوريءَ ۾ جسمن جو سودو ڪري اونچي ڳاٽ گهمندڙ عورتن تي ڪرڀ بہ ڪائيندو هوندو. اهو آسماني چنڊ رشوت خور ۽ ملڪ دشمن ڪامورن کي شراب پيئندو ڏسي ضرور نفرت هاڻو ٺهڪ ڏئي انهن جي حال تي لعنتون وجهندو هوندو، ان لاءِ اهو چنڊ مون کي ڏاڍو وڻندو آهي ۽ مان سوچيندو آهيان تہ عصر ويل زمين تي ڪرندڙ شبنم پڪ سان ان چنڊ جا ڪجهہ انسانن جي اياڳ تي ڳاڙيل همدردي وارا ڳوڙها آهن ۽ ان لاءِ اها شبنم مون کي ڏاڍي وڻندي آهي. هڪڙو چنڊ وري زمين تي وسندڙ دلين جو بہ چيو وڃي ٿو پر اهو چنڊ هڪڙو ناهي اهڙا ڪيئي چنڊ آهن، جن جي حُسن تي شاعرن الائي جي ڪيترا نظم، وايون، غزل ۽ بيت توڙي ٻين صنفن وارا شعر سرجيا آهن ۽ ڪيترن عاشقن وري شاعرن جا اهي شعر چورائي پنهنجن محبوبن جي نانءُ ڪيا آهن.

يقينن منهنجي دل جو هڪ چنڊ ضرور آهي، پر مان هتي ان چنڊ جو راز کولڻ هرگز نٿو چاهيان، بلڪ مان مانائتي شاعره سانئڻ شبنم چانديو جي ڪتاب ”چنڊ ڪيئن چوَرائجي؟!“ بابت ويچار ونڊڻ چاهيان ٿو، هونئن تہ مان پاڻ کي شاعر ناهيان سمجهندو پر سُٺي شاعري پڙهڻ سان مون کي گهرو لڳاءُ ضرور رهيو آهي ۽ مان شاعري جو پڙهندڙ ضرور آهيان.

”چنڊ ڪيئن چوَرائجي؟!“ شعري مجموعو هٿن ۾ ايندي ئي مون کي محسوس ٿيو تہ مانواري شاعره چنڊ جي پيٽ ۾ پاڻ کي ڪمزور دل پائيندي ڏکي وڃي ٿي، ڇو تہ اهو چنڊ جيڪو هزارين، لکين انسانن جون درد ڪهاڻيون سانڊي ويٺل آهي ۽ ٻڙڪ بہ ٻاهر نٿو ڪڍي، ان جي پيٽ ۾ شاعره ڪنهن انسان کي تہ نهيو پر جانور کي بہ ايذاءِ هيٺ ڏسي ٿي تہ تڙپي اُٿي ٿي،۽ هڪ نظم لکي ٿي:

ڳليءَ ۾
رات سڄي پئي چيخيو
ٻليءَ جو ٻلونگڙو
۽ اُن جُون چيخون

مون کي
پنهنجن نندڙن پائيتن
۽ پاٿيجن جيان پئي محسوس ٿيون،
چاهيم جهٽ پائي ڪٽي وٺانس
۽ اُن کي سِيءَ جي سَٽَ کان بچايان.

ڏسجي ٿو ته سانئڻ شبنم ڏاڍي حساس دل آهي تنهن ڪري ئي ته هوءَ پنهنجو پاڻ کي چوي ٿي ته پلي ته ڪٿي ڪيس به ڪوئي چنڊ سمجهندو ۽ چوندو هجي، پر هوءَ چنڊ ناهي ، جو وٽس چنڊ جهڙو جگر ناهي ۽ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪري ٿي ۽ چنڊ چوڻ واري کان سوال ڪري ٿي:

جتي معصوم مستانين نينگرين جي عزتن تي
وحشي حوس هاريندا هجن
ان ديس ۾ تون چوين ٿو
مان چنڊ هان!
پر سچ پچ ٻڌاءِ؟
چنڊ ڪيئن چورَائجي؟!

شاعره نه رڳو اهو پر سنڌ ڇاين جي درد ڪهاڻين کي بيان ڪرڻ لاءِ ڏاڍو منفرد انداز اپنائي اسان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هوءَ چوي ٿي:

سُک کان خالي چُنري هن
سيني ساڻ لڳائي آهي
سنڌ جي نياڻي هاءِ ويڳاڻي.

”عرفي“ چا ته خوب چيو آهي ته ”شعر چوڻ به موتين پوئڻ وانگر ئي ونڊ جو ڪم توڙي لطيف فن آهي“ ۽ چنڊ ڪيئن چورَائجي جي سرجڻهار شاعره جنهن نموني سان دل جي احساسن کي لفظن جي مالها ۾ پويو آهي، ان مان لڳي ٿو ته هن ڪنداون رستن کي ڏينگرن سان ناهي ٻهاريو، بلڪ هن ڪندا ميڙيندي پنهنجا هٿ زخمي ڪيا آهن ۽ شعري گلابن کي گلابي رنگ ۽ خوشبوءِ ڏيڻ لاءِ هن رت ۽ لڙڪن جو ريج ڏنو آهي، تڏهن ئي ته سندس شاعري پڙهندي اها شاعري اسان کي پنهنجي اندر جو آواز محسوس ٿيڻ لڳي ٿي ۽ اسان کي محسوس ٿيڻ لڳي ٿو ته ڪيڏو نه سچ چيو آهي انگريز ڏاهي شيڪسپيئر ته ”جڏهن به درد جي تاريخ لکي ويندي ته هن جو ۽ منهنجو نالو هڪ ئي صفحي تي لکيو ويندو“. ها! بلڪل ائين جڏهن به ”چنڊ ڪيئن چورَائجي؟!“ ڪتاب کي ڪو به پڙهندڙ مطالعي هيٺ آڻيندو ان کي ائين لڳندو هر صفحي تي شاعره جي چنيل احساسن ۾ سندس جون وارتائون نه بلڪ پڙهندڙ جون وارتائون ۽

نانءُ لکيل آهي:

آزاد سندي ڌرتيءَ تي جيئڻ ٿي گهري "شبنم"
قبضي جي مڏي ناهيان جو وڪڻي وٺين پئسا،

اها هر آدم زاد جي خواهش آهي ته هو آزاد فضائن ۾ مڪمل آزادي سان جيون گهاري هن جي سوچ، هن جي خواهشن ۽ هن جي جسماني آزادي تي ڪي به بندشون نه هجن، ڪنهن جو به متس قبضو نه هجي ۽ شاعره جنهن نموني اهڙي خواهش جو اظهار ڪيو آهي، ان ۾ جهڙي ريت نفرت جو اظهار ڪيو ويو آهي غلاميءَ کان، اهو انداز بيان بلڪل ئي منفرد آهي.

اسين ڏکيرا!
سکن جا طالب
اسان به جيئڻ جو حق رکون ٿا
اسان جي نگري!
اسان جي ٻولي!
ها!... سنڌوءَ جي چولي ۾
چال جهڙي
حياتي ماڻڻ جو حق رکون ٿا.

"چنڊ ڪيئن چورائجي؟!" ڪنهن شاعر جي محبت ۾ ناڪامي بعد نااميدي ۽ درد جي پوڳنائن سان ٽمٽار آواز نه بلڪه هڪ شاعره جي ديس جي ڌرتي سان محبتن جي امين شاعري ۽ سنڌ جي هاريءَ توڙي ابوجهه ٻاريءَ جي سينواريل ياڳن کي سڦلتو ۽ سُترو بڻائڻ لاءِ ڪنهن انقلاب جو گونجندڙ سڏ آهي:

هر سوپ لئه بيشڪ آ منزل پريري
لاٽ ٻٽجي ٻاٽ کي ٻاري هليو آ انقلاب،
رات "شبنم" وسندي وس، تون پلي جابجا
پڪ اٿم ته هر ڏينهن جياري هليو آ انقلاب.

انقلاب جو نانءُ ڪجندي ئي الائي ڇو دنيا جي هر خطي ۾ وقت جا حاڪم ڇرڪجي ويندا آهن ۽ انقلاب جي آواز کي گهٽو ڏيڻ لاءِ هر وقت اٽڪلون سوچيندا رهندا آهن، هتي اسان جي ڏيهه جي تاريخ شاهد آهي ته مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهايو ويو، شاه عنايت کي شهيد ڪيو ويو. لطيف کي زهر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. هيمون توڙي شهيد ٻُتي کي ڦاهي ڏني ويئي، اياز کي قيد ۾ رکيو ويو ۽ سنڌ راڻي کي گولي جو بک بڻايو ويو، پر پوءِ به تاريخ گواهه آهي ته انقلاب جو سڏ ڪڏهن به مُئو ناهي، پر پڙاڏو ٿي گونجندو رهيو آهي ۽ اهو سڏ "چنڊ

ڪيئن چوِرَائجي“ ۾ هيئن گونجي ٿو.

مان هوشو، هيمونءَ جي جنمن ڪان
جيجل ماءُ نماڻي آهيان
هل سويارا ٽوپيءَ وارا
جهنڊو لهرائي اجرڪ جو
جيون جاڳائي ستلن جو
نعرا هڻندا سنڌ امڙ جا
جاڳو جاڳو سنڌي جاڳو
جاڳو جاڳو مانجهي جاڳو

اهو انقلاب جو سڏ پاڪستان ڪان بغاوت جو سڏ هرگز به نه سمجهڻ گهرجي، بلڪ اهو انقلاب جو سڏ سماج جي ڪٽڻ ريتن، حڪمرانن ۽ ڪامورا شاهي جي ناانصافين کي دفنائي نئون سماج جوڙڻ جو سڏ آهي. اهڙو سماج جنهن ۾ رهندڙ ڪنهن به فرد جي ارمانن کي ڪارو ڪري موت جي جهوليءَ ۾ سمهارڻ جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي وڃي، جتي رڳو سُک هجي، سلامتي هجي ۽ محبتون هجن، اهڙي سماج کي سنڌ ۾ جوڙڻ جي اشد ضرورت آهي، جنهن لاءِ شاعره نه رڳو قلم ڪان سهارو ورتي ٿي پر هوءَ عملي طور به جاکوڙي رهي آهي، هوءَ سنڌياڻي تحريڪ جي ڪارڪن به آهي ته ذاتي حوالي سان پنهنجي شهر ۾ نياڻين کي سلائي ڪڙهائي جي تربيت ڏيڻ سان گڏ ڀهراڙي جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ سماجي تنظيم طرفان هلندڙ اسڪول ۾ وڃي ٻارڙن کي تعليم جي روشني سان مُنور ڪري رهي آهي، جنهن ڪري اهڙي جاکوڙي ڏيءَ تي يقينن ديس جي ڌرتي کي ناز رهندو. پڙهندڙ هن انقلابي سڏ کي جيءَ ۾ جايون ڏيندي ان ۾ ڪجهه رهجي ويل غلطين کي نظرانداز ڪندي ان کي شاعره جي لکڻين جي فني ڪمزوري هرگز نه سمجهندا.

سچو سودائي جو شوق

منهنجو دوست سچو سودائي سهڪندو سهڪندو اچي مون وٽ پهتو، چيائين، ”مون کي هڪ صلاح ڏي، مان هڪڙي روزاني اخبار جو مالڪ بڻجڻ ٿو چاهيان!؟“ چيومانس، توکي وري ڪنهن اها صلاح ڏني ته وڃي لُنڊيءَ تي پير رک ته ڦتڪي مرين؟ !منهنجي ان ڳالهه تي ڏاڍي منيان لڳس، ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين ”واقعي ئي تون آفريڪا جي جهنگلن مان ترجي نڪتل شيدي نسل جي موڳي باقيات آهين، جڻ جانورڙي جا پٽ !مان هڪ بهترين ۽ عزت وارو پيشو اختيار ڪري ڏوڪڙ ڪمائڻ ٿو چاهيان ۽ تون آهين جو پنهنجي موڳائپ ۾ الوٽ تي الائي جي ساڙ منجهان سڙي پچي مون کي چئين ٿو ته مون کي ڪنهن لُنڊيءَ تي پير رکڻ جي صلاح ڏني آهي؟!. هُو ڪاوڙ ۾ اُٿي واپس وڃڻ لڳو ته هٿ کان پڪڙي زوريءَ ڪيس ويهاريندي چيم !ڪاوڙ ڇڏ مان پنهنجا چيل لفظ واپس ٿو وٺان، مون ته مذاق پئي ڪئي.

چيائين اهڙي مذاق پنهنجي پڳ مٽ يار مجو موالي سان ڪرين ته توکي سونهين ٿي، پر مان تنهنجو سڌو دوست ناهيان بلڪ مجو مواليءَ معرفت تنهنجو دوست بڻيو آهيان، ان لاءِ تنهنجي مون سان مذاق سونهين ڪونه ٿي، آئيندي لاءِ خيال رکندو ڪر. هونئن به وقت ۾ توکي پنهنجا ڪالم منهنجي اخبار ۾ ڇپرائڻ لاءِ مون کي ايلاز ڪرڻا پوندا. مون کي ڏاڍي حيرت ٿي ته سچو سودائي هر وقت سودائن ۾ رهندو آهي، پر اڄ موئن جي دڙي جي ڪندرن جهڙي چهري تي خوشيءَ جا آثار سينگاري ڀڪي رهيو آهي، آخر ماجرا ڪهڙي آهي؟ هن کي وري ڪٿان دولت جي ديڳ هٿ آئي جو اخبار جو مالڪ بڻجڻ جو شوق جاڳيو اٿس؟!.

خير مون پنهنجي ان حيرت کي پنهنجي آفيس ٽيبل جي خاني ۾ رکڻ وارو بهتر عمل سمجهندي، ان تي عمل ڪيو ۽ سچو سودائي لاءِ چانهه جو چئي ڪانئس پڇيم ڪهڙي صلاح ڪرڻي اٿئي؟ چيائين اخبار جو نالو حتمي ڪري ڏي، ٻيو ته اهو جانچي ڏي ته اها اخبار اڳ ۾ ته ڪٿان نڪتي شايع ٿئي. پوءِ هن ڏاڍي فخر سان نالا ڳڻڻ شروع ڪيا. (1) روزاني گدو ٽائيمز (2) روزاني چادر (3)روزاني پٽڪا ڏوڙ. اهي نالا ٻڌندي چيومانس بس بس اهي ڪافي آهن انهن نالن منجهان ئي ڪوهڪ نالو چونڊي ٿا وٺون. هو خاموش ٿي ويو ۽ مون کي تڪڻ لڳو، محسوس ڪيم ته هن جي اڌ تڻ وڌندي پئي وئي، ان لاءِ ڇپن تان خاموشي جا تالا

ٺوڙينديءَ يعني ڪفل ڪولينديءَ چيومانس گڏو ٽائيمز لاءِ تازو ئي خدو خيراتي ڊڪليريشن فارم جمع ڪرايو آهي، باقي رهن ٿا ٻه نالا انهن مان روزاني پنڪا ڏوڙ تنهنجي لاءِ بهتر آهي، ان لاءِ ڪنهن اخبار ۾ اشتهار هلراءِ ته هڪ روزاني اخبار جي اهڙا محنتي سب ايڊيٽر گهرجن جن کي خبرون ناهڻ پلي نه اينديون هجن پر رپورٽرن کان موبائيل ڪارڊ ۽ منتلي ونڻ ۽ وني ڏيڻ ۾ مهارت رکندا هجن، جڏهن ته اخبار لاءِ اهڙا رپورٽر گهرجن جيڪي بلڪل اڻ پڙهيل ۽ پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث هجن. ان سان فائدو اهو ٿيندو ته اهي ڏوهاري سرگرمين جون رپورٽون اڳوات اخبار کي ڏياري موڪليندا، جيڪي تون اخبار ۾ شايع ڪجانءِ ۽ اخبار ته پڙهندو هونئن ئي ڪير ٻه ڪونه، باقي پوليس تي اجايا سجايا دابا ڪري انهي سان منتلي فٽ ڪري وٺجانءِ ائين آهستي آهستي تنهنجا دابا ڏسي ٻين ادارن جا سربراهه ۽ ڪلارڪ ڪرڙا ٻه توکان ڊڄندا ۽ تنهنجا ٻه ٻه ٻارنهن ٿي ويندا ته تنهنجا هٿ پير ٻه ٻئي گيهه ۾ هوندا.

منهنجي صلاح سچو سودائي جي دل ۾ گهر ڪري وئي، خوشيءَ ۾ حق قلندر جو نعرو هڻي اٿڻ لڳو ته چيومانس اجان ويهه توکي ڪالم نگارن لاءِ ٻه ته صلاح ڏيان. چيائين اها صلاح پوءِ ونبي في الحال وڃي تو ڊڪليريشن فارم پرائي جمع ڪرايان ۽ ڪنهن اخبار ۾ اشتهار ڇپرايان، بس اهو ياد رک ته تون منهنجي اخبار جو قانوني صلاحڪار هوندين. ايل ايل بي جي ڪا ڪوڙي ڊگري خريد ڪري وٺ خرچ پاڻي سمورو مان ڏيندم. ائين چئي سچو سودائي ته هليو ويو پر پنهنجا سمورا سوداءَ مون وٽ ڇڏي ويو آهي، هاڻي مان سوچيان ٿو ماڻهو ڪوڙ کي سچ ۾ تبديل ڪرڻ جي فن ۾ ڪيئن مهارت حاصل ڪري وڃن ٿا. هڪ گرلس سيڪنڊري اسڪول متعلق اخبارن ۾ آيل خبرون منهنجي سامهون گردش ڪرڻ لڳن ٿيون. ان شهر سان تعلق رکندڙ پنهنجي هڪ بيباڪ ليکاري ساٿيءَ کي فون ڪريان ٿو، جنهن کان ان معاملي بابت سوال ڪريان ٿو.

جواب ملي ٿو، اسان بي حس قوم جا فرد آهيون، حڪومت سميت وفاقي وزيرن تي اڪثر الزام هنيو ويندو آهي ته اهي نوڪريون ڏارين کي وڪرو ڪري ڏين ٿا ۽ پنهنجا ڪانئن وسري وڃن ٿا. اسان جو ڪو سنڌي ڪامورو ٻڌجي ٿو ۽ ڪنهنکي نوڪري نٿو ڏئي ته پنهنجن جو دشمن آهي، پر هتي جيڪڏهن هاير سيڪنڊري اسڪول جي پرنسپال پنهنجي هڪ مائٽ کي ڊيلي ويجز تي ليڪچرار مقرر ڪرايو آ ته ان خلاف سماج دشمن عناصر سندرا ٻڌي ڪوڙا ۽ نلها اخباري احتجاج ڏيکاري سندس عزت نفس تي وار ڪري رهيا آهن، جنهن تي شهرين ٻه احتجاج ڪيا آهن

۽ انهن ڪوڙن ۽ سماج دشمن عناصرن جي اجاين بيانن کي نظرانداز ڪيو آهي. هن ٻڌايو تہ مان ان ڳالهہ جي گواهي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان تہ هاير سيڪنڊري اسڪول جو ماحول ۽ پڙهائي بلڪل صحيح آهي، باقي سماج دشمن عناصر ڪهڙين ڏوهارين سرگرمين ۾ ملوث آهن، اها خبر تڏهن پوندي جڏهن طاقتور ماڻهو انهن مٿان چپر چانو تيڻ ڇڏيندا ۽ پوليس ڪنهن بہ دٻاءُ ۾ اچڻ کان بغير تحقيقات ڪندي.

هن چيو تہ انتظاميا خلاف اجائي واويلا ڪندڙن کي ياد رکڻ گهرجي. حضور پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن بہ سڀ کان پهريون پنهنجي گهر، پنهنجن مائٽن ۽ پنهنجن پاڙيسرين جو خيال رکڻ جي هدايت ڪئي آهي، پوءِ جيڪڏهن پرنسپال پنهنجي بيروزگار مائٽ کي پنهنجي هٿ وس هجڻ واري نوڪري ڏني آهي تہ ڪهڙي خطا ڪئي آهي؟ !جنهن تي اها واويلا تي رهي آهي؟!

مان اهڙي ڄاڻ ملڻ ڪانپوءِ فون بند ڪري وري سوچڻ لڳاں تہ، مون پنهنجي جنهن ساٿي ليڪاري کان هن معاملي متعلق پڇا ڳاڇا ڪئي آهي ان جو ٻنهي ڌرين مان ڪنهن بہ هڪ ڌر سان ڪوبہ تعلق ناهي. ان لاءِ حقيقت اها ئي معلوم ٿئي ٿي تہ ان اسڪول متعلق آيل سموريون خبرون ڪوڙيون ۽ انتظاميا کي بليڪ ميل ڪرڻ جي سازش تحت سٽيل آهن، تنهن ڪري مان سوچيان ٿو جيڪڏهن سنڌ ۾ اهڙيون روايتون قائم ٿي ئي رهيون آهن تہ پوءِ سچو سودائي جي روزاني پٽڪا ڌوڙ هڪ ڏينهن ڪاميابي جي بلندين تي هوندي، ڇو تہ سچو سودائي پنهنجو پٽڪو پنهنجي شوق سان لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي هن جا هٿ ٻين جي پٽڪن طرف وڌن ٿا. اهو سندس شوق آهي.

اڻ لکيل ڪالم ڪهاڻي!

شايد اهي ٻه ھِڙا سيڪنڊ جا ڏينهن هوندا، جڏهن اردو ٻولي جي يگاني شاعر فيض احمد فيض پنهنجي محبوب شريڪ حيات ايلس کي جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ مان هي سٽون لکي اماڻيون هيون ”منهنجي دل اهڙي سخت ناهي جيتري مان ظاهر ڪندو آهيان، هيءَ دل ٿوري به بي احتياطي ڪريو ته بُري طرح ڏکي اُٿي ٿي، مان ڄاڻان ٿو ته ڳوڙها ۽ دردِ دل ڪا عياشي ناهن هوندا جن تي ڪي لفظ ڳالهايا وڃن. بلڪه اهي ته زندگي جي تقاضا هجن ٿا، انهن کي دٻائي رکڻ پنهنجو پاڻ تي بي سبب ناقابل برداشت بار وجهڻ آهي، پر ٻئي طرف ڪجهه ماڻهن ان کي ڪوڙ ۽ رياڪاري جو سبب به ٻڌائي ڇڏيو آهي. ان لاءِ منهنجو خيال آهي ته جڏهن دل ۾ درد جو طوفان برپا هجي تڏهن به ڪنڌ ايترو اونچو ضرور هجڻ کپي جو مستقبل ۾ اميد جو ڪرڻو نظر اچي سگهي“.

فيض جون اهي سٽون پڙهندي مون کي ٿورڙا ڏينهن ٿيا آهن، ان لاءِ اهو نه سمجهجانءِ ته مون پنهنجي نيڻن ۾ ڇُلندڙ سمنڊ کي ان لاءِ دنيا کان اوجهل ڪري ڇڏيو آهي ته فيض جي هنن سٽن منهنجي دل تي اثر ڇڏيو آهي. پر حقيقت اها آهي ته تُنهنجي ملڻ کان پوءِ منهنجي نيڻن جو اهو سمنڊ پوئتي هٽڻ لڳو هو ۽ آهستي آهستي ان جون اهي تيز ڇوليون تمجي اهڙي ڌيمي انداز ۾ ڇُلڻ لڳيون جهڙوڪر ڪنهن پيار پرئي گيت جا مڌم ساز ڇڙندا هجن ۽ اهو تيز گجندڙ سمنڊ پيار جي لهرن جا هندورا جهلائيندي پيار جا موتي اڇلائڻ لڳو هو. ان لاءِ منهنجي جيون مان ڳوڙهن جو ڇلندڙ سمنڊ اڄ به وڃايل آهي ۽ ها توکي ياد هوندو تو چيو هو ”پاڻ ڪڏهن به وڇڙي ڪونه ويندا سين پر جي حالتن اسان کي جسماني طور تي ڌار به ڪري ڇڏيو، تڏهن به روحاني طور پاڻ هميشه گڏ رهنداسين“. اهو به تو ئي چيو هو ته ”تون پنهنجي يادن جي ريشمي ڳنڍ مان مون کي هرگز به ڪڏي ٻاهر ڦٽو نه ڪري ڇڏيندينءَ ۽ جي منهنجي نيڻن ۾ لڙڪن جي ماڪ جو هڪڙو قطرو به تري آيو ته اهو پنهنجي هٿن جي نرم ترين ۾ پري لڪائي ڇڏيندينءَ“. ۽ مون توکي چيو هو ته تون شبنم ٻڄي منهنجي ٿوهر حياتي مٿان وسي جيڪا گل ٽيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن خوشبوءَ کان خالي گلن ٽڙڻ بعد پيار جي هير گهلڻ ڪارڻ منهنجي ٿوهر ۽ بي رنگ حياتي ڪيئي رنگن ۾ بدلجي وئي آهي ۽ منهنجي نيڻن ۾ هاڻي لڙڪ نه پر تنهنجو وجود سمايل رهندو.

توکي شايد اهو به ياد هجي ته تو منهنجي ان ڳالهه چوڻ تي چيو

هو ”وشال! مان چاهيان ٿي ته واقعي به وشال دل جو مالڪ بڻجي ڏکن کي سکن جي چادر ۾ ڍڪي کلندو رهين، اها منهنجي دلي خواهش آهي ته جڏهن پاڻ وڇڙون به ته تنهنجي نيڻن ۾ چلندڙ سمنڊ کي ڪير به ڏسي نه سگهي“.

۽ ڏس! مون ان ڏينهن کان منهنجي جهولي ۾ ايندڙ هر درد جي پنڇي کي سُکڻ جي ننڍڙي آکيري ۾ جاءِ ڏني، ان ڳالهه تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي، جنهن جي آس تون مون مان رکين ٿي. مان تنهنجي وڇڙڻ تي هڪڙو لڙڪ به نيڻن مان ڳاڙي ڳلن جي رنگين ڪاغذ جو رنگ ڦٽائڻ جي ڪوشش نه ڪندم، اهو منهنجو توسان واعدو آهي پر هڪڙي راز جي ڳالهه ٻڌائيندو هلانءِ ته منهنجي دل به فيض احمد فيض جي دل جهڙي دل آهي، جيڪا به ايتري سخت هرگز به ناهي، جيتري سخت هجڻ لاءِ ظاهر ڪري رهيو آهيان، هي دل به تنهنجي پاران ٿورڙي به اختيار ڪيل بي احتياطي تي ڏاڍي ڏکي پوي ٿي ۽ مان جيڪو ننڍڙي ٻار جيان روئڻ گهرندو آهيان، سمورن ڳوڙهن ۽ سسڪين کي دل ۾ دٻائي هڪ ناقابل برداشت بار پنهنجي دل مٿان مڙهي ڇڏيندو آهيان، رڳو ان لاءِ ته مستقبل بابت اميد جو هڪ ڪرڻو منهنجي نيڻن ۾ اڃان به روشن آهي ته تون ۽ مان ڪڏهن به وڇڙي ڪونه ويندا سون ۽ تون پنهنجي يادن جي ريشمي ڳنڍ مان مون کي ڪڏهن باهر هرگز نه اڇلائي سگهندينءَ.

مان نٿو ڄاڻان ته مان جيڪا هي ڪالم ڪهاڻي لکڻ چاهيان ٿو، اها تون پڙهي به سگهندينءَ الائي نه پر ته مان ڄاڻان ٿو تون هاڻي اڪثر اخبار پڙهڻ وساري ڇڏيندي آهين ۽ هاڻي جڏهن سياري جي مند ۾ وڻن جا پن پنهنجو رنگ بدلائي زرد ٿي ڌرتيءَ جي جهول ۾ ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن، تڏهن يقينن تنهنجي دل به منهنجي دل وانگر ٿي ماندي ضرور ٿيندي هوندي ۽ تنهنجي طبيعت تي به سُستي حاوي ٿي وئي هوندي، پوءِ پلا تون ڪيئن منهنجي ڪابه ڪالم ڪهاڻي پڙهي سگهندينءَ. منهنجو ڪو اخباري ڪالم يا ڪالم ڪهاڻي ته پري جي ڳالهه پر تون ته ڪتابن پڙهڻ واري عادت به تبديل ڪري ڇڏي آهي، ان لاءِ مان سوچيان ٿو ته مان اڄ ڪابه ڪالم ڪهاڻي لکڻ واري عمل کان پري هٽي وڃان ۽ هن ذهن ۾ سرجيل ڪالم ڪهاڻيءَ کي پنن مٿان اتارڻ واري خفي ڪرڻ بجاءِ ان کي اٿين ئي دل اندر دٻائي ڇڏيان، جيئن ڳوڙهن کي دٻائي رکڻ جو ناقابل برداشت بار دل تي کنيو آهم.

مان اهو به سمجهان ٿو ته منهنجا پڙهندڙ منهنجي ڪالم ڪهاڻي لاءِ منتظر هوندا ۽ انهن کي منهنجي اڻ لکيل ڪالم ڪهاڻي جي نه لکجي سگهڻ ڪارڻ مون مٿان جڪون يعني ڪاوڙ به چڙهندي پر مان پنهنجي ڪالم ڪهاڻيءَ کي اڻ لکيو رهڻ ڏيان ٿو ۽ مان انهن کان توڙي

توڪان موڪلايان ٿو. ان لاءِ تہ ڪٿي منهنجو توسان ڪيل وعدي جو پرم ٽٽي نہ پوي ۽ مان پير ڳوٺ جي تسليم سولنگي سان پيش آيل انسانيت کي لڄائيندڙ واقعي جي جوابدار قاتلن کي جوڳي سزا نہ ملڻ واري بي حسي ۽ هاڻي وري يارولنڊ جي حنيفان کي ڪارنهن الزام هيٺ سسيءَ تائين زمين ۾ پوري گوليون هڻي قتل ڪرڻ واري ڪريناڪ واقعي تي ڏرڙيون پري روئي نہ پوان ۽ منهنجي ڪاري تئي جهڙي چهري مٿان لڳل چيري بلاسر لهي ماڻهن جي اندر ۾ سٽل انسانيت کي جاڳائڻ لاءِ هڪ گونگو احتجاج نہ ڪرڻ لڳي، جي ائين ٿيو تہ هڪ طرف منهنجي روئڻ تي تون ناراض ٿيندينءَ، ٻئي طرف حڪومتي بيحسي ۽ قانون جي لاچاري تي منهنجي احتجاج ڪرڻ سبب سنڌ جا سياسي وڏيرا بہ مون مٿان ڪاوڙجي سگهن ٿا.

موگيمبو ناراض آ!

ان ۾ ڪا حيرت واري ڳالهه ناهي ته مها موگيمبو جا هر شڪل جامڙا موگيمبو دنيا جي هر ملڪ جي هر شهر، هر ڳوٺ ۾ موجود آهن، هر موگيمبو اڪثر ان واقعي تي خوش ٿيندو آ، جنهن واقعي مان ڪنهن کي نقصان رسندو هُجي. مثال طور اسان جي ڏيهه ۾ ٿيل 12 مئي وارن واقعن تي موگيمبو ڏاڍو خوش ٿيو هو. ان انساني لاشن مٿان وحشين وانگر اگهاڙو ٿي ناچ ڪيو هو. موگيمبو ان وقت به ڏاڍو خوش ٿيو هو، جڏهن لال مسجد آپريشن ۾ هزارين بيگناهه حياتين کان جيئڻ جو حق کسيو ويو هو ۽ موگيمبو ان وقت به خوش ٿيو هو، جڏهن اُترين علائقن ۾ قانون نافذ ڪندڙ ادارن جا اهلڪار پنهنجن هٿان مري توڙي پنهنجن کي ماري رهيا هئا، جيتوڻيڪ اُترين علائقن ۾ اهو سلسلو اڃان به جاري آهي پر موگيمبو ان ڪري خوش ناهي جو ملڪ ۾ گهلندڙ سياسي هوائون سندس سمجهه کان بالاتر ٿي ويون آهن. هڪ طرف قومي مفاهمتي آرڊيننس جاري ڪري بينظير ڀٽو کي ڏيهه ورڻ لاءِ رستو صاف ڪري ڏنو ويو آهي ته ٻئي طرف ڪيس وزارت عظميٰ جي چمڪندڙ سوني ڪرسي ڏيڻ لاءِ به هاڪار ڪئي ويئي آهي، جنهن جي موٽ ۾ ايشيا جي عظيم ليڊر جي لاڏلي ڌيءَ کي پرڏيهي آقائن آڏو اهو شرط جلد ئي قبولي ورتو آهي ته هوءَ اقتدار ۾ اچي القاعده ۽ طالبان جي پاڙ به ملڪ مان پٽي ناس ڪندي ته ڊاڪٽر قدير خان کي به آمريڪي ايجنسين آڏو پيچاڻي لاءِ پيش ڪيو ويندو، پر ان سموري معاملي هوندي به بينظير ڀٽو زباني طور ڪڏهن ڪڏهن واعدن تان ڇڙ ته ترڪندي رهي آهي، ڪنهن ويلي هوءَ ڊيل کي مڃي ٿي ته ڪنهن ويلي هوءَ ڊيل ٿيڻ واري معاهدي کان ئي اٽڪڻ ٿي وڃي ٿي ۽ اهو تاثر ڏيکاري رهي آهي ته هوءَ ڪنهن به ڊيل جي نتيجي ۾ ملڪ واپس نه وري آهي، پر عوام جي اهنجن جو اُلڪو ئي ڪيس تڙپائي ڪِهلي هتي وني آيو آهي، ان لاءِ ممڪن آهي ته مها يا ڪنهن جامڙي موگيمبو جي من ۾ خدشا پيدا ٿي پيا هُجن ته ڪٿي اقتدار جي چمڪ ڌمڪ کي ڏسي اڳوڻي وزيراعظم ۽ مستقبل ۾ ساڳئي ڪرسي ڏانهن وڌڻ لاءِ جاکوڙيندڙ بينظير ڀٽو واعدي کي وساري نه ويهي ۽ ان غُرور ۾ نه اچي وڃي ته هوءَ عوام جي چونڊيل وزيراعظم آهي، ا نلاءِ موگيمبو ناراض ٿي ڪيس عوام جي وچ ۾ پهچڻ وڏي آواز ۾ نعرن جا جواب ڏئي هٿ لوڏي ٿڪ ڏيڻ ۽ ٿڪجڻ بعد آرام لاءِ ڪنٽينر تان هيٺ لهي ڪيبن ۾ پهچي اقتداري ڪرسي جا خواب ڏسڻ لاءِ گهڙي ڪن سُتل

هِن عوامي ليڊر کي عوامي سگهه جي نشي ۾ نند مان جاڳائڻ لاءِ هڪ اهڙو ڏماڪو ڪرايو هجي، جنهن سموري دنيا جي ٽي وي اسڪرينن ذريعي نند ڦٽائي ڇڏي ۽ اهو به ممڪن آهي ته ڪو جامڙو موگيمبو قومي مفاهمت تي ناراض هجي ۽ هن پنهنجي ناراضگي کي عارضي خوشي ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ انساني رت جي هولي کيڏي هجي. بهرحال سياست ۾ ڪجهه به ٿي سگهي ٿو، ڇو ته سياست ۾ دين ايمان کي پاسي تي رکيو ويندو آهي، رشتن جا احساس ماريا ويندا آهن، تڏهن ئي سياست جي آسمان تي پير جمائي سگهبا آهن ۽ سياست جي اندلٺ کي هٿ لائي سگهبو آهي. سياست جا رڱو ست نه پر ست سئو کان به وڌيڪ رنگ آهن، جنهن ڪري ئي سياستدان سانڊي کان به وڌيڪ رنگ مٽائي سگهڻ جي سگهه رکندڙ هوندا آهن. اسان جي سياسي مارڪيٽ ۾ اڄڪلهه الزام تراشين ۽ سياسي قلابازين وارو ڪاروبار تيزي وٺي ويو آهي، سياسي سگهه جي شيئرز جو ڪاروبار ڪندڙ واپاري هڪٻئي مٿان الزام هڻي12 مئي واقعي بابت به هڪ ٻئي کي ذميوار قرار ڏئي رهيا آهن. پيپلز پارٽي ٽن اهم شخصيتن جا نالا صدر حوالي ڪندي الزام مڙهيو آهي ته اهي ئي ڪراچي واقعي ۾ ملوث آهن ۽ انهن مان پيپلز پارٽي چيئرپرسن جي حياتيءَ کي خطرو آهي، جڏهن ته مخالفن جو چوڻ آهي ته پ پ پنهنجو ڪريل سياسي گراف وڌائڻ ۽ ڊيل معاملي تان ماڻهن جو ڌيان هٽائڻ لاءِ پاڻ ئي اهڙو ڊرامو ڪرايو آهي. هوڏانهن اهي به خبرون گردش ڪري رهيون آهن ته بينظير ڀٽو جي وطن واپسي کان به هفتا اڳ ڊي آءِ جي ڪراچي ايسٽ مير زبير محمود سميت ڪجهه سينيئر آفيسرن جون بدليون ڪيون ويون هيون ۽ بينظير ڀٽو جي اهڙي وقت دعويٰ ته سندس قافلو شاهراه فيصل تي پهتو ته بجلي بند ڪئي ويئي، اهي سڀئي شاهديون ڪيترائي شڪ پيدا ڪري رهيون آهن ۽ ماهرن جي رپورٽ وري پ پ توڙي حڪومت جي ان ڳالهه کي رد ڪري ڇڏيو آهي ته حملا آپگهاتي هئا، ڇو ته رپورٽ موجب ڏماڪا 15 ڪلو گرام بم سان ٿيل هو ۽ هڪ بمبار ڪيئن 15 ڪلو گرام وزن پاڻ سان ٻڌي رکيو؟ ان سوال جو جواب هر سمجهه رکندڙ ماڻهوءَ جي ذهن ۾ پاڻهي اچي ويندو ۽ ماهرن جي رپورٽ اها ئي سچي لڳندي ته اهو مواد اڳ ۾ نصب ڪيو ويو ۽ ريموٽ ڪنٽرول ذريعي ڦاڙيو ويو هوندو، جڏهن ته هاڻي وري پ پ دعويٰ ڪري رهي آهي ته ڏماڪو اڇي رنگ جي ڪرولا ڪار ذريعي ڪيو ويو، جنهن تي سوال ٿو اڀري ته هيڏي رش هوندي اها ڪار سڀئي رڪاوٽون ۽ سيڪيورٽي توڙي بينظيرڀٽو جي گاڏي ويجهو ڪيئن پهتي؟ بهرحال موگيمبو جي ڪاوڙ اجا گهٽيل نظر نٿي اچي. قومي مفاهمتي آرڊيننس ذريعي سياست مان نفرت جو خاتمو آڻڻ وارو مقصد دم ٽوڙي رهيو آهي،

چوڻ وارا چون ٿا ته مشرف، بينظير ڊيل خطري هيٺ اچي وئي آهي. چونڊون ملتوي ٿيڻ جا امڪان به ڏيکاريا پيا وڃن ته نگران حڪومت لاءِ وزيراعظم جي اميدوارن جا نالا به گردش ڪري رهيا آهن. الزامن جي بوڇاڙ سان ووٽ بئنڪ وڌائڻ وارا حربا به هلايا پيا وڃن ته سياسي قلابازين لاءِ رسيون به چڪيون ويون آهن، سياسي لوٽا سياسي ڪلئي ڪرائي وري نوان ۽ چمڪدار ٿيڻ لاءِ سگهارين پارٽين ۾ اثر رسوخ رکندڙ منشين جهڙن ڪردارن جي "جيءُ حضوري" ڪرڻ ۾ رڌل آهن، جيئن پارٽي چيئرمين يا چيئرپرسن آڏو اهي منشي صفت سياستدان سندن تعارف شَدَ مَدَ ڏئي ڪرائين، سندن پارٽي لاءِ ڏنل قربانين جا ڪوڙا قصا گهڙي، سندن علائقن ۾ سندن اثر رسوخ جي ڪوڙي دعويٰ پيش ڪن، جو سندن علائقي واري قومي يا صوبائي اسيمبلي جي پارٽي ٽڪيٽ انهن لوٽن سياستدانن کي ئي ڏيڻ جو اعلان ڪيو وڃي.

جيتوڻيڪ اسيمبلي ٽُٽڻ ۽ نگران حڪومت جڙڻ ۾ اجان ڏهه پندرهن ڏينهن باقي آهن ۽ سپريم ڪورٽ ۾ صدر جي معاملي تي پٽيشن جو فيصلو به اچڻو آهي، جنهن بعد حڪومتي ڌر جو چوڻ آهي ته فيصلو حق ۾ نه اچڻ جي صورت ۾ مارشل لا يا ايمرجنسي به لاڳو ٿي سگهي ٿي ۽ راولپنڊي ۾ چيئرمين جوائنٽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ بين آرمي آفيسرن جي رهائشگاهن ويجهو تيل بم ڌماڪو اهڙي ڪنهن امڪان لاءِ ريڊ سگنل به ڏئي رهيو آهي پر شيروانين جا آرڊر ڏيڻ لاءِ لوٽن جون لائينون اسڪولي ٻارن جي اسيمبلي لائين جهڙو ڏيک ڏئي رهيون آهن، هر سياستدان پاڻ کي شريف النفس، لائق ۽ فرمانبردار ڏيکارڻ لاءِ هر ممڪن مظاهرو ڪري رهيو آهي، پر منهنجي دوست مجو موالي جو چوڻ آهي ته جيڪو پارٽي لاءِ وڏيڪ امداد ڏيڻ جو واڪ ڏيندو اهو ئي نامزد ڪيو ويندو ۽ اهو ئي اسيمبلي ۾ پهچي نندون ڪندو چو ته اسان جي عوام ۾ اجان سياسي شعور آيو ئي ناهي، جيڪڏهن ڪا عوامي يا سرڪاري پارٽي ڪنهن وڏيري، جاگيردار ۽ سرمائيڪار کان امداد جي روپ ۾ رشوت وٺي ،سندس ڪنهن سڻي نسل واري گهوڙي کي به اميدوار نامزد ڪري ٽڪيٽ ڏيندي ته ماڻهو پارٽي نالي تي ان گهوڙي کي به ووٽ ڏيندا ۽ اهو گهوڙو به اسيمبلي ميمبر چونڊجي ويندو، ان لاءِ اها توقع رکڻ ئي اجائي آهي ته ايندڙ اسيمبلين مان شايد ڪو نئون انقلاب اچي سگهندو، لوٽا لٽيرا تي ملڪ لٽيندا رهندا ۽ قومي مفاهمت جي هر ڪوشش آهستي آهستي قبر پيڙي تي ويندي ۽ موگيمبو ٺهڪ ڏئي پنهنجي ڪلندڙ ساٿين کي چوندو "موگيمبو خوش هُوئا."

مجو موالي جو اهو به چوڻ آهي ته مها موگيمبو جو هر شڪل جامڙو موگيمبو پنهنجي اسٽريٽ ٿيٽر واري زماني جي ڪردار کان ٿورو

مختلف نظر اچي رهيو آهي، سندس ڪابي ۽ ساڄي گبر سنگهه ۽ دلير لومڙو ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ جتن ۾ مگن آهن، گبر سنگهه سندس لاءِ ڪرسي ڪٽي سندس پويان پويان گهمندو رهي تو ۽ سندس شان ۾ نعري بازي ڪرائڻ وارو ڪردار ادا ڪند و رهي تو ته دلير لومڙو وري سندس شان ۾ سندس ڪوڙي عظمت جو اسڪرپٽ لکي، ڊراما ڊائريڪٽ ڪري تماشبينن کان ميگمبو جي حق ۾ تاڙيون وڄرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو رهي ٿو، پر ماڻهن کي سيني ڊرامن ۾ موگيمبو جي اها واڳونءَ واري رَوَشِ هاڻي بيزار ڪري رهي آهي ۽ ماڻهن سندس حق ۾ تاڙيون وڄائڻ واري عمل کان پري رهندي ڪيس شاباس ڏيڻ لاءِ هڪڙي سيٽي به ناهي وڄائي، جنهن تي موگيمبو ڏاڍو ناراض آهي. موگيمبو جي ناراضگي جي حد اها آهي جو هُو ڪنهن به اخباري خبر يا ڪالم ۾ پنهنجي ڪردار جهڙو ٿورو به عڪس پسي ٿو وٺي ته ماڪِهين چريو ٿي گگ ڳاڙڻ لڳي ٿو، هاڻي ته هن اخبارن ۾ بيان ۽ فوٽو ڇپرائڻ کان به بائيڪاٽ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي آهي، ڇو ته سندس وهم گمان ۾ اها ڳالهه اڄايو گهر ڪري ويئي آهي ته اخبارون ماڻهو سندس بيانن ۽ فوٽن سبب خريد ڪن ٿا ۽ موگيمبو جا ساٿي گبر سنگهه، جنڪال، طوطي شاهه ٽوڙي ماما ناڪر جهڙا ڪردار پنهنجي ليکي ”موگيمبو“ کي منصور حلاج، سرمد ۽ سچل کان گهٽ هرگز به نٿا سمجهن ۽ هو هميشه موگيمبو جي ناراضگي کي به سرمستي ڄاڻائي ماڻهن آڏو نعرا هڻندا رهيا آهن ”موگيمبو زنده باد، موگيمبو زنده باد“ ۽ انهن چند ماڻهن جي هنيل نعرن سبب موگيمبو اهو به وساريندو رهيو آهي ته سندس چيلن جو انگ ٿورو آهي ۽ سچ کي وڏي طاقت هجي ٿي.

حضرت خواجا بايزيد بسطامي فرمايو آهي ته ”جنهن کي خدا تعاليٰ مقبول ڪندو آ ان مٿان ظالم مسلط ڪندو آ، جيڪو ان کي رنجائي“. هونئن ته مان غير مقبول ماڻهو آهيان ۽ مون مٿان خدا پاڪ ڪو ظالم به مسلط نه ڪيو آ، ان لاءِ مان رب پاڪ جو شڪر گذار آهيان ۽ ڪانئس پناهه ٿو گهران ته مون کي نه ڪڏهن مقبول بڻائجان، نه وري ڪنهن ظالم کي مون مٿان مسلط ڪجانءِ، مون کي رنجائڻ ايذائڻ لاءِ منهنجا پنهنجا ئي ڪوڙ آهن، ان لاءِ مون کي موگيمبو جي ناراضگي کان خوف ٿيڻ لڳو آ، ان خوف ۾ مان ڪوشش ڪندم ته سچ لکڻ کان توبهه ڪري ڇڏيان، ان لاءِ مان توهان کي اهو به نه ٻڌائيندم ته هڪ هنڌ هڪ منهنجي هڪ واقفڪار چيف انجنيئر پنهنجي ماضي کي وساري هڪڙي پرائيويٽ اسڪول جي عاليشان عمارت نه ڏسي اها نقطه چيني ڪئي هئي ته اهو اسڪول ته ٻڪرين جي واڙ ٿو لڳي، پوءِ اتي ڪهڙي پڙهائي ٿيندي هوندي؟، ماڻهو اڄايو ڇو ٿا پئسا وڃائي ٻارن جو مستقبل تباهه ڪن؟ ۽

اتي وينئل سچ جي دعويدارن مان ڪنهن بہ ڪيس اهو احساس نہ ڏياريو هو تہ تعليم جو معيار عاليشان بلڊنگن مان ناهي پرکبو. ٽئگور جي شانتي نڪيتن ڪي بہ تہ اڳ ۾ ڪائي عمارت نہ هئي، پر ان شانتي نڪيتن دنيا کي عظيم فرد تحفو ڏنا جن مان سنڌ کي مليل تحفو سنڌ جو ڏاهو دانشور سويو گيانچنداڻي مثال لاءِ موجود آهي. نہ ئي اُتي ڪانئس ڪنهن اهو سوال ڪيو هو تہ تون پاڻ جڏهن انگوچو ٻڌي جنهن اسڪول ۾ پڙهڻ ويندو هئين ڇا ان جي ڪا عمارت يا ان جون ڪي بئنچون هيون؟ تون پاڻ جڏهن پٽ تي ويهي مهان استادن کان مَنَهَہ ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ اڄ هڪ سني منزل تي پهتين تہ هاڻي ڪيئن ٿو يلا تعليمي معيار جي پرک عاليشان عمارتن وسيلي ڪرڻ جو حق رکين؟

مان تہ ان لکيل پڙهيل جاهل سميت ان اسڪول جي بانيڪار ۽ اتي مقرر سمورن استادن کي اهو ياد ڏياريندم تہ حضرت بايزيد بسطامي جو قول آهي تہ ”اهو شخص حق تعاليٰ کان دور هجي ٿو جيڪو فخر ۽ غرور کان ڪم وٺندو هجي، جڏهن تہ اهو شخص خدا تعاليٰ جي ويجهو هجي ٿو، جيڪو سندس مخلوق جي ڪم اچي پاڻ تڪليفون سهي ٿو“.

(2008ع جي چونڊن کان اڳ لکيل ۽ ڇپيل)

ڪاش! سائنس ايتري ترقي ڪري....!

صورتحال ڏاڍي حيران ڪندڙ آهي، منهنجا گهڻا ڪالم نگار دوست حيران ۽ پريشان آهن، خاص طور اهي جيڪي روزانو جي رونما ٿيندڙ حالتن مٿان ڪجهه لکڻ جي مهارت رکندڙ آهن، پر الائي ڇو اڄڪلهه انهن جي ذهنن ۾ برف ڄمڻ جهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ لڳي آهي. انهن کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اهي ڪهڙن مسئلن تي ۽ ڪيئن لکن؟ فرض ڪريو جيڪڏهن اهي هن سياري جي شروع ٿيندڙ ڏينهن ۾ ئي سگريٽ جي بلڪل پر ۾ ويهي ذري گهٽ پاڻ ساڙڻ جهڙي عمل مان گذرندي ڪجهه لکي به وٺن ٿا ته انهن کي اهو ڀاڙاٽو به وڪوڙي ٿو وڃي ته اخباري مالڪن کي ڏنل ڊاڪٽرن جي مشوري موجب ڪرنٽ اشوز جا ڊوز ڪائي ڪائي هاڻي پرنٽ ميڊيا جا پيٽ ايترا ڀرجي چڪا آهن جو ڪيس بدهضمي تي پئي آهي ۽ وٽس نئين اشوءَ وارو نئون ڊوز کائڻ جي گنجائش باقي بچندي نظر نٿي اچي. ان ڪري اخباري مالڪ اهڙن اشوز کي شايع ڪرڻ واري غلطي هرگز به نه ڪندا، تنهنڪري منهنجن ڪيترن يارن جا ذهن برف ٿيڻ واري عمل مان گذرڻ ڪري انهن جي تلوارن جهڙن قلمن مان نيون سرجيل تخليقون هاڻي الائي ڇو پَرَ ڪَٽيل پکين جي اڏام جهڙيون محسوس ٿيڻ لڳيون آهن، ته ڪيترا وري پنهنجي قلم جي نب ۾ سُڪندڙ مس کي ڏسي حيران ۽ پريشان آهن.

ڪيترن ئي دوستن رُوبرو ته ڪيترن وري فون ڪري مون کان سوال ڪيا آهن ۽ مشورا ورتا آهن ته موسم مٺجندي ئي هي ذهن کي برف ڪرڻ وارو عمل ڇو ٿيڻ لڳو آهي ۽ هي حيراني ۽ پريشاني ڪٿان آئي آهي؟ ڀلا مان ڪين ڪيئن ٻڌايان ته مان پاڻ حيران ۽ پريشان آهيان ڇو جو نوجوان دانشور دلبر دهلائي پنهنجي چوڻير ليکو ناهي وينل چنڊاٽ جو رڪارڊ ٽوڙي، ڪانئس منهن موڙي ٽن سالن جي مسلسل جاکوڙ ڪانپوءِ نيٺ "ٽي سالہ چنڊاڻ جي پهرين ڇڳل ٽُٽل ۽ نہ ڳنڍجڻ جهڙي ڪٽ ورتل ڪڙي شايع ڪري مارڪيٽ ۾ اماڻي ڇڏي آهي، جنهن ۾ ناميارا نقاد، شاعر ۽ صحافي اِبُو انگلائي جون هڪ نجي ٽي وي جي ٽاڪ شو ۾ هنيل ڊاڙون ۽ سندس سامهون وينل سندس جهڙي مهمان سان سندس ڪيل بدڪلامي، سندن جنڊا پٽ دوران ڪڍيل تصويرن سميت ڇاپي وئي آهي، جڏهن ته انهيءَ ساڳئي شماري ۾ قادن ڪتائي جي رڇ ۽ ڪتي جي ويڙهه واري پسمنظر ۾ لکيل تجسس سان ڀريل اڻ چٽي ڪهاڻي، ساجن سيسراڻي جي قط ڀڳل پين سان لکيل ۽ گهڙيل،

سُورن ستيل، سيسرائيون پرائيندڙ ۽ پوءِ ڏياريندڙ ناوليٽ، سچو سودائي جو سودائن سان ستيل اڻ پورو ۽ اڻ ڪٽ مضمون، خُدو خيراتيءَ جو خلوص ڪان بنهه خالي ۽ چڙ ڏياريندڙ ڪرڙ ڪانديرائيءَ جي نالي لکيل بي ادبيءَ وارو خط، ڪمو ڪُڪڙائي جي ڪُڪڙن جي شان ۾ لکيل قوالي ۽ نئين ٿهيءَ جي، منهن تي هر وقت ميڪ اپ ٿڦي دليون چورائيندڙ شاعره گتل گوهانديءَ جا گتل ڪُتل تجريدي وايون، غزل ۽ چڄگل نظم توڙي شوبز جون رپورٽون جن ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي جي پروڊيوسرن جا عورت اناؤنسرن ۽ فنڪارائن اڳيان پيرن تي ڪري ڪيل روئڻهارڪا رينگڻ ۽ ڪيسيٽي شاعرن جي ڪيهاڻن جون چٽپٽيون ۽ چرڪائيندڙ سنسني خيز خبرون پڻ شامل آهن. پر ان ڪان وڌيڪ مون کي پريشان ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته ٽارزن ٽاندائي جي ڪيل سيني معاشقن ۽ رازن تان پردا ڦاڙي هٽائي سندس ڪوجهي ڪولهڻ ڏي لکيل خط ۽ ڇُهڙي ڇڪوريءَ سان گڏ پوز هٽي ڪيرايل فوٽو شايع ڪري اهو رسالو توڙي ڊيندي ڊيڻ سان شمن ميرالي جي گيتن تي نچي نچي پرايل ٽارزن ٽاندائي جي وڊيو ڪيسٽ هٿ ڪري دلبر دهلائيءَ خادو ڪدڙي هٿان ٽارزن ٽاندائي جي هر وقت چڙي بُوت سُجائي وينل هاٿيءَ جهڙي زال ڏي هٿئون هٿ ڏياري موڪلي آهي ۽ خادو ڪدڙي کي ايندڙ ٽي سال چنداڻ جي فل ٽائيٽل تي سندس فوٽو شايع ڪرڻ جو آسرو ڏئي ان ڳالهه تي به راضي ڪري ورتو آهي ته خادو ڪدڙو ساٿين سميت گهر گهر وڃي ٽاڙيون وڄائي ناچ نچي، ناچ جي ان نموني کي ٽارزن ٽاندائي جي نالي پنيان بدنام ڪندو ۽ ٽارزن ٽاندائي جا گهريلو راز به فاش ڪندو، جيئن ٽارزن ٽاندائي جو غُرور گهٽجي ۽ هُو دلبر دهلائي سان سرچاءُ ڪري.

هاڻي ڪڏهن تو ٽارزن ٽاندائي ۽ دلبر دهلائي وچ ۾ جهيڙو يار سرچاءُ ٿئي، اها ته ڪا به خبر نٿي پوي، البته مون لاءِ پريشاني جو سبب اها ڳالهه آهي ته ٽارزن ٽاندائي مون مٿان ڏاڍو ڪاوڙيل آهي. هن کي وهم وڪوڙي ويو آهي ته دلبر دهلائيءَ اهو رسالي وارو خيال مون ڪان اڌارو ورتو آهي ۽ مواد جي چونڊ ۾ به منهنجي مشورن تي هليو آ، ان لاءِ ٽارزن ٽاندائي، تاجن توتڙائي هٿان ڪاڌل موچڙن جو قسم کڻندي اهو پڪو پختو عزم ڪري چڏيو آهي ته هو آءِ ايم ايف، ورلڊ بئنڪ توڙي بين قرض ڏيندڙ عالمي ادارن ڪان آسان قسطن تي قرض وٺي هڪ پنج سالہ اخبار به شايع ڪندو ته ان قرض مان ڪجهه حصو خرد برد ڪري منهنجن دوستن کي مفت جا سگريٽ ۽ رشوت طور مفت جون مانيون کارائي، چانهه پيئاري انهن کي مون خلاف پڙڪائيندو ۽ انهن کي روڪڙن جون لالچون ڏئي انهن کي مون خلاف ڪالم لکڻ تي آماده ڪندو، ان لاءِ هن هڪ عالمي مشاعرو ڪوٺائي ورتو آهي، جنهن ۾ مون خلاف شعرن جي

ٻرسات وسرائي واهه واهه ڪرائيندو. ان لاءِ هن ڏهن صفحن وارو ڪمپيوٽر تي لکيل، ڳارين سان ڀرپور ڌمڪين ڀريو خط اهڙي آگاهي ڏيڻ لاءِ مون ڪي پوسٽ ڪيو آهي، جيڪو پڙهي ڪالهه ڪان وٺي مان حيران ۽ پريشان آهيان ته هي سڀ ڇا تي رهيو آهي؟ مون ته تارزن ٽانڊائي جي پينگهه ٻڌي لڏڻ واري وڻ مان هڪڙو پن به ڪڏهن نه چنو آهي، نه ئي هن سان منهنجي ڪا اڻبڻت آهي پوءِ به آخر هُو اهو سڀ مون ڪان ڇو ٿو پانئي؟!

خير! جيڪڏهن مان حيران ۽ پريشان آهيان ته مان اڪيلو ناهيان مون سان گڏ ٻيا به گهڻائي دوست حيران ۽ پريشان آهن. بس جي پريشان ناهي ته منهنجي نهايت ئي مانائتي مئدم نجما نور قلپوتو ئي پريشان ناهي، ڪيس ڪابه ڳڻتي ناهي ڇو ته هُن ڪي مون جيان ڪکرين ۾ ڪڙا هڻڻ جي عادت ئي ڪونهي، ان لاءِ هن جا دشمن به گهٽ هوندا ته سندس دوستن جي دشمن ٿيڻ وارا امڪان به گهٽ هوندا. هن ڪي ته روزانو جي رونما ٿيندڙ حالتن متان لکي سگهڻ يا نه لکي سگهڻ واري ڳڻتي به هرگز نه وڪوڙيندي هوندي، ڇو ته هوءَ اڪثر سماجي قصن ڪي سئولي ٻولي ۽ انداز ۾ پوئي هنيانءَ هلڪو ڪري وٺڻ واري فن ۾ مهارت رکي ٿي. پوءِ جي ڪٿي ڪجهه ماڻهو اهڙا به هتي موجود آهن جيڪي مئدم نجما نور جي ڪالمن کي غير ضروري سمجهندي اهو اعتراض اريندا آهن ته هيءَ ليکڪا لکي ڇا ٿي؟ مثال طور مئدم نجما جي هڪ شايع ٿيل ڪالم ماڻهن ڪي مُنجهائي وڌو هو ته نالن تي لکڻ جو مقصد آخر ڇاهي؟ هاڻي انهن مت جي موڙهيل ۽ عقل جي انڌن ڪي ڀلا ڪيئن سمجهائجي ته توهان اهو پيغام اهو مقصد آخر ڇو نٿا سمجهو ته نالا رکڻو دل ڪي وٺڻ جي ڪري نه رکي ڇڏبا يا بگاڙبا آهن، پر انهن جي معنيٰ ڪي ذهن ۾ رکي پوءِ رکيا وڃن ۽ نالن بگاڙڻ وارو عمل نه ورجايو وڃي ته بهتر آهي. ساڳئي ريت هن مانواري ليکڪا جي هر آرٽيڪل ڪي غور سان پڙهبو ته ان ۾ دلچسپي به معلوم ٿيندي ته معلومات ۽ مقصد به نظر اچي ويندو، باقي متاهين نظر سان ڏسي وڃڻ بعد سندس سادي ٻولي ڪي ڏسي ۽ لفظن جي فنڪاري نه پسي اهو فيصلو ڏيڻ ته هي ڪالم بي معنيٰ ۽ بي مقصد آهي، اخبارن وارا الائي ڇو ٿا اهڙا ڪالم شايع ڪن؟ ۽ ان مفروضي تحت اخبارن جي معيار ڪي گهٽ سمجهڻ سراسر ناداني يا اندر سڙڻ واري ڳالهه آهي ۽ اهو ساڙ يا ناداني ڪجهه ساڙ سڙيا ماڻهو ئي ڏيکاريندا آهن، جن جو ذهن هڪڙي ئي نقطي تي اٽڪيل آهي ۽ اهي چاهين ٿا ته ٻيا سمورا به سندن وانگر انهيءَ ساڳئي نقطي تي سوچين ۽ لوچين يا وندين. انهن ڪي عام زندگي جا واقعا بي معنيٰ ۽ بي مقصد لڳندا آهن، جڏهن ته اها ڳالهه واضح ڪندي هلجي ته پڙهندڙن جو حلقو

مختلف هجي ٿو. ڪجهه سياسي اشوز کي پڙهڻ پسند ڪن ٿا ته ڪجهه عالمي اشوز کي ۽ ڪجهه سماجي اشوز ۾ دلچسپي وٺن ٿا ۽ اهڙي ريت ڪجهه حلقو طنز و مزاح کي شوق سان پڙهندو آهي. هر ماڻهو هر اخبار جو سڄو ايڊيٽوريل پيج يا سڄو رسالو هرگز به ناهي پڙهندو پر هرڪو پنهنجي مقصد وارو مضمون، ڪهاڻي، شاعري يا ڪالم پڙهي پنهنجي پڙهڻ واري عادت پوري ڪندو آهي، بلڪل ائين جيئن اجائي تنقيد ڪندڙ اجائي تنقيد ڪري پنهنجي عادت پوري ڪندا آهن.

خير! ڇڏيو انهن ڳالهين کي، اچون ٿا هاڻي چون ٿا ته اڄ سائنس جو عالمي ڏينهن آ، سائنس وڏي ترقي ڪئي آ، جو پهرين اسان آدم زاد جي چنڊ تي قدم رکڻ واري دعويٰ کي به ديون پرين جي آکاڻين جهڙي لوڪ ڪٿا سمجهڻ واري گمان ۾ پئجي ويندا هئاسين، پر هاڻي سائنس اسان کي اهڙي وڊيو فلم ڏيکاري حيران پريشان ڪري ٿي ڇڏي جو از خود چئي ويهون ٿا ته مار ايڏي ترقي! سائنس ڏکين ڪمن کي آسان بڻائڻ لاءِ مشينري ۽ روبوٽ ناهي اسان کي آساني مهيا ڪئي آ، بلڪ چئجي ته سائنس جي ترقيءَ سبب هيڏي وڏي گول دنيا جنهن تي سوين ملڪ ۽ هزارين خوبصورت شهر آباد آهن اها اڄ گلوبل وليج پئي سڏجي. گهوڙن ۽ گڏهن تي ٿيندڙ سفر هاڻي موٽرن، ڪارن، ڪوچن، ريلن ۽ جهازن وسيلي طئہ ٿي رهيو آ. ڏکيي کان ڏکيي بيماري جيڪا لاعلاج سڏبي هئي، اها هاڻي مهانگي علاج عيوض ئي سهي پر لاعلاج ناهي رهي. اهڙي ريت بين شعبن ۽ بين کوڙ سارن ڪارنامن ۾ سائنس وڏي ترقي ڪئي آهي پر مون کي حيراني ۽ پريشاني ان ڳالھ تي آهي ته سائنس آخر اها ترقي ڇو نہ ڪري سگهي آهي ته ڪا اهڙي ايجاد ٿئي جو ذخيره اندوز ذخيره اندوزي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وڃن، ڊرگ مافيا نشي آور شين کي نہ ڦهلائي سگهي، بلڪ نشي آور شين جي پيدا ٿيڻ واري عمل کي ئي ناڪام بڻائي سگهجي. سائنس آخر اهڙي ترقي ڇونہ ڪري سگهي آهي جو جعلي دوائون تيار ڪندڙن جا ارادا ئي خاڪ ۾ ملي وڃن. بندوقن جا مُنهن امن جي پکين ۽ بيگناھ انسانن طرف گولي نڪرڻ کان اڳ ئي مُڙي گولي هلائيندڙ طرف ٿي وڃن. سائنس آخر اها ترقي ڇو نہ ڪئي آهي ته ميزائيل انهن وجودن کي ئي اڏاري ڏور فضائن ۾ ڇتڙيون ڇتڙيون ڪري ڇڏين جيڪي اقتدار جي نشي ۾ انسانيت جي رت جا پياڪ بڻجي آدم خورن واري عمل کي ورجائيندي، لڄي به نہ ٿيندا آهن. سائنس آخر اها ترقي اڄ تائين ڇونہ ڪري سگهي آهي جو حياتي بچائيندڙ دوائن سان گڏ سُتل ضميرن کي جاڳائيندڙ ۽ دلين جي مير لاهي نفرتن کي پچائيندڙ ڪا ٽيبليٽ، ڪا سيرپ، ڪو ڪيپسول، ڪا انجيڪشن اڃان ايجاد نہ ڪئي وئي آهي، جنهن جي واپرائڻ بعد سيئي نسلي، رنگي ۽ مذهبي

فرق مِٽجي وڃن، جنهن جي واپرائڻ سان سڀئي سياسي فريب دم ٽوڙي ويهن، سياستدانن جي اقتدار ۾ اچي دولت گڏ ڪرڻ واري لالچ ختم ٿي وڃي ۽ رڳو ملڪ ۽ قوم جي خدمت جو جذبو باقي بچي، جنهن جي واپرائڻ سان محبتن جو احترام ڪرڻ سان گڏ دلين ۾ سيني لاءِ احترام ۽ محبت جاڳي پوي، نفرتون پنهنجي موت پاڻ مري وڃن، جنهن جي واپرائڻ سان مذهبي انتهاپسندي ۽ دهشتگردي جو خاتمو ٿي وڃي ۽ پوءِ ڪنهن بہ ملڪ کي ڪنهن بہ ملڪ مٿان حملي ڪرڻ جو جواز نہ ملي، نہ وري ڪنهن ايمبولينس ڊرائيور کي ڳاڙهي بتي ٻاري سائرن وڄائڻ جو جواز ملي.

سوچجي تہ ڇا اهڙي ڪاميابي سائنس ڪڏهن بہ ماڻي سگهندي؟ ڪاش! جو ائين ٿي سگهي! جيڪو يقينن ناممڪن آ، پر جيڪڏهن ائين ٿي سگهي تہ پوءِ اسان بہ هر سال سائنس جو عالمي ڏينهن ملهائڻ ۾ خوشي محسوس ڪنداسين ۽ سائنس زنده باد جو نعرو هڻنداسين ۽ ان وقت ٺارزن ٺاندائي بہ مون سان گڏ هوندو، ڇو جو سائنس جي اهڙي مهرباني سان اسان جو سرچاءُ ٿي چڪو هوندو.

شھرِ جانان جي وري ياد آئي...!

مون کي عالمي پسمنظر ۾ سياسي تجزيو لکڻ گھرجي، اھو ڪيئي بار سوچيو اٿم. پر ذھن اھو ئي سوال اياري ڏنو آھي تہ پلا ڇا وچي تنھنجو سياست سان؟ تون پنھنجي ارد گرد جي ڏکدائڪ واقعن تي لِک ۽ سماج جي اُوڻاين تان قلم جي نوڪ سان پردو چيري ڦاڙي ھٽائي ڇڏ. اڄ بہ دل تي ھڪڙو بار ٿو محسوس ڪريان، اھو بار ھلڪو ڪرڻ لاءِ لکڻ ٿو چاھيان، پر مان اڄ ڪنھن نجي جيل مان پنجي آيل ھاري تي، زميندار ھٿان لڄ لٽيل ناري يا رات پيٽ ۾ ماريل ڪاريءَ تي ڪونہ لکندم، ڇو تہ منھنجي سوچن جو محور ھڪ ئي نقطي تي اسٽاپ واچ جي ڪانٽي وانگر بيھجي ويو آھي. يادگيرين جون ٽڏڙيون ھيرون نندڍ جي پينگھہ تي سمھاري مون کي خوابن جي ديس ڏي وٺي وڃڻ لاءِ بيچين آھن، پر ھي وڇوڙي جون سنھڙيون ڇُيندڙ پنون دل ۾ ھزارين سوراخ ٻڻائي مون کان سمورو چين ڪسيندڙيون پيون وڃن. شَھر جانان ڪان دور پاڻ کي اھڙو جلاوطن ٿو پانيان جنھن کي تلاش روزگار جي ڏوھ ۾ شھر بدر ڪيو ويو آھي ۽ مسلسل جلاوطني سندس مقدر ۾ لکي وئي آھي. نيڻن ۾ لڙڪن جي ڍنڍ پرجي تر تي وئي آھي، جنھن جي مٿاڇري تي يادن جون نيرڳيون تري رھيون آھن. اھي ڪيترا نہ حسين ڏينھن ھئا جڏھن سرنھن جي ڦولارِ ۾ پوپٽن پويان ڊڪبو ھو، پوپٽ ڦاسائي وري اڏاري ڇڏبا ھئا. اھي ڳوٺ ۾ گھلندڙ ھيرون ۽ وڻن جي لامن تي لڏڻ وارا منظر، برسات ۾ پجڻ ۽ ڪاغذي ٻيڙيون ناھي تارڻ، مينھوڳي جي مٽي جي اھا سڳند پلا ھن دونھاٽيل ماحول ۾ ڪٿان آڻجي؟ اڄا بہ ياد آھي وونئڻن جي پوک ۾ ڦٽيون چونڊيندڙ خوبصورت ڇھرن جو اھو چوريءَ چوريءَ طواف ڪرڻ ۽ جواني جي رُت کي پھچي ڪنھن چانديي ڇھري کي ھٿن جي رحل ۾ آڻي مقدس سيپارن جيان چمڻ ۽ خيالن جي ڏاڪڻين تان مٿي چڙھي آسمان مان ستارا لاھي پريميڪا جي ٻنھي چوٽين ۾ سجائڻ . پلا ڪيئن وسرن اھي راتيون جن ۾ گرم ۽ نرم پاڪرن جو ڇھاءُ سمايل ھجي ۽ جيڪي جاڳندي گذري ويون ھجن، شھر جون ھي رنگين روشنيون ۽ حسين و جميل جلترنگ جل پريون بہ اڪين کان اھي دلڪش عڪس نہ کسي سگھيون آھن جن ۾ ھڪڙي ڳوٺاڻي ڇوڪريءَ جا انگ چنيل آھن ۽ ڳوٺ جون يادگيريون آھن. اڄ شھر جانان جي وري ياد آئي آھي. اھو شھر جانان جنھن سان منھنجي خوابن جو واسطو آھي، جتي منھنجن خوابن جون پريون رھن ٿيون، جيڪي منھنجي پريمڪا جون سھڻيون سھيليون آھن، اڄ مون کي شھر جانان تي لکڻ گھرجي، اھو ئي سوچي

اجهاٽيل بلب آن ڪيو اٿم ۽ هينئر پين ۽ پنا ڪٽي لکڻ ويٺو آهيان. منهنجي شهر جانان جون رهواسي ڪيئي نياڻيون اعليٰ تعليم جهڙي زيور کان وانجهيل آهن، ڇو جو انهن لاءِ اُتي ڪو ڪاليج ناهي، ان ڳالهه جو ارمان نہ ڇڏيو پر انهن نياڻين لاءِ جدا سيڪنڊري اسڪول بہ ناهي ، هونءَ بہ منهنجي شهر جانان ۾ رهندڙ گهڻا ڇوڪرا بہ تہ ڪاليج نہ هئڻ ڪري ۽ غربت سبب اڌوري تعليم ڇڏي ويهي رهيا آهن، پوءِ پلا ڇوڪرين جي تعليم حاصل نہ ڪرڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ ڇا ڇوڪرين جي تعليم حاصل نہ ڪري سگهڻ تي ڪا اوندهہ ٿي ويندي؟ بلڪل ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، نہ تہ شهر جو خوبصورت شاعر استاد نويد ڪو انهيءَ الميي تي ڪيڏارو لکندو نہ ئي احتجاجن پنهنجو قلم پيچي ڦٽو ڪندو. هونئن بہ شهر جون سماجي تنظيمون بہ تہ اگهور ننڊ ۾ ستل آهن. شهر جا مسئلا اتي ئي پيل آهن ڪيئي سالن گذرڻ باوجود مچر مار ڦوهارو ناهي ٿي سگهيو. رولو ڪتا ٻارڙن جا دشمن بڻجي گهمن ٿا. واٽر سپلاءِ اسڪيم تباهہ ٿي چڪي آهي. ٻيو تہ نهيو واٽر سپلاءِ اسڪيم جون پٽيون ڊاهي، ٽلائن مان سرون اکيڙي ماڻهو گهرن ۾ ڊوئڻ لڳا آهن پر ڪنهن جي ڪن تي جونءَ بہ نٿي سُري، گندي پاڻي جي نيڪال وارو ڊرينيج سسٽم اهڙو آهي جو سالن کان وٺي مشينن ڪي استعمال ۾ آندو ئي نٿو وڃي ۽ پاڻي هڪڙي وڏي کڏ ۾ گڏ ڪيو پيو وڃي جڻ تہ هن شهر جي رهواسين لاءِ قومي اثاثو اها کڏ ئي هجي، جنهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ هُو سُڪائڻ نٿا گهرن. گندي پاڻيءَ جي کڏ مان مال متاع جي پاڻي پيئڻ ۽ مڇرن توڙي ٻين جيتن جڻين ۽ گندي بدبوءِ سبب وبائي بيماريون ڦهلجي رهيون آهن، پر پوءِ بہ ان طرف ڪوئي ڌيان نٿو ڏئي. شهر جانان ۾ بجليءَ جي اکيوٽ وري اهڙي آهي جو بجلي جڏهن نيٽن تي انتظار جون پٽيون ٻڌائي گم ٿي وڃي ٿي تہ مس وڃي ڳولهيندڙ نيٽن کي سورهن سترهن ڪلاڪن کان پوءِ نظر اچي ٿي. شهر جانان کي منشيات وايرائيندڙن جو وڏو انگ جڻ تہ تحفو ٿي مليو آهي، جنهن ڪري چورين جو آزار بہ وڌيو آهي، شهر واسي سڀ خاموش آهن، پوليس اهلڪار خاموش تماشائي بڻيل آهن.

اڙي جائي! ياد آيو تہ جڏهن ٻيا سڀ خاموش آهن تہ پوءِ مون ڇو پلا هي بڪ بڪ لاتي آهي؟ چڱو پلا مان بہ خاموش ٿو ٿيان. ها باقي توهان جي سوال جو جواب ضرور ڏيان ٿو... توهان اهو ئي تا پڇو نہ تہ اهو شهر جانان ڪهڙو آهي؟ جنهن جي ياد اچڻ تي مان ايترو رومانٽڪ بہ ٿي ويو هيس ۽ هيتري بڪ بڪ بہ ڪئي اٿم! تہ ها ٻڌايانو ٿو اهو شهر جانان منهنجي پنهنجي جنم ڀومي منهنجو ڳوٺ منهنجي يادن جو شهر ڪولاب جيئل آهي، باقي تہ توهان ڄاڻو ٿا تہ منهنجو تعلق خيرپور ضلعي سان آهي.

هُو جيڪو مسيحا آهي!

جڏهن شهر جانان جي ياد اچي ٿي ته اُتي گهاريل پل به ضرور ياد اچن ٿا، جيڪي ڪلندي يا روئيندي گذريا هجن. اهڙا پل يقينن دوستن سان ئي گذرندا آهن ۽ دوستن جي يادگيري به لازمي امر وانگر آهي. دوستي بابت مختلف ڏاهن جا مختلف نظريا آهن. ڏاهي سقراط، ارسطو ۽ افلاطون کان وٺي دنيا جي هر اديب شاعر کان وٺي اهل علم استاد ۽ شاگرد جو پنهنجو هڪڙو نظريو دوستي متعلق ضرور آهي. افلاطون جي ڪتاب ”دوستي“ ۾ دوستيءَ تي ناهوڪو بحث ٿيل آهي، جنهن کي اگر دهرائبو ته ڪنهن اخبار جو ايڊيٽوريل پيج سمورو ان ۾ پورو ٿي ويندو ۽ ايڊيٽوريل جي جاءِ به نه بچندي، جنهن ڪارڻ يقيناً پوءِ ته ايڊيٽر صاحب ڪاوڙجي پوندو ۽ اها تحرير شايع ڪرڻ تي ئي پابندي مڙهي ڇڏيندو، ان لاءِ ان کي اتي ڪتاب ۾ ئي رهڻ ٿا ڏيون.

مان ڪنهن به ان فرد کي دوست هرگز نه چوندو آهيان جنهن سان رڳو ڪي چند پل سفر ۾ گهارڻا پيا هجنم، جڏهن ته اڪثر ماڻهن جي عادت هوندي آهي سفر دوران پر ۾ وينل ماڻهوءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪندا، ائڊريس وٺندا، ائڊريس ڏيندا ۽ ائين دوستي پڪي ٿي وئي. يا وري ڪنهن نئين شهر ۾ وڃڻ ٿيو ڪنهن هوٽل تي چانهه پيئندي ڪنهن کان شهر متعلق معلومات وٺندي گفتگو ڪئي ۽ دوست بڻائي ڇڏيو. پر مون ڪڏهن به ائين ناهي ڪيو، مان ڪيترن ڏينهن تائين سامهون واري کي جانچيندو آهيان پوءِ فيصلو ڪندو آهيان ته اسان جي دوستي هلي سگهي ٿي يا نه؟ پوءِ ئي وڃي دوستي جي دعويٰ ڪندو آهيان. منهنجا دوست تمام ٿورا آهن پر سچا ۽ پُرخلوص آهن. مان گهٽائي کان سچائي جو قائل آهيان. ادبي آڪاس تي ڪيترائي چمڪندڙ تارا اپريل آهن پر انهن مان پوري سنڌ ۾ ڪي ڏهه تارا به مس منهنجا دوست هوندا. شهر جانان ۾ به ڪي چند ئي منهنجا دوست آهن جن ۾ ڊاڪٽر عبدالرشيد عباسي به شامل آهي. هُو هميشه مرڪي ملندڙ هڪ اهڙو شخص آهي جنهن کي سمجهڻ ڏاڍو مشڪل آهي. هُو منجهيل سٽ وانگر ڳوڙهو آهي جڏهن سندس آفيس ۾ داخل ٿبو ۽ ڪيس اڪيلو ويٺل ڏسبو ته هُو هڪ اداس شاعر وانگر سوچن ۾ گم سُم ڏسبو ۽ ٿڪل ٿڪل محسوس ٿيندو، پر پوءِ يڪدم نظر پوندي ئي کِلندڙ مُکڙيءَ جيان ٽڙي پوندو ۽ ماڪ پنل گلاب جو گل پاسڻ لڳندو. هن جي ٿڪاوٽ نه ڄاڻ ڪيڏانهن ٽاهه ڪاڍي ڪارڙي

تتر جيان پڙڪو ڪائي اڏامي ويندي آهي ۽ هُو پنهنجي سندر چهري مٿان خوبصورت مرڪ سجائي محوئي گفتگو ٿي ويندو آهي.

هُو آرٽ ڪان وٺي شاعري، ادب ۽ سياست تائين سنو بحث ڪرڻ چاٺندو آهي ۽ بحث ڪندي هُو وچ ۾ مريض به پوري ڌيان سان ڏسندو آهي، انهن جي بيماري به جانچيندو آهي ۽ کين علاج ڏيندو رهندو آهي، هُو گهڻن ڊاڪٽرن جي بلڪل ابتڙ مريضن جي گهٽي تنگ ڪرڻ تي به کين کِلي ڳالهه سمجهائي ۽ مڃائي وٺندو آهي. هُو روزانو سوين مريضن جو مسيحا ٿيندو آهي. سرڪاري اسپتال کان سندس خانگي ڪلينڪ تائين ٿڪاوت وارو سفر طئہ ڪري، پوءِ به هُو الائي ڪيئن ادبي ڪتاب پڙهي ٿو ۽ وري ڪجهه نہ ڪجهه لکي به ٿو؟ اها حيرت انگيز ڳالهہ آهي جو تہ مون ڏٺو آهي تہ ڊاڪٽري ۽ رائٽري وارو ڪم بئي گڏ نٿا هلي سگهن. 14 ڪلاڪ ڪم ڪندڙ ماڻهو 10 ڪلاڪ آرام ڪرڻ تي مجبور ٿي پوي ٿو، ڪنهن بہ ليکڪ يا ڊاڪٽر کي بئي پروفيشن گڏ هلائيندي ڏٺائي تا چڏين ۽ اهو فيصلو ڪرائي تا وٺن تہ ٻنهي مان هڪ جي چونڊ ڪري. بئي پروفيشن گڏ هلائي ويندڙ اڪثر اهڙا ليکڪ جيڪي ڊاڪٽر بہ آهن يا تہ اهي رڳو ڪلينڪ تا هلائين يا وري رڳو سرڪاري نوڪري تا ڪن. چوڏهن ڪان سورهن ڪلاڪ ڊاڪٽر عبدالرشيد عباسي طرفان ان پيشي کي ڏيڻ جو سبب ڏوڪڙ ڪمائڻ بہ نہ آهي چو تہ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ سرڪاري اسپتال ۾ ايندڙ مريضن کي خانگي ڪلينڪ تي اچڻ لاءِ چئي ها، پر هُو ان جي ابتڙ خانگي ڪلينڪ تي ايندڙ غريب مريضن کي سرڪاري اسپتال ۾ اچڻ لاءِ چوندو آهي جنهن ڪري منهنجي راءِ اهائي آهي تہ هن دوست کي يقينن سندس ان چونديل پيشي مان ذهني سڪون ملي ٿو ۽ خدمت خلق کي هُو عبادت ٿو سمجهي چوتہ هُو هڪڙو حساس فرد آهي، ۽ تڏهن ئي تہ هُو شاعر بہ آهي. هن شاعري ڪيتري سِرجي آهي اها تہ ڪيس ئي خبر هوندي، پر هن جيڪا ٿوري شاعري ظاهر ڪئي آهي اها پڙهي اهو چئي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن هُو ٿورو ئي سهي پر سچائيءَ سان هن پيشي کي بہ وقت ڏيندو رهيو تہ هُو سنو شاعر پڻ ثابت ٿيندو. منهنجي مشاهدي مان اها ڳالهہ گذري آهي تہ گهٽا سنا اديب ۽ شاعر سنو انسان ٿيڻ ڪان مڙئي ٿورو پاسيرا رهيا آهن. (منهنجي اها راءِ سيني لاءِ ناهي) ان ڪري اها دعا بہ ضرور ٿو گهران تہ يا رب! تون منهنجي هن دوست کي سنو شاعر بڻائڻ سان گڏ سنو انسان ضرور رهڻ ڏجانءِ، جيئن هُو جيڪو مسيحا آهي، اهو غريب مريضن جو مسيحا بہ رهي.

اجايون وڏيون دعوائون!

الائي ڇو !سنڌ جي ثقافت تيزاب هاريل سندريءَ جي داغدار ڇهري جيان پنهنجي اصل سونهن وڃائڻ لڳي آهي، پر سماج جا نيڪيدار ان ڳالهه تي بضد آهن ته ان طرح ٿئي تو ته اهو ڇگو آهي ڇو ته اهڙي عمل بعد پلاسٽڪ سرجري سان سنڌو تهذيب جي پراڻي مُک کي بدلائي وڌيڪ سهڻو بڻائي سگهڻ جو موقعو آساني سان ملندو. سوچجي ته ايران ۽ افغان کان هجرت ڪري آيل ڪارو ڪاري واري سرجري سان ڪهڙو سنڌي سماج جو منهن من موهڻو ٿيو آهي؟ جو هاڻي نئين ثقافت جا اهيڃاڻ سرجري ڪري انهن ۾ نئين سونهن اوتڻ جون دعوائون ڪيون ٿيون وڃن.

اڪثر سوچيندو آهيان ته دعوائون ڪرڻ يا ڏاڙون هڻڻ جو فن به اهڙو آهي جو ان فن جي ماهرن جو نڪ مٽي ۾ ماس جو هجڻ تي ڪڏهن ڪڏهن شڪ ٿيڻ لڳندو آهي ۽ ائين لڳندو آهي ڄڻ اهي لباڙي ماڻهو پلاسٽڪ جو نڪ منهن تي چنبڙائي گهمندا هجن، ڇو جو انهن کي مون ڪوڙي دعويٰ ڪندي يا لباڙ هڻندي ڪڏهن ٿورڙو به شرمندو ٿيندي نه ڏٺو آهي. دعوائن جي لحاظ کان سنڌ جون قومپرست توڙي ادبي ڌريون سالن کنان اهي دعوائون ڪنديون پيون اچن ته سنڌ ڌرتي امن ۽ پريت جي ڌرتي آهي، هن ڌرتي جي ڄاين وٽ ڌرتي ڏياڻين نياڻين لاءِ وڏو احترام ۽ مَانُ مرتبو آهي. پيار محبت جي پالوٽ هر وقت ڌرتي ڏڻين جي دلين مٿان ٿيندي رهي ٿي. ڌرتي واسي نفرتن کان نفرت ڪندي نفرتن کان ڪوهين ڏور رهڻ پسند ڪن ٿا پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته هر طرف نفرتن جو راڄ آهي. ڪلهي ۾ ٽنگيل رائيفل ۽ بندوق تي ڪنهن جو نالو لکيل آهي، اها خبر بي جان گوليءَ کي به نه هوندي آهي. هليل گوليءَ کي ته اها به خبر ناهي هوندي ته ان جو شڪار ٿيندڙ ڏوهي آهي يا بيڏوهي ۽ ان گوليءَ جو شڪار ٿيل ڦٽڪندڙ جسم سان گڏ ٻوٽجندڙ اکين ۾ ڪهڙا خواب ۽ ارمان هئا، جيڪي به دم ٽوڙي رهيا آهن؟ اها خبر به بي جان گوليءَ کي ناهي هوندي. هوندن به اهو احساس ان ماڻهوءَ کي هجڻ گهرجي، جنهن جي آڱر ٽريگر تي رکيل هجي ٿي ۽ جنهن جي اک نشانو وني ٿي. ها اهو احساس به حقيقت ۾ ان کي ئي هجڻ گهرجي ته هڪ حياتي جي ڪسجڻ سان گهڻا ماڻهو زندهه لاش ٿي گهمندا؟ گهڻا خواب ڦٽڪي مري ويندا؟ پر اهي ماڻهو بيحس هجن ٿا. ڏٺو وڃي ته ڪيڏو نه انياءُ ٿي رهيو آهي سنڌ جي تاريخ، تمدن، تهذيب سان، جو جنهن

ڏرتيءَ تي امن جا ڪبوتر ۽ ڳيرا آزاد فضائن ۾ اڏامون ڪندا هئا، اتي هڪڙي گرهه جو ڪاڄ ٻڌائڻ لاءِ امن پڪيئڙن جي حياتي تہ کُٽائي وجي تي پر ساڳي ڌرتي تان امن جو نالو نشان مِٽائڻ لاءِ انساني حياتين جي خاتمي واري خوني راند بہ شوق سان کيڏڻ جو رواج وجهي ان کي سورهيائي جونالو ڏنو وڃي تو ۽ ان سچي عمل ۾ اسان جو ساڃهہ وند ۽ اديب سواءِ محض هڪ تماشبين هجڻ واري ڪردار ادا ڪرڻ جي ٻيو ڪو ڪردار ادا نہ ڪري سگهيو آهي. عورت جي حقن کان وٺي انسانيت جي حقن جون ڳالهيون ڪندڙن خود پنهنجي گهر ۾ ويٺل عورتن کي ڪهڙا حق ڏنا آهن؟ انهيءَ جو جواب انهن کي خود آئيني سامهون بيهندي ڪين لڄائڻ وارو ملندو. پر اهي لڄي هرگز بہ ڪونہ ٿيندا.

ساڳئيءَ ريت انسانيت جي حقن بابت زير، زبر ۽ پيش سان شَدَ مَدَ ڏئي ڳالهيون ڪندڙ بہ جيڪڏهن پاڻ پنهنجي ضميرن جي ڪنهن ڪنهڙي ۾ لڳل آدم قد آئيني سامهون بيهي، پنهنجو اصل روپ ڏسي وٺن تہ انهن سان بہ ائين ئي ٿيندو تہ انهن کي بہ پنهنجو پاڇولو ئي شرمائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو، پر اهي شرمائبا ڪونہ ڇو جو شرم انهن جي پر مان گذري پڻ ڪنڌ هيٺ ڪري هليو ويندو.

اهڙا ٻيا بہ ڪوڙ سارا عمل آهن، ڪوڙ ساريون دعوائون آهن، جن کي ڏسندي ۽ ٻُڌندي حيرت بہ ٿيندي آهي تہ ذهن جي شاهراهہ تي سوين سوالي نشانيون بہ تيز رفتار سفر ڪرڻ لڳنديون آهن، جيئن حيرت ان ڳالهہ تي بہ ٿي رهي آهي تہ سنڌي ٻولي جي تاريخي اهميت ۽ حيثيت ميڙائڻ لاءِ جاڪوڙيندڙ اديبن مان هڪڙي ٽولي اها دعويٰ ڪئي هئي تہ رنگ جا ڏٻا ڪٺي سنڌ جي سمورن شهرن ۾ روڊن تي لڳل سائن بورڊن مٿان شهرن ۽ ڳوٺن جي سجاڳ وارا نالا سنڌيءَ ۾ لکي ايندا ۽ مٿني ريلوي اسٽيشنن تي بہ ائين ڪندا ۽ ساڳئي ريت سنڌ جي مڙني سرڪاري توڙي خانگي ادارن جي سجاڳ وارن بورڊن تي بہ نالا سنڌيءَ ۾ لکرائڻ لاءِ مهم هلائيندا ۽ ان وڏي هام هڻڻ ۾ تڏهوڪا سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا اعليٰ عملدار بہ بہ قدم اڳيان تي پئي ٻيا ۽ انهن ٻيڙي اخباري بيان بہ جاري ڪيا، پر وڏو عرصو گذرڻ جي باوجود اڃان اهڙو ڪو عمل ٿيندي نظر نہ آيو آهي. ڇو تہ شايد رنگ جا سفيد ڏبا مارڪيٽ مان سرڪاري طور گم ڪرايا ويا آهن ۽ شايد ڪنهن سنڌ دشمن اها بہ سازش ڪئي هوندي تہ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي عملدارن کي ان الجهن ۾ ڦاسائي ڇڏيو تہ اداري جو نالو سنڌي لينگويج اٿارٽي بدران سنڌي لئنگئيج اٿارٽي لکيو وڃي ۽ انهي الجهن ۾ انهن دعويدارن کان اهو بہ وسري وڃي تہ حقيقت ۾ ان کي سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو لکڻ ۾ ڪوبہ حرج ڪونهي. پر ڏنو وڃي تہ توهان يا مان

ڪير ڏيندا آهيون، اهو چوڻ وارا ته حرج ڪونهي؟ حرج ته ضرور هوندو عالمي دنيا کي پلا ڪهڙي خبر پوندي ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو چاهي؟. انهن کي ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ئي سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو ته اهو ادارو آهي ۽ ان طرح اهي واهه واهه به ڪندا ته ممڪن آ اداري کي امدادي فنڊ به ملي پون.

خير ڇڏيو ان ڳالهه کي ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ڇا ٿو ڪري ڇا نٿو ڪري؟ اهو ان جو مسئلو آهي، ان جو خدمت وارو جذبو پوڙهو، جوان يا ٻار آ، صحتمند يا بيمار آ، اهو ان جا اختيار ڏٺي ڇاٽيندا هوندا، پر اسان کي سرهائي ان تي آ ته ڪجهه دعويدارن سيٽلائيٽ چينلن ذريعي سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي بچائڻ ۽ وڌائڻ ويجهائڻ جو ٻار ڪلهن تي کڻڻ جي دعويٰ پئي ڪئي آ. ڪجهه چينل سالن کان وٺي پنهنجي نشريات هلائيندا پيا اچن ته ڪجهه چينل نشريات شروع ڪرڻ لاءِ تيارين ۾ رڌل آهن. دعويدار به هنبوچيون هڻندي ٿڪجن نٿا ته ڏسندڙن جي اکين ۾ به سُور هرگز به نه پيو آهي. جو ته نشر ٿيندڙ پروگرام جيڪڏهن ثقافت جا آئينه دار ۽ ثقافت کي بچائڻ جا ڪوٽ قلعا ناهن ته مڙئي خير آ گهٽ ۾ گهٽ اهي پروگرام اکين کي ٺڏاڻ جهڙي راحت بخشيندڙ ته ضرور آهن. پلا ڏسو نه جيڪڏهن سنڌي چينلن تي نشر ٿيندڙ ڊرامن ۾ اڪثر ڌاڙيل هجن ٿا ۽ انهن مان به گهڻا مظلوم هجن ٿا، هيرا هجن ٿا ۽ جيڪڏهن اها سنڌ جي ثقافت ناهي، توهان ان کي نٿا مڃيو ته پوءِ پلا ڪهڙو عيب آ ته هاڻي سنڌ جا سمورا وڏيرا به گهڻن سردارن جيان ظالم بڻجي وڃن ۽ سڀ مظلوم ستايل ڌاڙيل بڻجي پون؟. ان سان سنڌ کي نئين ثقافت ملي پوندي! ۽ دنيا به اسان جي نئين ثقافت تي واهه واهه ڪري چوندي ته هن قوم مس وڃي موئن جي دڙي واري پُراڻ مان پاند آجا ڪرايا آهن ۽ هاڻي وڃي ڪا مس سُڌري آهي، جو ايٽم بم ناهڻ نه سِکي آ ته گهٽ ۾ گهٽ بندوقون ۽ رائيفلون هلائڻ ته سِکي وئي آهي، سو به اهڙي ريت جو هٿيارن سان راند پئي ٿي ڪيڏي. ان سان دنيا کي اسان جي وڏيڪ سُڌرڻ جو آسرو به ملندو ۽ اسان عظيم قوم هجڻ جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري وٺنداسين.

وري جيڪڏهن سنڌي چينلن تي هلندڙ موسيقي وارن پروگرامن ۾ گيتن جي مٽرتا تي رقص ڪندڙ ناريون پينٽ شرٽ پهري ٿيون اچن يا پيٽ جي ڌُن وارو حصو اگهاڙو ڪري عربن جهڙو لباس پهريل مردن آڏو نچڻ جو مظاهرو ٿيون ڪن ته ان ۾ به ڪو عيب ته ناهي، اها به ته سنڌ جي ثقافت ئي ته آهي، پر جي توهان ان کي به ثقافت نٿا مڃيو ته ڪٿي هاڻي ان ثقافت کي اپنائي وٺڻ ۾ حرج ته ڪونهي؟ اها ته عورت جي آزادي آ. سنڌي عورت کي جيڪڏهن هوٽلن تي ويهي عاشقن سان ڪولڊ

ڊرنڪ پيئڻ، آئيس ڪريم يا پيزا کائڻ جو موقعو نئو ڏنو وڃي، ان جو حق غضب ڪيو ٿو وڃي ته گهٽ ۾ گهٽ چينلن تان ان ڪي اهڙي حق جي آگاهي ڏئي ان ڪي اهو احساس ته ڏياري ٿو سگهجي ته اهو به ان جو حق آهي، جيڪو ڪيس ملڻ گهرجي. ان طرح ڏسجي ته سنڌي چينل وڏي خدمت ڪري رهيا آهن، هڪڙي سنڌي چينل ته هاڻي نه رڳو ثقافت پر ٻوليءَ جي ترقي لاءِ جاکوڙيندي اهو قدم به کنيو آهي ته پنهنجي خبرن جي هيڊ لائين دوران ٻوليءَ ۾ گرامر جي اصولن کان اڻچو حاصل ڪندي اهڙي نواڻ آندي آهي، جو هاڻي ڪجهه وقت کانپوءِ سنڌي گرامر کان به جان آجي ٿي ويندي ۽ ٻولي نئين انداز ۾ بنا گرامر جي عام جام ڳالهائي ويندي ۽ ان چينل جي ان نواڻ کي اسان جي ٻولي جي ماهرن به خوشيءَ سان قبوليو آهي، جو ته اهي به شايد هاڻي نواڻ چاهين ٿا، يا وري اهو به ممڪن آ ته انهن کي به انهن چينلن تي اچي اسان جي گهڻن دانشورن، شاعرن ۽ اديبن وانگر پنهنجو ٻوٽاڙو سنڌي قوم کي ڏيکاري ۽ ڳوٺ وارن کان واهه واهه ڪرائڻي آهي ته واهه هي به ٿي وي تي اچي ويو.

هاڻي آخر ۾ اها ڳالهه به ڪندي هلجي ته سنڌي چينلن تي ڪجهه ڊرامن ۾ عورت ڪردارن کان شراب نوشي به ڪرائي ٿي وڃي ته سگريٽ نوشي به عام جام ڪرائي ٿي وڃي ۽ اهڙا ٻيا به ڪوڙ سارا سين فلمايا ٿا وڃن، جن کي ڏسي اهو احساس ٿو جاڳي ته سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي ڏيکاريل معاشري جا عڪس يورپي معاشري کان ڪنهن به ريت گهٽ ناهن ۽ سنڌي ڊراما توڙي موسيقي اندين توڙي انگلش ڊرامن ۽ فلمن جي مقابلي ۾ بيهڻ لاءِ مڪمل تيار نه سهي ته مڪمل تيار ٿي سگهڻ واري مرحلي ۾ سفر ضرور ڪري رهيا آهن. ۽ توهان توڙي اسان کي خوش ٿيڻ گهرجي ته اسان وٽ جيڪو ڊش ۽ وي سي آر ڪلچر ذريعي ان ترقي جو سفر شروع ٿيو هو اهو ڪيبل تائين پهچندي اندين ڊرامن ۽ فلمن مان نه رڳو وڏن جي عزت نه ڪرڻ، بداخلاقي، لچائيندڙ فيشن، شراب، سگريٽ، گٽڪو، مين پڙي ۽ پان جو واهپو ۽ ڪجهه ٻيون سماج لاءِ ناسور بڻيل عادتون جوانن، عورتن ۽ ٻارن کي تحفو ڏئي ويو هو، پر هاڻي اسان جا پنهنجا سنڌي چينل سنڌي سماج کي هڪ نئين تهذيب ۽ نئون ڪلچر تحفي ۾ ڏئي ،نئون رنگ ۽ نئون ڍنگ عطا پيا ڪن، جنهن سان سنڌ جي صديون پراڻي تهذيب کي محفوظ رکڻ واريون دعوائون ڪيئن پوريون ٿي رهيون آهن، اهو فيصلو ته دعوائون ڪندڙ پاڻ توڙي انهن دعوائن جا رنگين فلم ڏسڻ وارا عام ماڻهو به بخوبي ڪري سگهن ٿا ته هي سنڌي چينل قائم ڪيا ويا آهن سنڌ جي ثقافت کي بچائڻ لاءِ يا ڪاروباري مقصدن جي ڪارڻ؟ جيئن گهڻي کان گهڻي دولت گڏ ڪري سگهجي. بهرحال ڪجهه به هجي پر اهي دعويدار اجايون دعوائون ڪرڻ

واري عادت مٽائي نہ ڇڏيندا ڇو تہ انهن جا جسم ڇيڪي مٽيءَ جا نہ پر پٽريلي مٽيءَ جا هجن ٿا، باقي جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ سنڌي چئينلن تي سنڌي ماڻهن جي سباجهڙي سياءَ، عورتن جي ثقافتي لباس ۾ لڄ ۽ حياءَ وارا سينَ ڏيکارڻ سان گڏ سنڌي جوڌن جي بهادري سان گڏ عورت لاءِ احترام ڪَي ڏيکاري شوبز جي رنگن ۾ گم ٿيندڙ سنڌ جي صدين جي تهذيب ۽ ڪلچر ڪي وري جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي تہ پوءِ ائين ڪريو جو هلندڙ ڊرامن ۽ گانن جي اچائي ساراهہ ڪرڻ بدران اهڙا خط سيني ڊائريڪٽرن ۽ دعوائون ڪندڙ چيئنل مالڪن جي نالي لکڻ شروع ڪريو، جنهن ۾ سنڌو سپيتا جا اصل اهڃاڻ چٽڻ جا مشورا شامل هجن، نہ تہ پاڻ بہ ان ڳالهہ لاءِ تيار ٿي وڃو تہ اسان جي نئين تهذيب چيئنلن تي ڏيکارجندڙ صورت کان اجان بہ وڌيڪ ڀيانڪ هوندي.

هن جو ڪيس ضميرن جي عدالت ۾ حل ٿيڻ گهرجي!

شَهرِ جانان جي گلين ۾ گهمندي هن کي مون جڏهن به ڏٺو ته هن جي زرخيز چپنَ ڏرتي جي مٿان مون هميشه مُرڪن جا پوپٽ اڏامندي ڏٺا. هُو مهينن جا مهينا اوچتو شهر مان غائب ٿي ويندو هو ۽ جڏهن واپس ورندو هو ته اڪثر گوڏ بڌي پُنِي اگهاڙو زمين ۾ ڪوڏر يا واهولي سان ڪم ڪندي ڏسبو هو، سيارو هجي يا اونهارو، پلي ڪٽي ڪهڙي به موسم هجي پر هُو موسمن جي شدت جي احساس کان عاري پنهنجي ڪم ۾ مگن هوندو هو. هڪڙي ڀيري هُن کي رمضان مهيني ۾ ٽاڪ منجهند جو شديد گرميءَ هوندي بنيءَ ۾ واهولي سان ڪم ڪندي ڏسي منهنجي سئوٽ گلشن علي پڇيو هئس سائين اڄ روزي سان ناهيو ڇا؟ ساڳيا مُرڪن جا پوپٽ اڏاريندي چيو هيائينس! سائين روزو آهي پر سياڻي موڪل پوري پئي ٿئي، ڊيوٽي تي وڃڻو آ، اڄ سمورا ڪم نبيري وٺندس، جيئن قُدوس کي تڪليف نه ڪرڻي پوي. اُن ڏينهن مون کي خبر پئي هئي ته هُو پوليس کاتي جي وائرليس واري شعبي ۾ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آهي ۽ سوچڻ لڳو هئم جنهن کاتي جو سپاهي خود کي آءِ جي پوليس سمجهندو هجي ۽ جنهن کاتي جي سب انسپيڪٽر توڙي هيڊڪانسٽيبل جو ذاتي ملازم به پاڻ کي صاحب جيترو اختيار ڌڻي سمجهي هوٽل واري کي چانهه جا پئسا نه ڏيندو هجي، ڪئبن واري کان مفت ۾ سگريٽ پانُ ۽ سوپاريون وصول ڪندو هجي، جنهن جا روز دڪاندارن ۽ پاڙي وارن سان صاحب جي اختيارن واري ڏَڍَ تي انڌ ڌاري جهيڙا ٿيندا هجن، اهڙي کاتي ۾ اي ايس آءِ رهندڙ هڪ شخص جو ايترو شريف هجڻ مون لاءِ هڪ خواب مثل آهي ۽ ان کان وڌيڪ حيرت مون کي تڏهن ٿي هئي، جڏهن اڍائي ٽي مهينا اڳ منهنجو ڳوٺ وڃڻ ٿيو هو ۽ منهنجي ننڍي مامي توڙي نهايت ئي ويجهڙي دوست استاد نويد منهنجي هن سان ڪچهري ڪرائي هُئي، اها اسان جي حياتي جي پهرين ۽ آخري ڊگهي ڪچهري هئي. توڙي جو اميد هئي ته مان ٻيهر به ڳوٺ ويندم پر هن جو خيال هو مٿان وري اهڙو موقعو نه مليو، هُو شرميلي انداز ۾ صفا جهيڻي آواز ۾ مُرڪ چپن تي وکيري ڳالهائي رهيو هو، هن کان به سال کن اڳ شهر جانان جي ڪنهن گلي مان گذرندي جڏهن منهنجي نگاهه هن کي ڏٺو هو ته هن جي سونهاري هلڪي ۽ وار ڪارا هئا، پر هاڻي هن جي سونهاري فرض ۽ سنت جون ڳالهيون ڪندڙن جيتري ڊگهي هئي، هن جي وارن تي مڪمل چاندي چڙهي چُڪي هئي ۽ هُو هڪ صوفي واري صفت ۾ رڱيل محسوس ٿيو هئم، هن هر اديب ۽ شاعر لاءِ هڪ تصوراتي محل جوڙي رکيو هو،

جنهن جو خاڪو هن ريت هو تہ ”شاعر يا اديب کي قول ۽ فعل ۾ هڪ جهڙو هجڻ گهرجي، سيئي ليکڪ يتائي، سچل، سامي، بيدل، بيڪس ۽ ٻين صوفي شاعرن جهڙا هجڻ گهرجن“ ۽ هو سيني ادبي تنظيمن کي صوفي فقيرن جون رابطا تنظيمون سمجهندو هو، مون سندس اهڙن خيالن ۽ سندس نفيس جذبن کي ڏسي، ان ڏينهن سوچيو هو، هن کي اها خبر ئي ناهي هتي ڪجهہ ليکڪ اهڙا بہ آهن جيڪي تنظيمن جي عهدن خاطر ڌڙا بندي ۾ مبتلا تي جندا پٽ ڪندي اخلاقيات سميت انسانيت جا سمورا ليڪا لتاڙي ڇڏڻ لاءِ بہ وسان ڪين گهٽائيندا آهن رڳو ان لاءِ تہ انهن عهدن حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ سندن ضميرن جو واڪ لڳڻ واري منڊي ۾، واپاري سندن خريداري ۾ دلچسپي رکندا آهن. مون سوچيو هو جڏهن هن کي اها خبر پوندي تڏهن هي اهو صدمو هرگز بہ برداشت نہ ڪري سگهندو، هن جو تصوراتي محل پورا پورا ٿي ويندو ۽ هي يقينن دل شڪستو ٿي پوندو، خبر ناهي اهڙي ڪيفيت ۾ هن جي حساس دل جيئري بہ رهندي الائي نہ؟ ان سوال جي جواب ڪان مان لاجواب ٿي ويو هئس، ڇو تہ منهنجي دل اهڙي حساس دل ناهي، هن دل تہ پنهنجي حسرتن سان گڏ پنهنجي معصوم خوابن جي تعبيرن جا قتل ڪيل لاش بہ دفنائي رکيا آهن، پر هي دل هاڻي ادب جي راڻي توڙي شاعري جي مومل واري ڪاڪ جا سمورا منڊ ۽ جستجوئون توڙي پنڌ ماپي چڪي آهي، ان لاءِ هي دل حساس دلين جي حساسيت کي محسوس تہ ڪري سگهي ٿي، پر ان جو انت جاڻڻ ضروري ناهي سمجهندي.

منهنجي هن سان آخري مختصر ملاقات 2007ع وري درازي دولهہ سچل سرمست جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ٽيندڙ ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعري ۾ ٿي هئي، هو مون سان مُرڪي مليو هو ۽ مان هن سان هٿ ملائي وري ٻين دوستن جي ڀاڪرن لاءِ اڳتي وڌيو هئس.

مون کي ياد ٿو اچي تہ جڏهن مشاعري جي ابتدا ٿي هئي ۽ مهمانن کي اسٽيج تي ويهاريو ويو هو تہ اجان بہ هڪ ڪرسي خالي هئي، جنهن تي ڪنهن نہ ڪنهن مهمان کي اچي ويهڻو هو، پر اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض سرانجام ڏيندڙ اسان جي هڪ ريڊيو ڪمپيئر دوست روايتي طور پنهنجي شاعري ٻڌائڻ سان مشاعري جي شروعات ڪندي، جيڪي بہ بيت پڙهيا هئا انهن جو ڪو بہ مقصد نٿي نڪتو، بس رڳو ڪافين سان ڏاڍائي ڪئي وئي هئي ۽ ان ڪانپوءِ روايتن ڪان هٽي سڀ ڪان پهريون هن ڪنهن جونيئر شاعر کي گهرائڻ بجاءِ سائين اياز گل کي شعر پڙهڻ لاءِ گهرايو هو، جيڪو اجان اسٽيج تي مس پهتو هو تہ يڪدم اسٽيج سيڪريٽري باقي رهيل مهمان طور سنڌي ادبي سنگت جي ان وقت جي سيڪريٽري جنرل کي سڏيو هو جنهن تي مشاعري جي ڪوآرڊينيٽر سائين ادل سومرو وائڙو ٿي اعتراض واريو هو تہ ”هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟ اياز کي اڳ ۾ ڇو گهرايو ويو ۽ احمد خان

مدهوش کي مهمان طور چو نہ گهرايو ويو آهي؟“. سائين ادل اجاڻ رڳو سوال ئي مس اٿاريو هو، جنهن جو جواب اخلاقي طور انتظاميا کي ڏيڻو هو، پر انتظاميا جي جواب ڏيڻ کان اڳ ئي هڪ غير اديب ماڻهوءَ اچائي نعريبازي شروع ڪرائي ڇڏي ۽ اهو تاثر ڏنو تہ ڄڻ اهو ڪنهن جو ذاتي ڪاڄ يا سياسي جلسو هجي، جڏهن تہ حقيقت ۾ سچل سرمست جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ڪونايل مشاعري کي ڪنهن بہ ڏر طرفان پنهنجي ذاتي رنگ منجهہ ۾ تبديل ڪرڻ واري ڪوشش بهرحال نندڻ جوڳو عمل آهي، پر هڪ ڌر طرفان تيلي ٻارڻ ڪانپوءِ اهو امڪان بہ رد نٿو ڪري سگهجي تہ متان مخالفن جي هٿ ۾ پيٽرول جو دٻو بہ هُجي!. پوءِ ڏسڻ وارن ڏٺو تہ نعري بازي جي موٽ ۾ ادل سومري جڏهن نعريبازي ڪرائيندڙ ان شخص کي خاموش رهڻ لاءِ دڙڪو ڏنو تہ ”جمعدار“ خاموش رهيو، تڏهن ٻئي ڌريون ٽپي ٻاهر تي ويون، ٻيهر پڙڪو ڪاڏو ۽ مجبورن سائين اياز گل جيڪو اجان بہ اسٽيج تي ويٺو انتظار ڪري رهيو هو تہ ماحول سازگار ٿي ويندو، پر پوءِ حالتن اهڙو رخ اختيار ڪيو جو ماحول گرما گرم ٿيندو ويو، جنهن سبب هُن ڏاهي شاعر کي اسٽيج تان لهي اچڻو پيو. ٻئي ڌريون اناپرستي هٿان مجبور ٿي ويون، ضلعي ڪائونسل جي اسيمبلي هال ۾ منعقد ٿيندڙ مشاعرو بہ پنهنجو رنگ ڇڏي ضلعي اسيمبلي جي اجلاسن وارو رنگ پڪڙي مڇي مارڪيٽ جو ڏيک ڏيڻ لڳو، شيم شيم جا نعرا گونجندا رهيا، دڙڪن دهمانن جا آواز اڀرڻ لڳا ۽ نيٺ هڪ ڌر واڪ آئوٽ ڪندي ٻاهر نڪري آئي، اسٽيج تي ويٺل اڌ مهمان بہ هيٺ لهي آيا، اڌ ڪان گهڻو هال خالي ٿي ويو، هڪڙي ڌر هڪدم هال جا دروازا بند ڪرائي سرڪاري سرپرستي وٺي ٻاهران سپاهي بيهاري ڇڏيا ڄڻ ڪنهن وڏي خونريزيءَ جو امڪان هجي ۽ اهڙين حالتن جي نتيجي ۾ اسان جو دوست الاهي بخش ”خادم“ ملاح جنهن شاعرن جي ڪردار بابت هڪ تصوراتي محل جوڙي رکيو هو، جنهن جي زندگي جو هي پهريون وڏو مشاعرو هو، جنهن سنڌي ادبي سنگت سان چاهہ ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪولاب جيئل شاخ جي الحاق لاءِ هڪ هزار روپين جي قرباني ڏني هئي، جنهن کي گهر ڀاتي هميشہ منع ڪندا رهندا هئا تہ جيئن اديبن، شاعرن کي تون سمجهين ٿو، ٻڌو آ اهي ائين ناهن. تون انهن سان نہ ملندو ڪر، نہ تہ ڪنهن ڏينهن انهن جا ڀيانڪ چهرا ڏسي تنهنجي دل ٽُٽي پوندي!. پر هُو نہ مڙندو هو ۽ جنهن کي ان ڏينهن بہ سنڌس گهر ڀاتين منٿون ڪري منع ڪئي هئي تہ ماڻهو چون ٿا ان مشاعري ۾ شاعر هڪٻئي سان وڙهندا آهن تون نہ وڃ. تنهنجي دل نہ ٽُٽي پوي؟! پر هُو نہ مڙيو هوءِ اوچتو هتي اهڙي حالت ڏسي واقعي بہ هُن جي حساس دل پنهنجي جوڙيل تصوراتي محل جون ڪرچيون ڏسي صدمو برداشت نہ ڪري سگهي هئي. هُو پنهنجو لکيل شعر بہ پورو نہ پڙهي سگهيو هو ۽ سنڌس حساس روح پڙڪو ڪائي

اڏامڻ جي تياري ڪري ورتي هئي. هن جي پَرَ ساهيندڙ ساهه ڪي روڪڻ لاءِ ۽ رُڪجندڙ دل جو دهڪو وري جاري ڪرڻ لاءِ ڪابه ڪوشش نه ڪندي، هڪ سرد ٿيندڙ لاش کي انهن دوستن به اڪيلو ڇڏي ڏنو هو، جيڪي هن جا ساٿي بڻجي آيا هئا. بس سندس هڪ ساٿي سچل يادگار ڪميٽي جي هڪ ميمبر جي گاڏي ۾ ڪٺائي کيس اسپتال پهچايو هو، پر اُتان اها گاڏي به هڪ سرد لاش کي لاوارثن جيان ڦٽي ڪري موٽي آئي، ڪنهن کي به چاڻ نه ڏني وئي، اها ته شابس آهي ان ايمبولينس جي ڊرائيور کي جنهن رحم کائي مُرده جسم کي ڏٺين حوالي ڪري اچڻ جي حامي ڀري، جڏهن ته هن حساس دل شاعر جي موت جي خبر محض ان لاءِ لِڪائي وئي ته متان مشاعرو روڪيو وڃي، متان پئسي جي پوچاري شاعرن کي به سئو روپيا نه ڏنا وڃن ۽ پوءِ جڏهن اها ڳالهه واڪي ٿي ته بائيڪات ڪندڙ ڌر جنهن انتظاميا آڏو ٿي شرط رکيا هئا ته نعريبازي ڪرائيندڙ شخص کي ٻاهر ڪڍيو وڃي يا مشاعري ڪميٽي جي فيصلي کي اورانگهيندي ۽ پنهنجي مرضي جو نئون فيصلو مڙهيندڙ غير اديب سيڪريٽري کي جلد هٽائڻ جو اعلان ڪندي سچل يادگار ڪميٽي جي نئين سر جوڙجڪ جي تاريخ طئي ڪرڻ جو اعلان ڪيو وڃي يا وري پروگرام جي صدارت ڪندڙ ڪانسواءِ باقي سيني مهانن کي گذارش ڪئي وڃي ته اعزازي طور پنهنجون سيٽون ڇڏي اچن ۽ نوان مهمان مٿي ويهاريا وڃن. پر انتظاميا اهڙن سيني شرطن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ هڪ حساس دل شاعر جي موت جو اعلان ٿيڻ باوجود به مشاعرو هلندو رهيو. جڏهن ته هڪ حساس دل شاعر جي موت جو ٻُڌي بائيڪات ڪندڙ ڌُر سان تعلق رکندڙ اديبن شاعرن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽ ڪاڏي ۽ اهي پروگرام جوڙڻ لڳا ته ان فوتي شاعر جي آخري رسمن ۾ شامل ڪيئن ٿجي؟. پر صبح جو اها ڌُر اتي ان لاءِ نه پهتي ته صبح جي اخبارن ۾ پئسن جي لالچ ۾ مشاعرو جاري رکندڙ ڌُر طرفان مٿن الزام مڙهيو ويو هو ته اهي الاهي بخش ”خادم“ جي موت جا ذميوار آهن.

هاڻي جڏهن ان شاعر جي تدفين به ٿي چُڪي آهي تڏهن به اسان جي اديبن جا رويا اهي آهن ته هڪ شاعر جي موت تي ڏکارو ٿيڻ بجاءِ ان کي به سياست جي ور چاڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، هڪ ٻئي خلاف ڪالم لکيا پيا وڃن، هڪ شخص هڪڙو ئي ڪالم سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڪڏهن فقير فقراهي جي نالي سان ته شايع ڪرائي ته ڪڏهن گمنام راهي جي نالي سان. اهو رڳو ان لاءِ ته هن جيڪو ڪجهه حقيقتن جي اِبتڙ لکيو آهي ،اهو يقينن کيس شرمندگي محسوس ڪرائي رهيو آهي، هُو دوست جيتوڻيڪ هڪ ڏڙي مٿان الاهي بخش ”خادم“ ملاح جي خون جي ايف آءِ آر ڪٽرائڻ چاهي ٿو، پر هن کي سوچڻ گهرجي ته اهڙي ايف آءِ آر ته الاهي بخش جي معصوم پُٽ قُدوس کي ڪٽرائڻ گهرجي. پر سوال ٿو اُڀري ته هُو ڪنهن

مٿان ايف آءِ آر ڪٽرائي؟ سچل يادگار ڪميٽي جي سيڪريٽري مٿان جنهن جي غلط حڪمت عملي سجي ماحول کي ڏانوان ڏول ڪري ڇڏيو؟ يا وري ان غير اديب شخص مٿان جنهن ڪرايي تي نچندڙ رونشي ڪوڏين وارو ڪردار ادا ڪندي ادبي محفل ۾ سياسي نعري بازي ڪرائي محفل کي ڦٽائڻ واري ڪاميابي ماڻي؟ يا وري ايف آءِ آر ان انتظاميا مٿان ڪٽرائي وڃي، جنهن ڇئن سالن کان هلندڙ ڄنڊاپٽ جي خاتمي لاءِ اجان ڪو ڪردار ادا نہ ڪندي، پنهنجي نااهلي جو ثبوت ڇوٿين سال بہ ڏئي ڇڏيو آهي.

منهنجو خيال آهي تہ ايف آءِ آر ڪنهن ٽاٽي تي ڪٽرائڻ بجاءِ سڌي ريت اهو ڪيس مڙني اديبن جي ضميرن جي عدالت ۾ موڪلڻ گهرجي ۽ انهن کي فيصلو ڪرڻ جو حق ڏيڻ گهرجي تہ الاهي بخش ”خادم“ جنهن جي تصوراتي محل ۾ وينل شاعر جو روپ فرشتن جو بيو روپ هو، ان جو اهو تصوراتي محل ڊاهڻ جو گناهہ ڪنهن ڪيو آهي؟ ۽ اڄ جڏهن هُن جو مڙهہ بہ مٽي ماءُ حوالي ٿي ويو آهي تہ ان جي مڙهہ مٿان سياست آخر ڇو ٿي ڪئي وڃي؟ جڏهن تہ هُن جي موت تي سندس مُرده جسم کي اڪيلو ڪري اسپتال ۾ اڇلائي اڇي مشاعرو جاري رکيو ويو هو، هن جي ڪجندڙ جنازي ۾ ڪوبہ ٻاهريون شاعر، اديب تہ شامل نہ ٿيو هو،پر سندس ڪجهہ ويجها ساٿي بہ شامل نہ ٿيا هئا، جڏهن تہ ڪجهہ نامَ نهاد اديبن ڪالم لکرايا تہ هنن الاهي بخش ”خادم“ جي جنازي تي پهچي فرض ادائگي پوري ڪئي آهي، پر اهو سڀ ڪوڙ آهي، سچ تہ اهو آهي تہ مان خود بہ الاهي بخش ”خادم“ جي جنازي نماز ۾ تہ شريڪ نہ ٿيم پر ڳوٺ ۾ موجود هوندي بہ سندس پونئرن سان تعزيت بہ نہ ڪري سگهيم ۽ اهو سڀ مون ڄاڻي واڻي ان لاءِ ڪيو تہ مٿان ائين ڪرڻ سان منهنجي فرض ادائگي پوري نہ ٿي وڃي ۽ مان الاهي بخش ”خادم“ جي تعزيت سنڌ واسين سان نہ ڪري سگهان ۽ مون سنڌ واسين سان اها تعزيت ڪرڻ ٿي چاهي، ان لاءِ قُدوس تون ڏُک نہ ڪجانءِ، تون جيڪو مون کي استاد سمجهندو آهين، مان هن ڪالم ذريعي سنڌ واسين سميت توسان بہ تعزيت گذار آهيان ۽ باقي ٿي سگهيو تہ هاڻي اچي توسان تنهنجي پيءُ جي يادگيرين جون ڳالهيون بہ ضروري ڪندم.

اڄ جو تاج محل وڪڻي، ماڻهو خريد ڪيون...!

جيڪڏهن منهنجي وس ۾ هُجي ها تہ مغل شهنشاهہ جي محبت جو يادگار تاج محل وڪڻي پنهنجي محبوبا جي دل جي ٽرانسپلانٽيشن ڪرائي سندس سيني ۾ اهڙي دل پيوند ڪرايان ها جيڪا منهنجي محبت تي يقين رکندڙ ۽ هر ڪنهن شڪ شبهي کان پري هجي ها ۽ پاڻ لاءِ هڪ وڏن شيشن واري اهڙي عينڪ خريد ڪيان ها جنهن کي پائڻ سان ماڻهن جي اندر جي ميراڻ کي ڏسي سگهان ها، جنهن کي ڌوئڻ لاءِ وري ورم بار پائوڊر بہ ضرور وٺان ها ۽ پوءِ دل جي ڪارن ماڻهن کي دلين مٿان هر روز هڻڻ لاءِ فيئر اينڊ لَولِي بہ وٺي ڏيان ها.

توهان بہ سوچيندئو تہ مان بين لاءِ تہ ورم بار ۽ فيئر اينڊ لولي وٺڻ جي ڳالهہ ڪيان ٿو ۽ بين جي اندر جي ميراڻ کي ڏسڻ چاهيان ٿو پر پاڻ وري ڪهڙو شريف آهيان؟ ڪهڙو منهنجي زبان تي هر وقت آيتن جو وردُ ٿو هلي؟ بلاشڪ اها حقيقت آهي پر چوندا آهن تہ مينهن ڳئون کي چوندي آ پڇ ڪاري. سو منهنجي اندر جي ميراڻ مون کي نظر ان لاءِ نٿي اچي تہ مان ٻاهران بہ سڄو ڪارو آهيان جڻ آفريڪي نسل جو هجان، منهنجي محبوبا اڪثر مون کان پڇندي آ، مُنهن تي پالش چيري بلاسم سان ڪندو آهين يا ڪِيوي شُو پالش سان؟

هاڻي جڏهن توهان مون کي منهنجو اصل چهرو ڊيڪاري ئي ورتو آ تہ پوءِ هاڻي يقين ڄاڻو تہ جڏهن بہ مون کي تاج محل وڪڻڻ جو موقعو مليو تہ اُن جي مليل پئسن مان پاڻ لاءِ بہ ٻہ ٽي دٻا ورم بار پائوڊر ۽ فيئر اينڊ لَولِيءَ جون هزار پندرهن سئو ساشي ضرور وٺندم، باقي هن وقت مون کي ڳڻتي اها آهي تہ آخر اهو تاج محل وڪڻندم ڪيئن جنهن جي سونهن ۾ هزارين مزدورن جي پگهر سان گڏ هزارين ڪُڙمين جو رت بہ شامل آهي.

خير مون کي ڳڻتي پنهنجي آهي ۽ بين گهٽن کي وري تاج محل بابت هڪ ٻي ڳڻتي ورائي وئي آهي. چون ٿا تہ آگري ۾ وڌندڙ آلودگي ۽ گهم سبب تاريخي يادگار جي حقيقي خوبصورتي متاثر ٿي رهي آهي، اڇي رنگ جي سنگ مرمر جو رنگ ڦٽي ڦڪو ٿِي ويو آهي. سڄاڻ ذرين هندوستاني پارليامينٽ کي رپورٽ موڪليندي گهُر ڪئي آهي تہ تاج محل جي اصل خوبصورتي کي برقرار رکڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن، ڇو تہ هر سال 30 لک ماڻهو دنيا جي مختلف هنڌن کان محبت جو هي يادگار ڏسڻ آگري اچن ٿا. ڪيڏي نہ حيرت جي ڳالهہ آهي تہ پٿرن جي هڪ بي جان محل جو رنگ مُنجڻ تي ماڻهن کي ڳڻتي وڪوڙي وئي آهي، جڏهن تہ هنن ماڻهن جي

وجودن ۾ سندن خود جي رت جو رنگ منجي سفيد ۽ ڪارو ٿيندو پيو وڃي، پر ان ڳالھ تي ڪنهن .ڪي بہ ڳڻتي ڪونهي.

رشوت خوري، هوڏ، اناپرستي، مطلب پرستي اسان جي اندر جي دنيا ڪي متائي ڇڏيو آهي، اسان جي اندر جون ديوارون ڳاڙهي ۽ سفيد رنگ کان موڪلائي ڪاريون ٿي چڪيون آهن، پر اسان انهن تي نظر ئي نٿا وجهون، اسان جو اندر ڪنڊرن ۾ تبديل ٿي ويو آهي، اسان خود انسانيت جي اهڃاڻ وارن قديم آثارن جو باقيات ٿيندا پيا وڃون، پر اسان جي نظر رڳو پنهنجي گهر ۽ آفيس جي ديوارن جي ڦٽل رنگ ۽ پٽين ۾ آيل ڏارن مٿان مرڪوز ٿيل آهي، ڪٿان بہ ٿورو رنگ لٿل ڏسون ٿا تہ اسان ڪي ڳڻتي وڪوڙي وڃي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان پنهنجي اردگرد پنهنجي قديم آثارن ڪي مٽجندو ڏسي هترادو ڳڻتي جون ريڪائون ڇهرن تي چنبڙائي اخبارن لاءِ فوٽو ٽا ڇڪرايون ۽ بيان ٽا جاري ڪيون تہ وارو ڪيو هي ظلم آ ڏاڍ آ، اسان جي ثقافت برباد پئي ٿئي، جڏهن تہ اهو محض رڳو اسان جو ڍونگ هجي ٿو، اسان جي جڏهن پنهنجي انسانيت واري حقيقي ثقافت سان ڪا دلچسپي نہ رهي آ تہ هي تهذيبن جي ثقافت اسان لاءِ ڪهڙي معنيٰ رکندي هوندي؟ اهو اسان پنهنجي اندر ڪان ئي سني نموني پڇي سگهون ٿا.

اسان جي انسانيت، اسان جو ماڻهپو ڪيئن ڪنڊرن ۾ تبديل ٿي رهيو آ؟ ڪيئن اسان جي رت جو رنگ ڳاڙهي مان ڪارو يا سفيد ٿي ويو آ، ان جو جائزو وٺڻ لاءِ اڇو تہ دنيا تي نگاھ ڦيرايون.

گذريل ڪيترن ئي سالن کان وٺي آمريڪا ۽ سندس دادلو اسرائيل دنيا تي قبضو ڄمائڻ وارو خواب پنهنجي خونخوار اکين ۾ سانڍي عملي دڳ تي نڪري پيل ڏسجي رهيا آهن، فلسطين جو امن لاشن جي صورت ۽ بارود جي بوءِ ۾ بدلائڻ ڪانپوءِ افغان ۽ عراق تي حملا بہ انهيءَ ساڳئي تسلسل جي ڪڙي آهن. فلسطين ۽ عراق ۾ ڇا وهيو واپريو آهي اها بہ اسان ڪي چڱي ريت ڄاڻ آهي پر اسان ايترو ڏورانهون پنڌ ڪريون ان کان اڳ اسان پنهنجي خطي ۽ ملڪ جون حالتون ڏسون تہ اهو ئي اسان لاءِ ڪافي مثال هوندو، جيڪو ممڪن آ تہ اسان جي ستل ضميرن ڪي جهونجهاڙي جاڳائي سگهڻ ۾ ڪاميابي ماڻي وٺي.

يادن جي دڳ تي بيهي پوئتي نهارجي ٿو تہ دور دور کان هڪ منظر ڏنڌلي مان ڇٽو ٿيندي نظر اچي ٿو، ها اهو منظر ياد ڏياري ٿو تہ جڏهن افغانستان تان روس جي ڪالوني هجڻ واري ڇاپ هٽائي وئي هئي ۽ اها ڇاپ مٽائڻ جي نتيجي ۾ جيڪا خونريزي ٿي هئي، ان ۾ جيڪي خاندان تباھ و برباد ٿيا هئا، لڏپلاڻ ڪري ڌرتي ڌڪاريا بڻيا هئا، اهو بار پاڪستان جي وجود برداشت ڪيو هو ۽ نتيجي ۾ هن ملڪ جي عوام ڪي انعام مليو هو، هيروئن، ڪلاشنڪوف ڪلچر ۽ ڪراچي توڙي

حيدرآباد ۾ لاشن جا تحفا، هاڻي وري جڏهن گذريل ڪجهه سالن کان طالبان حڪومت جو خاتمو آڻي دنيا کي امن ڏيڻ وارو هڪ تجريدي فلم لائيو هلائڻ دوران آمريڪا بيگناهه افغان شهرين مٿان بمباري ڪرڻ واري ڪڏي عمل ۾ مصروف آهي، تڏهن آيل رپورٽن موجب 20 لک عورتون بيوهه بڻجي چڪيون آهن، جيڪي پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو پيٽ پالڻ لاءِ پنڻ سميت جسم فروشي جو ڌنڌو اختيار ڪري زندگي سان جنگ وڙهي رهيون آهن. آمريڪا پاران افغانستان ۾ نام نهاد خوشحالي جي دعويٰ رڳو سڪٽي ٻتاڪ کانسواءِ ڪجهه ناهي، لڳاتار ويڙهه ۽ جنگ سبب افغانستان ۾ بدحالي گهر ڪري وئي آهي، معاشي بدحالي سبب ڪابل جون گهٽيون پراڻن ۽ ڦاٽل ڪپڙن ۾ پيندڙ عورتن سان پرپل نظر اچي رهيون آهن، آمريڪا جو ساٿ ڏيندڙ جنگجو سردارن پڻ عورتن سان طالبان جهڙو رويو اختيار ڪيو آهي، عورتن مٿان گهريلو تشدد وڌيو آهي، ڪابل، قنڌار ۽ هرات جي صوبن ۾ عورتن سان جانورن جهڙو سلوڪ ٿي رهيو آهي.

ڪيترين ئي عورتون اتحادي فوج جي ڏاڍائي جو شڪار ٿي جنسي زيادتين ۽ زبردستي شادين توڙي زمينن ۾ پوکائي جو ڪم وڻڻ سبب خودڪشيون ڪرڻ لڳيون آهن، جنهن ڪري افغانستان ۾ هڪ طرف عورتن جي خودڪشي جو رجحان وڌي رهيو آهي ته ٻئي طرف اسپتالن ۾ ويم جون سهولتون نه هئڻ ۽ عملي جي غير موجودگي سبب رڳو هڪڙي سال اندر 5 هزار عورتن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ٿي آهي.

افغانستان ۾ عورتن جي حالت بدتر کان به بدتر نظر اچي رهي آهي، انهن عورتن جي درد کي پلا ڪير سمجهندو، جيڪي عاليشان نه ئي سهي پر ننڍڙن پڪن گهرن ۾ رهندي پاڻ کي محفوظ ته پائينديون هيون، پر انهن کان اڄ اها حفاظت گاهه ڪسي ڪين ڪنڊرن ۾ رهڻ ۽ جسم فروشي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ ستن سالن جي نينگريءَ شرمين جي درد کي پلا ڪير سمجهندو، جنهن کي ڊور ٻڪري جيان وڪڻي ڏاڍي جيڏي ور حوالي ڪيو ويو ۽ جنهن پاڻ کي باهه ڏئي موت کي پنهنجو محبوب شهزادو قبولڻ واري عمل کي بهتر سمجهيو، پر موت به سندس سان وفا نه ڪئي جيڪا اڄ اسپتال جي بستر تي ٻٽي درد ۾ مبتلا اڪيون پوريون سُتي پئي آهي.

ها اهو سچ آهي ته درد جو ڪوبه ديس نه هوندو آهي، درد ديسن جي سرحدن جون ديوارون اورانگهي جتي چاهي پهچي ويندو آهي، اهو افغانستان جو درد پاڪستان ۾ به پهتل آهي، افغان جنگ جا اثر پاڪستان تي پئجي رهيا آهن، هي وقفي وقفي سان ٿيندڙ خودڪش حملا انهيءَ درد جي چِيِنِ واري هڪڙي ڪڙي آهن، جنهن جي نتيجي ۾

ڪيتريون عورتون بيوهه ٿين ٿيون، ڪيترائي خاندان بي سهارا ٿين ٿا ۽ پوءِ نتيجي ۾ نوجوان نينگريون وڪامن ٿيون ۽ جسم فروشيءَ جي اوٽ ۾ دل جي درد کي لڪائڻ جا جتن ٿين ٿا، انهيءَ سموري درد کي پلا سمجهندو ته ڪير سمجهندو؟ جو ته اسان بيحس ٿي ويا آهيون، اسان ته پنهنجي ضميرن جا سودا ڪري دلين جو ڳاڙهو رت وڪڻي بي ايماني، بدڪرداري ۽ انائن جي ڪاري رت کي جسم ۾ ڊوڙائيندي عاليشان مسجدون، امام بارگاهون، مدرسا، مندر ۽ ڪليسائون ڏيکاءُ لاءِ ناهي، وري انهن کي بم ڌماڪن سان ڊاهڻ جي مهارت سکي چڪا آهيون، پر اسان اڄ تائين ڪا نڊيڙي اهڙي دل نه ناهي سگهيا آهيون، جنهن ۾ پيار هجي ۽ امن پرستي جا جذبا هجن، تنهنڪري اڄو ته اهو پٿرن جو نهيل تاج محل وڪڻي انسانيت جو درد رکندڙ دلين جي پيوندڪاري ڪرايون ۽ ڪٿان ڳولهي پنهنجي لاءِ ماڻهپو خريد ڪري وٺون.

سچ گرهڻ ـ چنڊ گرهڻ

ممڪن آ تہ هي منهنجو آخري آرٽيڪل توهان پڙهندا هجو ۽ هن کان پوءِ مان توهان لاءِ نہ لکي سگهان ڇو تہ هاڻي مون سنجيدگي سان سوچيو آهي تہ لکڻ ڇڏي ڏيان، مون تہ اهو بہ سوچيو آهي تہ هيءَ نوڪري بہ هاڻي ڇڏي ڏيان. ڀلا هن نوڪريءَ ۾ رکيو بہ ڇا آهي؟ ايتري بہ پگهار نہ ٿي ملي جيتريون دوستن جون ميارون ۽ شڪايتون ٿيون ملن. منهنجو آرٽيڪل نہ ڇپيو آ، منهنجي شاعري ڇو نہ ڇپي وغيره وغيره.... ڀلا انهن کي ڪير سمجهائي تہ انهن جي نہ ڇپجڻ جا بہ ڪي ڪارڻ هوندا ۽ جيڪي ڇپجن ٿا انهن سان ڪا منهنجي رشتيداري هرگز ڪونهي، پر جي ڪي دوست سمجهن ٿا تہ مان ڪو رشوت خورايڊيٽر آهيان، رشوت عيوض ڪجهہ ماڻهن جا مضمون ۽ شاعري شايع ٿو ڪريان تہ پوءِ نيڪ آ" مان هي نوڪري ڇڏي پيو وڃان. ڀلي اچي ڪو صوم صلاة جو پابند منهنجي جڳهہ والاري، مون پنهنجو بندوبست ڪري ڇڏيو آ، بہ ٽي آفر آرڊر منهنجي کيسي ۾ پيا آهن. ڪنهن نوڪري ۾ پگهار وڏي آ، تہ ڪنهن ۾ مٿئين ڪمائي وڌيڪ. هاڻي رڳو مون کي فيصلو اهو ڪرڻو آ تہ ڪهڙي نوڪري مون لاءِ فٽ رهندي؟

بهرحال هن صحافتي ڪردار مان هاڻي منهنجي دل ڀرجي وئي آ، جيڪو لکيو اٿم اهو گهڻو لکيو ٿي ويو آهي. ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ ڏوڪڙ گهرجن ۽ اهي ڏوڪڙ مون کي نئين نوڪري ڪرڻ کان پوءِ اڻ ڳڻيا ملندا. مان پنهنجون هيل تائين لکيل لکڻيون تہ ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي وٺندم. پر پوءِ مان جي چاهيان تہ خود سفرناما لکي بہ ڇپرائي سگهندم، نہ تہ وري گمنام ليکڪن کان معمولي معاوضي تي لکڻيون وٺي اهي پنهنجي نالي تي ڇپرائي ڇڏيندم، ڇو تہ انهن گمنام ليکڪن کان پڇڻ وارو تہ ڪوئي آهي ڪونہ، هونئن بہ ويچارا مري ويندا تہ سندن پونئير سندن قلمي پورهيو چولن واري کي چولا انهن پنن ۾ وجهي ڪپائڻ لاءِ ڏئي ڇڏيندا، ان کان بهتر آهي تہ سندن هي تخليقون منهنجي ڪم اچي وڃن. ٻيو تہ نهيو مان تہ اهو بہ سوچيان ٿو تہ نئين نوڪري ڪرڻ کان پوءِ پي ايچ ڊي جي ڊگري بہ وٺي وٺندم، ڪوڙ سارا منهنجا واقفڪار آهن، انهن جو تجربو مون لاءِ ڊگري وٺڻ ۾ آساني پيدا ڪندو، ڪنهن سينيئر جي ٿيسز گائيڊ هٿان گهر ڪرائي نئين سال ساڳئي ٽاپڪ سان ملندڙ جلندڙ ٽاپڪ پاڻ لاءِ منظور ڪرائي ٿيسز ۾ ٿوري ڦيرڦار ڪرائي مان ڊگري وٺي ويندم ۽ ماڻهن تي رُعب ڪندم تہ مان ٻولي جو ماهر آهيان ۽

ممڪن آهي تہ هن نئين نوڪري مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ مان بہ لئنگويج اٿارٽي يا ادبي بورڊ جو چيئرمين يا سيڪريٽري ٿي وڃان تہ مخالف گهٽ ۾ گهٽ اهو منهن مٿو بہ ڪونہ هڻندا تہ مان ٻوليءَ بابت ڪائي ڄاڻ نٿو رکان.

مون رڳو هيءَ نوڪري ڇڏڻ لاءِ سوچيو ئي ناهي بلڪ هاڻي هيءَ نوڪري سمجهو ڇڏي چڪو آهيان. مان استعيفيٰ لکي صاحب کي موڪلي چڪو آهيان، پر مون ڪيس اها رُوبرو ناهي ڏني، بلڪ پوسٽ ڪئي آهي، ڇو جو رُوبرو استعيفيٰ ڏيانس ها تہ هرويرو ڇوي ها نوڪري نہ ڇڏ، تنهنجي پگهار وڌرائڻ لاءِ ڪوشش ڪيان ٿو، روزگار سان وينو آهين، چڱي خاصي عزت اٿئي، بيروزگار ٿيندين، ڌڪا کائيندين وغيره وغيره. يلا هن ويچاري کي ڪهڙي خبر تہ في الحال مان مهينو سوا آرام ڪندم ۽ ان کان پوءِ جيڪا نوڪري مون کي ڪرڻي آ، ان جو آفر آرڊر منهنجي کيسي ۾ پيو آ، سو بہ رڳو هڪ نہ پر ٻہ ٽي آفر آرڊر منهنجي کيسي ۾ پيا آهن، رڳو مون کي فيصلو ڪرڻو آهي تہ مون لاءِ ڪهڙي نوڪري مناسب رهندي؟

توهان پريشان ٿي ويا آهيو تہ مون وٽ ايترا آفر آرڊر آيا ڪٿان؟ جڏهن تہ امتحان پاس ڪري وينل اُستادن ۽ ليڪچرارن کي بہ آرڊر نٿا ملن، پوءِ مون کي هيترا آفر آرڊر ڪيئن مليا؟ اصل ۾ مون بہ هاڻي ڪجهہ گُر سکي ورتا آهن ۽ مون اهي گُر ٻن ٽن گُرو اديبن ۽ صحافين وٽان سکيا آهن، ٿيو ائين تہ سنڌ جي ارڏي ڪهاڻيڪار امر جليل کي حيدرآباد پريس ڪلب جي تاحيات ميمبرشپ ڏيڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي، ان جا دعوت ناما ورهايا ويا، منهنجي هڪ دوست کي بہ دعوت نامو مليو، هن ڇيو تہ هلڻو آ. ڇيومانس ڪوشش ڪبي. ڇيائين ڪوشش نہ پڪ هلبو ۽ ڏسبو. ڇيومانس امر جليل جو فوٽو ڏيکارياڻءِ ٿو اهو ڏسي وٺ. ڇيائين نہ ٻي ڳالهہ ڏسبي. پڇيومانس ڪهڙي ڳالهہ؟. ڇيائين ڪافي سال اڳ هڪ سرڪاري پروگرام ۾ امر جليل اسلام آباد کان حيدرآباد آيو هو تہ سچ گرهڻ ٿيو هو ۽ امر جليل پاڻ ڇيو هو تہ ”مون کي حيدرآباد جي محبت تہ نهيو، ڪو ماڻهو بہ نظر نہ آيو“. هاڻي ڏسڻو آ تہ امر جليل پهچي ٿو تہ ڪيس اها محبت ملي ٿي، جنهن جي ڪيس توقع آهي يا وري هن ڀيري چنڊ گرهڻ جو وارو آهي؟

مون سوچيو تہ هي پروگرام فائدي وارو ٿيندو، جيڪڏهن چنڊ ”گرهڻ“ جي گرفت ۾ اچي ٿو وڃي تہ منهنجو ڪم ٿي ويندو، مان ڪنهن گُرو اديب جي پر ۾ ويهي سندس ڪيسي مان سُني نوڪري ۽ وڏي ڪرسي وٺڻ وارو نسخو ڪِسڪائي ونندم. بهرحال اهو سوچي مان بہ وڃي پروگرام ۾ پهتم، ڪي دوست اڳ ۾ ئي ڪائي پي آيا هئا، ڪن پوءِ ڪائڻ پيئڻ جو

پروگرام رڪيو هو. اوچتو چند ڪي گرهڻ ورتو. ناماري صحافي اي جي چانڊيو ڪي دل جو دورو پيو ۽ هُو موت جي پاڪر ۾ هليو ويو. سيئي ذڪارا ٿي ويا. مون بِن ٽن گرو اديبن ۽ صحافين جي ڪيسن مان به ٿي آفر آرڊر ۽ ڪارآمد نسخا ڪسڪائي ورتا ۽ هاڻي مون وٽ منهنجي ڪيسي ۾ به ٿي آفر آرڊر پيا آهن. هڪ آفر آرڊر پوليس کاتي جو آهي، اعليٰ اختيارين مون کي زباني چيو آهي ته جوائننگ ڪري ڪجهه لاشن کي گوليون هڻي، ڪجهه ڪُوڙا مقابلا ڏيکاري، رسول بخش بروهي جهڙا بيگناهه ماري ڏاڙيل ڄاڻائي ڪارڪردگي ڏيکاريان، ڳوٺن کي باهيون ڏياريان ۽ جيئن سامارو پوليس چوري ڪيس ۾ 10 سالن جي معصوم ملوڪ خاصخيلي کي گرفتار ڪري اُبتو ٽنگي مٿس تشدد ڪري ڪيس اڌ مُئو ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي ڪارڪردگي ڏيکاري بيگناهن مٿان ڪُوڙا ڪيس مڙهي، ڏوهارين کي رشوت عيوض ڇُوٽ ڏئي ڇڏيان ته نه رڳو سال کن ۾ وڏو نالو ڪمائي وننديم پر وڏي ملڪيت جوڙي حج به ڪري ايندم. آفر ته هيءَ سٺي آهي پر اجان سوچيان ٿو ڇو ته پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي اعليٰ اختيارين به مون کي آفر آرڊر ڏيندي چيو آهي ته هلڪي ڦلڪي پريڪٽس ڪر، ڊوڙڻ سک، بال کي ڪيچ ڪرڻ لاءِ هٿن جو ٻُڪ ناهڻ سک ۽ بيٽ جهلڻ ۽ اڳتي گهمائڻ سکي وٺ ته قومي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ توکي به کڻي وننداسين، پوءِ پيو مختلف ملڪن جا دورا ڪجانءِ ۽ سٺي بازي وسيلي ڏوڪڙ ڪمائجانءِ. مون کي اها نوڪري ڪجهه دلچسپ لڳي ٿي ڇو ته ان ۾ ٻاهريان ملڪ گهمڻ جا موقعا به آهن، سفرناما لکڻ جا موقعا به آهن ته ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي ٻاهرين ملڪن جي پوپرين سان معاشقا ڪرڻ جا چانسز به آهن. جيڪڏهن مان اها آفر قبول ڪريان پوءِ ته مان پنهنجي بي قدري محبوبا کي به اهو احساس ڏياريندم ته مون کي جيڪو ڪجهه تون سمجهي منهنجو قدر نٿي ڪيو. مان اهو ناهيان پر ڏس! مان ڪيڏو عظيم آهيان. مون وٽ سٽيبازي مان ڪمايل ڌن دولت هوندي ته اخبارن ۾ به منهنجو روز فوٽو ڇپبو، پلي ته پيا پوءِ منهنجا مخالف سڙن پچرن.

پر ان نوڪري ڪرڻ جو به مون اجان فيصلو نه ڪيو آ ڇو ته ان ۾ ڊڪڻ ڊوڙڻ واري تڪليف آهي ۽ هر وقت اهو به خطرو هوندو آهي ته ڪنهن فاسٽ بالر جو بال تڙي اچي بوٽ ۾ نه لڳي ۽ منهنجو ٽالهيءَ جهڙو مُنهن ڇِبي نه ٿي وڃي. بهرحال هڪڙو ٻيو آفر آرڊر به منهنجي ڪيسي ۾ پيو آهي، مون کي هڪ اين جي اوز جو ڪو آرڊينيٽر ٽيڪو آهي ڪم ڪجهه به ناهي، بس ڪجهه نوجوان ڇوڪرين کي نوڪريون ڏيڻيون آهن، انهن کي فيلڊن ۾ موڪلڻو آهي. انهن جو به ڪم گهڻو گهمڻ نه هوندو، بس انهن کي فوٽا ڪڍڻا، ڪوڙيون ڪاغذي رپورٽون ناهڻيون آهن ۽ مون کي پهچائڻيون آهن، جيڪي مان فنڊ ڏيندڙ ادارن کي ڏيکاري انهن کان غربت جي خاتمي، منچر جي رهواسين کي مٺي پاڻي جي

فراهمي ۽ پنتي پيل علائقن ۾ علاج جون سهولتون ڏيڻ جي نالي تي فنڊ وٺي مليل رقم مان ٿورو ڪم ڏيکاري، باقي رقم انهن چوڪرين ۾ سونهن واري مقابلي جي بنياد تي ورهائيندم ۽ پاڻ به ڪُٽڪائيندم. اهو ڪم آسان آهي نه گهٽي ڊڪ ڊوڙ، نه ڪو خطرو، نه ڏکيائي، مهيني جي پگهار 80- 90 هزار ڪان لک سوا تائين ۽ بيا ڪانچا الڳ. مطلب ته ٽن سالن جي پراجيڪٽ ۾ ايترو ڪمائي وٺندم جو پنهنجو ٽي وي چيئنل آٽي سگهندم.

ان لاءِ منهنجي خيال ۾ اها نوڪري مون لاءِ وڌيڪ بهتر رهندي پر في الحال به ٽڪڙ نٽو ڪيانِ، مهينو سوا آرام ڪري پوءِ فيصلو ڪندم. في الحال هي آفر آرڊر ۽ گُرو اديبن ۽ صحافين جي ڪيسن مان ڪڍيل نسخا هڪ اهڙي ڊبليءَ ۾ وجهي رکي ٿو ڇڏيان، جيڪا صرف مون کي نظر اچي ٿي، ٻين کي تڏهن نظر ايندي، جڏهن هاٿي ٻيهر ڪڏهن سج يا چنڊ کي گرهڻ پنهنجي گرفت ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيندي.

منشيات خلاف عالمي ڏينهن ۽ مجو موالي!

ڪجهه ماڻهو مون کي اديب ۽ ڪجهه عجيب سمجهندا آهن، پر منهنجو خيال آ نه ته مون ۾ اديب هجڻ واري ڪا خاصيت آهي ۽ نه وري مان عجيب آهيان. منهنجي خيال ۾ اديب جو ڪردار بي داغ هجڻ گهرجي، چو ته اديب معاشرن لاءِ پيغامبر وارو ڪردار ادا ڪندا آهن ۽ جڏهن ته مان بي داغ ناهيان مان سڄو سارو ائين داغدار آهيان، جيئن ماتا جا نشان هجنم. ٻيو ته وري مون کي ڪو نالي چڙهيل ۽ نالي لاءِ مرندڙ اديبن وانگر اديب سڏائڻ ۾ خوشي به محسوس نه ٿيندي آهي ۽ نه ئي مون کي ڪو شوق آهي ته مان اديب يا شاعر سڏجاڻو وڃان ته پوءِ يقينن مان اديب ته هرگز به ناهيان. ان لاءِ واضح ڪندو هلان ته بابا! مون کي اديب سمجهڻ واري غلطي نه ڪئي وڃي، مان اديب، شاعر هرگز به ناهيان، مون جهڙن لٽ پيجي مس مان ٻوڙي ليڪا پائڻ وارن کي جيڪڏهن توهان اديب جو خطاب ڏيندئو ته پوءِ ڏچي ۾ به توهان پاڻ پوندئو. توهان جي ادبي تاريخ شڪل مٽائي ويندي، اصل سڃاڻندي ئي ڪونه. باقي مان عجيب به ان لاءِ ناهيان جو مون کي به به اکيون، به ڪن ۽ هڪڙو وات، هڪڙو نڪ آهي، منهنجو نڪ لوسڻ جو ناهي نه ئي پلاسٽڪ جو آ، منهنجي وات مان پلي ڪٽي بصرن جي ڏپ به ايندي هجي پر خون جي ڏپ ناهي ايندي، منهنجا به هٿ آهن ۽ به پير آهن ۽ مون کي مٿي تي سڱ به ڪونهن جو جنُ لڳندو هجان ته پوءِ مان عجيب ڪيئن ٿيم؟

هاڻي ته توهان کي پڪ ٿي هوندي ته مان عجيب به ناهيان ۽ ماڻهو هرويرو مون کي الائي جي ڇا سمجهي مٿي تي ڪٽندا آهن. ڪي ماڻهو منهنجي ڪاري رنگ کي ڏسي اهو سمجهندا آهن ته شايد مان آفريڪي شيدين جي سرداري خاندان جو پڳدار هوندم ۽ ڪي وري سمجهندا آهن ته آمريڪي پرڏيهي معاملن واري وزير ڪونڊو ليزا رائيس سان منهنجي ڪاري رنگ جي سبب منهنجو ڪو رشتو هوندو. ڪونڊوليزا رائيس سان هوندئن ته منهنجو ڪوبه تعلق ناهي پر مون کي شيدي نسل جي ان عورت سان فرينڊشپ رکڻ جي مڙئي ٿوري خواهش ان لاءِ آهي ته ان سان جاڻ سڃاڻ سبب مٿان سندس سفارش تي مان گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل ٿي وڃان ۽ اهو به ممڪن آ ته دنيا جي ڪنهن ملڪ تي وري ائٽمي هٿيار ناهڻ جو الزام مڙهي ان کي ائٽمي طاقت نه ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ مون کي ڪا اهم ذميواري ڏني وڃي ته پوءِ منهنجي هٿن پيرن جون

سيئي اڳريون گيهه ۾ هونديون ۽ انهيءَ ملڪ جي معيشت جا ذريعا آمريڪا سميت منهنجي به بئنڪ اڪائونٽ ڪي وڌائڻ ويجهائڻ جو سبب بڻبا.

توهان به سوچيندا هوندئو ته مان جڏهن اديب ناهيان، عجيب به ناهيان ۽ آمريڪي پرڏيهي وزير ڪونڊوليزا رائيس سان فرينڊشپ رکڻ جون ڳالهيون به ڪيان تو ته اهو ڪيئن ممڪن آ؟ شايد مان توهان کي پنهنجي ڳالهين مان چريو لڳندو هوندم يا توهان سمجهندا هوندا ته مان نشي ۾ آهيان. اها حقيقت آ ته مان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي دوست دلو ديواني وانگر اڌ چريو به ٿي ويندو آهيان ۽ مجو مواليءَ وانگر نشئي به لڳندو آهيان، جو ته جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته اڻ ڄاڻائي مان ڪو سچ توهان جي زبان تان ترڪي اچي پٽ پوي ۽ ان جي احتجاج تي توهان جو سِرُ به قلم نه ٿئي يعني توهان کي گهاٽي ۾ به نه پيڙهيو وڃي ۽ ڦاهي به نه ڏني وڃي يا وري سچ ڳالهائڻ جي عيوض توهان کي انعام ۾ ذليل خوار نه ڪيو وڃي ته پوءِ ڪڏهن ڪڏهن توهان پنگ پي ونندا ڪريو يا وري اڌ چريا ٿي ويندا ڪريو، اهو توهان لاءِ فائديمند عمل هوندو.

هڪڙي ڳالهه توهان کي ٻڌائيندو هلان! مون واري دوست مجو مواليءَ جي وڏي هلندي پڄندي آ، وڏا وڏا سياستدان ۽ ڪامورا سندس سچ تي به چڙندا ناهن، جو ته اهي سمجهندا آهن ته مجو موالي نشي ۾ ڌت آ ۽ ڪنهن جي نشي واري حالت ۾ چيل ڳالهه دل ۾ ڪرڻ وارا نشي جي توهين ڪندڙ ئي ٿي سگهن ٿا. مجو مواليءَ جي ڄاڻ سڃاڻ ڪونڊوليزا رائيس سان به آهي، هوءَ هن کان سدائين فون ڪري صلاح مشورا وٺندي آ ته طالبان جي مڪمل خاتمي لاءِ افغانستان تي هاڻي ائٽم بم ڪيرائجي يا نه؟ ۽ مجو موالي ڪيس اها ئي صلاح ڏيندو آ ته نه هرگز نه جو ته طالبان اڳواڻ آهستي آهستي گرفتار ٿيندا پيا وڃن ۽ باقي گهڻو عوام هيروئن جي واپار ۽ هيروئن جي نشي ۾ رڌل آهي، جنهن کان آمريڪا کي ڪوبه خطرو ناهي، ابتو ان مان آمريڪا کي فائدو اهو رسندو جو جنهن جنهن ملڪ ۾ آمريڪا ۽ سندس اتحادي چاهين هيروئن ۽ ٻين نشي آور شين جو ڦهلاءَ ڪري سڌرندڙ ملڪن جي سڌرندڙ سماجن کي مفلوج ڪري سگهن ٿا. ڪونڊوليزا رائيس کي مجو موالي جي اها ڳالهه دل واري لڳندي آهي. ان لاءِ هن مجو موالي کي اهو ٽارگيٽ ڏنو آهي ته جڏهن منشيات خلاف دنيا عالمي ڏينهن ملهائي رهي هجي، ان ڏينهن پاڪستان خاص طور سنڌ ۾ مجو موالي منشيات جي ڦهلاءَ لاءِ خاص ڪوششون وٺي.

مجو موالي پنگ، آفيم، چرس، هيروئن ۽ شراب جي بوتل ڪٽي اچي مون وٽ ويهي رهيو آ ته اڄ توکي ڪونه ڪو نشو ضرور ڪرڻو آ

جيئن سنڌ ۾ منهنجو موالين جو انگ وڌائڻ وارو ٽارگيٽ عمل ۾ اچي سگهي.

چوانس ٿو مجو موالي مان ته نشو نه ڪندم پر تون ڪنهن ٻئي کي به نئون موالي نٿو بڻائي سگهين. سُٺري وچ نه ته مان دوستي واري رشتي کي وساري توکي پوليس هٿان سوگهو ڪرائيندم.

مجو موالي منهنجي ان ڳالهه تي ڪاوڙجي مون کي گارگند ڪندو اهو چئي ويو آ ته تون پلي مون سان دوستي جو رشتو وساري ڇڏ، پر پوليس عملدار مون سان دوستي ڪونه ٽوڙيندا. هنن سان منهنجي دوستي رشوت جي مضبوط سڳي سان جُڙيل آهي، تنهنجي ديس جو ڪوبه ڪامورو، ڪوبه سياستدان منشيات جي خاتمي لاءِ ڪجهه به نٿو ڪري سگهي، اهي سڀئي پاڻ شراب جي نشي ۽ شباب جي نشي ۾ جڪڙجي قابو ٿي چڪا آهن، انهن کان هرگز به جان آجي نٿا ڪرائي سگهن ۽ تنهنجا جيڪي ڪجهه دوست اديب، شاعر، صحافي ۽ سماج سڌارڪ آهن اهي به رڳو وڏيون ڳالهيون ڪندا، ويچار ونديندا ۽ ڪالم لکندا آهن، باقي شام جو ويهي پاڻ به نشو واپرائيندا. تون اڪيلو وائڙن وانگر لاڦ هٽي وات پٽي ڏسندو رهندين ۽ تنهنجو ڪوبه خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو، مان تنهنجي جاڻ سڃاڻ ڪوندوليزا رائيس سان به تنهنجي اهڙن افعالن جي ڪري هرگز نه ڪرائيندم. مان سوچيان ٿو مجو موالي سچ ٿو چئي، جيڪڏهن اسان حقيقت ۾ ڏسون ته منشيات خلاف ملڪ ۾ قائم ڪيل اينٽي نارڪوٽيڪس ادارو سخت قدم کڻي ته يقينن نشو ڪندڙ نوجوانن، عورتن ۽ ٻارن جو تعداد ڏينهون ڏينهن نه وڌي پر هٽي ته حالت اها آهي جو ملڪ ۾ لڳ ڀڳ 5 لک ماڻهو نشو واپرائيندي اهڙي حد تي پهتا آهن جتي اهي نه جيئرا آهن ۽ نه مري ويل محسوس ٿين ٿا، بس اهي ساهه کڻن ٿا، انسانيت کي لڄائين ٿا. ۽ باقي جيڪي نشو واپرائيندڙ شروعاتي مرحلي ۾ آهن انهن جو انگ اڪر ته معلوم ئي ناهي، اها خبر وري ايندڙ سالن ۾ پوندي البته اهو معلوم ٿيو آهي ته ملڪ ۾ هر روز 20 کن ماڻهو نشي واپرائڻ سبب فوت ٿين ٿا، جيڪو انگ ڪجهه سال اڳ 4 کان پنج هو ۽ هاڻي اها ئي ڪارڪردگي سوال اسان جي ٻڌجي سامهون اچي ٿي ته هي عالمي ڏينهن ملهائڻ سان ڪو فائدو به رسي ٿو يا رڳو اهي عالمي ڏينهن فيشن طور ئي ملهايا ويندا آهن؟

گٽڪو- مين پُڙي ۽ ڀيانڪ موت!

اڳ ۾ تہ رڳو حڪومت طرفان سگريٽن جي پاڪيٽن مٿان خود انهن ڪمپنين کان لکرايو ويندو هو تہ سگريٽ نوشي صحت لاءِ نقصانڪار آهي ۽ اسان جهڙا مت جا مُوڙها اهو سوچڻ تي مجبور هوندا هئا تہ جيڪڏهن اها حقيقت آهي تہ پوءِ حڪومت ان جي اجازت ئي ڇو ٿي ڏئي؟ جڏهن وڃي ڪو عقل جو اڪابر اهو سمجهائيندو هو تہ ان سان حڪومت کي ٽيڪس جي مد ۾ خزاني کي ڀرڻ جو موقعو ملي ٿو تہ مٿي تي ٻئي هٿ هڻي چئبو هو تہ هاڻ دماغ ۾ ڳالهہ ويني تہ حڪومت کي گهرجن ڏوڪڙ باقي ماڻهن جي پنهنجي مرضي تہ صحت قائم رکن يا وڃائن، پئسا ڪپائين يا بچائين؟؟ خير ماڻهن کي جيڪو ڪرڻو آ، اهو ڪن پيا، ڪي سگريٽ تہ ڪي ٻيو نشو پيا واپرائين. اها ريت هلندڙ آهي، پر هاڻي وري جڏهن کان وني پرنٽ ميڊيا کان بہ وڌيڪ اليڪٽرانڪ ميڊيا تيزيءَ سان ڦهلجڻ لڳي آهي ۽ ڇهہ ست منهبي چينل چالو ٿيا آهن تہ انهن تہ اصل ۾ انهن نشي آور شين کان ماڻهن کي روڪڻ لاءِ مورڳو نندين نندين فلمون هلائي مين پڙي، گٽڪي ۽ پان خلاف مهم جوئي شروع ڪري ڇڏي آهي، روز ٿا ڏيکارين ڪونہ ڪو ماڻهو جنهن کي نڙي ۽ وات ۾ ڪينسر ٿي چڪو آهي، همراهہ ڪائڻ پيئڻ کان لاچار ۽ گهر ڀاتين لاءِ عذاب بڻيل آهي. ڀلا ڪير سمجهائي هنن ديوانن کي تہ موت تہ برحق آهي ۽ جهڙي ريت لکيل هوندو اهڙو ئي ملندو، جيڪڏهن ڪنهن جو موت ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ لکيل آهي تہ ان ۾ بي جان گٽڪي، مين پڙي ۽ پان جو ڀلا ڪهڙو ڏوهہ آهي؟ هاڻي ڏسو نہ ماڻهو بہ ڪيڏا نہ چريا آهن، رڳو اجائي مخالفت جي ڪري مين پڙي، گٽڪي ۽ پان توڙي سوپاري يا سگريٽ جا نقصان تہ ٻڌائين ٿا پر انهن جا فائدا هرگز بہ نٿا ڳڻائين. بهرحال مون واري يار موالي ايسوسيئيشن جي صدر مجو موالي اهو پڪو پهہ ڪيو آهي تہ هو انهن شين جا فائدا بہ عوام الناس تائين ضرور پهچائيندو.

هن جو موقف آهي تہ حُقو درحقيقت موسيقي جو ساز بہ آهي، جنهن مان گُڙگُڙ جهڙي وڻندڙ موسيقي جا آواز نڪرندا آهن ۽ اهي آواز حُقي چڪيندڙ جي اندر مان درد جي دونهين کي ڪڍي ٻاهر اڇلائيندا آهن. هاڻي جيڪڏهن انهيءَ کي ڏسي انهيءَ موسيقي واري اوزار کي ترقي وٺرائي وڃي تہ آخر ڪهڙو گناهہ ڪبيرو ٿي پيو؟ ڏسو نہ جڏهن اڳ وڏا وڏا ڪمپيوٽر آيا ۽ هاڻي انهن جي جاءِ تي ننڍڙا موبائيل سيٽ بہ آيا آهن، جن ۾ هڪ ننڍڙو ڪمپيوٽر موجود آهي تہ اها ساراهہ جوڳي ڳالهہ آهي، باقي حُقي جي جاءِ جيڪڏهن سگريٽ واري آهي تہ ڪهڙو گناهہ ٿي پيو. حُقي ۾ گُڙگُڙ جو آواز

ٿيندو آهي ۽ سگريٽ ۾ ڪجهه هٽڻ کان اڳ چپٽي وجهڻ ۽ پوءِ ڪجهه هٽڻ واري سُون جو آواز ايندو آهي وري انهيءَ ۾ موسيقي جو ڪمال به ساڳيو ئي آهي، اندر مان دونهان ساڳيا ئي نڪرندا آهن. موالي ايسوسيئيشن جي سُلفي سانولائي جو موقف آهي ته پينگ گهوٽڻ جو عمل به هڪڙي قسم جي راڳداري آهي، جنهن ۾ ڏنڊي ڪونڊي جي ميل سان گڏ موالين جا نعرا ”سُر درد ياڳ“ جا آلاپ هوندا آهن ۽ اهڙي ريت چرس، آفيم جو واهپو به ”سُردرد ياڳ“ جي اهڙي راڳداري آهن، جيڪا ڪنهن ڪنهن کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ ايندي آهي، هر ڪو اها نه سٽي سگهي ٿو نه سمجهي سگهي ٿو. موالي ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري عاجز انگلائي جو چوڻ آهي ته اسان موالي نه هجون ته جيڪر اسان به شرپسندي ۾ مبتلا ٿي وڃون، اهو پان، گٽڪي، سوپاري ۽ مين پڙيءَ جو ئي ڪمال آهي جو اسان عورتن کي پيرن جي جُتي سمجهڻ ۽ ڪين ڪاري ڪري مارڻ واري عمل کان پري آهيون، نه رڳو اهو پر اسان ته عورتن کي برابري جا حق به ڏنا آهن، اسان جون عورتون به چاهين ته مين پڙي، گٽڪو پان ۽ سوپاري واپرائي سگهن ٿيون ۽ اسان جي موالي اتحاد سان لاڳاپيل ڪيترن ئي موالين جي گهرن ۾ سچ پچ به ائين ٿيندو آهي، جو ته ان مان جيڪي فائدا آهن اهي به وڏا آهن جيڪي ڪجهه هن ريت آهن.

(الف) اسان کي ٽوٿ پيسٽ جو خرچ ڪرڻو ڪونه پوي، جو جو پان گٽڪو مين پڙي، سوپاري ڪائڻ سان اسان جا ڏند اهڙا ٿيو وڃن جو اسان کي ڏندڻ ڪرڻ چريائپ وارو عمل لڳندو آهي. يلا ڏند اڇا ٿيڻا ئي ڪونهن ته هرويرو محنت ۽ اجايو خرچ ڇا لاءِ ڪجي؟ هونئن به انهن ميرن ڏندن سان فائدو اهو آهي ته ٻارڙا خرچيءَ لاءِ تنگ ناهن ڪندا، جڏهن به ڪو ٻار آيو ته بابا! بابا! خرچي ڏي ته رڳو ڏند ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي ٻار اهو سوچي پڄي ويندو آهي ته شايد هي بابا جهڙو ڪوجهُ آهي.

(ب) سُنن ۽ ڏوتل پوتل ڪپڙن جي ڳٽيءَ کان اسان آجا هوندا آهيون، جهڙو مليو تهڙو پاتو، پيو ته هڪ راز جي ڳالهه توهان کي به ٻڌايان ته ڪڏهن ڪڏهن عورتن جا چُنريءَ وارا رنگين ڪپڙا ڏسي اسان جي به دل چوندي آ ته اهڙا ڪپڙا اسان کي پهرڻ جو حق ڇو ڪونهي؟ ۽ پوءِ اسان پان جا چُٽا ۽ داڳ هٽي پنهنجا ڪپڙا رنگين ڪري ڇڏيندا آهيون، جنهن سان اسان جو شوق به پورو ٿي ويندو آهي.

(ت) مين پڙي، گٽڪو پان ۽ سوپاري ڪائڻ سبب اسان کي بک لڳندي ڪونهي، جيڪڏهن به ويلا ماني کائون تڏهن به ويلي تي اڌ ماني معنيٰ ڏهاڙي هڪ ماني کائيندا آهيون، جنهن سبب جي ڪري اسان کي اَنَ جي به بچت ٿئي ٿي، گهٽو اَنُ ونٺو ئي نٿو پوي، پوءِ ان صورت ۾ اسان کي گهٽي محنت به ڪرڻي نٿي پوي، جو ته گهٽي ڏوڪڙ جي اسان کي لالچ ئي نٿي رهي، جو ڪو

وڏو پاپ ڪريون، ڪنهن جا ڪنڌ ڪپيون ۽ ڌاڙا هڻون. هاڻي ٻڌايو تہ اسان جيڪڏهن توهان سٽريلن جي ٻوليءَ ۾ نشو پتو ۽ اسان جي ٻوليءَ ۾ پنهنجي حسرتن جو پورائو ڪريون ٿا تہ ڪهڙو ڏوهہ ٿي پيو؟ هاڻي وري توهان پڇو ٿا تہ حسرتن جو پورائو ڪيئن؟ تہ ان لاءِ توهان کي ٻڌايان تہ اسان توهان وانگر واٽ ون وسڪي، جِن وغيره تہ وني نٿا سگهون، پوءِ هيءَ غريباڻو شوق ٿا ڪريون تہ جڻ توهان جي برابر تي بيهندا آهيون، ان لاءِ اسان ان کي حسرتن جو پورائو ٿا چئون. موالي ايسوسيئيشن جي اڳواڻن جون ڳالهيون منهنجي دماغ کي ڦيرائي رهيون آهن، سوچيان ٿو تہ اهي برابر پنهنجي مؤقف کي سامهون آڻي اسان کي چُپ تہ ڪرائي ٿا ڇڏين پر عالمي صحت جي نظريي موجب تہ اهي سيئي شيون صحت لاءِ هاجيڪار قرار ڏنل آهن ۽ پوءِ سوچيان ٿو تہ جڏهن عالمي صحت وارو ادارو انهن شين کي صحت لاءِ هاجيڪار قرار ڏئي چڪو آهي تہ اسان جون حڪومتون ان تي مڪمل طور پابندي مڙهي ڇو نہ سگهيون آهن؟ ڇا رڳو ان لاءِ تہ انهن جي عيوض تہ اقتدار ڌڻين کي ٽيڪس جي مد ۾ ماٺ ڙ رقم سان خزاني ڀرڻ سان گڏ پنهنجو بہ بئنڪ بيلنس وڌائڻ جو موقعو ملي رهيو آهي؟! منهنجي اکين آڏو اُڀري ٿا اچن ڪجهہ عڪس جيڪي آهستي آهستي ڇٽا ٿيندا ٿا وڃن، ڪجهہ نوجوانن ۽ ٻارن جي وات ۾ پان، سوپاري، مين پڙي ۽ گٽڪو آهي، جن جون شڪليون مَتجي رهيون آهن، آهستي آهستي انهن جي جسمن جا ڍانچا نهندا ٿا وڃن، انهن جا جسم ڦاٽي ٿا پون، پونءِ رت، آخر ۾ هڏاون پڃرا، مائرن جا لڙڪ... ڪجهہ عورتون خوبصورت ۽ من کي موهيندڙ، انهن جون بہ شڪليون مَتجڻ لڳن ٿيون. ڪُنوارين ڇوڪرين جون جوانيون بيگانيون ۽ گرپ وتين جي پيٽ مان خوابن جي ساپيان بجاءِ حسرتن جا لاش جنم ونن ٿا ۽ ائين سڄو ماحول غمناڪ ٿيندو تو وڃي. رستن ۽ پٽين تي مين پڙي، گٽڪي، سوپاري ۽ پان جا داغ ڇٽيل آهن، هوا ۾ شراب، چرس، آفيم، هيروئن جي بدبوءِ سان گڏ سگريٽ جو دونهون پرجي وڃي ٿو ۽ مون کان لکڻ جي سگهہ کسبي تي وڃي، مان پنا پين ٽيبل مٿان ئي ڇڏي ڏيان ٿو ۽ وڏا وڏا ساهہ کڻي ساهہ منجهائيندڙ ماحول ۾ جيئڻ جا وس ڪريان ٿو، سوچيان ٿو مين پڙي، گٽڪي، پان جهڙن شوقن عيوض ملندڙ ڀيانڪ موت حاصل ڪرڻ بہ تہ خودڪشي ڪرڻ برابر آهي ۽ اهڙو ڀيانڪ موت وٺڻ جي پيٽ ۾ ڪنهن جي ڪم اچي مرڻ يا ڌرتي لاءِ موت قبولڻ سوين ڀيرا وڌيڪ عاليشان آهي.

هاڻي شينهن ڳاهه ۽ ٻڪري گوشت کائي ٿي...!

ممڪن آهي ته هتي پيش ڪيل منظر اسان جي ديس جي ڪن منظرن سان مشابهت رکندا هجن، پر ائين هرگز به ناهي ته هي منظر ڪي اسان جي ديس جا آهن. اسان جي سنڌ ته امن جي ڌرتي آهي، اسان جي قوم جي سڃاڻپ موئن جي دڙي جي آثارن مان نڪري مُلڪان مُلڪ مشهور ٿي چڪي آهي. اجوڪي سنڌ جي ترقي ڏسي ته اهي خيال به اُڀرن ٿا ته ممڪن آ ديوار چين جي اڏاوت به حال ۾ ٿي هجي ۽ ان جا اڏيندڙ ڪاريگر ۽ مزدور به سنڌي هجن. اهو به ممڪن آهي ته مصر جا اهرام تازو ئي سنڌي قوم جي جديد تهذيب جي اهڃاڻن جي موٽ ۾ نقل ٿيا هجن، اهو به ممڪن آهي ته سڪندر اعظم ويجهڙ ۾ ئي تلوار سان دنيا فتح ڪئي هجي ۽ اها تلوار ڪنهن سنڌي لوهار جي ٺهيل هجي ۽ اهو به ممڪن آهي ته سڪندر اعظم کي تلوار بازي سيکارڻ وارو استاد به ڪو سنڌي ڏاڙيل يا سپاهي هجي. بهرحال هر صورت ۾ اجوڪي سنڌ عظيم آ، قديم آ ۽ سنڌي قوم جو اڄ ڪو به مٽ ثاني ڪونهي، پلي ڪٽي ڏينهن ڏني جو سرچ لائيٽ باري ڌرتي جي نقشي وارو گولو وڏن شيشن واري عينڪ پائي ڪنهن بلند جبل جي چوٽيءَ تي ويهي ڏيان سان ڏسبو ته به اجوڪي سنڌ جهڙي ساجاهه ۽ عقل اسان کي ڪٿي به نه ملندو.

هي جي انگريز پورا توڙي ڪارا دعوائون ڪن ٿا ته اهي وڏي ترقي ڪري چڪا آهن، پلا اهو ٻڌائين ته انهن جي غيرت جي گراف ڪيتري اونچائي ماڻي آهي؟ اها ترقي ته اسان ئي ڪئي آهي جو ان ڳالهه تي به غيرت کائيندا آهيون ته ماني دير سان ڇو ملي؟ ۽ لنيون کهاڙيون هٿي زال، ڀيڻ ۽ ماءُ کي قتل ڪري ڇڏيندا آهيون. اسان جي غيرت ويڙهن جا ويڙها ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ توڙي علائقا ويران ڪري ڇڏيندي آهي.

پلا ڇڏيو ان ڳالهه کي! انگريز سُڌريل رڳو اهو ٻڌائين ته هنن ڪڏهن ڪڪڙن کي ويڙهائي شرطون رکيون آهن؟ ڪڏهن هنن ڪتن کي رڇ مٿان ٻڇ ڏني آهي؟ اهي ويچارا ته گهٽو ڪري انهن ڳالهين جي ابتڙ جانورن جي حفاظت لاءِ جاکوڙيندا رهندا آهن. پر اجوڪي سنڌ ۾ هر ماڻهوءَ جي سڃاڻپ الڳ آهي، جيئن اڄ سنڌ جي هيناهين طبقي سان تعلق رکندڙ ڪيترائي نوجوان ڌاڙن، ڦرن ۽ چورين کي سورهيائي سمجهن ٿا، نشي ۾ غلطان رهي ان کي آڃپو پائنئين ٿا، تيئن سنڌ جا سياستدان، سرمائيڪار هن قوم کي ڳالهين جو ڳُڙ کارائي بيوقوف بڻائي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا.

اڄ ميڊيا جو دور آهي نه ڄاڻ ڪيترا ٽي وي چيئنل اچي چڪا آهن پاڪستان جي ڪيترين ئي علائقائي ٻولين سان واسطو رکندڙ ٽي وي

چيئنل ڪيبل تي ڏسندا رهون ٿا، پر ڪنهن بہ چيئنل تي اها دعويٰ ٻڌڻ ۾ نٿي اچي تہ مالڪن چيئنل ڪمائڻ لاءِ نہ پر اصل ۾ ٻوليءَ ۽ ثقافت جي بچائڻ ۽ ان جي واڌاري لاءِ آندا آهن، ان جي ابتڙ اسان جي سنڌ ۾ هڪڙا بہ سنڌي ٻوليءَ جا چيئنل چا آيا آهن، همراهہ ڌاڙن مان ڏاپي ئي نٿا تہ انهن جي ڪري ثقافت بچي وئي آهي، سنڌي ٻولي ترقي ڪئي آ وغيره وغيره. انهن سنڌي چيئنلن جي مالڪن جا سنڌ ڌرتي، سنڌي قوم تي وڏا احسان آهن، ٿورا لاهڻ جا ناهن ڳائڻ ڪان بہ گهٽا ڳرا آهن. بهرحال انهن کي رڳو اها وينتي ڪنداسين تہ ذرا پنهنجي ڊرامن ۽ ميوزڪ ائٽمز تي ڌيان ڏيو. سموري سنڌ جو ڪلچر رڳو ڌاڙيل ڪلچر ڪونهي نہ ئي سنڌي عورت ويچاري پينٽ شرٽ پائڻ جهڙي عياشي کان واقف آهي، نہ ئي سنڌي عورت لاءِ اها سجاڳپ بهتر رهندي جيڪا توهان ڪيس نئين سجاڳپ طور ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو.

اهي تہ عڪس سنڌ جا عڪس هئا پر مون اڳ ۾ ئي چيو آهي تہ جيڪي هي منظر آهن اهي تي سگهي ٿو تہ سنڌ سان مشابهت رکندڙ هجن، پر ائين هرگز ڪونهي تہ اهي سنڌ جا عڪس هجن، هي چربٽ راجا جي راڄوٽي وارو ديس آهي، هتي هر طرف رت هاڻا لاش ليٽڙيا پيا آهن، گاڏين جا شيشا ٽٽل آهن، ڪي گاڏيون سڙي رهيون آهن، ڪي ساڙڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن، محافظ گڏا ٻڌجي خاموش بيٺا آهن. هر طرف روڄ راڙو آهي، مائرن جا جگر چڄجي پيا آهن، ونيون بيوهہ تي ڪارو لباس اوڙهي ماتم ڪري رهيون آهن، اهي سوچين ٿيون هي چربٽ راجا جي راڄوٽي آهي يا بغداد؟ پر انهن کي ڪير بہ جواب ڏيڻ وارو ناهي. ٻارڙا يتيم ٿي ويا آهن، اڃان ڪيترن جي يتيم ٿيڻ جا انديشا آهن، ماڻهن گهرن جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن، ٻاهر نڪرندي ڪين موت جو اژدها وات ڦاڙي سندن طرف وڌندو محسوس ٿي رهيو آهي، پيٽ جي ٻاهہ وسائڻ خاطر جيڪڏهن اڪين ۾ خوف ڪٺي ڪو ٻاهر نڪري بہ وڃي ٿو تہ سندس گهر ڀاتين جو ساهہ مُٺ ۾ اچي وڃي ٿو. روڊ رستا ڳاڙها ٿي ويا آهن، ائين ٿو لڳي جڻ روڊ جي ڪاري ڏامر کي چربٽن جي ڏيهہ ۾ خاموشي جي سزا ڪاٽيندي ٽي بي تي وئي آهي ۽ هاڻي ڪيس رت جون الٽيون اچڻ لڳيون آهن.

هي ڦهريون ڀيرو ناهي هن ڪان اڳ ۾ بہ ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو آهي تہ شهر جي رستن رت جون الٽيون ڪيون آهن ۽ اهو تہ هتي عام معمول آهي تہ هتان جو ڊرينيج سسٽم اڪثر الٽيون ڪندو رهندو آهي، جنهن جا اثر روڊن رستن ۽ آتان گذرندڙن مٿان پوندا آهن، پوءِ جڏهن چربٽ نگريءَ ۾ مقرر مشيرن، اميرن کي ان ڳالهہ تي ڪهل نٿي اچي تہ آخر انهن کي هن روڊ جي رت واري الٽيءَ تي ڪهل اچي بہ تہ اچي چو؟ سو بہ اهڙا واقعا تہ سالن ۾ ڪڏهن اوچتو ٿين ٿا تہ اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؟.

ڪالهہ چربٽ نگريءَ ۾ رعايا روڊن تي نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ راجا جي ويجهڙن ساٿين راڄ راڻن ڪيس اهو ٻڌايو تہ آها تنهنجي رعايا

توڪان خوش ٿي تنهنجي جنم ڏينهن جي خوشي ملهائڻ نڪتي اهي. راجا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ راڄ راڻن خوشيءَ ۾ ڦٽاڪا ساڙيا. انهن ڦٽاڪن ۾ جيڪڏهن ڪي حياتيون سڙي ويون ته ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي وئي؟ ائين ته اجان وڏيڪ خوشي جي ڳالهه اها آهي ته رعايا پنهنجي راجا سان ايڏي ته محبت ڪري ٿي جو مٿس جان نڇاور ڪري ڇڏي ٿي.

چريڻ نگري جي راجوٽي واري ديس ۾ راڄ ڌڻين ڪي اهڙي نادانين تي پشيمان ٿيڻ بجاءِ جيڪڏهن خوشي محسوس ٿي ٿئي ته ان ۾ مون ڪي يا توهان ڪي آخر اعتراض ڪرڻ جو حق به ڪهڙو ٿو پهچي؟ چو ته هي ديس اسان جو ديس ته ناهي، باقي اهو ڪٿي ممڪن هجي ته اهي منظر اسان جي ديس جي منظرن سان مشابهت رکندڙ ٿي سگهن ٿا ۽ اهو به ٿي سگهي ٿو ته اها مشابهت گهٽي به هُجي، پر اسان جي سنڌ ۾ ائين ناهي اسان جي سنڌ ته امن جي ڌرتي آهي، هتي شينهن، ٻڪري گڏ هجڻ ڪان وڏيڪ اها ڳالهه آهي ته هتي بگهڙ ۽ شينهن، ٻڪري توڙي سيهڙ سي گڏجي ڪائن ٿا، هتان جي ٻڪري ۽ سيهڙ بگهڙن ۽ شينهن جون دعوتون ڪائي هاٽي گوشت خور ٿي ويا آهن ۽ هتان جا شينهن ۽ بگهڙ وات جو ذائقو مٽائڻ لاءِ ۽ ٻڪري توڙي سيهڙ سان يڪجهتي ڏيکارڻ خاطر ڪڏهن ڪڏهن گاهه به ڪائيندا آهن.

(12 مئي واقعي جي ٻئي ڏينهن لکيل)

شوبز جي رنگن ۾ گم ٿيل ڪردار!

هن جي نظمن ۾ اڄ به سارا شگفته جهڙو درد سمايل آهي. هوءَ مون کي قرت العين حيدر جي ”آگ ڪا درياءُ“ جو ڪردار لڳندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مون کي محسوس ٿيندو آهي ته جڻ هوءَ امرتا پريتم جو ٻيو روپ هجي. الائي ڇو منهنجي دل چوندي آ، مان ڳولهي لهان هن جي ساحر کي جنهن جي آڱرين جي پڪڙ مان اُڇلايل سگريٽ جي ٽوٽن وانگر اُڇلائجي، هوءَ ڪن پل لاءِ ڌُڪندي ڌُڪندي هوائن جي رُخ تي گهومائيون ڪائيندي، آهستي آهستي وسامي وئي هئي ۽ جڏهن هوءَ مون کي ملي هئي ته مون ڪيس ائين هٿن ۾ ڪٽي ورتو هو، جيئن ڪو ڏورانهين پنڌ تان آيل اڃايل مسافر سالن رکيل ناديءَ مان پاڻيءَ جو ٻُڪ پيري وننڊو آهي.

هوءَ منهنجي آڏو ريشمي ڪپڙن جي تان وانگر کُلندي وئي هئي ۽ هُن جي جيون تان ۾ جيڪي گهاريون آيون هيون، جيڪي به سندس رشتن جون تندون ڇنيون ويون هيون، انهن سڀني جا سُور سلڻ لاءِ هن مون کي پنهنجو رازدار بڻايو هو ۽ هوءَ منهنجي همراز بڻجي وئي هئي. هوءَ ڏاڍي عجيب هئي، هوءَ چپن جي آواز سان نه ڳالهائيندي هئي پر هوءَ خاموشيءَ جي زبان سان سڀ ڪجهه سمجهائڻ جي مهارت رکندي هئي. تڏهن ئي هن مون جهڙي اڻنتري کي به خاموشيءَ جي زبان سمجهڻ جو فن سيکاري ورتو هو، پر شايد اها آن جي مهارت هئي جو مان هن جي خاموشيءَ جي زبان ته سمجهي وننڊو هئم پر ٻئي ڪنهن جي خاموشيءَ کي اڄ تائين نه سمجهي سگهيو آهيان، اهو ئي سبب آهي ته خاموشي مون لاءِ ڪنهن عذاب کان گهٽ ناهي.

مون وٽ اڄ به هن جا سوين خط سانڍي رکيل آهن، جن جي اکرن ۾ ارون ڏتي راءِ جي نظمن جهڙي خوشبوءِ سان گڏ هن جي دردن جي جهلڪ به نظر ايندي آهي ۽ منهنجي يادن ۾ اڄ به هن جا لفظ ميڻ بتيءَ جي لاٽ جيان ٻرندا آهن. جن ۾ هن چيو هو” علي وش جو خيال رکجانءِ“. علي وش ڪير آهي؟ علي وش منهنجي ڪائنات آهي، هن جو علي وش منهنجو احسن آهي، جيڪو هن وانگر منهنجو خواب نه پر منهنجي ساپيان آهي، ها شايد هوءَ منهنجو ڪو خواب هئي، اهڙو حسين خواب جنهن جي ساپيان مون کان شوبز جي رنگن ۾ وڃائجي وئي آهي. هوءَ اڄ به منهنجي آسپاس آهي ۽ يقينن مان به هن جي آسپاس رهان ٿو پر هوءَ مون کي سڃاڻڻ کان شايد ڪيٻائيندي هوندي، تڏهن ئي مون سان

ملڻ کان لنوائيندي هوندي ۽ مان بہ هن سان ملڻ نٿو چاهيان، رڳو ان لاءِ تہ مان هن کي ڊسٽرب نٿو ڪرڻ چاهيان. چو تہ هوءَ اڄڪلهہ ساڳئي عجيب نہ رهي آهي ۽ هوءَ اڄڪلهہ ڏاڍي مصروف رهڻ لڳي آهي. ان مصروفيت جي ڪري شايد هن کان ٽيبل تي رکيل قلم بہ وسري چڪو آهي، جنهن سان هوءَ نظم لکي مون کي پوسٽ ڪندي هئي. هن جون مصروفيتون اهي آهن تہ هوءَ شوبز جي رنگن ۾ وڃائجي وئي آهي. اڄ بہ منهنجي بڪ شيلف ۾ هن کان ڏنل پينٽنگ رکيل آهي جنهن ۾ هڪ شهري نينگري هڪ ويران رڻ ۾ دعا لاءِ هٿن جو ٻڪ ٺاهي ويني آهي، مون کي خبر آ اها تصوير هن پاڻ نہ ٺاهي هئي پر هن اها تصوير خاص مون لاءِ نهرائي ضرور هئي، جيڪا هن مون کي گفٽ ڪئي هئي جنهن تي مون کيس چيو هو تصوير اڃان وڌيڪ خوبصورت تڏهن لڳي ها جڏهن پينٽنگ ۾ اها دعا گُهرندڙ نينگري تون پاڻ هجين ها. پوءِ هن هڪ ڏينهن فون ڪري ٻڌايو هو هن هڪ ٻي پينٽنگ پنهنجي فوٽوءَ جي نهرائي رکي آهي، جيڪا جلد مون ڏي موڪلي ڇڏيندي، پر اها پينٽنگ اڃان تائين مون کي نہ ملي سگهي آهي ۽ شايد اها پينٽنگ هاڻي مون کي ملي بہ نہ سگهندي، چو تہ هوءَ شوبز جي دنيا ۾ وڃائجي چڪي آهي ۽ مان هن کان وڃائجي چڪو آهيان. منهنجي دنيا الڳ ٿي چڪي آ ۽ هن جي دنيا الڳ ٿي چڪي آ، اسان ٻئي هڪڙي ئي دنيا ۾ رهندي ٻن الڳ دنيائن جي الڳ مخلوق پاسجي رهيا آهيون، هوءَ شوبز جي رنگين دنيا ۾ گم ٿي وئي آ ۽ مان اخبار جي پيجن ۾ لکيل ڪنهن خبر جي بقايا جي ڪيچ ورڊ وانگر ٻڻجي ويو آهيان، جنهن کي پڙهڻ لازمي هوندي بہ لازمي ناهي هوندو، ها هاڻي مان هن لاءِ لازمي ناهيان رهيو چو تہ هوءَ شوبز جي رنگين دنيا ۾ گم ٿي هڪ رنگين فوٽو سان گڏ تہ ڪالمي سُرخي ٻڻجڻ واري دڳ تي الاهي اڳتي نڪري چڪي آ.

هوءَ جاٿي ٿي هن کي اخبار جي شوبز واري پيج تي جاءِ والارڻ لاءِ، فوٽو ڇپرائڻ لاءِ مون جهڙي ڪنهن صحافي کي ساٿي ٻڻائڻ کان اڳ هڪ ڊائريڪٽر سان گڏ ڪنهن ڪئميرامين جي ساٿ جي وڌيڪ ضرورت آ، تڏهن ئي هن هڪ ڪئميرامين جي منظور نظر ٿيڻ کي ترجيح ڏني آ، چو تہ هوءَ شوبز جي رنگين دنيا ۾ وڃائجي وئي آ. هن جي اندر جي حساس شاعره سان گڏ هن جي اندر جي خوبصورتي ميڪ اپ جي تهن وِاري ظاهري زينت کان مات کائي چڪي آ، چو تہ هوءَ گليمر جي دنيا ۾ گم ٿي وئي آ، هاڻي هن جي سڃاڻپ هڪ ادڪاره واري ٻڻجي چڪي آ، تڏهن ئي هن اهي سيئي ساٿ وساري ڇڏيا آهن، جن ڪڏهن هن جي اکين جا ڳوڙها اگهڻ جي جرئت ڪئي هئي، جن دلين مٿان هن کي اداس ڏسي وڏ ڦڙو وسڻ لڳندو هو. هاڻي هوءَ انهن ئي دلين مٿان ٻي رُخين جا ائٽم

بم ڪيرائي انهن ٻلين ڪي ناگاساڪي ۽ هيروشيما ٻڌائي پاڻ صدر بش واري ظاهري ۽ اجائي هوڏ ڏيکاري رهي آهي، جو جو هوءَ گليمر جي دنيا جو حصو بڻجي چڪي آهي. هونئن ته شوبز جي دنيا ۽ سياست جي دنيا جي رهواسين ۾ گهٽي هڪجهڙائي هوندي آهي پر حقيقت اها به آهي ته شوبز جي دنيا سياست جي دنيا کان وڌيڪ اڙانگي آهي، جتي هڪ اداڪار کي گهڻا پاپڙ ويلڻا پوندا آهن، خاص طور تي هڪ عورت کي اتي جڳهه والارڻ لاءِ الائي جي کهڙن کهڙن مرحلن مان گذرڻو پوندو آهي ۽ وري آخر ۾ ان جو انت ائين به ٿيندو آهي، جيئن پاڪستان جي نامياري ٽي وي اداڪاره روحي بانوءَ سان ٿيو آهي. مون کي جيتري قدر يادگيري اچي ٿي ته روحي بانو صدارتي ايوارڊ يافته اداڪاره آهي، جنهن جو دماغي توازن وڃائجي چڪو آهي، جنهن پنهنجي لکيل ڪارڻ شوبز دنيا جي ماڻهن جي ساڻس روش ۽ بي وفائي ٻڌائي وڃي ٿي. جڏهن ته هالي ووڊ جي نامياري ۽ خوبصورت ڳائڻي برٽني اسپيئرس جنهن اسان جهڙين عاشق مزاج رکندڙ لکين دلين تي راڄ ڪيو آهي، اها پڻ اڄڪلهه وڏي ڪنهن ذهني پيڙاءَ مان گذري رهي آهي، انهن پيڙائن مان گذرندي هن عجيب حرڪتون به ڪيون آهن، جن ۾ سندس مٿي جا وار ڪوڙائي ڇڏڻ وارو عمل ۽ خودڪشي جي ڪوشش ڀيانڪ عمل آهن، جيڪي ان ڳالهه جي نشاندهي ڪن ٿا ته بلاشڪ شوبز جي دنيا وڏي گليمر رکندڙ دنيا آهي ،پر ان گليمر جي پنيان به هڪ اونهون درد لکيل هجي ٿو، جيڪو ڪنهن به فنڪار يا اداڪار جي پرستار کي نظر ته نه ايندو آهي پر ان درد کي اهو اداڪار، فنڪار پاڻ ضرور محسوس ڪندو آهي، ان لاءِ ٿي سگهي ٿو ته هن مون کي هرگز به نه وساريو هجي ۽ اهو منهنجو سڪڻو خيال ۽ وهم هجي پر اها به حقيقت آهي ته هوءَ شوبز جي دنيا ۾ گم ٿي وئي آ ۽ هن جي مستقبل جي ڪابه خبر ناهي ته هن جي منزل ڪٿي پڄاڻي ڪندي؟

هيٺا هڏ_ پولڙا_ سانَ ۽ هاٿي

ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ هاٿي مون کي رٽائرمينٽ وٺڻ گهرجي، ڇو تہ هاٿي پوڙهو ٿي ويو آهيان، پر منهنجو ضد آ تہ اڃان منهنجي لٽ ڪٽڻ واري عمر تائين رسائي ۾ بہ مڙئي ڪجهہ سال باقي آهن، ”باقي اسي مت ڪسي“ واري حد مونکان اڃان گهڻو پري آهي، ان هوندي بہ جيڪڏهن گولڊن هينڊ شيڪ جو ڪو سلسلو اچي ٿو تہ پوءِ ان بابت سوچي سگهجي ٿو، پر اهو ناممڪن آهي، ڇو تہ حڪومت ايتري بي عقل ناهي جو پوڙهن ملازمن مان جان آجي ڪرائڻ واري اٽڪل ورجائي، پوڙهن ليڪن مان جان ڇڏائڻ لاءِ بہ ساڳيو تجربو ڪري. حڪومت کي خبر آ اهي ليڪ حضرات وڏا حرفتي آهن، هڪڙي طرف حڪومت کان فائدا وٺڻ لاءِ هڪڙي نالي سان حڪومت جي حمايت ۾ پيا لکندا تہ ٻئي پاسي ٻئي نالي سان حڪومت جي خلاف لکي عام ماڻهن کي چوندا تہ هي ڏسو اسان ڪيترو نہ سچ ٿا لکون!؟

خير هر ڪنهن جي مرضي آ ڪير سچ لکي يا ڪوڙ لکي! سچ وائکو ٿي لکي يا لکي آها بہ لکڻ واري جي مرضي آ، ذاتي طور مون کي سچ کان وڏي چڙ آ، مان هر وقت ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙ لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، پر اهو سچ ڪٿي نہ ڪٿي اچي هڪ جملي يا هڪڙي لفظ جي صورت ۾ ٽُنبجي بيهندو آ ۽ منهنجي ڪئي ڪمائي مٿان تئو گهُمائي ڇڏيندو آ. انهيءَ ڪري مون قسم کنيو آهي تہ جيستائين سفيد ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ مڪمل ڪاميابي نٿو ماڻي وٺان تيستائين پنهنجي شيداڻي مُک مٿان فيئر اينڊ لولي جو ليپو هٽي رنگ مٽائڻ جي ڪوشش نہ ڪندم، باقي پنهنجي ڪاري ڪوجهي ڇهري کي چمڪدار ڪرڻ لاءِ مان ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ڇيري بلاسر استعمال ڪرڻ واري عادت بہ في الحال نہ ڇڏيندم.

عادت نہ ڇڏڻ جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ پوءِ ٿورو ذڪر عادت جي حوالي سان ڪرڻ اجايو نہ ٿيندو. منهنجو دوست دلو ديوانو جنهن مون کان شروعاتي اخباري ڪالم لکرايا هئا، هڪڙي ڀيري ضد ڪيو تہ ڪالم سان گڏ تنهنجو فوٽو بہ ڇپجي. مون گهڻو انڪار ڪيو پر دلو بہ ديوانو ۽ ضدي ڇئي نہ ليڪن جي عادت ۾ اها ڳالهہ شامل آ تہ فوٽو بہ ڇپجي، هٽي ٽٽي منهنجو ضد ختم ٿيو ۽ حيدر چوڪ تان فوٽو ڪيرائڻ لاءِ راضي ٿيم تہ مٿان مجو موالي ضد ڪيو تہ نہ فوٽو دولتاڻي کان ڪيرائڻو آهي، پوءِ جيڪو فوٽو نڪتو ۽ ڇپيو آهي اهو اهڙو آ جو ڪوبہ مون کي

شيدي نٿو سمجهي، البت منهنجا ڪجهه ويجهڙا دوست چوندا آهن ته "اخبار وارن کي شڪايت چونه ٿو ڪرين ته تنهنجي ڪالمن سان پرائي تصوير ٿا شايع ڪن." پر مان حقيقت ٻڌائڻ بجاءِ ڪانئن ٽائي ويندو آهيان. هونئن به منهنجو خيال آهي ته منهنجي شڪايت ڪاٻه حيثيت نٿي رکي. مون ڪيترائي ڀيرا ڪيترن ئي ماڻهن خلاف شڪايتون ڪيون ۽ لکيون آهن، پر اهي اڻ ٻڌيون ۽ اڻ پڙهيون ڪري وساريون ويون آهن، جڏهن ته منهنجي خلاف معمولي شڪايت تي به ممڻ مچي ويندو آ. منهنجي هڪڙي واقفڪار هوشو حوالي کي مون کان شڪايت آهي ته مون پنهنجي گذريل ڪجهه ڪالمن ۾ مجو موالي جو ذڪر ڪيو آهي پر هن حوالي جي سڪڻن حوالن بابت هڪ جملو به ناهي لکيو. ان معمولي شڪايت تي هوشو حوالي مون کي هڪ وڪيل معرفت نوٽيس موڪليو آ ۽ ڪورٽ ۾ وڃڻ جي ڌمڪي ڏني آ. پر مون به پڪو پهه ڪيو آ ته هاڻي هوشو حوالي جي حوالن بابت ڪجهه به نه لکندم. هڪ ڪالم ته ٺهيو پر هڪ جملو، هڪ سٽ يا هڪ اکر به نه لکندم. بلڪ هاڻي هيئن ڪندم جو سچو سودائي جي پڙهائي جو خرچ برداشت ڪري ان کي ايل ايل بي جي ڊگري ڏياريندم ۽ پوءِ هوشو حوالي خلاف ڪورٽ جو در کڙڪائيندم. هونئن به مون هيل تائين هوشو حوالي خلاف ايترا ته ثبوت گڏ ڪري ورتا آهن جو پريس ذريعي هوشو حوالي جا ڪڏا ڪرتوت وائکا ڪريان ته پاڻ مرادو نوٽيس وٺندي ڪورٽ سگوري ڪيس عمر قيد جي سزا ته ضرور ٻڌائيندي، پر مان هوشو حوالي خلاف ڪجهه به نه ڪندم ڇو ته مان هن کي پنهنجي برابري جو نٿو سمجهان. الائي ڇو مان چوندو آهيان ته جهيڙو ان سان ڪجي، پلئه ان سان اٽڪاجي جيڪو پاڻ کان مٿانهون يا ڏاڍو هجي. يا گهٽ ۾ گهٽ مجبوري ۾ به برابر جو ضرور هجي، باقي جيڪي ماڻهو پاڻ کان هيٺن سان اُڃائيندا آهن اهي اصل ۾ پاڻ به مون کي هيٺا لڳندا آهن.

ڳالهه هيٺن جي نڪتي آهي ته پوءِ سيئي ڄاڻندا هوندا ته هاٿي هيٺو ناهي ٿيندو، هاٿي طاقتور جانور آهي پر انسانن ان کي هيٺو ڪري ڇڏيو آهي، تڏهن ئي اهو هيٺن انسانن سان مقابلي ۾ اچي ويو آهي. هندوستان جي هڪ رياست ۾ ماڻهن ٻيلن کي وڍڻ شروع ڪيو آهي ۽ وڻن جي وڍجڻ، ناس ٿيڻ بعد هڪ طرف هاٿين جي پناهه گاهه اجڙي رهي آهي ته ٻئي طرف کين کاڌ خوراڪ به گهٽ ملي رهي آهي. نتيجي ۾ هاٿين انساني آبادين تي حملا شروع ڪري ڏنا آهن ۽ انهن حملن کان تنگ ٿي ڏاڍي حڪومت هيٺن انسانن جي حفاظت لاءِ قدم کڻندي هيٺن هاٿين مٿان گنن جا منهن کولي بارود سان کين پروڻ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. هاٿي مري رهيا آهن ۽ ماڻهو وات ڦٽي چون ٿا ته "هاٿي جيئرو ته

لک لهي. مئو تہ سوا لک."

هندوستان ۾ هاتي پلي اجان بہ مئي پچاٺان سوا لک جو هجي پر اسان جي ملڪ ۾ مهانگائي ايتري رفتار سان وڌي رهي آ جو اهڙي صورت ۾ اسان وٽ هاتي مري تہ سئو ڪروڙ تي پهچي سگهي ٿو. هونئن بہ اسان جي ملڪ جي هاتي ۽ هندوستاني هاتي جي نسل ۾ ٿورو فرق آ، اسان جو هاتي هيٺن هڏن کي پلي ڪيترو بہ چٽي، چيپاتي حڪومت ڪجهہ بہ ناهي ڪندي، پر جڏهن بہ هاتي پاڻ ۾ وڙهندا آهن تہ ڪين نيب جي قانون سان قابو ڪيو ويندو آهي، باقي نہ تہ عام شڪايتن تي بہ اڪثر هتان جا هاتي قابو ۾ نہ پر بي قابو هوندا آهن.

هاتي تہ ٺيا هاتي پر هتي شرمندگي تہ انهن پولڙن کي بہ نٿي محسوس ٿئي جن کي تماشبين ڪائڻ لاءِ اڻ ڪٽ شيون اچلائي ڏين ٿا پر پوءِ بہ ڪي پولڙا اهڙا هجن ٿا جيڪي ٻئي جي وات مان گرهہ ڇنڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا رهن ٿا. منهنجا ڪجهہ واقفڪار آهن انهن گهڻي ڪوشش ڪئي آ تہ هاتي يا سانُ ٽين پر اجان اهي پولڙن جهڙا مس تي سگهيا آهن. انهن مان هڪ تعليم کاتي ۾ ملازم آ، سني پوسٽ ۽ سني پگهار هجڻ جي باوجود بہ سندس بڪايل پيٽ پرجي ئي نہ ٿو، اجان ڪوشش ۾ آ تہ ڪنهن پرائيويٽ اداري ۾ بہ نوڪري ڪري. ان لاءِ هو هڪ سانَ جي پني تي چڙهي هڪ اداري ۾ هڪ اهڙي نوجوان کي بيروزگار ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آ، جنهن جي گذاري جو سبب اها پرائيويٽ نوڪري آ ۽ ان پرائيويٽ نوڪري سان هن جي اولاد جو تمام سنو نہ تہ ڪجهہ بهتر ٿي سهي پر مستقبل واڳيل آهي. مون کي حيرت ايندي آ اهڙن پولڙن تي جيڪي پيٽ ڏاوا هوندي بہ ٻئي جي گرهہ کي کسڻ لاءِ هرپل آتا هوندا آهن. اهڙا پولڙا ڏسي منهنجي دل چوندي آ مان آمريڪي صدر بش کان بہ وڏيڪ ڪوڙو تي وڃان ۽ بش سان ڪوڙ ڳالهائي کيس اهو يقين ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان تہ هي پولڙا، سانَ ۽ هاتي القاعده جا سرگرم ڪارڪن آهن ۽ اڻين پوءِ تہ انهن سيني اڻ رجسٽرڊ دهشتگردن جو خاتمو آٽائي ڇڏيان.

هاڻي مان به ڊاڪٽر ٿيندم!

ان ڏينهن مون وارو دوست دلو ديوانو ڏاڍو سوٽيڊ بوٽيڊ ٿي اچي منهنجي سامهون بيٺو. هڪ پل لاءِ ته مان ڪيس سڃاڻي ئي ڪونه سگهيم، ڇو جو هن کان اڳ ڪيس هميشه پراڻي قميص ۽ ڦاٽل انگوڇي ۾ وڪريل وارن توڙي وڌيل ڏاڙهي سان ڏسندو رهيو آهيان. وائڙپ مان پڇيومانس دلو... ديوانا... هي تون... آهين؟

چپن تي هلڪڙي مرڪ تري آيس. چيائين اڙي وائڙا! پريشان ڇو ٿيو آهين. ڪڏهن فل سوٽ ۾ ڪو ماڻهو نه ڏٺو اٿئي ڇا؟

چيومانس: ماڻهو نما يعني اڌ ماڻهو فل سوٽ ۾ ڪوڙ سارا ڏٺا اٿم پر هڪ مڪمل ماڻهو يعني هڪ ديوانو فل سوٽ ۾ اڄ ئي ٿو ڏسان.

چيائين: اڙي ڇا ٿي ويو اٿئي زنده رهڻ چاهين ٿو يا نه؟

پڇيومانس: ڪهڙي غلط ڳالهه ڪيم؟

چيائين: اجان به پڇين ٿو ڪهڙي خطا پيو ڪرين؟ اڙي هي اعليٰ طبقي وارن کي تون ماڻهو نما ڪوٺي پنهنجي موت کي دعوت ڏئي رهيو آهين ۽ وري به پنهنجي غلطي سمجهه ۾ نٿي اچئي؟

چيومانس: ڏس دلو تون پاڻ فيصلو ڪر. هي جيڪي ماڻهو گرميءَ توڙي سرديءَ ۾ فل سوٽ پايو پيا هلن، انهن مان اڪثريت کي تو شراب جي نشي ۾ يا دولت جي نشي ۾ ڌت ڏٺو هوندو، نه انهن وٽ رشتن جو تقدس هوندو آهي نه وري اهي انسانيت لاءِ پنهنجي من ۾ ڪا ڪهل رکندا آهن. پوءِ انهن ۾ ڀلا ٻڌاءِ ته ماڻهپو ڪهڙو ٿيو؟ ان لاءِ مان انهن کي ماڻهو نما ٿو ڪوٺيان ۽ تو جهڙا جيڪي ديوانا هوندا آهن، اهي ڪنهن کي به نقصان نه پهچائيندا آهن، پر انهن جي من ۾ نه ته ڪنهن لاءِ ڪا نفرت هوندي آهي نه ئي وري اهي پنهنجي من ۾ ڪنهن لاءِ ڪينو ڪلفت پاليندا آهن. منهنجي خيال ۾ انهن وٽ ئي مڪمل ماڻهپو هوندو آهي، ان لاءِ مان انهن کي مڪمل ماڻهو ٿو سڏيان. جي اهو ئي منهنجو ڏوهه آهي ته پوءِ جيڪا سزا ملي اها خوشيءَ سان سهڻ جي ڪوشش ڪندم.

چيائين: ”چڱو ھاڻي نيڪ آ“ ھيءَ ڳالھ مون سان ڪئي اٿئي ان لاءِ باھر نہ نڪرندي، باقي آئندي لاءِ مڙئي خيال ڪجانءِ ڪٿي ان نہ پئجي وڃين.

چيومانس: نيڪ آ دلو ديوانا تنھنجو حڪم اکين تي.

چيائين: رڳو دلو ديوانو نہ پر ڊاڪٽر دلو ديوانو چئہ.

پڇيومانس: چو حڪمت سکي آيو آھين ڇا؟

چيائين: نہ اصل ۾ مان عطائي ڊاڪٽر يا حڪيم ھرگز نہ ٿيو آھيان.

چيومانس: پوءِ ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪرڻ ڪان تہ تون بہ ويل آھين؟

چيائين: سچ ٿو چئين، پر مان اھو ڊاڪٽر نٿو چوانءِ جيڪو تون سمجھي رھيو آھين.

چيومانس: پوءِ ڇا ڍورن جو ڊاڪٽر ٿي ويو آھين؟

چيائين: نہ، مان پي ايچ ڊي ڪري آيو آھيان.

وائڙو ٿي ڪيس تڪڻ لڳم تہ ھي ديوانو پي ايچ ڊي ڊاڪٽر ڪيئن ٿي ويو؟

چيومانس: ڏس دلو جيڪڏھن تون چوين ھا تہ تون حڪيم آھين، ھوميوپيٿڪ ڊاڪٽر آھين تہ مان توتي اعتبار ڪري وجان ھا پر تنھنجي ھھڙي مذاق تي ھرگز اعتبار نہ ڪندومانءِ.

چيائين: شايد تون پريشان ٿي ويو آھين تہ مان ھيءَ ڊگري ڪيئن ٿو وٺي سگھان؟ مون ھيءَ ڊگري بلڪل ائين ئي ورتي آھي جيئن تون منھنجي حڪمت يا ھوميوپيٿي جي ڊگري وٺي سگھڻ لاءِ سوچي رھيو آھين.

چيومانس: پر...!

چيائين: اھا خبر اٿئي تہ مئٽرڪ ۾ استادن کي ماکيءَ جون بوتلون ۽ ڳائو گيھ ڏئي ڪاپيءَ جي سھوليت وٺي سي گريڊ ۾ پاس ٿي ويو ھئم، پوءِ انٽر ۾ ساڳيو فارمولو استعمال ڪندي ان ۾ ڪجھ سفارش جو واڌارو ڪرايم تہ وري بہ سي گريڊ ملي ويو. پوءِ بي اي ۽ ايم اي لاءِ مڙئي ڪجھ وڌيڪ خرچ ڪرڻا پيا تہ نتيجي ۾ سيڪنڊ ڪلاس ملندو رھيو. وري ايم فل ۽ پي ايچ ڊي لاءِ تہ مورڳو ڍور ڍڳا وڪڻي ڇڏيم، وڌيڪ خرچ ڪيم تہ نتيجي طور منھنجي گائيڊ ۽ استاد مون ڪان سينئر

هڪڙي هوشيار اميدوار جي ٿيسز مون کي ڏئي ڇڏي. جنهن جي مون فوٽو ڪاپي ڪرائي پوءِ مون ان گائيڊ جي مدد سان ان ٿيسز کي پنهنجي ٽاپڪ ۾ آڻڻ لاءِ ٿوري ڦيرڦار ڪئي ته مون کي جلد ڊگري ملي وئي. باقي ان ويچاري کي اڃان ڊگري نه ملي آهي، جنهن جي ٿيسز مون چوري ڪئي هئي.

چيومانس: دلو هي ڇا پيو چئين؟ ڪٿي ڀنگ ته نه پي آيو آهين؟

چيائين: مان پوري هوش حواس ۾ آهيان پر تنهنجا اڻ پيتيءَ وارا نشا پيو ختم ڪيان، تون اڃان تائين ان خيال جي نشي ۾ وڪوڙيل آهين ته هتي سڀ ڪجهه ايمانداري آهي، جڏهن ته هتي بي ايماني کي وڏي طاقت مليل آهي جيڪو پراون حقن جي لتاڙ تو ڪري اهو ئي ڪامياب آهي.

چيومانس: پوءِ هي جيڪي نوجوان محنت ڪن ٿا، ڇا انهن جي اها محنت اجائي ٿي وڃي؟

چيائين: نه، اهي رڳو هتي ئي مايوس، ٿين ٿا پر جي اهي ڪنهن ٻاهرين ملڪ هليا وڃن ٿا ته اهي پنهنجي محنت جو ڦل ضرور پائڻ به ڪائن ٿا، ته پنهنجن رشتيدارن کي به ڪارائن ٿا، ان لاءِ ئي هتان جو گهڻو ٽئلينٽ هتان نڪرندو پيو وڃي ۽ پويان جيڪو باقي بچي ٿو اهو نااميدي جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي خودڪشي ڪري موت جي جهول ۾ وڃي سمهي رهي ٿو.

مان پريشان ٿي ويم سوچڻ لڳم واقعي ئي دلو سچ تو چئي. اسان وٽ ڏينهون ڏينهن نااهليت اهليت جي مٿان غالب ٿيندي پئي وڃي. ڊگرين جو واپار جانورن جي کلن جي واپار جهڙو منافعي وارو واپار بڻجي ويو آهي. تعليم ڄاڻ لاءِ حاصل نٿي ڪئي وڃي پر تعليم اهو سوچي حاصل ڪئي وڃي ٿي ته ان ذريعي ملڪ جي ڪنهن اهم اداري ۾ داخل ٿي اتان ڪرپشن ڪري ملڪ جي جڙن کي کوکلو ڪري پنهنجون جڙون مضبوط ڪبيون.

پوءِ ٿئي ائين ٿو جو جعلي ڊگريون کڻي آيل سفارش تي نوڪرين ۾ اچن ٿا ته اهي ڪنهن به ڪم جا نٿا رهن، انهن مان نه ته ادارن کي ڪو فائدو ٿو رسي ۽ نه ئي ملڪ کي، پر ان سان اهو ضرور لڳي ٿو ته اسان جا سياستدان خدا ترسي وارو ڪم ڪري رهيا آهن جو پنهنجو ٽئلينٽ هتان ٻاهرين ملڪن کي گفٽ ڪري جڳهون خالي رکي ڪجهه نااهلن کي هتي مختلف ادارن ۾ ضم ڪري رهيا آهن.

مان سوچڻ لڳان ٿو ته آخر ھي انياءُ ڪيستائين ھلندو؟ ڪيستائين اسان جي تعليم کي ڪاپي ڪلچر واري گوليءَ سان زخمي ڪري آڪسيجن ذريعي ساھ کڻائڻ جون ڪوششون ٿينديون رھنديون. ڪيستائين اسان وٽ اعليٰ ڊگريون به وڪامجي ملنديون؟ ھوشيار اميدوارن جون ٿيسز وجائي من پسند ماڻھن جي حوالي ڪيستائين ڪيون وينديون؟ ڪيستائين اھليت جي مٿان نااھليت جو غلبو قائم رھندو، جنھن ڪان مايوس ٿي اسان جو ٽئلينٽ غير ملڪن ۾ وڃي پنھنجون صلاحيتون وڪڻندو رھندو؟ ڪيستائين ھو غير ملڪن ۾ عقوبتن ۽ مصيبتن کي منھن ڏيندو رھندو؟

مان سوچڻ لڳان ٿو ته آخر ڪيستائين اسان جي تعليمي ادارن ۾ رڳو احتجاجن ۽ روڊ بلاڪ ڪرڻ وارا سبق ورجايا ويندا، ڪيستائين اسان جي نوجوانن کي بي مقصد ڊگريون فائلن ۾ شوڪيسن ۾ سنڀالي رکڻ لاءِ ڏنيون وينديون جن جي بار ڪان لڙڪڙائي نوجوانن جا قدم خودڪشي ذريعي قبرن طرف وڌندا رھندا؟

مون کي سوچن ۾ گم ڏسي دِلو وڌو ٺھڪ ڏئي مون کي چئي ٿو ”سوچ نه چريو ٿي ويندين.“

مان چرڪ پري خيالن مان نڪري اچان ٿو ۽ فيصلو ڪيان ٿو ته مان جو ھيڏي محنت به ڪيان ٿو پر ڪيئي درخواستون ڏيڻ باوجود به مون کي پروموشن جو ڪوبه آسرو ناھي، ان لاءِ مان به ھاڻي ڊاڪٽر ٿيندم.

پيار سنسار...!

پيار ڇا آهي؟ ڇا پيار ڪو جذبو آهي، احساس آهي؟ اها ته پڪ آهي ته پيار ڪمينٽمينٽ جو نالو هرگز به ناهي، ڇو ته پيار ۾ ڪا به ڪمينٽمينٽ نه هوندي آهي. ها البته پيار هڪ احساس ۽ جذبو ضرور آهي ڇو ته پيار هڪ جذبي جي صورت ۾ محسوس ٿيندو آهي. اسان ڪڏهن ڪڏهن اهڙن ماڻهن توڙي اهڙن فردن سان پيار ڪرڻ لڳندا آهيون، جن کي اسان ڪڏهن به نه ڏٺو هوندو آهي. بس انهن متعلق ڪا ڳالهه ٻڌي انهن جو تصور پنهنجي ذهن جي اسڪرين تي ڇٽي محفوظ ڪري ڇڏيندا آهيون.

۽ ها! ڪڏهن ائين به ٿيندو آ ته ڪا شيءِ ڪو فرد، ڪو منظر اسان ڏسي به وٺندا آهيون، پر اها پڪ هوندي آهي ته ان جي حاصلات ۽ ان تائين پهچ اسان جي هٿ وس هرگز نه ٿيندي. تڏهن به اسان ان سان پيار ڪرڻ لڳندا آهيون. پوءِ ڇا اهو خيال واقعي ئي هڪ احساس، هڪ جذبو ناهي؟

سوچجي ته جڏهن اسان ڄاڻندا به آهيون ته اسان ان شخص کي حاصل نه ڪري سگهنداسون ڇو ته ان ۾ ڪي مجبوريون ڪي رنڊڪون واضح طور اسان جي سامهون هونديون آهن، پوءِ به آخر اسان اهو پيار ڇو ڪندا آهيون؟ ڇا اها اسان جي نادائي چئجي؟ پيار ڪي ۽ پيار آڏو بيوس تي وڃڻ واري عمل کي ناداني سڏڻ وارا اصل ۾ خود نادان هوندا آهن، ڇو ته هڪ نادان ۽ بي عقل ماڻهو ئي پيار جي جذبي ۽ احساس کان محروم ۽ وانجهيل رهي سگهي ٿو. بهرحال پيار جي ڪا به هڪ وضاحت مقرر ٿيل ناهي، نه ئي پيار کي ماپڻ لاءِ اڄ تائين ڪو ماپو ايجاد ٿيو آهي. پيار ته اڻ مَيو ۽ اڻ ڪَڇيو احساس ۽ جذبو آهي.

منهنجي هڪ دوست شڪايت ڪئي ته والدين ڪنهن اولاد کي گهٽ پيار ڏيندا آهن ته ڪنهن کي وڌ، پر مان ان ڳالهه سان متفق ناهيان منهنجو خيال آهي ته والدين کي پنهنجي هر تخليق يعني اولاد هڪ جيتري عزيز هوندي آهي ۽ اهي انهن سان هڪ جيترو پيار ڪندا آهن، بس رڳو اهو محسوس ڪرڻ واري تي ڇڏيل آهي ته اهو ان پيار کي ڪيترو سمجهي ٿو ۽ ان لاءِ اهو جذبو اهو احساس ڪيتري اهميت رکي ٿو. بيو ته والدين پنهنجي هر اولاد لاءِ پنهنجي وس آهر ڪجهه نه ڪجهه ڪندا رهندا آهن، پوءِ اهو حالتن تي آهي ته ڪهڙي اولاد جي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ وارن ڏهاڙن ۾ سندس والدين ڪهڙن ڏهاڙن ۽

امتحانن مان گذري رهيا هوندا آهن.

هڪ شاعر کي پنهنجي هر تخليق سان پيار هوندو آهي، هن کي سندس هر تخليق هڪ جيتري عزيز هوندي آهي، پوءِ اها سندس تخليق غزل جي روپ ۾ هجي يا وائي، گيت، نظم، سانيٽ، ترائيل، هائيڪو يا بيت جي صورت ۾ پر هن کي اها تخليق هر صورت ۾ سٺي لڳندي آهي ڇو ته اها سندس پيار جي تصوير ۽ جذبن جي ترجمان سندس اولاد هوندي آهي. ساڳئي ريت هر ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامه نويس کي سندس هر ڪردار سان اوتري ئي محبت هوندي آهي، پوءِ جي پل کڻي سندس ڪو ڪردار سماج لاءِ ناسور بڻيل ڇو نه هجي ۽ اهو ڪهاڻيڪار اهو ڊراما نويس ڪٿي ان ڪردار لاءِ ڪيڏي به ڪٺي ڪرپ ڏيکاريندو هجي. ان لاءِ ڪيڏا به ڪٺي گُٿا لفظ استعمال ڪري ويو هُجي، پر حقيقت ۾ اهو ڪردار به ڪيس اوترو ئي پيارو هوندو آهي، جيترا هيرو ۽ هيروئن جا ڪردار ڪيس پيارا لڳندا آهن، جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته هو ان ڪردار کي پنهنجي قلم سان تخليق ئي نه ڪري ها.

ڪڏهن ڪڏهن مون تي به عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي، جيتوڻيڪ مان ڪو شاعر ناهيان پر ڪي خيال اهڙا ذهن تي تري ايندا اٿم جن کي پني تي اتاري رکندو آهيان ته جڻ شاعري بڻجي ويندا آهن، ڪٿي لکي وينو هئم:

اهو خيال توکي ئي ڏسندي ٿئيم
تون ئي سونهن ديوي، تون حورن جنم

الائي ڇو هوءَ مون کي حُورن جي به شهزادي لڳندي آهي ۽ سونهن جي ديوي پانئبي آهي. ها! سچ پچ ته هوءَ ڏاڍي حسين آهي ڪنهن حسين واديءَ ۾ وهندڙ آبشار جي ڪناري تي ڦُٽي نڙيل ۽ ٿڌڙين هوائن جي جُهولي مٿان جُهومندڙ ۽ خوشبوءِ ڦهلائيندڙ گلن کان به هوءَ خوبصورت آهي. هوءَ مون کي چانڊوڪيءَ جي احساس ۽ ماڪ ڦڙي جي معصوميت کان به هزارين ڀيرا مقدس ۽ سُندر لڳندي آهي. مون کي هن جي آواز ۾ بانسريءَ جي مڌرتا ۽ موسيقي سمايل محسوس ٿيندي آهي. هوءَ منهنجي وجود جو وڃايل اڌ آهي، ها هوءَ منهنجي سپنن جو سنسار آهي. نه رڳي اهو پر هوءَ منهنجي خوابن جي تعبير ۽ منهنجن سمورن خيالن جو محور آهي. هن جي اندر جي اجرائپ ۽ سچائي معصوم ٻارڙن جي معصوميت کان به وڌيڪ آهي. هن جي پيار ۽ هن جي هر لفظ ۾ سچائي آهي. هن منهنجي رولاڪ ۽ ڀٽڪندڙ وجود کي ٺانيڪو ڪيو آهي، هوءَ منهنجي هڪ نه پر ڪئي ٻارن جي ماءُ آهي. ها هن جي جسم جي انگ انگ مان منهنجي غزلن، واين ۽ نظمن جنم ورتو آهي، اهو به سچ آهي ته منهنجي روح جون تندون هر ويلي هن سان ڳنڍيل رهنديون آهن، اهو سڀ منهنجي

پيار جو احساس آهي اهو منهنجي پيار جو جذبو آهي، تڏهن ئي ته هوءَ منهنجي خوشين جو خوبصورت روپ بڻيل آهي. تڏهن ئي ته هوءَ مون لاءِ دنيا جي ٻي هر شيءِ کان ضروري آهي ۽ مون محسوس ڪيو آهي، شايد هن جي پيار جو عمل دخل آهي، تڏهن ئي هر اها شيءِ مون لاءِ محترم آهي، جنهن کي هوءَ چاهي ٿي، ها مان مڃيان ٿو ان پيار کان اڳ مون لاءِ هي زندگي بي رونق ۽ بي رنگ هئي، جنهن کي گذارڻ مون لاءِ مجبوري هئي، پر هن کي حاصل ڪرڻ کانپوءِ منهنجي جيون ۾ ڪيترائي رنگ پرجي آيا آهن، مون لاءِ رونقون مرڪنديون رهن ٿيون ۽ مان ان ڳالهه سان متفق آهيان ته واقعي ئي پيار سان سنسار ۾ رونقون ۽ خوشيون پرجي اڇن ٿيون جن کانسواءِ جيئڻ ئي بيڪار هوندو آهي ۽ بيڪار لڳندو آهي. ڪنهن ڏاهي چيو آ ته ”پيار ڪرڻ لاءِ هيءَ حياتي تمام ٿوري آهي، نه ڄاڻ ماڻهو ان مان به نفرت لاءِ وقت ڪيئن ٿا ڪڍي وٺن؟“ مان سوچيان ٿو ماڻهو پيار چو نٿا ڪن؟ پيار سان ته هن جهان کي جنت جو نمونو بڻائي سگهجي ٿو، پر پوءِ به آخر ماڻهو نفرت ڪري ڊوڪو ڏئي هن جهان کي دوزخ جو نمونو چو ٿا بڻائڻ چاهين. ان سان ئي منهنجي ذهن جي شاهراهه تي هڪ ڊگهي قطار دوڙڻ لڳي ٿي؟؟؟!!!...

مون توبهه ڪئي!

دلو جيڪو مون تي ڏاڍو ڪاوڙيل آهي ان ڏينهن اخبار هٿ ۾ ڪنيو ڪلندو اچي سامهون بيٺو چيائين ”تو، اسان جي متعلق اخبار ۾ ڪالم لکيو هو، پر هاڻي ڏسجانءِ مان به ڪيئن تو تنهنجي لاءِ ڪالم لکان“.

پڇيومانس آخر ٿيو ڇاهي جو مون متعلق ڪجهه لکڻ جي خوشفهميءَ ۾ مبتلا ٿي آيو آهين؟ ڇا مون متعلق ڪو خواب ڏٺو اٿئي، جنهن ۾ مان آفريڪي جهنگلن ۾ ڪنهن شيدي سردار جي ڪاري تلهي اڌ اگهاڙي ڌيءَ جو غلام بڻجي ويو آهيان يا وري ڪنهن سرڪس ۾ مون کي مشڪري ڪندي ڏسي آيو آهين؟.

چيائين: اڙي بي خبر هيءَ وٺ اخبار ۽ هيءَ خبر پڙهه.

اخبار ڪانئس وٺي سندس بڌايل خبر پڙهڻ لڳس ۽ پڇيومانس هن خبر ۾ يلا ڪهڙي خاص ڳالهه آهي؟

چيائين: آهين نه بي سمجهه، خبر وري پڙهه ۽ چڱيءَ طرح پڙهه.

چيومانس: ڍُهلائي خبر مون چڱي طرح پڙهي آهي ۽ بڌ خبر اها آهي نه ته سائنسدانن تحقيق ڪري اها ڳالهه بڌائي آهي ته مڙسن جي آڏو خاموش رهندڙ ۽ ڪجهه نه ڪُڇندڙ عورتون يعني گهٽ ڳالهائيندڙ عرف عام ۾ جهيڙو جهٽو نه ڪندڙ عورتون دل جي مرض ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿيون ۽ انهن جو موت جلدي ٿي وڃي ٿو، جڏهن ته مڙسن آڏو خاموش نه رهندڙ يعني هر ڳالهه بنا ڊپ جي چوندڙ عورتون صحتمند رهن ٿيون ۽ وڏي ڄمار ماڻين ٿيون.

چيائين: اتي ته اچ نه! ۽ هاڻي تون به تيار ٿي وڃ ڇو جو هاڻي توکي به مون وانگر زال هٿان روزانو ڦٽڪار سهڻي پوندي. هن وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ چيائين هاڻي توسان به گهر واريءَ جي روزانو ڪٽ پٽ هلندي، تون به روز ٻُچڙو ٿيندين ۽ تنهنجي زندگي به مون وانگر عذابَ ٿي ويندي، پوءِ اسان سڀ يعني عاجز انگلائي، سانول سيسراڻي ۽ ٻيا گڏجي تنهنجي بدحاليءَ تي طرحي شعر جوڙيندا سين ۽ پوءِ اسان سموري ملڪ مان اسان جهڙا نٽ ٻلٽ ڍرا ٿيل ۽ گهران تڙي ڪڍيل شاعر گهرائي عالمي مشاعرو ڪوٺائيندا سين ۽ پنهنجي اندر جو اوبر ڪڍي توکي بدنام ڪندا سين.

چيومانس دلو ڍُهلائي عرف عام ديوانا تون سچ پچ ته اجان تائين ساڃيو ئي ديوانو آهين. مون وري به وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ چيومانس مون واري زال ته پڙهيل ئي ڪونهي، پوءِ يلا اها هيءَ خبر ڪٿان پڙهندي جو مون

مٿان چڙندي.

چيائين: عالمي ڪوڙ نہ ڳالهاءِ، بش ڪاوڙجي پوندئي.

چيومانس ڪوڙ وري ڪهڙو تو ڳالهايان ۽ بش وري ڇو ڪاوڙبو مون مٿان، مان آخر ان جو ڪهڙو ڏوهہ تو ڪيان؟

چيائين: مون کي خبر آ تو واري زال گريجوئيٽ آهي ۽ تو وانگر ان جي بہ ڪل ٽڙيل آهي، اها بہ پئي پڙهندي ۽ ڪڙهندي يعني ڪالم ۽ ڪهاڻيون لکندي آهي، باقي بش توتي ان لاءِ ڪاوڙبو تہ تون بہ ان وانگر ڪوڙ تو هٽين ان لاءِ هن کي ضرور خطرو محسوس ٿيندو تہ ڪٿي اڳتي هلي تون سندس هلندڙ مدي ڪانپوءِ سندس مقابلي ۾ نہ بيهي رهين ۽ ڪيس اليڪشن ۾ مات ڏئي آمريڪا جي صدارت واري ڪرسي ڪانئس ڦري نہ وٺين.

چيومانس يار دلو تو تہ مون وارو ڪُوڙ پڪڙي ورتو، يار مون واقعي ئي ڪوڙ تي ڳالهايو پر الائي ڇو ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ اڄ تائين ڪامياب نہ ٿيو آهيان، جيڪڏهن نہ مان ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ ماهر هجان ها تہ هيل تائين يوسي ناظم يا زڪوات چيئرمين ضرور هجان ها.

يڪدم منهنجي وات مٿان پنهنجو ميرو هٿ رکندي مون کي چُپ ڪرائيندي چيائين اڙي چُپ ڪر، اهي ناظمي ۽ چيئرميني جا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏي، ڪٿي اڙجي نہ وڃين، پوءِ تہ جيل ۾ ڪير پڇڻ بہ ڪونہ ايندئي.

چيومانس ڇو سرڪاري طور بل پاس ڪري خوابن ڏسڻ تي بہ ڪا پابندي لڳائي وئي آهي ڇا؟

چيائين: اهو جيڪو ٿر وارو ولي محمد راهمون ناهي! جنهن واريءَ مان بجلي پيدا ڪري بہ گولڊ ميڊل بہ ورتا هئا، اهو بہ اڄڪلهہ اهڙا خواب ڏسڻ لڳو هو، اعلان ڪيو هئائين تہ ارباب خاندان جي سامهون ٿر واري سيٽ تان چونڊن ۾ حصو وٺندو، ويچارو ٽري ڏڳو، اڄڪلهہ سرڪاري مهمان لڳو وينو اٿئي.

چيومانس يُوڪ سرڪاري مهمان نہ چئہ، سرڪاري مهمان هجي ها تہ وڏا ٺٺ هجنس ها، سنا ڪاڏا ملنس ها ۽ پروٽوڪول هجيس ها، پر هن جون تہ اکيون ٻڌي پوليس وارا ڪڏهن ٿاڻي تي گهليو ٿا وڃنس تہ ڪڏهن وڏيڪ رمانڊ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس گهليندا وتن ۽ ڪاٽڻ لاءِ ڪيس سَچُو پتر، گاريون ۽ اهڙي پنڙي دال تا ڏين جنهن سان وضو ڪرڻ جائز قرار ڏئي سگهجي ٿو.

چيائين: نياڳي کي ڪنهن صلاح ڏني تہ نانگن سان وير رکي، لکيو پڙهيو پر اهو ئي جاهل رهيو، نوڪري بہ وڃايائين ۽ اسيمبلي ميمبر يا ناظمي جي خوابن وڃي ٻچڙو ڪيس، غريب جي ٻار اهو سوچيو ئي ڪونہ تہ اهي ارباب ڏاڍا ڏنگا آهن. هن وزيراعليٰ تہ آصف زرداري لاءِ بہ

صاف صاف چيو هو ته ”چاهيون ته بينظير جي ور کي ٻڪري چوريءَ جي الزام ۾ پڪڙي ٻيهر جيل اماڻي سگهون ٿا.“

چيومانس، دِلو سچ چيو اٿئي، پر جڏهن غريب کي ڏڏ ملندو آهي ته اُن کان مت ڪسجي ويندي آهي. راهمون کان به مت ڪسجي ويئي آ، تڏهن ئي پاڻ ڏنگرائي وينو آ ۽ صلاح به ته تو جهڙن ڏني هوندس نه.

چڙي پيو چيائين پلا هن امتياز شيخ کي صلاح ڪنهن ڏني؟ جو به ٺنگو ٿاتو؟ چيومانس ان اگوٽي ڪاموري به گهڻا خواب ٿي ڏٺا ته وڏو وزير ٿيندو، يار ڪان وزيري به وئي ۽ هاڻي ته مشيريءَ جو آسرو به نه رکي.

چيائين يار: اهو ارباب مٿس الزام ٿو هڻي ته هن يعني امتياز شيخ وڏي ڪرپشن ڪئي آهي، هزارين ايڪڙ زمين جو رڪارڊ هيراڦيري ڪري پاڻ قبضا ڪيا اٿائين ۽ اربين روپيا جوڙيا اٿئين.

چيومانس، پر امتياز شيخ به ته، هن وزيراعليٰ خلاف چارج شيٽ ناهي ورتي آهي نه جنهن ۾ هن به وزيراعليٰ تي الزام مڙهيندي ثبوتن طور ضروري ڪاغذات به ڏيکاريا آهن.

چيائين: ها! هي جهيڙو به مورڳو وڏي وڻ ويڙهي تي ويو آهي، لڳي ٿو ته اها وڻ ويڙهي سڄو وڻ سڪائي ويندي يعني سڄي سنڌ حڪومت کي گهر پيڙو ڪري رهندي، يا وري سنڌ اسيمبلي ئي ختم ٿي ويندي، گورنر راڄ قائم ٿي ويندو.

چيومانس: ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي، بهرحال ٿي وڏو ڏچو ويو آهي. صدر جنرل پرويز مشرف جيڪو صاف سُٿري سياست ۽ صاف سُٿرو پاڪستان ڏسڻ چاهي ٿو، هاڻي ڏسئون ته اهو ڪنهن جي ٿو پر وٺي، جيڪڏهن امتياز شيخ ڪرپٽ آهي ته پوءِ ارباب مٿان به سنگين الزام آهن، ڏس نه امتياز شيخ ڪيس ۾ پڪڙيل حفيظ شوري جي ته وڏي تذليل ڪئي وئي آهي. ماجسٽريٽ ڇاپو هڻي ڪيس اينٽي ڪرپشن آفيس جي باٿ روم مان بازياب ڪرايو آهي. مٿس ڏاڍو تشدد ڪيو ويو آهي پر هو اڃان به اهائي ڳالهه پيو ڪري ته هن کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي، امتياز شيخ خلاف گواهي ڏيڻ لاءِ مٿس انسانيت کي روئاريندڙ عقوبتون ڪيون ويون آهن. جڏهن ته هن جو چوڻ آهي ته هو امتياز شيخ سان ڪڏهن مليو ئي ناهي پر ڪيس ڏمڪايو ٿو وڃي ته هُو گواهه بڻجي آزادي ماڻي سگهي ٿو، نه ته سڄي عمر جيل اندر گذاريندو ۽ ٻيا به نقصان پوڳيندو. هوڏانهن وري وزيراعليٰ سنڌ حفيظ شوري جي زال مٿان به اهو الزام مڙهيو آهي ته اها ميرپورخاص ۾ منشيات فروشيءَ جي ڌنڌي ۾ ملوث آهي. يار دِلو! وزيراعليٰ سنڌ کي اڳ ۾ اهي ماڻهو شايد نظر نه ايندا هئا ۽ هاڻي وزيراعليٰ پڪ ئي پڪ ڪو ايمانداري وارو نظر جو چشمو ورتو هوندو، جنهن سان ڪيس ڪرپٽ ۽ ڏوهاري ماڻهو آسانيءَ سان

ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ ها اهو چشمو به هن پلي پار تان ورتو هوندو. تازو ئي ته هو پلي پار ويو هو ۽ اتان پڪ ئي پڪ پراڻا سيئي ڏوهه معاف ڪرائي آيو هوندو، جن جا ڪارا چنا ماضيءَ ۾ سنڌ مان نڪرندڙ هڪ اخبار ۾ ”اربابن جي ڪهاڻي ماڻهن جي زباني“ عنوان سان شايع ٿيندا هئا. الله ته مهربان آهي معاف ڪندڙ آهي، ارباب به معافي ورتي هوندي ۽ اهو به واعدو ڪيو هوندو ته هاڻي هو ڏوهه نه ڪندو پر ڏوهارين کي سيڪٽ ڏيندو.

دِلو پريشان ٿي ويو چيائين يار پوءِ ته ڪوڙ سارا صحافي اصل ٽنگجي ويا. هاڻي ارباب جنهن تي چڙندو ان مٿان ڪيس نهيا نڪيا پيا هوندا، رڳو نالو لکڻو آهي. ڏوهن جي لسٽ ته اڳ ۾ ئي تيار پئي آهي.

چيومانس، تڏهن ته چوانءِ ٿو ته ڍُهلائي پنهنجي زبان کي لغام ڏئي وات کي بند رک.

چيائين: مون توبهه ڪئي ۽ هاڻي مان هلان ٿو. ڪٿي مون کي به امتياز خلاف گواهيءَ لاءِ نه پڪڙيو وڃي.

عشق+ پئسو+ وقت

+ڳالهيون ڪندي ڪنهن دوست پڇيو "اڄڪلهه شاعري نه پيو ڪرين ڇا؟

- چيومانس "هاڻي نه اهو درد رهيو آهي، نه ئي اهو احساس، جو ويهي شاعري ڪجي".

+ چيائين: "ڇو عشق نٿو ڪرين ڇا؟"

- چيومانس "عشق ڪرڻ لاءِ بيڪار وقت ۽ اڻ ڪٿ پئسو گهرجي ۽ اهي ٻئي شيون مون وٽ ناهن."

+ پريشان ٿي ويو، وائڙپ مان پڇيائين "اهو وري ڪيئن ڪولي ٻڌاءِ؟!"

- چيومانس "عشق لاءِ پئسي جو هجڻ ان لاءِ لازمي آهي ته جنهن سان عشق ڪبو، ان سان فون تي ويهي ڪلاڪن تائين ڪچهري به ڪرڻي پوندي آهي، ته ان کي عام ڏهاڙن کان علاوه، سالگرهه، عيد جي ڏڻ ۽ نئين سال جا تحفا به ڏيڻا پوندا آهن ۽ ان سان روبرو ويهي ڪچهري ڪرڻ لاءِ هوٽل تي وڃي سوين روپين جو بل به ادا ڪرڻو پوندو آهي، ٻڌاءِ ائين آهي يا نه؟".

+ چيائين: بلڪل سچ پيو چئين.

-چيومانس، ته پوءِ مون وٽ ايترا پئسا آهن ڪونه جو ڪنهن جون فرمائشون پوريون ڪريان، مان ته پنهنجي انگلي پُٽ احسن لاءِ مس ڇهين مهيني کو رانديڪو يا ڪپڙن جو وڳو خريدي سگهندو آهيان ۽ ڪڏهن ته عيدن تي ڪيس خرچي به نه ڏئي سگهندو آهيان.

+ چيائين: اها ڳالهه ته سمجهه ۾ اچي وئي، باقي عشق لاءِ بيڪار وقت گهرجي اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي؟!.

- چيومانس، پيارا جيڪڏهن تو وٽ پئسو هوندو ته عشق مُشڪ ٿيندئي، پر جيڪڏهن مون وانگر ڪنگلو هوندين ته يقينن عشق ناڪام ٿي قشڪ ٿي ويندئي. ان صورت ۾ واندڪائيءَ جو هجڻ لازمي آهي، جيئن پريشان رهڻ ۽ آهون پرڻ ۾ ڪي رنڊڪون به نه پون ۽ نه ئي ٻيو ڪو ڪم پريشان رهڻ سبب خراب ٿئي، بس هڪڙو ئي ڪم پريشان رهڻ ۽ آهون پرڻ وارو سڪون سان ٿيندو رهي ته اهو بهتر آهي. ڏِس نه هن وقت مون کي پيٽ پالڻ لاءِ نوڪري ڪرڻي ٿي پوي ۽ نوڪريءَ ۾ سمورو

ڏيان پنهنجي ڪم طرف ڏيٺو تو پوي، جيڪڏهن ناڪام عشق جي سبب اهو ڏيان هٽايم تہ نوڪري بہ ويندي ۽ نوڪري بہ هٽ نہ ايندي. ان لاءِ انهيءَ عشق ڪان پري پلو آهيان، هونئن بہ منهنجي شاعري سموري قوم تہ ڇڏ ڪنهن هڪ فرد جي زندگي ۾ تبديلي جو باعث نہ بڻجي سگهي آهي تہ پوءِ اها ڪهڙي ڪم جي.

+ چيائين: پوءِ هي جي گهڻا شاعر ۽ اديب دعويٰ ڪن تہ انهن قوم لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، ڇا انهن جي لکڻين ڪو انقلاب آندو آهي؟

- چيومانس، اهي پاڻ اهو فيصلو ڪن تہ انهن قوم لاءِ ڇا ڪيو آهي ۽ ڪهڙي تبديلي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن، البتہ اهو ڏسجي پيو تہ انهن مان گهڻن پنهنجي ذاتي زندگين ۾ تبديليون آنديون آهن ۽ پنهنجن خاندانن کي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي.

+ پڇيائين اهو وري ڪيئن؟

- چيومانس، ڪن وڏيون نوڪريون وٺڻ ۾ ڪاميابي ماڻي آهي تہ ڪن هڪڙي زال ۽ ان جا بار ڏڪن ڪائڻ لاءِ ڇڏي نئين ڪنوار ماڻي آهي، ۽ اها بہ انهن جي ذاتي زندگيءَ جي تبديلي آهي جو اهي پنگ جي ويجهو ئي نتا وڃن، پر وسڪي ۽ اسڪاچ پيئڻ لڳا آهن، ڪجهہ اديب ۽ شاعر ڪامورا بہ آهن انهن وري پنهنجي پنهنجي خاندان جي بہ قسمت بدلائي ڇڏي آهي، هنن پنهنجي اولاد لاءِ بہ ملڪيت ميڙي آهي ۽ پنهنجن کي نوڪريون ڏيارڻ ۽ ويزائون وٺي باهرين ملڪن ۾ موڪلڻ ۾ بہ ڪامياب ٿيا آهن.

+ چيائين: پوءِ تون ڇو نتو ڪامورو ٿئين؟

- چيومانس، ان لاءِ مان هرگز بہ اهل ناهيان.

+ چيائين: پاڻ ۾ اهليت پيدا ڇو نتو ڪرين؟

- چيومانس، ان لاءِ مون کي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي ۽ مهارت بہ وٺڻي پوندي.

+ چيائين: پوءِ جاکوڙ ڪر ۽ مهارت وٺ.

- چيومانس، ادا جاکوڙ ڪري انگريزي بہ سکي وڃان، ٻوليءَ جو ماهر بہ ٿي وڃان، وڏو اديب ۽ شاعر بہ ٿي وڃان پر مهارت حاصل ڪرڻ مون لاءِ ڏکيي ڳالهہ آهي.

+ چيائين: اهو وري ڪيئن؟

- چيومانس، "منهنجي ضمير وڪڻڻ جي قيمت ڪجهہ وڏي آهي".

+ چيائين: ڪهڙي وڏي قيمت مقرر ڪئي اٿئي. چا گاڏي، بنگلي ۽ ڪنهن ڪاموري ڪرسي تي نہ وڪامندين؟

- چيومانس، تہ مون کي ان ڪان وڏيڪ گُهرجي.

+ چيائين ڪا صلاحڪاري ڪپئي، زمين ڪپئي يا توکي ڪي نيڪا گهرجن، آخر چا ڪپئي؟

- چيومانس، نہ منهنجي ضمير وڪڻ جي قيمت اڃان بہ ڳري آهي.

+ چيائين: پلا تون پاڻ ئي ٻڌاءِ تون ڪيئن وڪامندين؟ تنهنجي ضمير جي قيمت ڪهڙي آهي؟

- چيومانس، مون اڄايو توکي پئي مُنجهايو، جيڪا رقم منهنجي ضمير جي مقرر ٿيل آهي اها رڳو مون لاءِ ئي ڳري آهي،باقي نہ تہ اصل ۾ تہ منهنجي ضمير جي قيمت صفا سستي آهي.

+ چيائين: پلا اها رقم ٻڌاءِ بہ سهي؟

- چيومانس، بس رڳو ڪونڊوليزا رائيس، مونسان معاشقو ڪري، گاڏي، بنگلو ۽ ٻيو سڀ ڏجهہ مونکي پاڻهي ملي ويندو،اها ئي منهنجي ضمير جي قيمت آهي .

سگريٽ، غم ۽ ڪمپني

گهڻا ماڻهو جيڪي سگريٽ ڇڪيندا آهن، سبب پڇڻ تي ٻڌائيندا آهن تہ سگريٽ غم گهٽائي ٿو ۽ عاشقن جو علاج آهي. جڏهن تہ سگريٽ عمر گهٽائي ٿو ۽ ٽي بي ڏئي ٿو. هڪڙي نوجوان کي پارڪ جي ڪنڊ واري خالي بئنچ تي اڪيلو ويٺل ڏٺم سندس منهن جي پني تي صاف صاف چٽيل پئي لڳو تہ هو ڪنهن سبب جي ڪري پريشان آهي ۽ هن پريشانيءَ ۾ سگريٽ جا وڏا ڪش هڻي دونهان پئي ڪڍيا. گهڻن ڏهاڙن کان منهنجي دل جي سرزمين تي بہ اداسين جا ڪارا پورا بادل پئي گجندا رهيا آهن، جيڪي مون سمجهيو پئي تہ اِجهو ڪي اِجهو برسي پوندا، نيڻ روئندا ۽ دل تان بار هلڪو ٿي پوندو، پر اجان اِئين بہ نہ پيو ٿئي. ڪيترا ڀيرا منهنجو ننڍڙو پُٽ علي بہ مون وٽ آيو آهي ۽ هُن مون کي کلائڻ ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر من جا مونجهارا ڇون تہ ڇو تا ٿوڪاڻ دور ٿيون؟ سوچيم ان نوجوان سان وڃي ويهي ٿو ڪچهري ڪريان، ٿي سگهي ٿو ان جو بہ غمن جو بار ڪجهہ هلڪو ٿي پوي ۽ مان بہ گهڙي ڪن ونڊرجي وڃان، سُري وڃي سندس ويجهڙو ٿي ويٺم. هن مون کي ڏٺو پر ڪجهہ ڪڇائين ڪونہ. مان ماٺ ڪري ويهي رهيم، گهڙي ڪن جي خاموشيءَ ڪانپوءِ ساڻس ڳالهائيندي ڇيم ماحول ٻسو ٻسو ٿو لڳي، موسم ۾ گهُٽ شامل ٿي وئي آهي.

ڇيائين صحيح پيا چئو، حيدرآباد جون هوائون ڪٿي قيدي ٿي ويون آهن!.

ڇيومانس، حيدرآباد جون هوائون جلاوطن ٿي ويون آهن، جيئن مان هتي جلاوطن ٿي آيو آهيان يا وري حيدرآباد جون هوائون ڪٿي ڇٽي سڙي وڪري ويون آهن، جيئن منهنجا خواب سيئي ڇٽي پور پور ٿي وکري ويا آهن.

ڇيائين: ڏاڍا ڏکايل پيا لڳو.

ڇيومانس، ها پر مان سگريٽ جي دونهين سان پنهنجا ڦڦڙ ڪمزور نٿو ڪريان، مان پنهنجي اداسين کي محبوبا جون حسين نشانيون سمجهي سانڍيو رکندو ٿو وڃان.

هن مون کي ڏٺو ۽ پوءِ سگريٽ جهليل آڱرين ڏي تڪي، سگريٽ ڇپن تي آڻي ڊگهو ڪش هنيائين، ٽڪو ساهہ کڻي ڇيائين سگريٽ مون لاءِ پناهہ گاهہ ٿي ويا آهن. توهان ڪڏهن انهن ۾ پناهہ ونئي ڏٺي آهي؟

ڇيومانس، ها ڪالهہ بہ مون سگريٽ ساڙڻ سان گڏ ڪڙو پاڻي بہ پيو ڏٺو پر مون کي ڪابہ پناهہ نہ ملي.

ڇيائين: تون تہ ڪو ڏاڍو عجيب ماڻهو ٿو لڳين!

ڇيومانس: جڏ انهن ڳالهين کي اهو ٻڌاءِ تون ڪندو ڇا آهين؟ ڇيائين:

بيروزگار آهيان، ايم اي، بي ايڊ آهيان. تازو پنج سئو روپيا خرچ ڪري پنج فارم پرايا هئا، تعليم کاتي ۾ آيل نوڪرين لاءِ ان ڪانپوءِ انٽرويو لاءِ لکت واري ٽيسٽ به ڏنم ۽ هڪڙي ٺيڪيدار کي ڪجهه ڏوڪڙ ڏئي نوڪريءَ لاءِ به پڪ ڪئي هئم پر...!

چيومانس، پر ڇا؟

چيائين: حڪومت سنڌ ۾ تبديليون اچي ويون آهن، هاڻي خبر ناهي الائي ڇا ٿيندو. نوڪري ته ملي يا نه؟ پر ڳڻتي اها ورائي وئي آهي ته ڏنل پئسا به واپس ملندا الائي نه؟!.

چيومانس، گهبراءِ نه جنهن توکان پئسا ورتا آهن، اهو نوڪري توکي ضرور ڏياريندو، اجايو پريشان نه ٿيءُ ۽ سگريٽ ڇڪي عمر نه گهٽاءِ.

چيائين: پريشاني آهي سو ڇا ڪريان. هاڻي آفيسرن ۾ بڙڏڪ مچندو تبديليون اينديون، مون کان جنهن پئسا ورتا آهن، ان جي ڪرسي بچندي الائي نه ۽ نوڪري ڪٿان ملندي؟. هي عمر ته ڳري ويندي ان کان چڱو هو ڏنتو ڏاڙي ڪيان ها.

چيومانس، يار تنهنجي ڳڻتي سجائي آهي. اسان وٽ هي تعليمي سرشتو ته گهڻين ڪوشش ڪرڻ جي باوجود به اڃان متجي نه سگهيو آهي، پر آفيسر شاهي متجندي ڪا دير نتي لڳي.

چيائين: ڇا ٿيو آهي اسان جي تعليمي نظام کي؟

چيومانس، مون کي ڏاڍو شوق هو ته مان ماستر ٿيان، ان لاءِ مون گهڻي ڪوشش به ڪئي مون به بي ايڊ ۾ داخلا ورتي، 9 هزار فيس به پريم. مون ٽيوشن پڙهائيندي ان تجربي مان فائدو ورتو ۽ اهڙا شاگرد به پڙهائيءَ تي آماده ڪيم جيڪي پڙهڻ کان لنوائيندا هئا ۽ نِپٽ جڏا هئا ڪين پنهنجو نالو به لکڻ نه ايندو هو، پوءِ به مون ڏٺو ته اسڪولن ۾ اهڙا استاد ئي وينل آهن جن ٽپيداري، صوبيداري ۽ ڪلارڪي نه ملڻ ڪانپوءِ تنگ ٿي پگهار کڻڻ لاءِ بي دليو ماستريءَ جو آرڊر قبوليو هو. ان کان علاوه مان شوق ۾ بلوچستان جي ڏورانهين علائقي خاران ۾ پڙهائڻ لاءِ به ويم اتي مون ڏٺو ته ڪجهه شاگردن کي استادن طرفان چوٽ ڏنل هئي چو ته انهن جا والدين ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث هئا (اهڙي حالت هتي اسان وٽ به عام جام آهي) مون خاران ۾ هڪڙي اهڙي بار کي مارڪٽ ڪئي، جنهن جو پيءُ سمگلر هو. هونئن مان مارڪٽ جي خلاف آهيان پر مون ردعمل ڏسڻ ٿي چاهيو، جيڪو ان صورت ۾ ظاهر ٿيو ته ٻئي ڏينهن ان ٻالڪ سان گڏ ايندڙ سنڌس پاڙيسري ٻالڪ مون کي اهو اچي چيو ته هن جي پيءُ اوهان جو ٿورو مڃيو آهي، جو هي رات ويهي پڙهندو رهيو آهي. مون سوچيو بيشڪ هڪ ڏوهاري ڪڏهن به نه چاهيندو ته سندس اولاد به سندس جهڙي بي سڪون ۽ ڊپ واري حياتي گذاري.

چيائين: پوءِ تنهنجي بي ايڊ نه ڪرڻ جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟

چيومانس: مون خاران ۾ پڑهائيندي محسوس ڪيو اسان جو تعليمي نظام هيئن نہ هجڻ گهرجي، اسان کي خاص سبجيڪٽ سائنس، جاگرافي وغيره ڏارين ٻولين بجاءِ مادري زبان ۾ پڑهڻ گهرجي، جيئن اسان انهن کي آساني سان سمجهي سگهون. اصل ۾ تيو هيئن جو هڪڙي نهايت ئي معصوم نينگريءَ مون کان لزرڊ جي متعلق پڇا ڪئي. مون ڪيس اردوءَ ۾ چيڪلي بابت ٻڌايو پر ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ اها ڪهڙي بلا آهي. مون دوستن کان پڇيو تہ لزرڊ کي بلوچيءَ ۾ ڇا چئجي، پر ڪنهن بہ نہ ٻڌايو پوءِ مون ليبارٽريءَ ۾ وڃي ڏٺو تہ ڪو ماڊل ڪٿي ڪنهن کان پڇان، پر ماڊل بہ نہ مليو نيٺ گهٽي جاڪوڙ ڪانپوءِ هڪ پٽ تي ڪرڙي ڏسي هڪڙي ٻالڪ کي سڏي ڪانئس پڇيم هي ڇاهي؟ تہ ان بلوچي ۾ ٻڌايو (هاڻي اهو لفظ مون کي ياد ڪونهي بهرحال) ائين وڃي مون مسئلو حل ڪيو. جنهن ڪانپوءِ ڪنهن استاد دوست مون کي صلاح ڏني اجايو پنهنجو وقت وڃايو اٿو، ٻارڙي کي دڙڪو ڏئي خاموش ڪرائي ڇڏيو ها. ائين تہ توهان اسان لاءِ مسئلا پيدا ڪندا.

چيائين: تون نہ رڳو عجيب پر چريو بہ آهين.

چيومانس: يار تو مون کي سڃاتو آهي، نہ تہ ماڻهو مون کي رڳو بيقوف سمجهندا آهن.

چيائين: ڇڳو اهو ٻڌاءِ تعليمي نظام کي تون ڪيئن تو چئين تہ سڌارجي.

چيومانس: اهڙا فرد استاد مقرر ڪيا وڃن جن جو هي شوق هجي مجبوري نہ، انگريزي لازمي ڪانسواءِ باقي مضمون مادري ۽ قومي زبان ۾ هجڻ گهرجن. اجايو اهي بہ انگريزي ۾ پڑهائي اسان ٻارن جي رهيل سمجهہ بہ وڃائي رهيا آهيون. چيائين قومي ٻوليءَ کي تہ دفتري ٻولي بڻائڻ لاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن بہ داخل ٿيل آهي پر ان تي مٿان کي صوبا اعتراض ڪن؟

چيومانس: اهو اعتراض اجايو هوندو ان سان صوبائي ٻولين مٿان ڪوبہ خراب اثر ڪونہ پوندو، ان لاءِ ڪنهن کي بہ انا جو مسئلو نہ ناهڻ گهرجي. هن هڪ نئون سگريٽ ڪڍي ڏکايو ۽ پاڪيٽ مون ڏانهن وڌائيندي سگريٽ جي آڇ ڪيائين. مون بہ سگريٽ ڏکائي هڪ ڊگهو ڪش هنيو ۽ چيومانس هي سگريٽ منهنجو درد نٿو گهٽائي سگهي. بس توسان ڪمپني ڪندي ڏکايو اٿم چو تہ اسان ماڻهو بيوقوف آهيون، ڪمپني ڪندي ڪٿي ڪيڏو بہ نقصان ڪڻون، پوءِ بہ سات نڀائيندا آهيون. هن چيو مون سان ڪمپني ڪرڻي اٿوَ تہ پوءِ اُٿو تہ هلي هن شهر جا رستا لتاڙيون، جيستائين ٽڪجي نہ پئون ۽ اڌ رات نہ ٿي وڃي. مون بہ سائس هائوڪار ڪئي ۽ پوءِ روزانو جي معمول وانگر اڌ رات جو واپس اچي انتظار ڪندڙ ديوارن جي جهول ۾ ننڊ مٿان ليٽي پيم.

خودڪشي جو رومانس....!

دنيا ۾ تمام گهڻي شُهرت ماڻيندڙ پينٽنگ جنهن کي مونا ليزا جو نالو ڏنو ويجي ٿو، ان تصوير واري عورت پُراسرار مُرڪ سان چا ڳالهائي رهي آهي، اها ته گهڻن ماڻهن کي ڄاڻ ڪونهي پر ان مُرڪ تي موهت ٿي وڃڻ به سندن وس ۾ ڪونهي، ليونارڊو ڊوانيسز جي هٿن سان 500 سال اڳ ناهيل اها تصوير هاڻي بگڙڻ لڳي آهي. خبر ملي آهي ته ٻارنهن ملي ميٽر بورڊ تي 1505ع اٽلي ۾ ناهيل اها تصوير ڏسڻ لاءِ هر سال 60 لک ماڻهو لائور ميوزم ۾ اچن ٿا، انهيءَ تصوير ۾ بگاڙ اچڻ تي پينٽنگ ڊپارٽمينٽ ڏاڍي پريشاني ۾ مبتلا ٿي وئي آهي ۽ خوردبيني ۽ ايڪسري ذريعي تصوير جو معائنو ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪي آهي. مان سوچيان ٿو ته اسان وٽ ته اسپتالن ۾ رکيل ايڪسري مشينن تي غريب مريض جا ايڪسريز به نه ڪيا ويندا آهن نه ئي انهن جي مليريا ٽيسٽ خوردبين تي ڪئي ويندي آهي. اهڙا غريب مريض علاج جي سهوليت کان محروم بيمارين ۾ ڇڙي ڇڙي وڃي قبر پيڙا ٿيندا آهن پر ڪنهن کي ڪا ڳڻتي؟ پر اسان جي پيٽ ۾ سُڌريل ملڪ جي ماڻهن کي ڪيترو نه پريشان ڪيو آهي،ان تصوير جي مُرڪ جنهن ۾ الائي ڪهڙو جادو آهي، جيڪو پنج سئو سالن کان زنده آهي ۽ ان جي متجڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته اسان وٽ جيئرن جاڳندڙ ماڻهن جي مُرڪ ڇپن تان ميسارجي ويندي آهي، تڏهن به ڪنهن کي ڪا ڳڻتي نه ٿيندي آهي. مان اجان سوچن ۾ گم سم آهيان جو منهنجي نظر ترڪي وڃي اخبار ۾ ڇپيل هڪڙي عورت جي اڌ ڍڪيل خوبصورت چهري تي اٽڪي بيهي رهي ٿي، مون کان مونا ليزا واري پراسرار مرڪ وسري وڃي ٿي. پوليس کاتي جي نوڪريءَ مان ڪڍيل روبينه شاهين جي فوٽوءَ ۾ سندس خوبصورت چپ ڪاري رئي ۾ ڍڪيل آهن، پر سندس گهرن ڪارن نيڻن ۾ مونا ليزا جي مرڪ کان به وڌيڪ پراسرار ڪشش آهي. اناويهن سالن جي هيءَ خوبصورت دوشيزه فزيڪل ايجوڪيشن ۾ گريجوئيٽ، تائي ڪوانڊو ۾ بليڪ بيلٽ ۽ گولڊ ميڊلسٽ آهي، جنهن پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪندي آفيسرن جون جنسي خواهشون پوريون نه ڪيون ۽ نه ڪين بيون چوڪريون آٽي ڏنيون ته ڪيس پهريون ارڙهن مهينا بدلي ڪري رُلايو ويو ۽ نيٺ جڏهن هن اعليٰ آفيسرن کي اهڙي شڪايت ڪئي ته ڪيس نوڪريءَ مان ئي خارج ڪيو ويو.

روبينه شاهين جي اکين ۾ آيل براسرار چمڪ الائي چو مون کي

خودڪشيءَ جو رومانس ياد ڏياري رهي آهي، مان سوچيان ٿو ماڻهو خودڪشي ڇو ٿا ڪن؟ آخر اها ڪهڙي ڪشش آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي اهڙو عمل ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي؟ ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته خودڪشيءَ وارو عمل بهادري آهي، هڪ بهادر ماڻهو ئي ايڏي جرئتمندي سان موت کي ڀَڪُر لائي سگهي ٿو، جڏهن ته ڪن ماڻهن جو وري اهو خيال آهي ته خودڪشي ڊڄڻن ماڻهن لاءِ پناهه گاهه آهي، اهي ماڻهو جيڪي حالتن سان مقابلو نه ڪري سگهندا آهن، اهي زندگيءَ کان فراريت وٺڻ لاءِ موت جي آڙ وٺي وٺندا آهن. ميڊيڪل سائنس جي تحقيق مان پڻ اهو ظاهر ٿيو آهي ته دنيا ۾ هر سال ٻه ڪروڙ ماڻهو ذهني مونجهارن سبب خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ هن وقت 80 سيڪڙو ماڻهو ذهني مونجهارن ۾ ڦاٿل آهن. اهڙي رپورٽ ڪانپوءِ اهو طئه ٿي ويو آهي ته خودڪشي ڊڄڻا ماڻهو ئي ڪندا آهن ڇو ته بهادر ماڻهو ڪڏهن به ذهني دٻاءَ جو ايتري حد تائين شڪار هرگز نه ٿيندو آهي جو خودڪشيءَ لاءِ آماده ٿي وڃي.

تازو جڏهن سنڌ يونيورسٽي جي شاگرديائين ۽ آفريڪي ملڪن سان تعلق رکندڙ ٻن نارين ويهن سالن جي حُبا ۽ ٻاويهن سالن جي ساره نشي آور گوريون کائي خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي، تڏهن مون کي سارا شگفته ڏاڍي ياد آئي هئي، جنهن جي نظمن ۾ مون کي خودڪشيءَ جو رومانس نچندي محسوس ٿيندو آهي. مون سوچيو هو ڇا حُبا ۽ ساره به ساره شگفته ۽ پروين شاڪر وانگر محبتن جو روڳ حاصل ڪيو آهي؟ پر محبتن جو روڳ اهڙو بي سواد ته ناهي جو زندگي بي رنگ ۽ ڪڙي لڳي، محبتن جي روڳ جو جيڪو ذائقو آهي اهو ته زندگي سان چاهه پيدا ڪرائيندو آهي، ان جو ته ڇڻ ڪتو منو احساس آهي. جيڪڏهن ڪٿي مڃجي به ته پيار ۾ خودڪشي وارو عمل ٿيندو رهي ٿو ته خودڪشي لاءِ هيل تائين سامهون آيل محرڪ رڳو محبت به ناهي، پر ٻيا به ڪيترائي سبب سامهون آيا آهن، جن جي ڪري نوجوان خودڪشي ڪري رهيا آهن. اهي ٻيا سبب جيڪي خودڪشيءَ جو ڪارڻ بڻيا آهن تن ۾ بيروزگاري، ڏکي بيماري کان تنگي ۽ والدين يا ٻين مائٽن جا بي روا سلوڪ جهڙا ڪارڻ آهن. هاڻي انهن سڀني ڪارڻن کي جانچي ڏسون ته دنيا جي اڌ کان وڌيڪ آبادي نوڪرين کان ٻاهر آهي، جيڪا محنت مزدوري ۽ ڪاروبار کي ترجيح ڏئي ٿي، ان اڌ کان وڌيڪ آباديءَ مان ٿوري آبادي نڪمي هجڻ ڪري پنڻ واري پيشي کي اپنائي ويٺي آهي، باقي ڪي ٿورا ماڻهو هوندا جيڪي ان سوچ ۾ غرق آهن ته اهي ڇا ڪن؟ اهي اصل ۾ ذهني مونجهارن جو شڪار آهن، اهڙي طرح اڄڪلهه آبادي جي گهڻائي مختلف بيمارين ۾ مبتلا آهي ۽ وري سڀني ماڻهن کي

سيني ماڻهن کان محبت ۽ سنو رويو به نٿو ملي. ان ڪري سڀ ماڻهو به ته خودڪشيءَ لاءِ نٿا سوچين، جڏهن ته 80 سيڪڙو ماڻهو ذهني مونجهارن جو شڪار آهن ته انهن مان ڪي 20 سيڪڙو ماڻهو خودڪشيءَ واري عمل لاءِ آماده ٿيندا هوندا.

هاڻي جڏهن ڏسون ٿا ته ذهني مونجهارن ۾ ڦاٿل رڳو 20 سيڪڙو ماڻهو جيڪي ڪجهه به ڪري سگهڻ جي سگهه رکو ان لاءِ نٿا سارين جو انهن وٽ خوداعتمادي جي کوٽ آهي ۽ ڏڄڻا آهن ته پوءِ اهي خودڪشي ڪيئن ٿا ڪري ويهن؟. ان لاءِ اهو نٿو چئي سگهجي ته خودڪشي دلير يا ڏڄڻن جو عمل آهي، بس خودڪشي جو رومانس ڪو بيو آهي، شايد اهو رومانس موت جو لڪيو آهي.

محبت روحن جو سودو هوندي آهي.

انڊين فلمن ۾ ته ڪٿي ائين به ڏيکاريو ويندو آهي ته ڪا ڇوڪري ڪنوار واري روپ ۾ اباڻڪي وڃي ڳوڙها ڳاڙيندي آهي. سندس سهيلين جا چرچا به مٿس ڪو اثر نه ڇڏيندا آهن ۽ هوءَ بي خبر در منجهه اکيون اٽڪائي ويني هوندي آهي، پوءِ اوچتو ٻاهران ڪنهن نوجوان جو درديلو آواز سازن سان چڙهي پوندو آهي، جيڪو ان ڇوڪريءَ طرف وڌندو ايندو آهي ته هوءَ ڳوڙها اگهندي ڇپن تي مرڪ پکيڙي نوجوان طرف ڊوڙندي آهي. يا وري ائين به ڏيکاريو ويندو آهي ته جو ڇوڪري آخري ڦيرا ڏئي ڪنهن ٻئي جي ٻانهن ۾ وڃڻ واري هوندي آهي ته هيرو اچي ڪڙڪندو آهي ۽ انهن ڦيرن ۾ پاڻ ٻيهي ڇوڪريءَ کي پنهنجو ڪيون خوشيءَ جا گيت ڳائيندو ويندو آهي. اهي سڀ ڳالهيون حقيقت کان ڪوهين پرانهيون آهن. مان اڪثر دوستن کي چوندو آهيان، ڪاش! جو حقيقت به انڊين فلمن وانگر هجي ها ته مان ڪوڙ سارين خوبصورت ڇوڪرين جي مٿي ۾ سندرو ۽ رت ڦڙا هاري چڪو هجان ها، پر حقيقت ابتڙ هجڻ ڪري اڄ مان اڻ ڳڻين عشق وارن چڪرن ۾ ناڪام ٿي رڳو ڏڌن ساهن ۽ شوڪارن تائين محدود آهيان، اڻ ڳڻيون ڇوڪريون جيڪي مون سان مرڪي ته ڳالهائينديون هيون، پر منهنجي چڱي صورت کان محروم هجڻ واري ڪوٽ ۽ ڪمائڻ کان ٽوٽ واري عادت ڪري مون سان محبت جو پيچ اڙائڻ کان ائين ڏڄي وينديون هيون جڻ مان پيانڪ ديو ٿي ڪين زوريءَ دل جي پڃري ۾ قيد ڪري ويهاري ڇڏيندم ۽ اهي ڪڏهن به آزاديءَ سان ساهه کڻي نه سگهنديون. انهن مان گهڻين ڇوڪرين اهڙن فردن سان به شاديون رچايون جن جي صورت ڪٿي مون کان ٿورڙي ئي چڱي هئي، پر مايا ماتا مٿن مهربان ٿي ڇپر ڇانو ڪيون بيني هئي. ڪو همراهه يلي جي ڪٿي پٽيوالو ئي هيو پر ادارو ته سٽيو هئس نه، مون وانگر اصل صفا نڪمو ۽ ڪنگلو ته نه هو. خير منهنجا ته جيڪي عشق ڦشق ٿيا اها الڳ ڳالهه آهي، ان تي جيڪو مون کي ارمان آهي ان ارمان جو درمان به نيٺ ملي ويندو، مان مايوس ناهيان ٿيو ۽ ناڪام عشق ۾ به ٿي سينچريون ناهڻ کان اڳ ۾ هرگز خودڪشي ڪونه ڪندم. اها پڪ ڄاڻندي منهنجي زال به منهنجي ڪا لائيف انشورنس پاليسي شروع ئي نه ڪرائي آهي، ڪيترائي مختلف انشورنس ڪمپنين جا ايجنٽ مون وٽ به اچي چڪا آهن، پر ان ڳالهه تي نه نهيا آهن ته مان اڪثر ٻئي ٽئين مهيني عشق ۾ ناڪام ٿي زخمي ٿي پوندو آهيان ته ان دوران علاج جا پئسا ڪمپني کي ڀرڻا پوندا ۽ ڪمپني ان ۾ شايد نقصان ٿي پائي آن لاءِ ايجنٽ ويچارا هڪ ڦيرو وڃڻ کان پوءِ وري پلجي مون وٽ ناهن موٽندا.

ان ڏينهن هڪ دوست مليو سندس شڪل کي ڏٺم، منهن واري

گهڙيال تي مايوسيءَ جا سادا ٻارنهن لڳي چوڏهن منٽ ٿي وڳس، پڇيومانس "محبوبا جي شاديءَ جو ڪارڊ پهتو اٿئي ڇا؟" اکين ۾ لڙڪن جي ٻوڏ اچي ڳڏ ٿيس، سمجهيم اجهوڪي اجهو بند ٽٽو ان لاءِ ٽارائيندي چيومانس "چانهه پي يا پيئار".

چيائين "تون ته چانهه پيئندو ئي ناهين."

چيومانس "پيئندو نه هيم پر هاڻي پيئان ٿو ۽ پيئندم".

چيائين "اهو انقلاب وري ڪيئن آيو؟"

چيومانس "منهنجو هڪڙو ڊاڪٽر دوست آهي ان وٽ جيڪو به مريض ايندو آهي ته هو ان کي چانور کائڻ ۽ چانهه پيئڻ کان منع ڪندو آهي ۽ چانهه توڙي چانورن جي نقصانن تي روشني وجهندو رهندو آهي، پر ان ڏينهن مون کي چانور کارايائين ۽ زوريءَ کارائيندو رهيو. پاڻ به ماني ۽ مرغي ڇڏي چانور پيئي کاڌائين ته مون سمجهي ورتو ته ماڻهن کي چانورن کائڻ کان ڇو ٿو روڪي."

پڇيائين "مون کي به ته ٻڌاءِ ڇو ٿو روڪي."

چيومانس "ان لاءِ جو هو پاڻ چانور شوق سان کائي ٿو، انهيءَ ڪري نٿو چاهي ته چانور مهانگا ٿين. هو سمجهي ٿو ته ماڻهو چانور کائيندا ئي نه ته چانور مهانگا ئي نه ٿيندا ۽ ماڻهو چانهه پيئندا ئي نه ته چانهه به مهانگي نه ٿيندي، پر مان به هاڻي انهن ٻنهي شين کي مهانگو ڪرڻ لاءِ عالمي مهم هلائيندم."

پڇيائين: "اهو ڪيئن؟"

چيومانس "مان به هاڻي ڪنهن نه ڪنهن اخبار ۾ ماهوار نه ته ٽماهي ڪالم لکندم ۽ انهن ڪالمن ۾ چانورن کي ٽي بي، ڪينسر، هيپاٽائيٽس وغيره جهڙين بيمارين جو بهترين علاج ڏيکاريندم ۽ چانهه لاءِ به اهڙا ئي ڪالم لکندم، پوءِ ماڻهو اهي شيون وڏيڪ واپرائيندا ۽ مهانگائي ٿيندي پوءِ مون وارو يار پل ته چانورن لاءِ سڪندو رهي."

چيائين "ڪٿي انڊر ورلڊ جو نمائندو ته نه ٿي ويو آهين؟"

چيومانس "ڪوشش ۾ رڌل آهيان ته ڪنهن انڊين اداڪاره سان چاڻ سڃاڻ پيدا ٿئي."

چيائين "اهو ڇو؟"

چيومانس "ڇو ته ڇون تا ته انڊين اداڪارائون انڊر ورلڊ ۾ اهم حيثيت جون مالڪ آهن."

چيائين: "پوءِ ريکا سان رابطو ڪر." ريکا جو نالو ٻڌي منهنجي چهري تي اداسيءَ جي ريکا اڀري آئي، پڇيائين توکي وري ڇا ٿي ويو؟. چهري جهڙي شڪل ٿي ويئي؟

چيومانس "ريکا جي شادي ٿي رهي آهي." شاديءَ جو نالو ٻڌي وري هو همراهه به غمن جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳو. چيومانس "ڇا تون هن کي ڏوهي پيو سمجهين يا پاڻ کي ڪو پڇتاءُ اٿئي".

چيائين "نه مون کي ڪو به پڇتاءُ ڪونهي ۽ نه ئي هوءَ بيوفا آهي،

اسان تہ بس رڳو هڪ بئي کي چاهيو هو. اسان جي چاهت مُقدس هئي جنهن ۾ ڪنهن بہ گناهہ جو نہ ڪو تصور هو نہ ئي حاصلات جي تمنا ۽ خواب.“

چيومانس ”اهڙا احساس رکندي بہ تون ايترو اداس ڇو آهين؟“

چيائين ”ان لاءِ جو اڄ هن جي شادي آهي ۽ مان هن جي خواهش مطابق بہ شريڪ ٿي نہ سگهيو آهيان، هن کي ڪو تحفو ڏئي نہ سگهيو آهيان.“

چيومانس ”تنهنجي پوتر احساسن جو تحفو هن کي مليل آهي، جيڪو ڪڏهن بہ پُراڻو نہ ٿيندس ۽ نہ ئي چوري ٿي سگهندس يا وڃائجي ويندس.“ لڙڪ ڇيرن جون سرحدون اورانگهي ڳلن جا پٽ اورانگهيندي وڃي هيٺ ڪريس. چيومانس ”پيارا پيار جي اصل سڃاڻ اها ئي اٿئي. اهو پيار آهي پوتر احساس ۽ پنهنجي خوشين جي پرواهہ نہ ڪري پريميءَ جي خوشيءَ تي خوش ٿيڻ.“

مُرڪي پيو چيائين مون پيار ۾ هارايو ڪونهي پر مون پيار ۾ کٽيو آهي. چيومانس ”بلڪل صحيح ٿيو آهي جيڪو بہ ٿيو آهي ۽ تون پيار ۾ کٽي خوش نصيب بڻيو آهين شايد، نہ تہ حاصلات کان پوءِ تون پيار وڃائي بہ ويهين ها. اجان وڌيڪ مرڪڻ لڳو. ڳوڙها بہ ڳڙندا رهيس. مان کيس ڏسڻ لڳس. تنائڻ لاءِ پڇيائين توکي ريڪا جي شاديءَ جو ڏک ڇو ٿيو؟“

چيومانس: ”ان لاءِ جو ريڪا جو اڳيون مڙس ڪانئس جدا ٿي خودڪشي ڪري چڪو آهي. ريڪا اڄ بہ اوتري ئي حسين آهي، جيتري گهڻا سال اڳ هئي جڏهن اسان اجان بار هئاسين، انهيءَ ريڪا جي حسن ۾ الائي ڪهڙي ڪشش آهي، هاڻي وري جنهن ماڻهوءَ سان شادي پئي رچائي ڊپ ٿو ٿئي تہ اهو بہ ڪانئس جدا ٿي خودڪشي نہ ڪري ويهي ۽ ڪٿي حُسن بدنام نہ ٿي پوي.

کِلي چيائين ”يوڳن يوڳن ۾ مون کي اندريون ٿو هٽين تہ ڪٿي مان بہ حُسن کي بدنام نہ ڪري ويهان.“

چيومانس ”ها محبت جسمن جو سودو ناهي هوندي، پر روحن جو سودو هوندي آهي، جيڪو سودو هڪ دفعو صفا پڪو ٿي ويندو آهي، باقي نہ تہ ان سودي لاءِ بولي لڳندي رهندي آهي جنهن کي محبت نٿو چئي سگهجي، ان سچي محبت کان پوءِ باقي سونهن رڳو اکين جي راحت لاءِ هوندي آهي، روح جي راحت لاءِ اها بي معني هوندي آهي. روح جي راحت تہ انهيءَ سچي پيار ۾ پيوند ٿيل هوندي آهي جنهن کي اسان روحاني طور حاصل ڪري چڪا هوندا آهيون، پوءِ پل جسماني دوريون ڇو نہ هجن پر اها سچي ۽ پوتر محبت اسان جي رڳن ۾ رت سان گڏ ڊوڙندي گيت بڻجي وجندي رهندي آهي.

دِلُو ديوانو

دِلُو جيتوڻيڪ دنيا وارن جي نظر ۾ هڪڙو ديوانو شخص آهي پر پوءِ به هن جون ڪريون ۽ سچيون ڳالهيون منهنجي دماغ ڪي چڪرائي رکنديون آهن ۽ مان سوچڻ تي مجبور تي پوندو آهيان. دِلو ڪير آهي؟ اهو سوال توهان جي ذهن ۾ ضرور اُڀريو هُوندو؟ دِلو اصلَ ۾ دلدار آهي هن جو دلدار مان قري دِلو تيڻ وارو سفر ڪجهه هن طرح آهي: چند سال اڳ هو هڪ خوبصورت پريل بت وارو نوجوان هو، چڪ تي مٽيءَ جي ڳوڙهن مان مختلف قسمن جا خوبصورت ٿانو جوڙڻ جي فن ڪان علاوه هُو بهترين رازو به هو. ڪم دؤران ڪاٺ جي تختي تي بيهي هيناهينءَ ڪان مٿائينءَ طرف ايندڙ سِر ڪي هڪ ئي هٿ ۾ جهپي اوساري واري جاءِ تي هٽڻ مهل مُرڪي پوڻ سندس عادت هئي. هڪ ڏينهن هن جي من ۾ به محبت ڪَرَ موڙي جاڳي پئي ۽ هُو هڪڙي ناري جو جوان بت دل ديوارن تي سجائي، من اندر مندر جوڙي، پوجاري بڻجي سونهن ديوي جي پوڄا ۾ مصروف تي ويو. پيار جو منڙو پڄن جهونگاريندي سندس سُرتال فضائن ۾ گونجڻ لڳو، جنهن جي موسيقي چوڪري جي پيءُ جي ڪنن به بڌي ورتي. هڪ ڏينهن هن دلو کي گهرائي اهو شرط سندس آڏو رکيو ته جيڪڏهن تون مون کي گهر جوڙي ڏئين ته تنهنجي خوابن جي شهزادي تولاءِ سايپان بڻجي سگهي تي. دلو لاءِ اهو شرط چڻ ته ڪنهن سلطنت جي آڪاٽين واري بادشاهه جو قول هو، جنهن جي پوري تيڻ جو ڪيس يقين هو. هن جي دل ۾ خوشين جي ول ڦٽي پئي جنهن ۾ خوبصورت گل به ٽڙي پيا. هن پنهنجي خوابن جي شهزاديءَ ڪي ماڻڻ لاءِ ڪنهن راڪاس سان مهاڏو اٽڪائڻ ۾ به حرج نه پئي ڀانيو. هن ته فرهاد بڻجي جبل ٽڪي نهر کوٽڻ به آسان پئي ڀانيو. پوءِ ڀلا هو ڪيئن پئي رُڪجي سگهيو؟ دِلو دوستن ڪان مدد ورتي، ڪين مزدور بڻايو ۽ هڪڙو خوبصورت گهر پنهنجي تيڻ واري ساهرن جي لاءِ چند ئي ڏينهن ۾ جوڙي راس ڪيو.

دِلو مليل شرط پورو ڪرڻ ڪانپوءِ خيالن ئي خيالن ۾ آسمان مان تارا لاهي من موهڻي محبوبا جي چوٽيءَ ۾ ٽاڪيندو رهيو ۽ خيالن جي خوشبوءِ سان ڪيس ساهن ۾ سمائي سندس ڳاڙهن گلابي چپن مان امرت رس پي سرهائي ۽ سڪون محسوس ڪندو رهيو. هو ڏاڍو خوش هو، ڪيس ائين پئي لڳو چڻ ڪائنات جي سموري دولت سندس قدمن ۾ اچي پئي هجي ۽ خوشي سندس در جي داسي بڻجي وئي هجي. پر اوچتو دلو جي حسين ۽ معصوم پريميڪا جي ظالم پيءُ، دلو جي خوابن جون

نٽيڙيون نٽيڙيون زرڙيون ٻٽائي، سندس سمورا خواب ٽوڙي هوا ۾ اڏاري ڇڏيا. هن پنهنجي ڏيءُ ٻئي هنڌ پرڻائي ڇڏي. دلو جي چپن تان مرڪن جا پکي جڻ تہ ٺاهه ڪائي اڏامي ويا ۽ هن جي اداس نيڻن جو مقدار اوجاڳو لڪجي ويو، هو فريب برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ ذهني توازن وڃائي ويٺو. هاڻي هن جا وار اٽيا هوندا آهن، ميرڙي قميص ۽ گوڏ ۾ سندس سڪي نوٽ ٻڌجي ويل بت ان خالي بوتل جهڙو لڳندو آهي، جنهن مٿان ويڙهيل ٽشو پيپر هٿن ۾ مروٽجي ميرانجهڙو ٿي ويندو آهي ۽ ڳرڻ لڳندو آهي. هاڻي هو عجيب ڳالهيون ڪندو آهي. ماڻهو هن جي ڳالهين کي پاڳل پڻو سمجهندا آهن پر حقيقت ۾ دلو سچ ڳالهائي زماني کي ٽوڪيندو آهي. هن جون ڳالهيون ضمير وڪاڻل سماج لاءِ هڪڙي گار آهن ۽ سندس مُنهن تي ٻيري اڇلايل هڪڙي ٿُڪ آهن.

دلو جسم فروش دلالن تي طنز ڪندو آهي، جيڪي پنهنجي شهر جي عورتن جو سودو ڪندا آهن ۽ مُٺ وچ ۾ سگريٽ اٽي چپٽي وڃائي شهپر وٽي سگريٽ جا سوٽا هڻي فخر محسوس ڪندا آهن، دلو انهن استادن کي گاريون ڏيندو آهي، جيڪي اسڪول ۾ پڙهائڻ کي عيب سمجهي ڪچهرين ۾ رذل رهندا آهن ۽ معصوم ٻارڙن جا هڏ گڏ ڪٽي سٽي ساڻا ڪرڻ کي شيوو سمجهندا آهن. دلو پوليس اهلڪارن جي ڪڏن ڪرتوتن تي ڪروڌ مان ڏند ڪرٽيندو آهي ۽ معاشري جي سمورن ڪڏن ڪردارن تي گارين ۽ طنز جا بم اڇلائيندو آهي. پوءِ چوندو آهي حڪومت جي اکين تي پٽيون ۽ ڪنن ۾ ڪپهہ جا پها نہ پيل هجن ها تہ معاشري ۾ ڪوبہ گند نہ هجي ها. پوءِ هو پين وٺي ڪاغذ ڪٽي وچ تي خيالي تارازي رکي مجرمن خلاف ڪيس داخل ڪندو آهي ۽ پاڻ ئي معاشري جي انهن ڪارن ڪردارن خلاف ڪيس هلائي جج بڻجي ڪين موت جون سزائون ڏيندو آهي. دلو اهو سڀ ڪجهہ ڪندو آهي پر پوءِ بہ هو پاڻ محبت جي هڪڙي اڻ لکئي فرياد آهي، جنهن جو ڪيس محبت ڪندڙ دلين جي دفترن ۾ اڃا تائين بہ درج نہ ٿي سگهيو آهي.

اسان جي دل پي عجيب دل آ!

ڪيترن ڏينهن کان دل جي موسم تي اداسي ڇانيل آهي، بيچيني ۽ سڪون ڪي ڏور پجائي ڪڍيو آهي، منهنجي دوستن ۽ روم پارٽنرز کي شڪايت آهي تہ مان ساڻن گڏ گهمندي بہ الائي جي ڪٿي وڃايل رهان ٿو ۽ ساڻن گڏ رهندي بہ ڦولارن تائين سفر تي نڪري پوان ٿو. هنن جي راءِ آهي تہ مان ڪنهن جي يادن ۾ پاڻ وڃائي وينو آهيان ۽ روز جي ڪمن ڪارين ۾ غلطيون ٿو ڪريان، مثلاً هڪ ڏينهن مان بصر وڍيندي بي خياليءَ ۾ بصرن جون مٿيون کلون ديڳڙيءَ ۾ ۽ بصر ڪٽيندو پراڻي اخبار مٿان ڦٽي ڪندو ويم. هڪ دوست جي ڏيان ڏيارڻ تي منهنجي ڇپن تي هڪڙي اداس مرڪ تري آئي، پر اداسي هن دل تان بلڪل وئي ناهي. هيءَ منهنجي دل بہ هوبهو بين جي دلين جهڙي ننڍڙي دل آهي. اها دل جيڪا ماس جو هڪڙو ننڍڙو ٽڪرو آهي، جنهن جو ڪم سائنسي نظريي مطابق رت کي صاف ڪرڻ ۽ نسن توڙي شريانين ذريعي سموري جسم ۾ رت جي گردش ڪرڻ آهي، جيئن زندگيءَ جا سيل جيئرا رهندا اچن پر ان کان هٽي ڪري عام نظريي موجب ان دل جو مزاج بہ ڏاڍو عجيب ڏنو ٿو وڃي. اها ئي دل خوشيءَ جي لمحن ۾ ڦولجي وڃي ٿي ۽ اها ئي دل غمن جي وقت اداس ٿي وڃي ٿي. ان جي ڌڙڪڻ جي رفتار انتظار جي لمحن ۾ تيز ٿي وڃي ٿي ۽ ڪنهن وقت خوبصورت خوابن جهڙيون حقيقتون پسي ان جي رفتار ۾ ڪمي اچي وڃي ٿي. انهيءَ دل جا اهي عجيب مزاج آهن.

دلين جا مزاج تہ عجيب آهن پر منهنجي هيءَ دل بہ ڏاڍي عجيب آهي. منهنجي هن دل کي اڪيلائين ۾ رهڻ جي عادت ٿي وئي آ ڇو تہ هن دل کي هميشہ ڌڪاريو ويو آهي، هيءَ دل پيار لاءِ واجهائيندي رهي آ پر موٽ ۾ ڪيس نفرتن جا انبار ئي مليا آهن. منهنجي هن دل جي رفتار هميشہ هڪ جهڙي ئي رهي آ ڌيمي ڌيمي، بس هڪ دفعو تيز ڌڙڪي هئي نہ تہ هميشہ مون کي پنهنجي دل جي ڌڙڪڻ تي بہ شڪ محسوس ٿيندو آهي، پائيندو آهيان جڻ مون کي دل آهي ئي ڪونہ. مان ساهہ ڪٽان ئي ڪونہ ٿو، ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ تہ مان هڪڙو شوپيس آهيان پر مان تہ شوپيس بہ ناهيان جنهن کي گهڙي ڪن لاءِ ئي سهي پر ڪوئي پنهنجي نيڻن جي دوڪان ۾ سجائڻ لاءِ رکي ڇڏي، مان تہ هڪڙو ڪچي مٽيءَ جو نهيل رانديڪو آهيان جنهن جي قسمت ۾ هڪ ٻار جي هٿ کان ٻئي ٻار جي هٿ ۾ ڇڪجڻ ۽ اڇلائجڻ هوندو آهي، جنهن جي قسمت ۾ ڀڄڻ ۽ پرڻ لکيل هوندو آهي. اهو رانديڪو ڪڏهن بہ من جي مندر ۾ ديوتا ٿي نہ ويهندو آهي. منهنجي هيءَ دل تہ خود هڪڙو ننڍڙو مندر، ڪليسا ۽ مسجد رهي آهي، جنهن ۾ هڪ خدا جو تصور تہ آهي پر ڪيترن بتن جا عڪس بہ ان ۾ آهن، انهن بتن جا عڪس جن کي مون

ديوتا ڪري هن دل ۾ رهائڻ پئي چاهيو، پر ڪنهن به بت منهنجي هن دل ۾ رهڻ گوارا نه ڪيو. منهنجي هيءَ حساس دل ڪنهن به ديوتا جو پسنديده مسڪن نه بڻي ۽ اهو مندر هميشه خالي ٿيندو رهيو. بس رهجي ويا ته انهن بتن جا نشان ئي رهجي ويا هن دل جي مختلف ڪونن ڪُندن ۾ ۽ چئني خانن ۾ جتي مون انهن بتن کي ديوتا بڻائي رکيو هو.

منهنجي هيءَ دل هميشه آواره رهي آهي ڇو ته هن کي هميشه نفرتون مليون آهن، نه هن دل پيءُ جي شفقت ڏٺي آهي نه ڀينرن ڀائرن جو پيار، هن دل کي نه محبتن ۾ ٽٻ مائٽيون مليون، نه ئي پنهنجائپ. هيءَ دل هميشه رڳو رشتن جي زنجيرن ۾ جڪڙجي ايذاءَ ڪائيندي رهي آهي. منهنجي هيءَ دل اهو ڄاڻندي به ته هن جو ڪير به ناهي پوءِ به هيءَ ڊرامائي انداز ۾ بين کي پنهنجو چوائيندي اڪيلاين جو احساس مٽائڻ جي ڪوشش ڪندي آئي آهي. پر موٽ ۾ هميشه هن کي نراسايون ئي نصيب ٿيون آهن ۽ هميشه اها اڪيلائي هن کي ڳراٽڙيون پائي پنهنجي گود ۾ سمهاريندي رهي آهي، جيڪا تقدير جي لکڻ واري سندس مقدر ۾ لکي ڇڏي آهي. هاڻي هن دل جو رشتن تان به ويساهه کڄي ويو آهي ۽ هن دل آٽتن جا پها لاهي ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن. هاڻي هيءَ دل پنهنجو پراڻو مزاج به مٽڻ ٿي چاهي. هاڻي هيءَ دل شهر جي شور ۾ گم ٿي وڃڻ ٿي چاهي. سڀ ڪجهه پلجي وڃڻ ٿي چاهي پر پوءِ به هيءَ عجيب دل گهڻو ڪجهه چاهڻ جي باوجود به ڪجهه به ڪري نٿي سگهي، نه هيءَ پنهنجي خانن مان محبتن کي نيڪالي ڏئي انهن جي جاءِ تي نفرتن کي ويهاري سگهي ٿي، نه ئي هيءَ دل اڪيلاين کان سات ڇني سگهي ٿي. هيءَ دل رشتن جي زنجيرن ۾ به اهڙي ته جڪڙيل آهي جو انهن مان پاڻ آزاد نه ٿي ڪري سگهي، اهي رشتا جيڪي ڪيس ڪا به محبت ڪونه ٿا ڏين، جيڪي رڳو دعويدار آهن ته هن دل ۾ به اهو ئي رت گردش ٿو ڪري جيڪو انهن جي رڳن ۾ ڊوڙي رهيو آهي.

جيئن ته هيءَ منهنجي دل عجيب دل آهي تنهن ڪري هيءَ نفرتن جي عيوض به رڳو محبتون ورهائڻ ٿي چاهي، هن دل هاڻي به هڪڙي خاني ۾ هڪڙي ديويءَ جو بت سجائي رکيو آهي، اها ديوي جيڪا هن دل جي ڪيفيتن کي الائي ڄاڻي به اٿي الائي نه. اها ديوي جيڪا منهنجي نيڻن ۾ لکيل تحرير کي پڙهي وڃڻ کان پوءِ اهو به سمجهي ٿي الائي نه ته اها تحرير سندس لاءِ پيار جو پيغام آهي ۽ هنن اکين جي آئيني ۾ جيڪو عڪس آهي اهو سندس ئي عڪس آهي، جيڪو دل جي مندر مان اڀري نڪري ٿو ۽ نيڻن ۾ چٽجي چغلي هڻي ٿو ۽ اشتهار بڻجي ڪيس چئي ٿو ته هن دل مندر ۾ تون ئي ديوي بڻيل آهين. اها ديوي جنهن جي سامهون اچڻ تي شاعري جا پها به هن دل تان لهي ويندا آهن ۽ سمورا لفظ هن آڏو انڌا ۽ گونگا بڻجي ويندا آهن. مان سمجهان ٿو ته اها ديوي سڀ ڪجهه سمجهي ٿي ۽ ان ديويءَ جي دل ۾ به هن دل لاءِ ٿوري ئي سهي پر محبت آهي، پر پوءِ به هيءَ دل ٻڌتر ۾ رهي ٿي الائي ڇو؟ شايد ان لاءِ ته هيءَ دل ڏاڍي عجيب آهي.

ڇا اسان ڪي رڳو ماتمي ٿي رهڻو آهي؟

هي شهر جنهن جون عاليشان بلڊنگون ۽ ڪشادا رستا اسان ڳوٺاڻن لاءِ ڪاڪ محل آهن، جنهن ڪاڪ محل ۾ اچي اسان ڪنهن مومل جي موهه ۾ موهجي. ناتر جي نخرن ۽ نازن ۾ هوش وڃائي پنهنجي خوابن جو بليدان ڏئي ويهندا آهيون، انهي شهرن جا ماڻهو به ڏاڍا عجيب آهن، اهي نه صرف پنهنجي چهرن تي ميڪ اپ جا تهه چاڙهي اسان جي اکين کي ڌوکو ڏيندا آهن پر انهن جي ڳالهين، خلوص ۽ محبت تي به چڻ ميڪ اپ جو تهه چڙهيل هوندو آهي. اهي شهرن جا ماڻهو اسان ڳوٺاڻن جي سادگي، خلوص، سچائي ۽ محبت جون مذاقون اڏائيندي سرها ٿيندا آهن ۽ اسان ڳوٺاڻا وري انهن جي پيٽ ۾ ڪيترا نه سادڙا آهيون جو اهو ڄاڻندي به ته شهر جا واپاري ماڻهو اسان جي سچي محبت ۾ ڪوبه مالي فائدو نه ڏسي اسان کي پراڻي تي ويل جوراب وانگر رستي تي اڇلائي ڇڏيندا آهن، پوءِ به اسان ڄاڻي ٻجهي انهن شهر جي سوداگرن سان خلوص، سچائي، محبت ۽ پنهنجائپ جو سودو ڪندا آهيون. اسان اهو به نه سوچيندا آهيون ته ڀلا هي ماڻهو ڇا ڄاڻن ته محبت جا رشتا ڇاهن؟ اهي محبتن جا رشتا جن ۾ سچي دوستي، ڀيڻ ڀاءُ ۽ ماءُ پيءُ جهڙي پنهنجائپ جو سبنڌ شامل آهي. هي شهر جا ماڻهو ته رڳو دوکو ڏيڻ ڄاڻن ۽ ڪنهن جي پويتر احساسن سان کيڏي انهن احساسن کي وڪيرڻ ڄاڻن. ڀلا ڇا وڃي انهن جو ڪنهن جي امنگن سان ڪنهن جي خوابن سان؟!

هن شهر ۾ منهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارن جو هڪڙو حلقو آهي جن مان واحد پارس هيسباڻي، ڪوي عباس ڪڙيو، مهوش ۽ نوشابه سان مون کي پنهنجائپ واري تند ڳنڍيل محسوس ٿيندي آهي. مهوش ۽ نوشابه جي خلوص تي ڪو ميڪ اپ جو تهه چڙهيل آهي يا انهي تهه کان آجي سچائي آهي اهو فيصلو ڪرڻ اڃان مون لاءِ ڏکيو عمل آهي، باقي واحد پارس مان مون کي هميشه خلوص جي خوشبوءِ مهڪندي محسوس ٿيندي آهي. ڪوي عباس ته مون کي پنهنجن جيان پنهنجو آهي، هو مون کي کلندو ڏسي کلندو آهي ۽ مون کي اداس ڏسي اداس ٿي ويندو آهي.

ان ڏينهن ڦهرين آڪٽوبر تي جڏهن آفيس ۾ ويٺي پر واري ڪمري ۾ فون جي گهنٽي وڳي هئي، رسيور ڪٽنڊڙ مون کي سڏيندي چيو هو وشال تنهنجو فون آهي ۽ جڏهن مون رسيور ڪن تي رکيو هو ۽ پريان کان نوشابه جو آواز اڀريو هو: ادا اوهان ڪيئن آهيو؟ مون چيو هو بس جيئان پيو. هن چيو هو ادا جيئڻ سکو رڳو بس جيئو نه، پر سٺي نموني جيئو. مون چيو هو ڪوشش ڪندم. ڀلا مان ڪيس ڪيئن ٻڌايان

ها تہ مون نندپڻ کان وٺي اڻ ڪيل گناهن جون سزائون ڀوڳيون آهن. مون کي منهنجي وڏن جي ڪيل گناهن جي عيوضي ۾ نفرتن جو زهر اوڳاڇي جيئڻو پيو آهي. ڀلا مان ڪيس ڪيئن ٻڌايان ها تہ پيڻ تنهنجو هي پاءُ جتهن محبتن جو سفير تي محبتون ورهائڻ گهريون آهن، اهو نندپڻ کان وٺي محرومين جو شڪار رهيو آهي، جنهن کي زندگي اناويهن سالن ۾ سوين زخم تحفي ۾ ڏئي سندس دل کي پروڻ ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ان پروڻ ٿيل دل مان تنهنجي پاءُ جون آرزوئون، خواهشون ۽ خواب اپرندي ئي ساڀيان کان اڳ چٽي ٿا وڃن. مان خاموش رهيم تہ وري نوشابہ جو آواز آيو ۽ هن دعوت ڏيندي پڇيو هو تہ ادا اچو پيا؟ چيم سوچيون ٿا، چيائين چڱو سوچي وٺو ۽ جلدي پهچو. پوءِ فون جو رسيور رکي ڇڏيائين. چانهہ جي دعوت ۾ پهتم تہ نوشابہ ۽ مهوش کلندي چيو توهان پهچي ويا اسان تہ سمجهيو توهان سوچيندا رهندا ۽ نہ ايندا. چيم ڇا ياد ڪندئو! پنهنجي قيمتي وقت مان ٿورا پل ڪڍي توهان جي دعوت قبول ڪئي اٿم. چيائون پر اسان توهان تي گهڻو زور تہ نہ رکيو. چيم توهان زور تہ نہ رکيو پر مون کي تہ اوهان جو خيال رکڻو پيو. ڪيڪ ڪاٽي چانهہ جا ڍڪ ڀري موڪلائي آفيس پهتم ۽ آفيس ٽائيم پورو ڪري رولاڪن جيان رلندي رلندي ڪمري تي پهتم جتي منهنجو پيارو دوست ڪوي عباس منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. پڇيائين پارٽنر ڪٿي هئين. ماني ڪٿي کاڌي اٿئي؟ چيم ماني نہ کاڌي اٿم. چيائين ڇو؟ چيم تہ ڪيڪ کاڌو اٿم. چيائين پوءِ مون کي ڇو نہ کارايئي؟ چيم سڀاڻي منهنجو جنم ڏينهن آهي تون ڪيڪ وٺي اچجانءِ مان توکي کٽي کارائيندم، يڪدم سرهو تي ويو. ٻئي ڏينهن اچي آفيس پهتو چيائين تنهنجي رولاڪ طبيعت کان تنگ تي ويو آهيان، سوچيم نہ ڄاڻ ڪڏهن موٽندين، ان لاءِ توکي وٺڻ آيو آهيان، هل تہ شهر هلون. آفيس ٽائيم پڄاڻي کي رسائي شهر پهتاسون تہ ڪوي ڪجهہ فروٽ ۽ هڪ ڪيڪ ورتو مون بہ ڪجهہ سامان خريد ڪيو ۽ پوءِ رولاڪي ڪندا واپس ڪمري تي پهتاسين تہ چند ميڻ بتيون ۽ ڪيڪ ڪوي اڳيان آڻي رکيو ۽ چيائين تہ هاڻي مان وجي پياري اي ڊي ڪٽيو کي وٺي تو اچان تنهنجي سالگرهہ آهي. چيم مون ڪڏهن سالگرهہ ملهائي ئي ناهي. چيائين اڄ ضرور ملهائيندين. چيم ٺيڪ آ پر پاڻ ٻئي ڪوڙ آهيون، پر ڪوي نہ مڃيو اي ڊي ڪٽيو کي وٺي آيو.ائين ڪوي منهنجي سالگرهہ ملهائي پر مان سوچڻ لڳم تہ اسان جي هر ايندڙ ڏينهن تي آسان جي حياتي جو ڏيک هڪڙو سال کٽندو آهي آسان پنهنجي هر جنم ڏينهن تي اوترين ئي موم بتيون جلائي اجهائيندا آهيون، جيترا سال اسان جي حياتي جا کٽي چڪا هوندا آهن پر پوءِ بہ اسان اڻ ڄاڻ ٻڻجي خوشي ملهائيندا آهيون ۽ انتظار ڪندا

آهيون نئين سال وري جنم ڏينهن اچڻ جو حياتي وڏيڪ هڪ سال کٽڻ جو. مان ويچارن ۾ ئي هئس تہ ڪوي مسجد طرف وڃي نماز پڙهي موٽي آيو، ٻاهر واڪ لاءِ نڪتاسين تہ پر واري دوڪاندار ڪوي کي سڏ ڪري فون جو رسيور ڪيس هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو. ڪوي پريان ڪان مليل پيغام تي پريشان ٿي ويو. هن جي چهري تان مرڪن جا پوپٽ اڏامي ويا ۽ اداسين جا پکي سندس نيڻن ڊنڊ ۾ ترڻ لڳا، پڇڻ تي هن ٻڌايو. ياسر بابا جي طبيعت خراب آهي. ياسر (بابو) ڪوي جو ننڍڙو پٽ آهي، جيڪو گذريل ويهن ڏينهن کان بيمار هيو، ڪيس بخار هو مسيحائن جي هٿن مان مسيحائي جڻ تہ ختم ٿي چڪي هئي جو هن معصوم کي شفا نہ پئي ملي. ڪوي جي اک ڪجهہ ڏينهن کان ڦڙڪي پئي، هن چيو پئي وشال خير ناهي پر مون ڪيس خدا تي پروسو رکڻ لاءِ چيو. ڪوي بہ پروسو ڪيو پر ان پروسي تي ڪيس ڇا مليو؟ 3 آڪٽوبر جي پڇاڙي تي ۽ چوٿين آڪٽوبر جي شروعات تي رات جو ادائي وڳي اي ڊي ڪڙيو ۽ حاصل خان رند آيا جن ننڍ مان جاڳائي ڪوي عباس کي اهو دولاب ڏئي ڳوٺ اماڻيو تہ تنهنجو ننڍڙو پٽ اسپتال ۾ داخل آهي. ڪوي پريشاني واري حالت ۾ ڳوٺ پهتو تہ ڪيس سندس خوابن جون ڇتائون ۽ ننڍڙي جو سرد ٿي ويل جسم جهول ۾ ڏنو ويو. ان پل ڪوي ڇا سوچيو هوندو اهو تہ هو ئي ڄاڻي ٿو ڇو تہ هو هڪ پيءُ آهي مان تہ بس اها باقي ٻچيل اڌ رات تنها ڪمري ۾ اڪيلو ئي اڪيلو ٿو لڙڪ ڳاڙيندي گذاري ڇڏيان ۽ ڪائنات جي خالق کي چوان ٿو هي ڪهڙو انصاف آهي؟ ماڻهن کي تہ اڻ ڪٿ دولت ۽ خوشيون ٿو ڏئين پر اسان جون خالي ۽ ويڳاڻيون خوشيون بہ اسان کان ڪسي ٿو وٺين،آخر ڇو؟ ڇا اسان کي رڳو ماتمي ٿي رهڻو آهي؟ مان خدا کان سوال ڪريان ٿو پر هو ڪوبہ جواب ڪونہ ٿو ڏئي ڇو تہ هو اسان جو مالڪ آهي اسان هن جا ٻانها آهيون غلام آهيون.

اڇو تہ نئون سماج جوڙيون!

خيرن سان نيڪ هڪ مهيني بعد نيون چوندون ٿيٽيون آهن، اسيمبلين ۾ پهچي ننڍون ڪرڻ ۽ ترقياتي اسڪيمن جي آڙ ۾ فنڊ وٺي ڳڙڪائڻ سميت وزير، مشير ٿيڻ جا خوبصورت خواب اکين ۾ سانڍي سنڌ جي ڪيترن ئي پيرن، ميرن ۽ وڏيرن ٽڪيٽون خريد ڪري توڙي آزاد اميدوار طور فارم ڀرائي پنهنجن پنهنجن تڪن ۾ چونڊ مهم دوران ڏاڙون ۽ نڪاءُ زور شور سان هٿڻ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي، ووٽرن آڏو سندن ڳوٺن ۽ پاڙن ۾ سڀئي بنيادي سهولتون مثلن بجلي، گئس، روڊ رستا، ڊرينيج سسٽم وغيره سميت تعليم ۽ صحت جون سموريون سهولتون فراهم ڪري ڏيڻ جا ڪوڙا واعدا ڪري ڪين سڪٽا دلاسا بہ ڏنا پيا وڃن تہ بيروزگارن کي روزگار ڏنو ويندو جون دعوائون بہ ڪيون پيون وڃن. ۽ انهن سيني سياسي دولابن ۾ ڦاسي عقل کان عاري سالن کان وٺي دهلن جي ڏڏڪي تي ڏمالون هٽندڙ عوام جا ڪيترائي افراد هڪ دفعو وري ساڳئي ڏمال هٽي پنهنجن ئي عزيزن پاران مخالف پارٽي جي حمايت ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ساڻن تعلقات ختم ڪرڻ جا اعلان پياڪن ۽ اهو هرگز بہ نٿا سوچين تہ هيل تائين انهن ساڳين پارٽين يلا هن عوام سان ڪهڙيون چڱايون ڪيون آهن؟ جو هاڻي انهن مان ڪنهن چڱائي جي اميد رکجي؟ ڏنو وڃي تہ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي مڙني سياستدانن پئي سنڌ کي ڦريو لٽيو ۽ وڪيو آهي، جنهن سبب سنڌ ۾ نالي ماتر ڪا ترقي ٿي آهي تہ نيڪ نہ تہ سنڌ کان تہ اهو حق بہ کسيو ويو جو ملڪ جو گاديءَ وارو ماڳ ڪراچي بدران اسلام آباد کي بڻايو ويو ۽ ان بعد ئي سنڌ جي زراعت ۽ انڊسٽري تباهہ ٿيڻ جي ابتدا ٿي ۽ اڄ پاڻي کوٽ جي آڙ ۾ سنڌ جي زراعت تباهہ ٿيندي نظر پئي اچي تہ بجلي جي پوري ڪپت نہ ملڻ ڪري ڪارخانا بہ آهستي آهستي بند ٿي رهيا آهن. ايتري تائين جو ويجهي ماضيءَ ۾ پاڪستان اسٽيل ملز جي ڪيتري مشينري پنجاب منتقل ٿي وڃڻ جون افواهون بہ گردش ڪنديون رهيون آهن تہ ساڳئي وقت ان ساڳئي انڊسٽري کي پُگڙن مٺ تي وڪرو ڪرڻ جي سازش ٿيندي بہ اسان جي سامهون گذري چڪي آهي، جنهن سازش کي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان هڪ تاريخي فيصلو ڏيندي ناڪام بڻائي ڇڏڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري چڪي آهي ۽ ان بعد ئي چيو وڃي ٿو تہ هتايل چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري ۽ وزيراعظم شوڪت عزيز وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا جن اختلافن عدالتي بحران پيدا ڪيو، چيف جسٽس کي غير فعال بڻايو ويو ۽ سندس بحالي بعد وري ايمرجنسي لاڳو

ڪري پي سي او تحت قسم نہ ڪٽڻ سبب ڪيس هٽايو ويو. هاڻي جڏهن ايمرجنسي هٽائڻ جو امڪان ڏيکاريو پيو وڃي ۽ نواز شريف توڙي شهباز شريف جا نامزدگي فارم رد ٿيڻ بعد چونڊ ميدان ۾ باقي پ پ، متحده مجلس عمل ۽ مسلم ليگ (ق) جو مقابلو ٿيڻ جا امڪان باقي آهن، تڏهن عوام جي اڪثريت اهو ئي چاهي ٿي تہ بينظير ڀٽو اقتدار جون واڳون سنڀالي، ڇاڪاڻ تہ عوام کي پ پ حڪومت مان گهٽيون ضرورتون پوريون ٿيڻ ۽ بنيادي سهولتون ملڻ جي اميد آهي. پاڪستان جي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ صوبي جي عوام کي پ پ مان ڪجهہ وڌيڪ ئي اميدون هُجن ٿيون، ڇو تہ سنڌي عوام کي آها آتت هُجي ٿي تہ بينظير ڀٽو سنڌياڻي آهي ۽ سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين جي سموري تاريخ ۾ سنڌ جون ڪجهہ نام نهاد سياسي قوتون هميشہ کان اهو الزام هڻنديون آيون آهن تہ سنڌ واسين سان ناانصافين جو ڪارڻ وفاق، پنجاب ۽ ايم ڪيو ايمي ٽولو آهي، تنهنڪري اهڙن الزامن جي روشني ۾ سنڌي عوام اهو ئي سمجهندو رهندو آهي تہ پ پ حڪومت جي اچڻ سان سنڌ واسين جا حق محفوظ ٿي ويندا.

جيڪڏهن جائزو ورتو وڃي تہ پ پ حڪومت جي جڙڻ سان ٻين حڪومتن جي ڀيٽ ۾ عوام کي وڌيڪ رليف ملندو رهيو آهي، سنڌين کي سنڌن حقن کان گهٽ محروم رکيو ويہ آهي پر پوءِ بہ ڪجهہ ڏريون هر دور ۾ اهڙيون موجود ضرور رهيون آهن. جن سنڌ جي حقن جو سودو پئي ڪيو آهي ۽ الزام اهو مڙهيو آهي تہ پنجاب ۽ وفاق ناانصافيون ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ جيڪڏهن پنجاب حڪومت پنجابي عوام يا ڪا ٻي ڌر ايتري طاقتور هُجي ها ۽ وفاق ايترو ناانصاف هُجي ها تہ هيل تائين سنڌ جي عام عوام جيان سنڌ جا پير، مير، وڏيرا ۽ سيئي سياستدان بہ بکون ڪاٽي رهيا هجن ها، پر حقيقت ڪجهہ هيئن آهي تہ اهي سياسي پير، مير ۽ وڏيرا هميشہ کان وني عوام جي ووٽن جو سودو ڪري سنڌ جي حقن کي وڪڻڻ جو ڪاروبار ڪندا ۽ الزام واڳ ڏٽين متان مڙهيندا رهيا آهن، جنهن ڳالهہ کي سمجهڻ اسان لاءِ ڏکيو ان لاءِ بہ آهي تہ اسان هميشہ سوچ کان ڪم وٺڻ بجاءِ نعرن جي موٽ ۾ تاڙيون وڄائڻ ۽ ٻي تالو ناچ نچڻ کي ئي پنهنجي مڪمل سوڀ سمجهي خوش رهندا آيا آهيون. موهن جي دڙي جي عظيم تهذيب ۽ ثقافت جي وارثي جا دعويدار اسين سنڌي سڏائيندڙ هاڻي رڳو هُش ۾ خوش ٿي بہ هڪ ٻئي جي ڪنڌ ڪپڻ واري رستي تي نڪري پيا آهيون. انهيءَ لاءِ اسان کان ڪنهن پنهنجي جا ترقي طرف ڪجندڙ پير ڏسڻ بہ برداشت نٿا ٿين ۽ هر ويلي اهي پيهہ پڇائيندا رهون ٿا تہ ڪنهن بہ ريت سامهون واري کي نيچ ۽ پاڻ کي اُتم ڏيکاريون، ان لاءِ اسان پنهنجن جا

حق ڏارين ڪي وڪرو ڪري ڏيون ٿا ۽ انهيءَ نيچ ۽ اُتم واري ٻوڙ ۾ ايترو تہ اڳتي نڪري خود ئي نيچ تي ويا آهيون جو ڪنهن بہ نيچ ڪم ڪرڻ کان هرگز نٿا ڪيٻايون. اسان رشتن جي وچ ۾ سياسي وابستگين ۽ دولت جون اونچيون ديوارون جوڙائي بيهاري ڇڏيون آهن، جڏهن تہ اسان کي آگرين تي نچائيندڙ اهي چند سياستدان لائوڊ اسپيڪرن تي هڪ ٻئي خلاف ڳالهائي، ڊرائنگ رومن ۾ هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي مبارڪون ڏيندا رهيا آهن ۽ اقتدار ۾ آيلن کان ڪنيل بينڪ قرض معاف ڪرائي، نوان قرض وٺندا رهيا آهن. زمينون ليز تي وٺي پلاٽ الاٽ ڪرائيندا رهيا آهن. انهن تہ سياسي قتلن کي بہ پنهنجي ڪاميابي سمجهي جشن ملهايا آهن، اهي ئي سياستدان هميشہ کان وٺي پيٽ بکايل عوام جي کُکين ۾ آهستگي سان ڇُرا هڻندا رهيا آهن. انهن سياستدانن خود ناجائز طريقي سان مال ميڙي ملڪي خزاني کي لُٽيو ۽ ڦُريو آهي. ٽيڪس چوري ڪئي آهي پر عوام جي صحت لاءِ ايندڙ دوائن ۽ ڪاڌ خوراڪ جي شين مٿان ٽيڪس مڙهائي، مهانگائي ذريعي عوام جو رت ست چُوسي ڦٽو ڪرڻ جو ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن.

مون کي ياد ٿو اچي تہ هڪ ڏينهن ٽرين سفر دوران مون سان گڏ سفر ڪندي، ڪراچي جي ڪنهن فرم ۾ ڪم ڪندڙ لکيل پڙهيل پنجابي نوجوان مون کان سوال ڪيو هو تہ ”سنڌ ۾ هي زمينون بنجر ڇو پيون ٿينديون وڃن ۽ پنجاب جي پيٽ ۾ هتي ترقياتي ڪم گهٽ ڇو پيا ٿين؟ تڏهن مون کيس جواب ڏنو هو، ممڪن آهي تون اهو سوچيندو هجين تہ مان ان سڀ جو ڏوشي تنهنجي زبان وارن، تنهنجي ڏيهہ واسين کي قرار ڏيندم !پر ائين ناهي، مان ان ۾ ڏوهي پنهنجي اديبن، شاعرن، دانشورن، سياستدانن ۽ صحافين سميت سنڌ جي وڏيرن ۽ ڪامورن کي سمجهندو آهيان. جيڪي پنهنجي فرض کي وساري پاڻ کي هر قيمت تي وڪڻڻ لاءِ تيار وينا آهن. جائزو وٺجي تہ سينيئر کان وٺي جونيئر تائين اسان جا گهڻا اديب، شاعر ۽ دانشور هاٿي رڳو ناظمن، ڪامورن۽ سياستدانن جي خوشامد ڪرڻ وارو ڪنيل نيڪو خوش اسلوبي سان نڀائڻ جي چڪر ۾ رُڌل آهن. پنهنجي شهرن ۾ ٿيندڙ ترقياتي رِٿائن ۾ گهوٻيون لڳندي ڏسندا رهن ٿا پر اهو مناسب نٿا سمجهن تہ انهن ناانصافين ۽ بُراين خلاف ڪو لفظ اوڳاڇڻ لاءِ تيار ٿين ۽ انهن غلط ڪارگذارين خلاف ڪو اچو چنو وائڪو ڪن. هو ويچارا اهو سڀ اجايو سمجهن ٿا ۽ پنهنجو اهو ئي فرض سمجهن ٿا تہ محبوب جي سونهن ۽ جنسي مسئلن تي ڪهاڻيون، ناوليٽ ۽ شعر لکن يا ليڪچر ڏين، يا وري خود پنهنجي نوڪري لاءِ ڪا وڏي پوسٽ وٺن يا ڪانٽريڪٽ وڌرائڻ جي فڪر ۾ غلطان رهن. هونئن بہ پلا انهن جو ڇا وڃي ٻئي لوڪ سان جو سچي

لوڪ جي حالت زار سڌارڻ جو اونو ڪٿي پنهنجا ذاتي مفاد وتن جوکم ۾ وجهندا. ساڳئي ريت ڏنو وڃي ته اسان جو صحافي طبقو ڊرگ مافيا، قبضا گيرن ۽ ڌرتي جي غدارن آڏو منتلين عيوض وڪاميل آهي ۽ اسان جي ڪامورا شاهي هر ويلي انهيءَ ڪوشش ۾ رُڌل آهي ته سٺيي ڪان سٺيي پوسٽ تي رهندي وڌ کان وڌ دولت ميڙجي، ان لاءِ انهن ڪامورن سنڌ جي ڪوٽا تي داخلائون ۽ نوڪريون وٺڻ لاءِ پنجاب سميت ٻين صوبن جي رهواسين کي سنڌ جا ڊوميسائيل به ناهي ڏنا آهن ته انهن ڪامورن سنڌ جي زراعت کي هاڃو رسائڻ لاءِ نقلي دوائون ۽ ٻج وڪرو ڪندڙن کي ڇوٽ به ڏئي ڇڏي آهي، ته ساڳئي وقت سنڌ جي حصي جو پاڻي پنجاب کي پئي وڪرو ڪيو آهي، پلي ته ڪٿي ڪير جائزو وٺي ڏسي ته ڇا ڪڏهن ائين به ٿيو آهي ته اسان جي ارسا ۾ موجود ميمبرن يا آبپاشي کاتي ڪو سگهارو موقف رکندي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو هجي ته پنجاب سنڌ جي حصي جو پاڻي ڪامورا شاهي کان رشوت عيوض خريد نٿو ڪري بلڪ، چوريءَ ڪٿي رهيو آهي. ڏنو وڃي ته اهو رشوت جو سٺيو ٽُڪر آهي، جيڪو ٿوري بيان بازي بعد ڪامورن جا وات بند ڪري ڇڏيندو آهي، پوءِ اسان ڪيئن چئون ته اسان سان ڏاڍ ۽ ناانصافي غيرن ڪئي آهي؟ جڏهن ته اسان جا پنهنجا رکوالا جيڪڏهن چورن جا ساٿاري بڻجي وڃن ۽ انهن کي دڳ ڏيکاريندي انهن جي رهنمائي ڪندا هُجن ته رڳو چورن کي چور چوڻ ۽ انهن کي بُرو پلو ڳالهائڻ ۾ اسان ڪنهن به ريت حق بجانب نٿا هُجون.

اڄڪلهه اسان وٽ اهو پڙهو به اڪثر پڙهيو پيووڃي ته سنڌ جي انڊسٽريز ۾ ڌارين جي لوڌ ڪاهي پئي آهي ۽ سنڌ جون فيڪٽريون بند ڪري مزدورن کي ٻُڪن ۾ پاهه ٿيڻ واري رستي ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي. اهڙي صورتحال ۾ اسان کي اهو به مڃڻو پوندو ته سرمائيڪار هر صورت ۾ وڌ کان وڌ منافعي جو خواهشمند هجي ٿو ۽ سنڌ جي مزدورن پاران سياسي وابستگين عيوض هڙتالون ڪرڻ ۽ محنت کي گهٽ ترجيح ڏيڻ واري عادت سنڌي مزدورن کي سرمائيڪارن آڏو بدنام ڪري ڇڏيو آهي، جو اڄ انهن جي فيڪٽرين ۾ داخلا تي به مُنهن گهنجايو پيو وڃي ۽ ان ڳالهه جو فائدو وٺندي ڌارين مزدورن سنڌن پٽا ڪاٽڻ لاءِ گهٽ اجوري عيوض مزدوري ڪرڻ وارو فارمولا اختيار ڪندي پنهنجا ڪٽڪ آٽي سنڌي مزدورن کي فيڪٽرين مان نيڪالي ڏيارڻ شروع ڪئي آهي. ڏنو وڃي ته ڪافي هنڌن تي مزدور طبقي ڪانسواءِ باقي عملي ۾ فيڪٽري ملازمن جي اڪثريت سنڌين جي ٿي هجي ٿي جيڪا ڳالهه شهادت ڏئي ٿي ته اهي سنڌي آفيسر به پنهنجن جو دفاع ڪرڻ لاءِ تيار نٿا هجن ۽ اسان جي زراعت جيان انڊسٽري کي تباهه ڪندڙ هٿ به اسان جن پنهنجن

جا هٿ آهن، جنهن جو مثال اهو بہ ڪوڙ ٿيندو تہ پاڪستان اسٽيل ملز کي پيڙن مٿ تي وڪرو ڪرڻ جي سفارش ڪندڙ نجڪاري جو وزير بہ هڪ سنڌي وزير هو جيڪو پنهنجي سفارش پيش ڪرڻ بعد وزارت تہ ڇڏي چڪو هو پر ساڳئي ريت شايد مل جي نجڪاري وقت انڊسٽريز جو وزير بہ هڪ سنڌي ئي هو.

اهڙي نموني جيڪڏهن جائزو ونجي تہ سنڌ ۾ بيروزگاري وڌڻ ۽ ترقياتي رٿائن جي سٺي نموني مڪمل نہ ٿيڻ جو ڪارڻ بہ وفاق، پنجاب يا ڪا ٻي ڌر هرگز بہ ناهي ڇو تہ انهن مان ڪنهن هڪ ڌر بہ سنڌ جي ترقياتي رٿائن کي روڪرائڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي نہ ئي سنڌي ماڻهن جي روزگار جا دروازا بند ڪرايا آهن، يا انهن اڌو کي بند ڏيڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي آهي، تنهنڪري هاڻي ٿورو تفصيل ۾ وڃون ٿا تہ وفاقي نوڪرين ۾ سنڌ کي مليل حصيداري مان اسان جا سنڌي ڪامورا ۽ سياستدان وزير، مشير يا تہ اهي سيٽون وڪرو ڪري ڇڏين ٿا يا وري ڇپ ڇپات ۾ پنهنجن من پسند ماڻهن کي ڏيارين ٿا ۽ هيڏانهن وري سنڌ ۾ گذريل حڪومت جي ڪارگذارين کي ڏسنداسين تہ اها حڪومت خود پنهنجي مرضي سان نوڪرين ڏيڻ کان ڪيبائيندي رهي نہ تہ ان کي وفاق منع ڪيو، نہ ئي پنجاب، نہ وري ايم ڪيو ايم ڪيس روڪيو، ايم ڪيو ايم تہ پنهنجن مليل ڪاٽن ۾ وڌ کان وڌ ماڻهو ڀرتي ڪيا ۽ سنڌ حڪومت کان باقي ڪاٽن ۾ برابر جي حصيداري گهري هئي جيڪا حڪومت سنڌ کيس حڪومت جي خاتمي ٿيڻ کان هفتو اڳ ۾ ڏني ايندڙ حڪومت لاءِ اهو جواز پيدا ڪيو آهي تہ اهي ڀرتيون غيرقانوني هيون ۽ اهي مقرريون رد ڪيون وڃن. ڀلا جيڪڏهن سچائي سان ڏٺو وڃي تہ جڏهن ميرٽ کي گهٽو ڏئي ختم ڪيو ويو آهي تہ پوءِ آخر اسان اهو برداشت ڇو نٿا ڪريون تہ ڪنهن کي بہ ڪٿي پر روزگار تہ مليو آهي، ڇا بيروزگار رڳو اهي ماڻهو آهن، جيڪي اسان سان سياسي سماجي يا خانداني تعلق رکندڙ هجن ٿا ۽ انهن لاءِ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ئي اسان جو فرض هجي ٿو؟ جيڪڏهن ائين ناهي تہ پوءِ اسان جا سياستدان اقتدار ۾ اچي اڳوڻين حڪومتن جي ڏنل روزگارن مٿان راتاها هڻڻ ۽ ترقياتي ڪم اڌ ۾ رولي ڇڏڻ وارا ڪارناما سرانجام ڏيڻ کان آخر پاسو ڇو نٿا ڪن؟. منهنجي خيال ۾ اهو رڳو ان لاءِ آهي انهن کي پنهنجن مفادن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو آهي، اهي چاهيندا آهن تہ وڌ کان وڌ پوسٽون خالي ڪري اهي ٻيهر ڀرڻ دوران وڪرو بہ ڪيون وڃن تہ من پسند ماڻهن کي راضي بہ ڪيو وڃي، جيڪا روايت اسان جي ملڪ ۾ بيروزگاري واري گراف کي اڃا بہ وڌائي رهي آهي تہ خودڪشين جو رجحان بہ پيدا ڪري رهي آهي. هتي هڪڙي ڳالهہ ايم ڪيو ايم جي حوالي سان ڪندو هلان تہ اها پارٽي

پلي ته ڪٿي سنڌي قوم سان اُها سچائي رکندڙ نه هُجي جيڪا ڪيس رکڻ گهرجي البته اها اسان جي قومپرست پارٽين کان به وڌيڪ ساراهه جوڳي ان لاءِ آهي ته ان پارٽي جا اڳواڻ پنهنجن ڪارڪنن سان سچا آهن، پنهنجي مقصد سان سچا آهن. مون ڪيترن ئي ايم ڪيو ايم جي اسيمبلي ميمبرن، مشيرن ۽ وزيرن کي ذاتي گاڏيءَ ڪانسواءِ پيرين پنڌ به گهمندي ڏٺو آهي، جڏهن ته انهن جي ڀيٽ ۾ اسان جا گهڻا قومپرست اڳواڻ چندن مان گاڏيون خريد ڪري عياشي ڪندي نظر ايندا رهندا آهن ۽ اسان جا يوسي ناظم به ڇهن مهينن اندر فور ويل گاڏي خريد ڪري سگهڻ ۾ ڪاميابي ماڻيندي نظر ايندا آهن، هاڻي ته حالت اها آهي جو اسان جي انهن چونڊيل ناظمن ڪرپشن جا رڪارڊ ٽوڙيندي ترقياتي رٿائن جا ٺيڪا پنهنجن سان گڏ مخالف ڌر وارن کي ڏيڻ جو رواج وجهي ميرٽ کي گهٽو ڏئي پنهنجي لاءِ نيب ۾ ڪيس داخل ٿيڻ وارا سڀئي امڪان ئي ختم ڪرائي ڇڏيا آهن ۽ نتيجي ۾ جيڪي غير معياري ترقياتي ڪم مڪمل ٿي ڪجهه ئي هفتن ۾ اکڙڻ ۽ تباهه ٿيڻ وارا منظر پيش ڪري رهيا آهن، انهن خلاف ڪو به ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ وارو وجود ناهي ۽ سوال اٿاريندڙن جا وات طعامن سان بند ڪيا ويا آهن، ائين اسان جي ديس جي ترقي ۾ رڪاوٽون وڌيون پيون وڃن ۽ پنجاب جي ترقي کي ڏسندڙن آڏو پٺتو پٺيو پيو وڃي ته اسان سان ناانصافي ٿي رهي آهي، ڏٺو وڃي ته هينئن کان مٿي تائين اسان پنهنجي بربادي جا پاڻ ذميوار آهيون ۽ جڏهن اسان اها ذميواري قبول ڪري ٿا ونئون ته پوءِ اهو سوچڻ به اسان جو فرض آهي ته هڪ نئون سماج جوڙيون ۽ اهو نئون سماج جوڙڻ لاءِ هي چونڊن جو وقت اسان لاءِ ڪنهن قدر نيڪ ان لاءِ به آهي ته ووٽ وٺڻ لاءِ گهڻا سياستدان اسان جي درن تي اچي رهيا آهن ته انهن کان اهو سوال ڪريون ته پارٽي منشور ته پنهنجي جاءِ تي پر اهي ذاتي طور کهڙو منشور کڻي آيا آهن، ڇا اهي اهو واعدو ڪندا ته نوڪريون وڪرو نه ڪندا ۽ پنهنجا نواز منصوبي کي رد ڪري ميرٽ جي حمايت ڪندا؟ ڇا اهي ترقياتي رٿائن کي بنا پارٽي فرق جي سيني لاءِ وقف ڪندا ۽ ترقياتي رٿائن جي ناقص هُجڻ خلاف سخت قدم کڻڻ کان به ڪين ڪيٻائيندا؟ ڇا اهي مهانگائي جي روڪٿام لاءِ پنهنجي حڪومت کي صلاحون ڏيندا يا اسيمبلي ۾ آواز اٿاريندا؟ ڇا اهي پنهنجون پگهارون وڌائڻ بجاءِ ننڍن ملازمن جون پگهارون وڌائڻ لاءِ ڪوششون وٺندا؟ ڇا اهي قومي مفادن ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ ڪنهن غلط فيصلي جي صورت ۾ پارٽي وابستگي کان پاسيرو ٿي پنهنجي ئي حڪومت خلاف ڳالهائي سگهندا؟ ۽ ڇا اهي پنهنجن علائقن ۾ ئي سهي ڪامورن کي ان ڳالهه لاءِ آماده ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا ته اهي غلط ڪارگذاريون نه ڪن ۽

رشوت نہ ونن تہ جيئن رشوت جو خاتمو اچي؟ چا اهي پنهنجي حڪومت ڪي ان ڳالهہ لاءِ آماده ڪندا تہ نوڪرين لاءِ هڪ مقرر عرصو يا چمار تي عمل ڪيو وڃي، اضافي ڪانٽريڪٽ جو خاتمو آندو وڃي، پراڻو پروموشن سسٽم بحال ڪيو وڃي ۽ رٽائرڊ سرڪاري ملازم جن کي ذاتي گهر موجود آهن پر انهن اهي ڪراين تي ڏئي ڇڏيا آهن، رٽائر ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر سرڪاري گهر خالي ڪري هليا وڃن ۽ ائين نہ ٿيڻ جي صورت ۾ اعليٰ اختيارين ذريعي اهي گهر خالي ڪرائي نوڪري تي حاضر ملازمن کي ڏياريا ويندا. آبپاشي کاتي جي هيٺين ملازمن کان وٺي سيڪريٽري سطح تائين ۽ ارسا عملدارن کي پابند ڪرايو ويندو تہ اهي پاڻي وڪرو نہ ڪندا پر پاڻي چورن خلاف ڪورٽن ۾ ويندا، نقلي زرعي ٻج وڪرو ڪندڙن خلاف قدم کنيو ويندو، عوام کي سيئي بنيادي سهولتون آساني سان فراهم ڪيون وينديون. اهڙا عمل ڪرڻ جا سياسي نہ پر اخلاقي واعدا جيڪڏهن اميدوارن کان ورتا وڃن ۽ خود بہ واعدو ڪجي تہ اسان ذاتي طور ڪنهن بہ ڪم مڪمل ڪرائڻ لاءِ يا ذاتي مفادن جي حاصلات لاءِ غلط طريقو اختيار نہ ڪنداسين تہ پوءِ ضرور هڪ نئون سماج جوڙڻ ۾ هڪ قدم اڳتي وڌائي سگهنداسين.

(نومبر 2001ع ۾ لکيل)

وقت جي وهڪري سان وشال جي وشالتا ماڻهن ڪي موهي پنڊ پهڻ ڪريو وجهي ٿي، سائنس انسيت رکندڙ ڪيس اکڙين کان ڏور ڪرڻ جو سَٽُ ئي نہ ٿا ساري سگهن. من موهت ۽ منفرد طبيعت ڪيس ليکاري حلقي ۾ پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ بخشي آهي. انساني قدرن جي احترام وارن ڳڻن سان سرشار هي يگانو ساٿي زندگيءَ جي لاهن چاڙهن کان فراريت جي راهہ اختيار ڪرڻ بدران منهن مقابل ٿيڻ جي نينڊ ڏيڻ سميت پاڻ بہ ثابت قدميءَ سان مسئلن ڪي سُٺَ جيان سلجهائڻ جي شڪتي رکي ٿو.

ادبي ۽ صحافتي کيتر ۾ پڻ وشال جي وشالتا کان انڪار ڪرڻ سج آڏو ڏيئو ٻارڻ جيان هوندو، ڪائنات جي تخليقڪار آڏو پراٿنا آهي تہ سندس ڪيل قلمي پورهيو ميجتا جي ميدان ۾ سندس نانءَ جيان وشالتا ماڻيندو.

انور سومرو

ايڊيٽر

روزانہ "واڪا" ڪراچي.

واڪا پبليڪيشن، ڪراچي

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)